# جامع سنڌي لغات

جلد ٻيو (پ – چ)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ

زير نگراني

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

مرتب

**ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**



Institute

**سنڌي ادبي بورڊ**

ڄام شورو سنڌ

# جامع
# سنڌي لغات

Gul Hayat Institute

Gul Hayat Institute

# جامع
# سنڌي لغات

[ادبي توڙي عام مروج سنڌي ٻوليءَ جي]

جلد ٻيو (ٻ - ڇ)

بسعي و اهتمام سنڌي ادبي بورڊ
زير نگراني

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

مرتب

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

Gul Hayat Institute

سنڌي ادبي بورڊ
ڄام شورو سنڌ
2007ع

[سنڌي ادبي بورڊ جا سڀ حق ۽ واسطا قائم]

| | | |
|---|---|---|
| ڇاپو پهريون | سال 1981ع | تعداد ڇار هزار |
| ڇاپو ٻيو | سال 2007ع | تعداد هڪ هزار |

هي ڪتاب بورڊ طرفان تيار ڪيل اشاعتي رٿا موجب سنڌ حڪومت جي ساليانې ترقياتي پروگرام تحت خصوصي طور شايع ڪيو پيو وڃي. ڪتاب جي اشاعت لاءِ مالي وسيلا سنڌ حڪومت طرفان مالي سال 07-2006 جي بجيٽ مان فراهم ڪيا ويا.

قيمت: ٽي سؤ پنجاهه رپيا
[ Price Rs. 350-00 ]

Gul Hayat Institute

خريداريءَ لاءِ رابطو:
**سنڌي ادبي بورڊ ڪتاب گھر**
تلڪ چاڙهي، حيدرآباد سنڌ
(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)
Email Address: sindhiab@yahoo.com
Website: www.sindhiab.com

هيءُ ڪتاب سنڌيڪا اڪيڊمي ڇپيو ۽ اعجاز احمد منگي سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ، ان کي پڌرو ڪيو.

هينئين مُنِي يا ڇوڙَ.

• ٻاري ج ٻاري: ذ. صفت. [سن. ڀاري = بار کڻندڙ. مزور؛ ف. بار = وزن] بار وارو. وڏي شان وارو "آبڙو اڳاهن ۾، ٻرجهلو ٻاري" (شاهه).

• ٻاڙِيا: ث. [سن. ڀارِيا] زال – جوءِ ـ عورت. راڳ جي ڏند ڪٿا موجب اُها راڳڻي جا ٻئي ڪنهن راڳ جي عورت ڪري ليکي ويئي هجي.

• ٻاڙ: ث. [سن. ڀراشٽر = ڀڃڻ جي ٿئي] وڏو چُلهو. تنُور – ٻٺ – ڪٺورو.

– ٻاڙ ۾ وجهڻ: باهه ۾ وجهڻ – ٻن ڏيڻ.

• ٻاڙ: ث. [سن. ڀاٽِ] بد پيشي جي دلالي. بد پيشي جي دلاليءَ جو عوضو. ڀڙوت جو پيسو. ڀڙوت. رشوت.

– ٻاڙِتُ: ذ. ڀاڙ کائُو – ڀاڙيو. ڪمينو.

– ٻاڙ جو ڪرو: محاورو. وڏو بيحيا – وڏو بيشرم. وڏو نِڪمو.

– ٻاڙ جو ٽنبو: محاورو. ڀاڙ جي ڪمائيءَ تي پليل ۽ ٿُلهو. وڏو نڪمو.

– ٻاڙ کائڻ: ڀڙوت جي ڪمائي کائڻ. ٻئي جي ڪمائي تي گذر. رشوت کائڻ.

– ٻاڙ وجهڻ: حرام جو پئسو ڪارائڻ. رشوت ڏيڻ.

– ٻاڙيون ڇڪائڻ: حرام جي ڪمائي ڪرڻ.

• ٻاڙان: صفت. اُونهي (ڪڏ).

• ٻاڙتَ: ث. اُها ڳئُون جا گاهه يا چاري بنا نہ مِڙي – ڀاڙِيَت.

• ٻاڙڻُ: مصدر. [سن. ڀٽ] ڪنهن تي آسرو رکڻ – ويساهه ڌرڻ. ڀاڙي تي ڪرڻ. (ڀاڙيو – ڀاڙيندو – ڀاڙيل).

• ٻاڙو ج ٻاڙا: ذ. [سن. ڀاٽ، ڀاٽڪا] محنتاڻو – اُجورو. عوض – بدلو. مسواڙ. محصول. گاڏي، اُٺ وغيره تي سواري ڪرڻ جي عوض ڏنل رقم ڪرايو. مينهن يا ڍڳيءَ کي ڪير لاهڻ لاءِ ڏنل ڪاڏو.

– ٻاڙو وٺڻ: اُجورو وٺڻ. سواريءَ جو عوض وٺڻ. سزا کائڻ.

– ٻاڙي تي: صفت. مسواڙ تي. عوض تي.

– ٻاڙي تي هڻڻ: مينهن يا ڍڳيءَ جو وقت تي ڪاڏي ڪارائڻ کان سواءِ نہ مڙڻ.

– ٻاڙي جو ٽٽُون: ذ. مسواڙي گهوڙو. ٿوريءَ رقم تي ڪم ڪندڙ شخص. خوشامدي. دلال. ويچوُئو.

– ٻاڙي جي چِٺِي: ث. واپارين جي اصطلاح ۾ اُها رسيد جا مال روانو ڪندڙ شخص (مال کڻي ويندڙ جت يا مزور جي هٿان) مال سان گڏ رواني ڪري (جنهن جي ڏيکارڻ ۾ مال پهچائڻ تي ڪيس ڀاڙو ملي).

• ٻاڙوُ ج ٻاڙوُ: ذ. تتر جو هڪ قِسم (قد جو ننڍو، رنگ ميرانجهڙو، بدن تي چِٽ چِٽَ. نَرجي ڳچيءَ ۾ ڪارو ليڪو ٿئي) – ڀوُنترو.

• ٻاڙِي ج ٻاڙِي: ذ. صفت. ڀاڙِ کائيندڙ – ڀڙوت ڪندڙ. ڀڙوو – پيئُو. وڇ ڪُتو. مَڄو. بيغيرت. ڊڄڻو – بزدل – ڪانئر. بي همت. ڀاڙي پتو.

• ٻاڙ يتِ: ث. اُها ڳئُون يا مينهن جنهن جو ڦرُ مري ويو هجي يا پنهنجي ڦر هوندي سُوندي بہ 'موئِري' يا 'بوتي' يا ڪاڏي تي کير ڏئي.

• ٻاڙيتُ، ٻاڙيلُ: ذ. صفت. ڀاڙي تي ورتل – ڀاڙي ڪيل.

• ٻاڙِيلُ: ذ. صفت. ["ڀاڙيو" مان تصغير جو صيغو] (ڪاوڙ ۾ ميار وارو لفظ) نڪمو – بيڪار.

• ٻاڙيو ج ٻاڙِيا: ذ. صفت. (حقارت جو لفظ) ڀڙوو. بيغيرت. مڄو. بي همت.

• ٻاسَ: ث. [سن. ڀاسْ = چمڪڻ] روشني. پُرجهہ – پروڙ – سُوجهہ "تو بنا بي ڀاس، رهي نہ رتيءَ جيتري" (سامي) علم – اِدراڪ – گيان. سجاڳي – سُرت. اڳ ڄاڻ.

• ٻاسڪَرُ: ذ. [سن. ڀاسْ = روشني + ڪُرِ = ڪندڙ] سج. (اسم خاص) هڪ مشهور هندو جوتشي ('سِڌانتَ شِرومَنِي' وغيره ڪتابن جو مصنّف).

• ٻاسڻُ: مصدر. [سن. ڀاسَنَ] چمڪڻ – روشن ٿيڻ. ظاهر ٿيڻ. نظر ۾ اچڻ. معلوم ٿيڻ. سمجهہ ۾ اچڻ. ڏسڻ – پسڻ – محسوس ڪرڻ – سمجهڻ. (ڀاسيو – ڀاسيندو – ڀاسيل).

• ٻاشا ج ٻاشائُون: ث. [سن. ڀاشا > ڀاشْ = ڳالهائڻ] ٻولي – لسان – زبان. (ويدي زبان کان سواءِ ڪابہ) ٻولي. مڪاني ٻولي.

• ٻاڪُرَ ج ٻاڪُرَ: ذ. ڳراٽڙي – آغوش – بغلگيري. ڀَڪ. ٻن ٻانهن جي وچ ۾ آيل ڪاٺيون يا گاهه وغيره (جو هڪ ماڻهو کڻي سگهي "ڪاٺين جو ٻاڪر"، "گاهه جو ٻاڪر". اڪثر "ڀري" مٿي تي کڻبي ۽ "ٻاڪر" ڪلهي تي کڻبو) "ماڻهو ڪڏهن ڀريءَ ۾، ڪڏهن ٻاڪر ۾" (چوڻي).

– ٻاڪُر ٻائڻ: ڳراٽڙي پائڻ – ڳَري لڳائڻ.

– ٻاڪُر ٻائي مِلڻ: حب سان مِلڻ. قرب ڏيکارڻ.

– ٻاڪُر وجهڻ: ٻاڪر پائڻ. راضي ڪرڻ. مهرباني ڪرڻ. بخشائڻ.

– ٻاڪُرينْ ٻوڻ: ڀڪين ٻوڻ. وڙهڻ "هڻ ڀالا، پَٽُ ٻاڪرين، آڏي ڍال مَ ڍار" (رسالو: ڪيڏارو). ٻاڪرين ملڻ.

Gul Hayat Institute

• **ڀاڳَ**: اسم خاص هڪ ذات جو نالو (جي سُومرن جا فقير آهن، سومرن جا فقير 'ڀاڳ' ۽ سَمن جا فقير 'ڀانَ').
• **ڀاڳُ**: اسم خاص. بلوچستان ۾ هڪ شهر جو نالو – ڀاڳناڙي.
• **ڀاڳُ ج ڀاڳَ**: ذ. [سن. ڀاڳيہَ] بخت. نصيب – قسمت. طالع. تقدير. [سن. ڀاڳ] ڀاڱو – حصو – ڀَتي. بابُ – فصل.
– **ڀاڳَ ڀائِي ٿيڻ**: بخت ۾ شريڪ ٿيڻ. ساڳيو ڀاڳ لڳڻ.
– **ڀاڳَ (کي) ڀر ڏيڻ**: ڀاڳ تي ڀاڙي ويهڻ "مڇڻ ڀاڳ ڀرِ ڏيڻ، ڪَتُ ڪنبندي آءُ" (شاھ: ڪاپائتي).
– **ڀاڳ ڀري**: اسم خاص. عورت جو نالو.
– **ڀاڳَ ڀريو ج ڀاڳَ ڀرِيا**: ذ. صفت. ڀاڳ وارو – سڀاڳو – بختاور. (ث) ڀاڳَ ڀَري ج ڀاڳَ ڀَريُون.
– **ڀاڳ ڀريو هُئڻ**: بخت وارو هئڻ – خوشنصيب هئڻ.
– **ڀاڳُ ڀڙائڻ**: بخت جي مدد ٿيڻ – نصيب ورڻ.
– **ڀاڳ ڀليرو ٿيڻ**: بخت بهتر ٿيڻ.
– **ڀاڳَ ڀيٽَ ڪَرڻ**: بخت آزمائڻ. سرتوڙ ڪوشش ڪرڻ – متا مونا هڻڻ.
– **ڀاڳ ڀيلو ٿِيڻ**: بخت جو زور ٽٽڻ. بد نصيب ٿيڻ. ڏتڙجي وڃڻ – ڪنگال ٿيڻ.
– **ڀاڳُ جاڳڻ**: بخت کلڻ – خوشنصيب ٿيڻ. سکيو ۽ آسودو ٿيڻ.
– **ڀاڳُ کُلڻ**: بخت جاڳڻ – نصيب زور ٿيڻ. مفلسيءَ مان شاهوڪار ٿيڻ.
– **ڀاڳ لڳڻ**: بخت کُلڻ – نصيب ورڻ. سکيو ۽ آسودو ٿيڻ.
– **ڀاڳوانُ**: ذ. صفت. بختاور – خوشنصيب.
– **ڀاڳ ورڻ**: بخت ورڻ – نصيب کلڻ.
– **ڀاڳوَنتُ**: صفت. ڀاڳوَنْد.
– **ڀاڳوَنْدُ ج ڀاڳوَنْدَ**: ذ. صفت. خوشنصيب – چڱي بخت وارو.
– **ڀاڳوَنْدِ ج ڀاڳوَنْديُون**: ث. چڱي بخت واري – خوشنصيب. (اسم خاص) عورت جو نالو.
– **ڀاڳِي ج ڀاڳِي**: ذ. صفت. ڀاڳ وارو – بختاور – ڀاڳوان "هٿا ٻانيڻ اصل ڀاڳِي، اجهي آيا، اجهي آيا" (خاڪي). شاهوڪار – مالوند. (اسم خاص) عورت جو نالو.
– **ڀاڳِيو ج ڀاڳِيا**: ذ. صفت. جنهن وٽ گهڻو کير ڏيندڙ مال هجي. مالوند. کير ڌهڻ جو وڏو ٿانءُ – ساڙهو.
– **ڀاڳين**: ظرف. ڀاڳ يا بخت جي ڪري – بختين – نصيبين "فلاڻي جي ڀاڳيين هيءُ ڪم ٿيو".

• **ڀاڳڏيهہُ**: اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **ڀاڳنا**: اسم خاص. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
• **ڀاڳِناڙي**: اسم خاص. اڳوڻي رياست "قلات" ۽ موجوده قلات ضلعي جي هڪ ڀاڱي جو نالو.
• **ڀاڳو ج ڀاڳا**: ذ. صفت. ڀڳل – ٽڪرا ٿيل "ڀاڳو ساجو نہ ٿئي، هڪ موتي ٻيو مَنُ" (سانوڻ).
• **ڀاڳِوَت گِيتا**: اسم خاص. [سن. ڀاڳوَتَ = پاڪ. مقدّس] هندن جي هڪ پوتر ڪتاب جو نالو.
• **ڀاڳو ديرو**: اسم خاص. تعلقي ڪنڊياري ۾ هڪ ديهہ جو نالو (ڀاڳو ديرو نمبر پهريون ۽ ٻيو).
• **ڀاڳِي، ڀاڳِيا**: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.
• **ڀاڳيرَتِي**: اسم خاص. گنگا نديءَ جي هڪ شاخ جو نالو.
• **ڀاڳيسرِي**: ث. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.
• **ڀاڳِيو ج ڀاڳِيا**: ذ. صفت. [سن. ڀاڳيَوَتْ] ڀاڳ وارو – بختاور. آسُودو – وَنْهيون. جنهن وٽ کير ڏيندڙ جانور هجن – مال وارو. کير ڌهڻ لاءِ ٺڪر جو ٿانْءُ. ٺِڪر جو ساڙهو.
– **ڀاڳِيَن جا ڀاڻ**: ذ. مال وارن جي مال جا ماڳ "ڀاڳين جا ڀاڻ خالي نہ آهن" (چوٽي).
• **ڀاڳِيُونْ**: ث. کير ڏيڻ واريون. ڀاڳ واريون "ڀاڳيون ڀاڻ تي ڀٽن واريون. ڀاڳ واريون "ڀاڳيون ڀاڻ تي ڀٽن سُرهيون" (گل).
• **ڀاڱو ج ڀاڱا**: ذ. [سن. ڀاڳَ] حصو – بخرو – وانٽو "مون کي ٺٺائين، ڀيلو ڀاڱي آئيو" (شاھ). اُجورو – انعام (صبر جو). هر ڏيڻ وقت ٻن اوڙين جي وچ ۾ رهيل زمين (ت) – مانْجهو.
– **ڀاڱائِتو ج ڀاڱائِتا**: ذ. صفت. ڀاڱي سان. ڀاڱي وار – حصي سارُو. سراسري.
– **ڀاڱو ڄڏائڻ**: پنهنجو حصو يا بخرو وٺڻ. هر ڪاهيندي ٻن اوڙين جي وچ ۾ رهيل زمين وري کيڙڻ – مانْجهو ڪيڻ.
– **ڀاڱي**: ظرف. ڀاڱي ۾ – حصي ۾. نصيب ۾ – ڀاڳ ۾.
– **ڀاڱي اَچڻ**: نصيب ۾ اچڻ – قسمت موجب پلئہ پوڻ "مون کي ٺٺائين، ڀيلو ڀاڱي آئيو" (شاھ).
– **ڀاڱي ڀائِي**: ذ. صفت. حصيدار – پتيار. ڀائيوار.
– **ڀاڱي ڀائِي ٿيڻ**: حصيدار ٿيڻ – ڀائيوار ٿيڻ.
– **ڀاڱيرو ج ڀاڱيرا**: ذ. صفت. ڀائيوار – حصيدار. (ظرف) پتيءَ آهر – حصي سارو (اٽيور جي حسابن ۾). ڀائيواريءَ جو مال وندبيندڙ – ڀاڱا ورهائيندڙ. حصي يا پتيءَ طور ڏنل (چوپايو مال).

ڇِڪن ڪيئي فقيرن کي" (سامي). (اسم خاص) مرد جو نالو.

• **ڀاوَنا ج ڀاوَنائُون:** ث. [سن. ڀاوَنا < ڀاوَ < ڀُوَ = هئڻ] چاهه – سِڪَ – اُڪير. پيار – موهه – پري. خواهش – رغبت. ارادو – نيت. ويچار – خيال. ويساهه. وفاداري – سچائي (ڪ).

• **ڀاوَڻُ:** مصدر. وڻڻ چڱو لڳڻ. سيبائڻ. پسند پوڻ. جوڳو يا لائق ڏسڻ ۾ اچڻ. ڀانئڻ.

– **ڀاوَندو:** صفت. وڻندڙ – پسنديده "من ڀاوندو = دل کي وڻندڙ".

– **ڀاوِنِ:** ظرف. وڻيئي ته. مرضي پوئيئي ته – چاهي – خواهه. بابت – واسطي.

• **ڀاوِي:** ذ. [سن. ڀاوَنَ = جيڪي ٿيڻو آهي] جا ڳالهه ٿيڻي آهي – آئيندو. قسمت – تقدير – لکيو. ربَ جي رضا. مروت – لحاظ. اُڪير. ادب – عزت.

• **ڀاوِي پِريوڳ:** ذ. [سن. ڀاوي پِريوگ] گرامر جي ٽن پريوڳن (ڪرمڻي، ڪَرتري ۽ ڀاوي) مان هڪ پريوڳ جو نالو (اهو 'اڪر ترڪ' يا فعل بي فاعل، جو پنهنجي ذاتي ڀاوَ يا سُڀاوِڪ حالت ۾ رهي. مثلاً فعل لازمي جڏهن صيغي مجهول جي صورت وٺندو آهي. جيئن ته "پينگهي ۾ لڏيو آهي"؛ "مشڪلات ۾ نه ڊڄجي").

• **ڀاءُ:** ث. ريت – ڀَر – دستور. ڍار – نمونو – ڍنگ – ڀِت "دنيا اچڻي وڃڻي. کهڙي کهڙي ڀاءِ" (آسو). پسندي. خيال – ڀاونا. (ظرف) وانگر – جيان.

– **ڀاءُ پوڻ:** طبيعت کي وڻڻ – سيبائڻ – آئُڙڻ.

• **ڀاءُ ج ڀاوَ:** ذ" سَڀاءُ. حالت. عزت. ڏسو "ڀاوَ".

– **ڀاءُ ڀريو ڀاءُ وارو:** ذ. صفت. قربائتو. مروت يا لحاظ وارو.

• **ڀاءُ:** ذ. [ف. بَها > ڀاءُ] اگهه – نرخ. قيمت – مُلهه.

• **ڀاءُ ج ڀاءُ ڀائُرُ:** ذ. [سن. ڀِراتا. ڀِراتَر = ڀاءُ] ادو – ڀائُو – برادر (ف) – اَخ (ع).

– **ڀائِٽَ. ڀائِٽِي:** ث. اُها ڀيڻ جنهن جا ڀائُرُ هجن. ڀائيواريءَ واري.

– **ڀائِتو ج ڀائِتا:** ذ. صفت. ڀاءُ وارو – جنهن کي ڀاءُ هجي. ڀائيواريءَ وارو.

– **ڀائِپائِي ج ڀائِپائيُون:** ڏسو "ڀائِپي".

– **ڀائِپو ج ڀائِپا:** ذ. برادري تعلقات. ڀائيچارو.

– **ڀائِپِي ج ڀائِپِيُونْ:** ث. برادري – قرابت. سَڳائي. مائٽي – عزازت. شراڪت. همدردي. اچ وڃ جو رستو.

• **ڀائِترو:** ذ. [سن. وِرْتِ] چال – هلت چلت.

• **ڀائِٽيو ج ڀائِٽيا:** ذ. [سن. ڀِراته] ڀاءُ جو پٽ. (ث) ڀائِٽي ج ڀائِٽِيُونْ.

• **ڀائُٽو ج ڀائُٽا:** ذ. صفت. ڀائيواريءَ وارو – حصيداري وارو. اُها شيءِ جنهن ۾ ٻه يا وڌيڪ ماڻهو ڀائيوار هجن – ڀاڀائو. (ث) ڀائُٽِي ج ڀائُٽيُون.

• **ڀائُرُ:** ذ. [ڀاءُ ج ڀائُرُ] ڀاءُ "هڪ ڀائُرُ ٻيا ڀائٽيا. ٽيا جاني جگر يار. (احسان لانگاهه).

– **ڀائُرائِي:** ث. ڀائپي.

• **ڀائُڪِي:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ڀانئجَڻُ:** مصدر "ڀانئڻ" مان فعل مجهول. خيال ۾ اچڻ. ڏسڻ ۾ اچڻ.

• **ڀائِڻُ:** مصدر. [سن ڀاوَنَ] ڏسو "ڀانْئِڻُ".

• **ڀائُو ج ڀائُوَ:** ذ. ('ڀاءُ' لاءِ قرب جو لفظ) ادو – ڀاءُ.

– **ڀائُو ٻِيجَ (ٿ):** هندن جو هڪ وڏو ڏينهن (ڪَتِي مهيني جي چانڊوڪين راتين جي ٻِي تِٿ. جنهن تي ڀرٽيل ڀيڻون، ڀائرن جي ماني موڪلائين).

• **ڀائِي ج ڀائِي:** ذ. ڀاءُ ساٿي. همراه – شريڪ "حال ڀائي، ڏکن ڀائي". دوست يا ساٿيءَ کي سڏڻ جو لفظ. ڀائيوار – حصيدار. ڀائي يا پرچارڪ يا واڻيي جو مانُ جو لقب. ڏاڍيو ماڻهو (زنانو محاورو). وڻ جو هڪ قسم – ڏسو "ڀائي ڪَنڪَر".

– **ڀائِيبَنْدُ ج ڀائِيبَنْدَ:** ذ. [سن. ڀِرا تُرِ بَنْڌُ] ڀاءُ – برادر. واڻيي ذات جو هڪ فرد.

– **ڀائِيبَنْدِي:** ث. ڀائپي. برادري. مِتاچاري – سَڳائي – پنهنجائي – ڀائيچاري.

• **ڀائِيبَنْدَ:** اسم خاص. سنڌ جي هندو واپارين جي هڪ طبقي جو نالو. 'هندو عاملن' جي برعڪس سنڌ جا 'هندو واڻيا'.

• **ڀائِيلو:** ذ. حصيداري. ڏسو "ڀائٽو".

• **ڀائِيچارو ج ڀائِيچارا:** ذ. ڀائپيءَ جو رستو. ڀائپيءَ جو لڇڻ.

• **ڀائِيچارِي:** ث. برادري. مائٽي – مِتاچاري. آپت – پنهنجائي – سڳائي. ڀائيواري – شراڪت. حصيداري – راڄ وندي. دوستي – يارانو – رفاقت.

• **ڀائيوارُ ج ڀائِيوارَ:** ذ. صفت. حصيدار – ڀَتِيدار. ڀيڃي (راند ۾) – شريڪ.

– **ڀائِيوارِي ج ڀائِيواريُون:** ث. حصيداري – شراڪت. ڀائيچاري.

• **ڀائِي ڪَنڪَرُ (ڪ):** ذ. وڻ جو هڪ قسم (ڪَنڪَر جي جنس، جنهن جي ڪاني خوشبودار ٿئي؛ اُن جي ڦر کي 'گهوگهينا'

Gul Hayat Institute

ٻاڻيءَ جو آواز. دڙڪي جي هَڪل. ڏمڪي – ٻيڪ. تاب – تجلي – چمڪو.

– **ٻيڪي ڏيڻ چاڙهڻ:** دڙڪو ڏيڻ – تڙي چاڙهڻ.

• **ٻيُوتُ ج ٻيُوتَ:** ذ. صفت. (اُهو فقير) جنهن جي جسم کي خاڪ مليل هجي. مِٽي ۽ لَٽ سان ڀريل جسم.

• **ٻيُوتِ، ٻيُوتِي:** ث. [سن. وِڀُوت < وِ = طاقت + ڀُو = ٿيڻ] وڏي طاقت. مرتبو. فوق البشرقوّت. ڳِٿُونءَ جي ڇيڻي جي رَک (جا هندن جي عقيدي موجب شِوَ مهراج پنهنجي بدن کي سگهاري ڪرڻ لاءِ لائيندو آهي، ۽ جا شِوَ جا پوڄاري ساڌو پنهنجي بدن کي مليندا آهن). ڇار – ڦُلهيار. مڙهيءَ جي ڏوٽيءَ جي رَک. مٽي – رک "ڪالهہ ڳڏيوسين ڪاپڙي، بابُو رنگ ٻيُوتِ" (شاهہ).

• **ٻيُوتجَڻُ:** فعل مجهول. مِٽيءَ يا رَک ۾ ملجڻ. ڪيريءَ يا مِٽيءَ ۾ ٻَرجڻ. لَٽ ۾ ٻرجڻ. ماتا جي داڻن جو ھُٻائجي وڃڻ.

• **ٻيِٺي ج ٻيِٺيُونْ:** ث. نِڪرجي گهُگهي – صُراحي – ٻَٻُٺي (ل).

• **ٻِت:** ث. [سن. ڀڪتِ] ريت – طرح. ٻَر – هَلت – روش (١) "ٻينر يليءَ ٻِت، لڳم ٻاڻ ٻروچ جو"؛ (٢) "ٻاروچو ٻِيءَ ٻِت، جيڪس ڏنو جيڏيين" (شاهہ).

– **ٻِتو ٻَت، ٻِتون ٻَت:** ظرف. طرحين طرحين – قسمين قسمين "سُور ٻِہ ٻِتو ٻَت، هيءُ ڇِٽڪيو ڪينْ ٻيو" (شاهہ).

– **ٻِتو ٻِتينْ، ٻِتونْ ٻِتينْ:** ظرف. نموني نموني – گهڻي ٻرينْ "جنينْ سندي ٻوڏ ۾، ٻِتو ٻِتين جيءُ" (شاهہ).

– **ٻِتينْ:** ظرف. طرحين – قسمين "گهڻين ٻِتين گهوريان، سندڙي ٻاجهہ ٻين" (شاهہ).

• **ٻَتُ ج ٻَتَ:** ذ. [پرا. ٻَت؛ سن. ڀَڪْتَ = رڌل] اوٻاريل يا رڌل چانور. ڪاڄ ۾ آيل مهمانن لاءِ ماني. شاديءَ، ڪڇهريءَ يا ونگار جو ڪاڌو "ٻَتُ فقيرن ڪاڌو، اسين سَمَهہ وارا" (چوٽي). ٻت برادر.

– **ٻَتَ ٻائِي:** ذ. صفت. برادريءَ وارو – شريڪ. راڄ وارو.

– **ٻَتُ ٿِيڻ:** ڳري ٻِسُ ٿيڻ – ٻاڻيءَ ۾ ٻُسي ٻَڙو ٿيڻ.

– **ٻَتَ جو سَڏُ:** ذ. شاديءَ جي دعوت.

– **ٻَتَ رَڄُ:** ذ. ٻت تيار ڪرڻ جو ٿانْءُ. گهرجي ڪابہ ضروري شيءِ.

– **ٻَتُ ڪَرڻ:** خوشيءَ جي موقعي تي چانور تيار ڪرڻ. ڪاڄ ۾ ماني ڪرڻ. ٻُسائڻ – ٻِڄائڻ.

– **ٻَتُ گهاٽو ٿيڻ:** وڏيڪ فائدو پوڻ.

– **ٻَتُ گهاٽو ڪَرڻ:** بيواجبي نفعو حاصل ڪرڻ.

– **ٻَتَ مانْ ڪَيڻ:** ٽالهيٺون لاهڻ – برادريءَ يا نيات مان ڪڍڻ.

– **ٻَتَ ۾ تراريون هڻڻ:** اجايو ڪم ڪرڻ.

– **ٻَتَ ۾ ڪَہَرَ:** محاورو. رنڊڪ. رولو. ڪانْجاٽو.

– **ٻَتَ ۾ ڪَہَرَ پوڻ:** ٺهيل ٺڪيل ڪم ۾ رولو يا رنڊڪ پوڻ. اجايو رڳڙو پوڻ. ڪَم ڪَرڻ.

– **ٻَتَ ۾ ڪَہَر وجهڻ:** ٺهيل ڪم ۾ رنڊڪ وجهڻ. ڪم ڪارڻ.

• **ٻِتِ (ڪ):** اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **ٻِتِ ج ٻِتيُونْ:** ث. [سن. ٻِتِ] ديوار. عالم پناهہ – شهر پناهہ. بچاءُ – پناهہ – ڪنڌي. ٽيڪ – آڌار – تڪيو – سهارو "ٻيو ڀروسو نہ ٻِت، اڪيون اوهان جي آسري" (شاهہ).

– **ٻِت ٻِجڻ:** اندران يا پردي مان ڪڍي ٻاهر ڪرڻ. پرهيز مان ڪڍڻ. شرم لاهڻ "مون کي ڪينر ڪڍيو، ٻِجي منجهان ٻِت" (شاهہ). حد دخلي ڪرڻ.

– **ٻِتِ جو ٽِندڻُ:** محاورو. غريب سياءُ وارو. نرم طبع.

– **ٻِتِ جو ڇِٽُ:** محاورو. ڏسڻ ۾ ٻيڪي وارو پر بلڪل نڪمو. صفا بيڪار – ڏسڻ جو ٽوهُ.

– **ٻِتِ جِي ٻُورِي:** محاورو. شڪل جي سهڻي. مهانڊي جي ڳوري.

– **ٻِتِ سان مُنْهُنْ لڳڻ:** شرمندو ٿيڻ – پشيمان ٿيڻ. ناڪامياب ٿيڻ. ٻڇتائڻ.

– **ٻِتِ ڪٽڻ:** ديوار جي اوساري ڪرڻ – دوُر ڏيڻ.

– **ٻِتين تان ٻَت اُڇلائڻ:** (فقط ڏيکاءَ واسطي) اجايا خرچ ڪرڻ. اجائي سخاوت هلائڻ.

– **ٻِتين کي ڇَڪَ ٻائڻ:** هيڪلو ويهڻ. ڪوڙا ڏوهہ ڏَرڻ. اَجائي گهُر ڪرڻ.

– **ٻِتين کي ڪَن هُئڻ:** چُغلن جي گهڻائي هئڻ. ڪابہ ڳالهہ ڳجهي رهي نہ سگهڻ.

• **ٻِتارُ ج ٻِتارَ:** ذ. [سن. ڀَرتْرِ، ڀَرْتا = پالينڊڙ، سنڀاليندڙ. رکپال؛ پرا. ڀَتارو] پالڻهار. بچائيندڙ. خدا تعاليٰ "جهاز جوهرين جو، تنهن کي ٻؤ نہ ڏي ٻِتار" (شاهہ). ٻِتي – خاوند – مڙس. گهر ڌڻي – وَرُ "ٻِري ويو ٻِتار، تي آيئُي ڏنْءُ ڏهاڳ جو" (شاهہ). ڀوتار – سردار (ت).

• **ٻِتاڙي ج ٻِتاڙيُونْ:** ث. گيهہ يا تيل وجهڻ لاءِ چم جي دَٻِي – ڇيبَ – ڪوڙي.

• **ٻِتَس ٻِتَل:** ث. ٻُوٽي جو هڪ قسم (جو سيلابي يا آلي زمين تي اُٻري ۽ اُن مان اڇو ۽ ڳاڙهو کير نڪري، منجهس سُهڻا گلڙا

Gul Hayat Institute

تفاوت لهڻ. مقابلو ڪرڻ. ملاقات ڪرڻ – ملڻ. زيارت ڪرڻ "اهڙا پير لعل، ڪوه نہ ڀيٽيو ڀيٽين" (رسالو: ڏناسري). ٻلُ چاڙهڻ – دان ڏيڻ. تحفو يا سوکڙي ڏيڻ (ڀيٽيو – ڀيٽيندو – ڀيٽيل).

• **ڀيٽڻُ ج ڀيٽڻَ:** ذ. صفت. ڀيٽُو.

• **ڀيٽُو ج ڀيٽُو:** ذ. صفت. [سن. ڀَٽُ = ڀاڙُو: ڀَهيتو = اوباش، رولاڪ: سن. وَهْ = وهڻ] ٻئي جي ڪمائيءَ تي ڀاڙيندڙ – ڀڙوو – دلال – دَلو. ڪر همَت. ڪوبلو – وڄ ڪُٽيو. نامرد "ڀيٽُو وڃن ڀڄ، سائُو ٿين سامهان" (خليفو نبي بخش).

• **ڀيٽِي:** ث. شراب جو ماپو – ماڻ. ٽُڙ. ڏاندي – ڳَنِي.

• **ڀيٽيو ج ڀيٽيا:** ذ. صفت. جنهن پاڻ کي ارپڻ يا نذرانو ڪيو هجي. ڳُسائين فقير جو چيلو (ذ) اجرڪ يا گنديءَ جي ڇيڙي ۾ ٻڌل هَڙ (جنهن کي ڪلهي کان لڙڪائي، ڀيو ڀاسو ڪچ هيٺان آٽي، هڙ جي مٿان ورائي، آٽي ڇاتيءَ وٽ ڳَنڍ ڏجي، جيئن هڙ ڪُڇ ۾ سولائي ٿئي) (ڪ).

• **ڀيڄَ:** ث. [ڀِجَڻَ (= ڀُسڻ) > ڀيڄ] ڀڄڻ جي حالت – نمي آلاڻ – ٻوسل. ريُج "موتي مانداڻن جي، ڀري ڪيائين ڀيڄ" (شاهہ). رات جو اهو حصو جنهن ۾ (ماڪ سبب) ٻوش ۽ ٺَڌڪار محسوس ٿئي – اَسُر جو وقت – پرڀات "ڀنيءَ جي ڀوُٽن، تن جو ڀيڄ ڀٽڪو نہ سُٽيان" (شاهہ). روانگي.

– **ڀيڄ ڀڄَڻُ:** پرڀات ڦُٽڻ – صبح ٿيڻ "جڏهين ڀيڄ ڀني، پرين پانوڙيءَ هليا" (شاهہ).

– **ڀيڄ ڀنِي:** ث. پرهہ ڦُٽيءَ جو وقت (جنهن مهل رات ڀڳل هوندي آهي ۽ هوا ۾ ڀڻ آلاڻ محسوس ٿيندي آهي. پرڀات – پرهہ ڦُٽي – صبح صادق "سڄڻ سويارو ڀيڄ ڀنيءَ آئيو" (شاهہ).

– **ڀيڄ! ڀيڄ!:** محاورو. [١. ڀِجائڻ. ڀِڄڻ > ڀيڄ = مينهن جي وس، ريج، ٻوسل: ٢. هہ. ڀيجنا (= موڪلڻ) > ڀيڄ = موڪل. يعني اي مولِيٰ! مينهن موڪل] خوشيءَ جي اظهار جا الفاظ (جي مينهن وسڻ وقت چوندا آهن. ۽ وڏيڪ مينهن وسڻ جي تمنا ظاهر ڪن ٿا) "ڀيڄ! ڀيڄ!. ٿين گوڏي جيڏا ريج".

– **ڀيڄ مولِيٰ:** ندائي جملو. موڪل سائين (مينهن کي) "ڀيڄ مولِيٰ، چانديءَ جا گولا".

– **ڀيڄوُن ڀيڄ ٿيڻ:** پوري آلاڻ يا ٻوسل ٿيڻ. وڏا ريج ٿيڻ. سخت برسات پوڻ. رنگ لڳي وڃڻ. شاهوڪار بنجڻ.

• **ڀيڄَڻُ:** مصدر. [هہ ڀيجنا] اماڻڻ – روانو ڪرڻ – موڪلڻ.

• **ڀيڄو ج ڀيڄا:** ذ. [هہ] مغز ميڄالو. دماغ – عقل آلاڻ – ٻوسل ريُج.

– **ڀيڄو ڪائڻ:** مٿو کپائڻ – مغز کائڻ – ڪَڪ ڪرڻ.

• **ڀيڇَ:** ث. برابري – هڪجهڙائي – هَمسري. هموار ي.

• **ڀِيڇَ:** ث. دَٻ – نِپوُڙ. تنگي – سوڙهہ – گهُٽَ. ڪنجوسي – مُٺَ ڀيڙَ.

• **ڀيڇائِڻُ:** مصدر. برابر ڪرائڻ. هڪجيتري تور ڪرائڻ. هموار ڪرائڻ.

• **ڀِيڇائِڻُ:** مصدر. آڪيڙو چاڙهڻ – ڀيڙو ڏيڻ. ڀيچائڻ – ڇيپاڻ. سَٽُ ڪيڻ – نپوڙڻ – نچوڙڻ. سوڙهو ڪرڻ – گهُٽڻ. گهُٽي سوگهو جهلڻ. نهڪائي ڦهڪائي بيهارڻ. ڀهچائڻ (رقم قرض جي) – لاهڻ (قرض).

• **ڀيڇَڻُ:** مصدر. برابر ڪرڻ. ڀيڇَ ڪائڻ – نهڪي ڦهڪي اچڻ. هموار ڪرڻ. ملي اچڻ – ڀهچي اچڻ.

• **ڀِيڇَڻُ:** مصدر. ڀِيڇَڻُ – ڇيوڻڻ – نچوڙڻ. سوڙهو جهلڻ – سوگهو ڪرڻ – گهُٽڻُ. ادا ٿيڻ پورو ٿيڻ (قرض). ڳسڻ. بند ٿيڻ – بيهڻ (ت).

• **ڀيڇو:** ظرف. برابر – هموزن.

• **ڀيڇِي ج ڀيڇِي:** ذ. صفت. ڀچِي ايندڙ – نهڪي ڦهڪي ايندڙ. جيڏو – سَرتو. ساٿِي – همراهہ هڪجهڙو – هڪ جيڏو – مَٽُ – همسر. ڀائيوار – حصيدار. ڏوڙي – همشريڪ (راند ۾). "ڀينر ۽ ڀيچِي، سوايا سارين مون" (شاهہ) (ث. ڀيچِي، ڀيچيائِي.

• **ڀيدُ ج ڀيدَ:** ذ. [سن. ڀيدَ > ڀِدَ = ڀِڇڻ: ڀِد = انت، چاڻ] تفاوت – فرق. اَنت – راز – ڳُجهہ – مَنجهہُ. اختلاف – ٻيائي – ڦوٽ. جدائي – ويڇو.

– **ڀيد پائڻ:** انت لهڻ – راز هٿ ڪرڻ – ڳجهہ سمجهڻ. ڳجهارت کولڻ. مَسئلو حل ڪرڻ.

– **ڀيدُ ڏيڻ:** دل جو راز ٻڌائڻ – حال اورڻ. ڳُجهہ ظاهر ڪرڻ – مَنجهہ ڏيڻ.

– **ڀيد رکڻ:** راز ساندڻ. ٻيائي ڪرڻ – فرق رکڻ.

– **ڀيد کولڻُ:** راز فاش ڪرڻ – ڳجهہ ظاهر ڪرڻ.

– **ڀيدُ وٺڻ:** انت ڪيڻ – پتو ڪيڻ – منجهہ لهڻ.

– **ڀيدي، ڀيديو:** ذ. صفت. رازدان – راز محرم – ڳُجهہ جو ڄاڻندڙ. ڦوٽ وجهندڙ. هوشيار.

• **ڀيڏَ ج ڀيڏُون:** ث. [سن. ڀيڊ] رڍَ.

– **ڀيڏا چال:** ث. رڍن واري هلت (جي هڪٻئي پٺيان هلنديون

حڪم ۾ ـ جوڙ ۾ ـ مجتا ۾. زيردست. ماتحت.

— **تابِعْدارُ ج تابِعْدارَ:** ذ. صفت. [ع. تابع + ف. دار < داشتن] حڪم جي پيروي ڪندڙ — فرمانبردار.

— **تابِعْداري ج تابِعْداريوُن:** اطاعت. فرمانبرداري — ٻانهپ — مجتا.

— **تابع ڪرڻ:** حڪم ۾ آڻڻ — هٿ هيٺ ڪرڻ. جيتڻ.

● **تابِعِيْن:** ذ. [ع. تابِعْ > تابِعُون (جمع) > تابِعِيْن (جمع، حالت مفعولي. جري ۽ اضافي ۾)] پيروي ڪندڙ. اُهي اوائلي مسلمان جن نبي صلي الله عليہ و آلہ وسلم جن جي ڪنهن صحابيءَ کي ڏٺو هجي.

● **تابِنْدَہ:** صفت. [ف] روشن — چمڪندڙ.

● **تابُوتُ ج تابُوتَ:** ذ. [ع] ڪاٺ جي صندوق. لاش رکڻ جي صندوق. ڪاٺ جي مصنوعي تُربت (جا حضرت امام حسين جي شهادت جي يادگيريءَ ۾ ناهي عاشورن جي موقعي تي گهمائيندا آهن) — تعزيو.

— **تابوت گَرُ:** ذ. صفت. تابوت ناهيندڙ.

● **تابِيْنو ج تابِينا:** ذ. [ع. ۱. تابِيْن = نقش قدم تي هلڻ ۲. تابِع = تابعداري ڪرڻ] ڏِل (تابعدار رهڻ جي) — آنڪي. تابعداري — فرمانبرداري "آهي تخت تابِيْني تنهنجي". خدمت — چاڪري.

— **تابِيْنِي:** ظرف. تابع — هٿ هيٺ — حڪم هيٺ — حوالي.

— **تابِيْنِي ۾ ويهڻ:** خدمت ۾ هجڻ — چاڪري ۾ ويهڻ.

● **تات، تاتَ ج تاتُون:** ث. [ع. طاعَة = فرمانبرداري] خدمت. پرداخت — پرورش — پالنا. پر گهور — سنڀال. پچار — اُڻ تُڻ. فڪر — ڳڻتي. يادگيري — سار — ساروڻي "تنهنجي تات طلب، ڪانگ اُڏاير ڪاڪ جا" (شاهہ).

— **تاتَ تُوتَ:** ث. ڳالهہ پچار — ذڪر اذڪار — چوٻچو. يادگيري — طلب.

— **تاتِ پَذِيرُ:** ذ. صفت. فرمانروائي قبول ڪندڙ — چيو مڃيندڙ. عبادت گذار.

— **تاتِ پوڻ:** ڳهرج ٿيڻ — طلب ٿيڻ. ڳچيءَ پوڻ (ت)، پچار ۾ پوڻ.

— **تاتِ ڪرڻ(ت):** ٻوڌاري ڪرڻ — سنڀال ڪرڻ. يادگيري ڪرڻ.

— **تاتِ مڃائڻ:** وس ۾ آڻڻ — قبضي ۾ آڻڻ.

— **تاتِ مڃڻ:** آڻ مڃڻ — هار قبول ڪرڻ.

— **تاتِيُ ج تاتِيَ:** ذ. صفت. فرمانبردار — آڳياوان — چئيوان.

● **تاتارُ:** اسم خاص. ترڪستان جو ملڪ.

— **تاتاري:** ذ. صفت. تاتار جو (رهاڪو). (ذ) جابلو ماڻهن جو چوغو — ڍِگهو پهراڻ.

● **تاتپَرجُ:** ذ. [سن. تاتپَرْيَہ = مطلب] مطلب — معنيٰ — مقصد — ارٿ — سارَ — خلاصو — تتَ — اِختيار. تفصيل — وچور.

● **تاتِجَڻُ:** مصدر. "تاتڻ" مان فعل مجهول [ع. طاعة > تات > تاتجڻ] نبجڻ — پلجڻ — وڏو ٿيڻ — پرورش وٺڻ.

● **تاترائڻُ:** مصدر. [سن. تَترَنُ = چوڳي تي ريجهائڻ] ڏاڏرائڻ — ريجهائڻ — هيرائڻ. (تاتاريو. تاترائيندو. تاترايل).

● **تاتنا:** ث. پالنا جي حالت — پرورش — پرداخت. سنڀال — سارَ. حفاظت — تات.

● **تاتڻُ:** مصدر. [ع. طاعة > تات > تاتڻ] سنڀالڻ — حفاظت ڪرڻ — پرگهور لهڻ. پرداخت ڪرڻ — نپائڻ — پالڻ. ڪارائي ٻياري وڏو ڪرڻ — پرورش ڪرڻ. (تاتيو — تاتيندو — تاتيل).

● **تاتِينْدڙُ:** ذ. صفت. سنڀاليندڙ — پر گهور ڪندڙ پرداخت ڪندڙ.

● **تاتانْ تاتَئُونْ (ت):** ظرف. تنهن جاءِ کان — تتان.

● **تاتانْهُونْ، تاتانْئُونْ (ت):** ظرف. تنهن جاءِ کان وٺي — تتانئون.

● **تاتِهِينْ، تاتِئِينْ (ت):** ظرف. تِتان. اُتان — هُتي کان — هُن جاءِ کان.

● **تاتي(ت):** ظرف. [سن. تتْر = تتي] تنهن جاءِ تي — تتي.

● **تاثرُ ج تاثرات:** ذ. [ع. أثر > پيروي ڪرڻ. نقش قدم تي هلڻ] اثر — اثر پذيري.

● **تاثِيرُ ج تاثِيرَ:** ذ. [ع. أثَر (= ڪنهن شيءِ تي نشان ڇڏڻ. ڪنهن کي متاثر ڪرڻ) > تاثير = اثر] أثر. ذائقو. ڪيميائي خاصيت. ڪيميائي ردعمل.

● **تاپُ:** ذ. [سن. تَپْ؛ ف. تابْ] تاءُ — سيڪ. تَپُ.

● **تاپجڻُ:** فعل مجهول. [ف. تاب = گرمي؛ سن. تَپْ = گرم ٿيڻ] سيڪجڻ. تپجڻ.

● **تاپِشُ ج تاپِشُونْ:** ث. [ف. تابش] گرمي — تپش — ڏسو "تابش".

● **تاپڻُ:** مصدر. [ف. تابْ (= گرمي، سيڪ) > تابڻ > تاپڻ؛ سن. تَپْ = ڪوسو يا گرم ٿيڻ] گرم ڪرڻ — ڪوسو ڪرڻ. سيڪڻ. (تاپيو — تاپيندو — تاپيل).

● **تاپُو(ت):** ذ. [سن. تپ؛ ف. تاب] سيڪُ (باهہ جو).

● **تاپولِي:** ث. تَپَ جي هلچل ۽ رفتار. موسمي تپ جي شروعات. ڏسو "تپاولي".

Gul Hayat Institute

ترد] ڏنگائي ڪرڻ. گوهي ڪرڻ. (تاڏيو – تاڏيندو – تاڏيل).

• **تاڏو ڄ تاڏا:** ذ. صفت. [سن. ترِد] ٽيڏو ڏنگو – ڦڏو "تاڏين انگين، اوڙن ٿو عشق اولاٽا ڏي". آڏو. ترڇو. وريل. ڏکيو – اهنجو. ٿورو جهَڪو (پٽ) – هيڻاهون – جهميل. گوهرُ (جو گوهي ڪري بيهي رهي يا پاسا وٺي). اهو توڏو جو رسي جي تاڙ تي هيرائجي. تانگهو (پاڻي) – پير ٻوڙ. (ذ) پاڻيءَ جو ڪامون – ڇڊو – ننڍو ڍهو (ل). گهوڙي، اُٺ يا گڏهه جو ٻوٽاڙو. (ث) تاڏي ڄ تاڏيون.

– **تاڏا جهاڳو:** محاورو. ٽيڏوءِ ڇُنجهو.

– **تاڏو ڍهو (ل):** ذ. پاسيرو يا ڏنگو (ور وڪڙ وارو) پاڻيءَ جو ڪامون (خاص ڪري مينهن جي پاڻيءَ جو).

– **تاڏو ڪَنڌُ:** محاورو. مغروريءَ سان اَجو ڳاٽ – سيٽيل ڪنڌ.

– **تاڏو ڪامون:** ذ. ڏنگو پاسيرو ڪوٽيل ڪڏو. ننڍو ٻڏو.

– **تاڏو ماهو:** ذ. اٽپورو ماپو. اوٽو ماڻ.

– **تاڏو وَڻ (ٿ):** ذ. نميل وڻ (جنهن ڪي اُٺ ٻڪري يا ٻيو ڪو بہ جانور بيني کائي سگهي).

– **تاڏو هلڻ:** اڏنگو هلڻ. لاڏ سان هلڻ.

• **تاڏو گل:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تاڏي ڄ تاڏيون:** ث. 'تاڏو' جو مؤنث. ڏنگي. اٽانگي. ترڇي. ڪپڙن ڌوئڻ جي ڪُوناري (ٿ).

– **تاڏي رَن:** ث. سامهان جواب ڏيندڙ زال – آڏيون خوديون ڏيندڙ عورت. بڪواتڻ زال.

– **تاڏي نَظَر:** ث. ترڇي نظر – غمزه. ٽيڏي نظر.

– **تاڏي هلڻي:** ث. پاسيري هلڻي. اڏنگي هلڻي.

– **تاڏيري (ٿ):** ث. صفت. ڪپڙا ڌوئيندڙ عورت.

• **تاڏي (ت):** ظرف. تنهن طرف – تيڏانهن – "جاڏي" جو ضد.

• **تارُ:** ث [ف] گهاٽي اونده ـ گهگهه اونداهي – تاريڪي. ڪاراڻ. (صفت) ڪاري "شبِ تارُ."

• **تارَ:** ث. پرت جو هڪ قسم.

• **تارَ ڄ تارُون:** ث. [ف: سن] ڪنهن بہ ڌاتوءَ جي سنهڙي تند. ڌاڳو – سُٽَ جي تند. ڏورو. ساز جي تند. ڌاتوءَ جي تند جنهن جي ذريعي برقي خبر موڪلجي. اها خبر جا بجليءَ رستي جلد موڪلجي – برقي خبر. ڇِڪَ – سِڪَ – لَنءُ (محبت جي) "تار جنهن ڪي يار جي، سا ڪيئن ڪندي گهر ٻار جي". اوسيڙو – اونو – ڳڻتي. يادگيري. ڪرڻ جي لاٽ – ترورن جي لاٽَ. [سن. تال] وڄت. سُرتار.

– **تار برقي:** ث. بجليءَ رستي موڪليل نياپو.

– **تار بابُو:** ذ. صفت. تار وسيلي خبر موڪليندڙ منشي يا ڪلارڪ.

– **تارِ تار:** صفت. تندو تندو ٽڪرا ٽڪرا.

– **تارِ تار ڪرڻ:** ليڙون ليڙون ڪرڻ – ٽڪرا ٽڪرا ڪرڻ.

– **تارِ عَنڪبُوتْ:** ث. ڪوريئڙي جي ڄار.

– **تارِ ڦٽي (ٿ):** ث. تاجيءَ جي تندن ڪي ڦٽيءَ مان لنگهائڻ جو اوزار.

– **تار ڪرڻ:** تار ذريعي نياپو موڪلڻ – بجليءَ رستي اطلاع ڪرڻ.

– **تار ڪَشُ:** ذ. سون يا چانديءَ جي تند ڪي ڇڪي سنهڙو ۽ ڊگهو ڪندڙ اوزار.

– **تار ڪشي:** ث. پرت جو هڪ نمونو – ڪپڙي جي تند ڇڪي گل ڦل بنائڻ جو ڪم (ڪپڙي ۾).

– **تار گهَرُ:** ذ. تار ذريعي پيغام موڪلڻ جي آفيس – تار موڪلڻ جي جاءِ.

– **تار لڳڻ:** اندر ۾ محبت جي لَنءُ لڳڻ – محبوب جي لڙهه لڳڻ. محبت ۾ گرفتار ٿيڻ.

– **تار ۾ تارَ لڳڻ:** سِڪ ۾ ڇِڪ لڳڻ – محبت ۾ واڏارو ٿيڻ "لڳم تارَ ۾ تارَ تنهن پار ڏي، ربابي رڳون پيون وڄن يارَ ڏي".

– **تارو پُودْ:** ذ. [ف] تاڃي پيٽو (ڪپڙي جو).

– **تار ويڙهي ڪڙي:** ث. جتيءَ جي ڪُڙي جنهن جي مٿان تار ويڙهيل هجي (تہ جُتي مضبوط ٿئي).

• **تارُ ڄ تارَ:** ذ. [ف. تارُ = چوٽي، مٿو] ماڻهوءَ جي مٿي يا قد کان اونهون پاڻي. اونهون – عميق. پريل – پرپور (درياءَ) "سي ترت لنگهنديون تار، اُڪنڊ آڳهه جن سين" (شاهه)؛ "جاهڪ چري، تار تري، آيون مٿي ڪن" (شاهه). [سن. تال] ڳائڻ وڄائڻ جو اصطلاح. وڄت جو وقفو يا ٽڪاءُ. سُرتار. [سن. تَلّ = تراڪڙو ٿانءُ] جنڊ جي ماٽ (جنهن ۾ اٽو پيسجي ڪري ۽ گڏ ٿئي) – ٿارُ (ل).

– **تار تانگهو جاچڻ:** سي انديشا ڪرڻ. اڳ پوءِ جو خيال رکڻ.

– **تار ترڻ:** اونهي اجهاڳ پاڻيءَ مان ترڻ. مشڪل مان پار پوڻ. ڏکيو لانگهو لنگهڻ.

– **تار ٿيڻ:** چوٽيءَ تائين پرڃي وڃڻ (تلاءُ، ڪڏ، واهه جو).

– **گارِ پوڻ:** اونهي اجهاڳ پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ. غشيءَ ۾ پوڻ.

– **تار جهَلڻُ:** ساز جي وڄت ۾ 'پريي' ۽ 'خالي' جو پورو جوڙ

Gul Hayat Institute

بيهارڻ. 'پريي' جو پورو ڏڪ هڻڻ.

– **تارچڪائڻ:** ساز جي وڄت ۾ 'پريي' جو پورو ڏڪ هڻڻ. وڄت جو گُر ملائڻ.

– **تارچڪڻ:** وڄت ۾ 'پريي' جو ڏڪ لڳڻ – وڄت جو گُرُ ملي وڃڻ.

– **تار ڪرڻ:** چوٽيءَ تائين پرڻ.

– **تار مان ڪڍڻ:** اوڙاهه مان آجو ڪرڻ. مصيبت مان ڪڍڻ.

– **تارمڪانُ:** ذ. ڳائڻ جو اصطلاح. ڳائڻ جي آواز ۽ آلاپ سان ساز جي همنوا وڄت. وڄت ۾ 'پريي' 'خالي' جو پورو ماڻ. وڄت جو هنر. سُرتار.

– **تار ملائڻ:** ساز جي تار يا تارن کي 'سرگم' جي اصول موجب هم آواز ڪرڻ.

– **تار ۾ پوڻ:** اونهي پاڻيءَ ۾ پوڻ. جهاجهه ۾ پوڻ. بڪ ڪرڻ. هوش ڪان نڪرڻ. وِڦل ۾ پوڻ – وِڦلڻ. بيماريءَ جي غشيءَ ۾ هجڻ. اجائي حرص ۾ پوڻ.

– **تار ۾ وڃڻ:** اونهي پاڻيءَ ۾ ٻوڙڻ. مونجهاري ۾ وڃڻ – سوداءَ ۾ وڃڻ.

● **تاراج:** ذ. [ف. تاراج = ڦُرلت] برٻادي يا تباهي جي حالت. ڦُرلُٽ. (صفت) برباد – تباهه – ناس.

– **تاراج ڪرڻ:** برباد ڪرڻ – تباهه ڪرڻ "عمر ساريءَ جي عبادت، تِرهڪ ئي تاراج ڪئي" (مصري شاهه). ڦنائڻ – ڊاهڻ – بگاڙڻ – خراب ڪرڻ.

● **تاراجي ج تاراجيُون:** ث. تارازي – ساهمي.

● **تارازو ج تاراز:** ذ. [ف. تَرازُو = ساهمي] ساهميءَ جي پڙ وارن ڏاڪِن مان هڪ ڏاڪو. لغڙ جي ڪمان ۾ ٻڌل تِڪندو ڏاڪو.

● **تارازُو ج تارازُو:** ذ. [ف. تَرازُو] ساهمي – تارازي.

● **تارازي ج تارازيُون:** ث. [ف. تَرازُو] ساهمي – تڪڙي.

● **تاراهه:** اسم خاص. تعلقي هالا ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **تارا هَڏي:** اسم خاص. ڪيري ۽ ٽنڊي الهيار تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **تارائي ج تارائي:** ذ. ڳڏهه جو هڪ قسم (چيني بنياد مان. رنگ اڇو. پني 'لاسي' ڳڏهه ڪان ڊگهي ۽ ٻَٽ ۾ 'سنڌي' ڳڏهه ڪان ڳرو).

● **تارجُ:** ذ. [سن. تاتپَريه (= مطلب) > تاتپرج > (مخفف) تارج] ٻوتاميل – حساب ڪتاب. اختصار.

● **تارَخ:** اسم خاص. [ع] حضرت ابراهيم عليه السلام جي والد (آذر) جو ٻيو نالو.

● **تارڙا:** اسم خاص. سنڌ جي مسلمانن جي هڪ ذات جو نالو.

● **تارَڪ (ڪ):** ث. [سن. تالڪ] لَسي ۽ ٿورو کڏ وانگر هيٺاهين زمين (جا پاڻيءَ جي وهڪري سبٻان ٿي هجي).

● **تارَڪ ج تارَڪُونُ (ل.ڪ):** ث. [ف. تارَڪ =چوٽي] گهوڙي جي ٻن ڪنن جي وچ وارو فاصلو. گهوڙي جو ڪاپار "تير گوشا، تارَڪ سيليا، ڪُنڊي ڪن قزاق". سِرُ – مٿو "وڃهي هلنديس هوت ڏي، تارڪ مٿي تاجُ" (خانزئي). ٻن پرن جي وچ واري ٽڪري – ترڪٽِي – تِرڪت. پٽڪو – پڳ (ڪ).

● **تارِڪ ج تارِڪَ:** ذ. صفت. [ع. تَرڪ (هن ڇڏيو) > (اسم فاعل) تارِڪ = ڇڏيندڙ] دنيا کي ترڪ ڪندڙ – تياڳي. الله لوڪ فقير. نقير.

– **تارِڪ الدُّنيا:** ذ. صفت. [ع] جنهن دنيوي معاملات کي ترڪ ڪري ڇڏيو هجي. گوشه نشين. دنيا کان فارغ لاٻال. آجو – آزاد.

● **تارِڪو:** اسم خاص. تعلقي ميرواهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **تارِڪِي:** اسم خاص. ٺٽي ۽ ميرپور ساڪري تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **تارلِي:** ث. ساموندي مڇيءَ جو هڪ قسم.

● **تارڻ:** مصدر. [سن. ۱. تُري = ترڻ؛ ۲. تَلَ = تَرڻ] پاڻيءَ جي سطح تي هلائڻ يا بيهارڻ (يعني پاڻيءَ ۾ ٻڏڻ نه ڏيڻ). پار اُڪارڻ (درياءَ، واهه، وغيره جي اونهي پاڻي ۽ وهڪري مان). بچائڻ (مصيبت مان). وصول ڪري ڏيڻ (پئسا، رقم). مٿان مٿان ڪڻڻ (انَّ يا ٻي ڪا شيءِ جا ذرّن جي صورت ۾ هجي). صاف ڪرڻ (انَّ وغيره. ڇڄ ذريعي) – ڪِلڪائڻ. (تاريو – تاريندو – تاريل).

– **تارڻهار:** ذ. صفت. تاريندڙ (ٻڏڻ کان). پار اُڪاريندڙ (مصيبت مان). اوکيءَ ۾ مدد ڪندڙ. بچائڻهار – ڌڻي تعاليٰ.

● **تارِئي ج تارِئيُون:** ث. درياءَ جي ٻيڙيءَ جو هڪ رسو (جنهن سان 'آڏڻ' مٿي ڪجن) – رَسِ. لوهارن جي اصطلاح ۾ ڪنهن لوهي اوزار جي ڇهنب.

● **تارو:** ذ. هڪ نحس تاري جو نالو (جو چنڊ جي پهرين ۽ ٻي تاريخ اُپرندي طرف، ٽين ۽ چوٿين تاريخ ڏکڻ طرف، پنجين ۽ ڇهين تاريخ الهندي طرف، ستين ۽ اٺين تاريخ اُتر طرف، نائين تاريخ زمين ۾ ۽ ڏهين تاريخ آسمان ۾ سمجهيو ويندو آهي. عام وهم موجب، جنهن طرف اهو تارو هجي انهيءَ طرف ڪنهن بـ ڪم سان وڃڻ مان سراسر نقصان

Gul Hayat Institute

– **تازي هڻڻ:** سودي يا سَٽي ۾ هٿ تي هٿ هڻي وعدو پڪو ڪرڻ. پڪ ڪرڻ. جهيڙو ڪرڻ (زالن يا ڪدڙن جو). هٿ هٿ تي هڻي راند شروع ڪرڻ – ڏارو ڏيڻ. دلال جو سودي ڪرائڻ وقت آخري واڪ ڏيڻ.

– **تاڙيون لوڪڻ:** نلها هٿ وڄائڻ – هٿين خالي ٿيڻ. بنا ڪنهن ڪم ڪارجي واندو ويٺو رهڻ. تاڙيون وڄائڻ.

– **تاڙيون ڪيڻ:** بند خلاص ڪرڻ – آزاد ڪرڻ.

– **تاڙيون وڄائڻ:** خوشيءِ وچان يا شاباس ڏيڻ وقت تاڙيون وڄائڻ. واهه واهه ڪرڻ. ڪنهن تي ٽوڪ طور خوشي ڪرڻ. خوار ڪرڻ. هلڪڙائي ڏيکارڻ.

• **تاڙيون:** ث. 'تاڙي' جو جمع. ڪجيءَ جا گوشا (جن ۾ ڪجيون پيدا ٿين).

• **تازگي:** ث. [ف] ساوڪ – سبزي. تازائي پاٻهه – سجرائي. طراوت _ مزو– لطف. خوشي– سُرور.

• **تازو ج تازا:** ذ. صفت. [ف. تازه] سائو – سبز. سرسبز _ آلو _ تَر. سَجر. خوش – چڱو ڀلو. (ظرف) ٿوريءَ دير جو – هاڻوڪو. (ث) تازي ج تازيون.

– **تازائي:** ث. تازگي.

– **تازو توانو:** ذ. صفت. چڱو ڀلو – نوبنو. تلهو متارو – تندرست.

– **تازو توانو هجڻ:** چڱو ڀلو هجڻ.

– **تازو ڪرڻ:** سجر ڪرڻ. حُقّي ڪي ٻُسائڻ ۽ اُن ۾ نئون پاڻي وجهي ڇڪڻ لاءِ تيار ڪرڻ.

– **تازَہ:** صفت. [ف] تازو.

• **تازِہ:** صفت. [ف] تازو.

– **تازه به تازه:** صفت. تازوئي تازو. نئُبنو.

– **تازِہ تَرِين:** صفت. ٺَڪ لٺل. چُست.

– **تازه دَم:** صفت. ٺَڪ لٺل چُست.

– **تازه دم ٿيڻ:** ٿڪ ڀڄي تازو ٿيڻ.

• **تازي ج تازي:** ذ. [ع. ف] گهوڙي جو هڪ قِسم – عربي گهوڙو "تازي طبيلن ۾، گهوڙا گهر گهٽا" (شاهه). ڪُتي جو هڪ قِسم – شڪاري ڪتو (ڊگهين ٽنگن سان، سنهون لاٺيارو جو نهايت تکو ڀڄي). (صفت) [ف. تاختن (= تکو ڊوڙڻ) > تازي = تکو ڊوڙندڙ] تکو – تيز.

• **تازيانو ج تازِيانا:** ذ. [ف] چَهبُڪ.

• **تاس:** ث. [سن. تْرِش = اُڃائجڻ] اُڃ – تِبهَ. اُساٽ. [ف. تاسه = پيٽ واري زال جي ڪنهن شيءِ کائڻ لاءِ چِڪَ) > تاس] چِڪَ – ڪشش. اُڪير – سِڪَ. ٻاڙَ – نشو. [ع. طاسَ = سنئين ٿالهي] سڌائي – سنوت – هڪجهڙي سطح (ت).

– **تاسارو، تاسِيارو ج تاسارا، تاسِيارا:** ذ. صفت. اُڃايل – ڏوگهيل.

– **تاساري، تاسياري ج تاساريون، تاسياريُون:** ث. اُڃائي – اُڃايل. "تاسياريون تڙن تي ساريو تا ساڳين" (شاه عنايت).

– **تاسِرُ:** ذ. صفت. تاسيارو.

– **تاسَ وٺڻ:** زمين جي سطح سنئين ڪرڻ – سنوت وٺڻ _ سَنْدَرَڻ.

– **تاسِي ج تاسِي:** ذ. صفت. اُڃايل.

• **تاسَ ج تاسُون:** ث. [ع. طاس > ف. تاس = پتا] ٻاونجاهه پتن جو مجموعو – پتا (٥٢).

• **تاسُ:** ذ. [ع. اَطْلَسْ = ڳَـوڙهو ڳاڙهو ريشمي ڪپڙو] ريشمي ڪپڙي جو هڪ قِسم – اَطلسُ. [ع. طاسُ = ٿالهي] ٽامي يا جست جو ٿالهه (ت). ديگ جو ڍڪ (ت).

• **تاسا (ت):** ذ. [ع. اَطلس > طاسا > تاسا] ڪپڙي جو هڪ قِسم – سلڪ – بوسڪي – تَسريٽ.

• **تاسِجَڻُ:** فعل مجهول. [سن. تْرِش = اُڃائجڻ] اُڃائجڻ – ڏوگهجڻ – اُڃو ٿيڻ. (تاسيو – تاسبو – تاسيل).

• **تاسِرو ج تاسِرا:** ذ. [ع. طاسُ = ٿالهي] ڪنجهي جو لَسي تري وارو تراڪڙو ٿانْءُ (خصوصاً وٽو). ويڪرو ۽ پوئتي وريل سڱن وارو ڍڳو.

• **تاسِري ج تاسِريُون:** ث. ڪنجهي جي تراڪڙي وَٽِي يا ٿالهي.

• **تاسُفُ:** ذ [ع] افسوس – ارمان – ڏک – رنج – حسرت. پڇتاءُ.

• **تاسِيرو ج تاسِيرا:** ذ. صفت. پاسيرو. لاپرُيو. اُبتو.

– **تاسِيرو ڏَڪُ:** پاسيرو ڏڪ. ترڇو ڏڪ – لاپرِيلو ڏڪ.

– **تاسيرو ڏيڻ:** کُهاڙيءَ جو پاسيرو ڏڪ هڻڻ.

• **تاسِيسُ:** ث. [ع] بنياد – پيڙهه – اِساس.

• **تاسِيلو ج تاسِيلا (ت):** ذ. [١. ع. اَطلس؛ ٢. تَسر > تَسل] ڪپڙي جو هڪ قِسم – سُوسِي – گيگر.

• **تاغيِرُ:** ذ. [ع. 'تَغَيّر' جو بگڙيل اُچار] ڦير ڦار – تبديل.

• **تاشْقَنْدُ:** اسم خاص. [ترڪي] روسي ترڪستان جو هڪ شهر.

• **تافِتو:** ذ. [ف. تافِتَہْ = ريشم مان اُڻيل ڪپڙو] ريشمي لسي ڪپڙي جو هڪ قسم.

Gul Hayat Institute

- **تَپ ہَڏڻ:** تپ کي ہڏي قابو ڪرڻ (تہ مريض سان نہ وڙهي وڃڙي) – تپ کي ہڏڻ جو سوڻ ڪرڻ (سوڻ ڪندڙ مُج جي نوڙي ڪٽندو ۽ "الم نشرح" سورة پڙهندو هر هڪ "ڪ" تي ڳنڍ ڏيندو ويندو. پوءِ اها نوڙي ڪنهن سائي ڪرڙ يا ٻئي وڻ ۾ ہڏندو ۽ ہڏڻ وقت مريض کان پڇندو ويندو تہ "تپ ہڏان" مريض چوندو "ہڏ" تہ هڪ ڳنڍ ڏيندو، اهڙيءَ طرح ٽي دفعا پڇي ٽي ڳنڍيون ڏيندو). (عام وهم موجب) دشمنيءَ سببان ڪنهن مريض ماڻهوءَ جي تپ جو مُدو ہڏڻ (جيئن انهيءَ مدي تائين تپ ڪيس ہڏو پيو هجي ۽ پيو تپ لوڙي) – ڪنهن حيلي سان گهڻو نڳي وڃڻ. وڏي نقصان ۾ وجهڻ "ڪنهن جو تپ ہڏڻ".
- **تَپ جا هاڙهُ چڙهڻ، هُجڻ:** ڏاڍو بخار ٿيڻ – سخت تپ هئڻ.
- **تپ چاڙهڻ، ڏيڻ:** ہرو ڏيڻ. ڪنهن حيلي سان نڳي وڃڻ. وڏي نقصان ۾ وجهڻ. ڏاڍي مار ڏيڻ.
- **تپ چڙهڻ:** بخار چڙهڻ – ہرو چڙهڻ – سستي چڙهڻ. ڍپ وٺڻ.
- **تپ دِقُ:** ذ. [ف. تب دِق] ڦڦڙن جي خرابيءَ ڪان ٿيندڙ تپ – سلهہ جو تپ.
- **تَپلچو ج تَپلچا:** ذ. [ف. تَمَنْچَهْ] تمنچو – پستول.
- **تَپاس:** ث. [ع. تَفَحُص = گهري جانچ. اونهي جانچ] جانچ – چڪاس. معائنو. پُڇا. ويچار – غور. ويچار وارو فيصلو
- **تپاس ڪَرڻ:** جانچ ڪرڻ. ويچار ڪرڻ. ويچاري فيصلو ڪرڻ. پُڇا ڳاڇا ڪري دريافت ڪرڻ. تپاسڻ.
- **تپاسڻُ:** مصدر. [ع. تَفَحُص > تپاس > تپاسڻ] چڪاسڻ – جاچڻ – ڏسڻ (ڪنهن شيءِ کي چڱيءَ طرح). معائنو ڪرڻ. پرکڻ. ڳالهہ کي ويچارڻ. جانچي غور ڪرڻ. (تپاسيو – تپاسيندو – تپاسيل).
- **تپاسو ج تَپاسا:** ذ. پتاسو – پتاشو.
- **تَپاشو ج تَپاشا:** ذ. پتاشو.
- **تَپاشِيرُ:** ذ. ڏسو "تباشير".
- **تَپاڪُ:** ذ. [ف. تَپاڪْ = بي آرامي] ولولو – گرمجوشي. اُتساه. اخلاص.
- **تَپاوِلِي ج تَپاوليونْ:** ث. [تَپ (= بخار، ہرو) > تپاولي] ماڻهن ۾ تپ عام هجڻ جي حالت. تپ جي عام شڪايت ('سرءُ' خاص تپ جي موسم آهي جنهن ۾ 'تپاولي' عام ٿئي).
- **تَپائڻُ:** مصدر. [سن. تَپْ (= تپڻ) > تپائڻ] تمام گهڻو گرم ڪرڻ. تاءُ ڏيڻ. ڪاوڙائڻ – تنگ ڪرڻ. تڪليفون ڏيڻ. آزارڻ – ستائڻ. (تپايو – تپائيندو – تپايل).
- **تپائي ڏيڻ، ڪڍڻ:** آزار بارڻ – تڪليف ڏيڻ. گهڻو زور پرڻ (ڪنهن ڪم لاءِ) – وري وري چوڻ. بيزار ڪرڻ. ڪڪ ڪرڻ.
- **تَپِت:** ث. [سن. تَپْ = تپڻ] گرمي – ڪوساڻ. تپش. تاٿُڙي.
- **تَپِجَڻُ:** مصدر "تپڻ" مان فعل مجهول. [تَپْ (= بخار، ہرو) > تپجڻ] تپجي پوڻ – ٻرجي پوڻ. تپڻ.
- **تَپَدارُ ج تَپَدارَ:** ذ. صفت. [ف. تَپَہْ + دار] ڏسو "تپيدار".
- **تَپَداري ج تَپَداريُون:** ث. تپيداري.
- **تَپُرسُ:** ذ. اچرج – حيرت. ويچار.
- **تپرس ۾ پوڻ:** عجب ۾ پوڻ – حيرت ۾ پوڻ.
- **تَپَسيا ج تَپَسيائُونْ:** ث. [سن] نفس کي مارڻ لاءِ جسماني تڪليف. رياضت.
- **تَپَسِي:** ذ. صفت. تپسيا ڪندڙ.
- **تَپِش، تَپَش:** ث. صفت. [ف. ۱. تَپِشْ = گرمي جي لهس؛ ۲. تَپِشْ = گرمي، باهہ] گرمي – حرارت. سج جو تاءُ. سوزش. بيقراري.
- **تَپَشا ج تَپَشائون:** ث. تپسيا – رياضت.
- **تَپَڻُ:** مصدر. [سن. تَپْ = گرم ٿيڻ] گرم ٿيڻ – ڪوسو ٿيڻ. ڪاوڙجڻ. جوش ۾ اچڻ. (تپيو – تپندو – تپيل).
- **تَپِٽو:** ذ. صفت. تپي ويندڙ. جلد ڪاوڙجندڙ – چڙندڙ – چيڙاڪ
- **تپِٽي ج تپِٽيُون:** ث. صفت. جلد تبندڙ شيءِ. جلد ڪاوڙجندڙ – زود رنج. (ث) باهہ. ڪا خاص تتل شيءِ يا لوهي اوزار جنهن سان ڏنپ ڏجن.
- **تپٽي تپائڻ:** ڏنپن ڏيڻ لاءِ ڪا خاص لوهي شيءِ تپائڻ. ڪنهن جي پويان باهہ بارڻ. ڪڪ ڪرڻ – پريشان ڪرڻ. سڪ ڪرڻ نہ ڏيڻ.
- **تَپي باهہ ٿيڻ:** تمام گهڻو گرم ٿيڻ (ڌاتو وغيره). حد کان زياده گرم ٿيڻ. تمام گهڻو ڪاوڙجڻ.
- **تپي ڳاڙهو ٿيڻ:** ڪنهن ڌاتوءَ جو سخت گرم ٿي لال ٿيڻ. تمام گهڻو تپڻ. تمام گهڻو ڪاوڙجڻ.
- **تَپِيَل:** اسم مفعول. (صفت طور ڪم ايندڙ) گهڻو گرم ٿيل – تتل.
- **تپي وڃڻ:** سخت گرم ٿي وڃڻ (ڪنهن شيءِ جو). سخت ڪاوڙجڻ.
- **تَپو ج تَپا:** ذ [ف. تَپَہْ = زمين ٽڪر] روينيو ڪاتي جي نظام

Gul Hayat Institute

— **تَحْقِيق ڪرڻ:** پَڪ ڪرڻ. يقين ڪرڻ — جانچ ڪرڻ. اصل واقعات متعلق ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ. ثبوت هٿ ڪرڻ.

— **تَحْقِيقِي ج تَحْقِيقِي:** صفت. پَڪو. ثابت.

• **تَحْقِيقَات:** ث. [ع. تَحْقِيق ج تَحْقِيقات] ڪنهن مسئلي يا معاملي بابت جانچ.

— **تَحْقِيقات ڪرڻ:** ڪنهن ڏوهه جي جانچ ڪرڻ. سرڪاري طور جانچ ڪرڻ. جانچ ڪرڻ. پڇا ڳاڇا ڪرڻ. اصل ڳالهه معلوم ڪرڻ. صداقت جي ڳولا ڪرڻ. واقعات جي ڇنڊ ڇاڻ ڪرڻ.

• **تَحْلِيل:** ث. [ع. حَلَ (= ڇڏو ڪرڻ. ڳارڻ) > تَحْلِيل] حل ٿيڻ جي حالت. جُزن ملڻ جي حالت. ڪنهن ڌاتوءَ جي ڳرڻ جي حالت. ڳارو — آٽَ. پيهي يا ڳاري جذب ڪرڻ جي حالت (جيئن جملي شيون پاڻ ۾ ملي جذب ٿي وڃن). هاضمو — ڳارو (کاڌي جو پيٽ ۾). جزا ڪولڻ — ڪنهن شيءِ جي جزن کي ڌار ڌار ڪرڻ جي حالت. حَل — پچڻي. [ع. حَلل. تَحْلِيلاً = جائز ڪرڻ. حلال ٿيڻ] حلال ٿيڻ جي حالت. ذبح. جائز. حلال. حق. حق جو نالو — حق جو ذڪر "ان جي تندن چيو ٿي تحليل. ذڪر هو ذاتي" (مننار راڄڙ).

— **تَحْلِيل ڪرڻ:** ڳارڻ. پچائڻ — هضم ڪرڻ. حَل ڪرڻ. ضعيف ڪرڻ. جزن کي جدا جدا ڪرڻ.

• **تَحَمُّل:** ذ. [ع. حَمَلَ > تَحَمَلَ. تَحَمُّلُ = بار کڻڻ. برداشت ڪرڻ] برداشت — سهپ. ڌيرج — ڪانڌ — صبر. بردباري — وڏ گرُدائي.

— **تَحَمُّل ڪرڻ:** ڌيرج ڪرڻ — صبر ڪرڻ. برداشت ڪرڻ.

• **تَحْوِيل:** ث. [ع. حالَ > حَوَل. تَحْوِيل = بدلائڻ. سونپڻ. بهچائڻ] تبديل. ڦيرگهير (مڪان يا قبله جي). حوالي يا قبضي ۾ ڏيڻ جي حالت — سپردگي. ڪنهن ستاري جو هڪ برج مان نڪري ٻئي برج ۾ وڃڻ جي حالت.

— **تَحْوِيلات:** ث. حوالي ڪرڻ جي حالت — سپردگي.

— **تَحْوِيلات ۾ ڏيڻ:** ڏوهيءَ کي پوليس، ڪورٽ يا جيل جي حوالي ڪرڻ.

• **تَحَيُّر:** ذ. [ع. حارَ > تَحَيَّرَ. تَحَيُّرُ = حيرت ۾ پوڻ] تعجب — حيرت. پريشاني — سراسيمگي.

• **تَخْتُ ج تَخْتَ:** ذ. [ف < زند. تُوخَشْتَ] بادشاهه جي وهڻ لاءِ اوچي هنڌ تي رکيل خاص مسند. مَسْنَدْ — گادي. بادشاهي — سلطنت — حڪومت. پلنگ — صندل. هيڙيءَ جو اڳيون پاسو. نانگ جو هڪ قسم (جنهن کي منهن تي وار ٿين).

— **تَخْت تاراج ڪرڻ:** ڦنائي ناس ڪرڻ.

— **تَخْت تان لاهڻ:** گاديءَ تان لاهڻ. بادشاهي کسڻ.

— **تَخْت تي ويهارڻ:** گاديءَ تي ويهارڻ. بادشاهي هلائڻ جي اختياري ڏيڻ.

— **تَخْت چڙهڻ:** بادشاهي چڙهڻ.

— **تَخْت پوشُ ج تَخْت پوشَ:** ذ. تخت جي مٿان وجهڻ جو غلاف. تخت جي مٿان وڇائڻ جو ڪپڙو.

— **تَخْتِ رَوَانْ:** ذ. بادشاهن جي سواريءَ جو تخت. اُڏند کٽولي.

— **تَخْتِ سُلَيمانُ:** ذ. حضرت سليمان عليه السلام جو تخت. اُڏامندڙ تخت. سليمان جبل جي چوٽي.

— **تَخْتِ طاؤُس:** ا سم خاص. شاهه جهان بادشاهه جو ٺهرايل مور جي شڪل جهڙو تخت.

— **تَخْتگاهُ ج تَخْتگاهَ:** ذ. گاديءَ جو هنڌ. دارالحڪومت. راڄڌاني.

— **تَخْت نِشِين:** ذ. صفت. [ف] تخت تي ويهندڙ. بادشاهه. حاڪم.

— **تَخْت نِشِيني:** ث. [ف] تخت تي ويهڻ جي رسم — تاج پوشي. حڪومت.

— **تَخْت يا تَختو:** محاورو. بادشاهه جو مسند يا ميت کي وهنجارڻ لاءِ ڦرهو. فتح يا موت. سوڀ يا هار. بادشاهي يا گدائي.

• **تَختو ج تَختا:** ذ. [تَخْتُ > تَخْتو] ڪاٺ جو ويڪرو ۽ لسو پاٽيو. ڦرهو (غسل لاءِ). طاق (دروازي لاءِ). ڏَرُ — تاڪُ (ڪپڙي جو) (ث) تَخْتِي ج تَخْتِيُونْ.

— **تَختا پوشُ ج تَختا پوشَ:** ذ. تختن جي ٺهيل صندل تي وڇائڻ جي چادر. تختن جي ٺهيل کٽ. تختن جي ٺهيل ڇت جي تختن تي ٿيل گلڪاري.

— **تَختا ڏيڻ:** ظلم ڪرڻ. ناس ڪرڻ. ڪَٽ ڪرڻ. چوريون ڪرڻ.

— **تَختائُون ج تَختاوانْ:** ذ. صفت. تختن جو — تختن وارو. تختن مان ٺهيل.

— **تختو اونڌو ڪرڻ.** گاديءَ تان لاهڻ — بادشاهي کسڻ.

— **تَختو تَختو ڪرڻ:** جدا جدا ڪرڻ. ناس ڪرڻ.

— **تَختو تَختي کي نه لڳڻ:** بلڪل جدا ٿيڻ بلڪل برباد ٿيڻ.

— **تَختو ڪيڻ:** پيرن هيٺان ڦرهو ڪيڻ. دغا ڪرڻ — دوکو ڏيڻ. حيران ڪرڻ. پريشان ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

سخت سيڪت ڏيارڻ – سخت سزا ڏيڻ.

• **ترائي:** اسم خاص. روهڙي، شڪارپور، ڳڙهي ياسين، ميرپور ماٿيلي، فيض گنج، ميرپور بٺوري، ميرپور خاص ۽ ڪوٽ غلام محمد (جيمس آباد) تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **ترائي ج ترايون، ترائيون:** ث. [سن. تَلَ = ترو] هيٺانهين زمين (جتي سمَ يا برسات جو پاڻي اچي بيهي ۽ سدائين پوسل هجي). درياءَ جي پرواري هيٺاهين زمين. جابلو پاڳي ۾ هيٺاهين پاڳي واري زمين. وادي – ماٿري ـ برسات جي پاڻيءَ کي گڏ ڪرڻ لاءِ هيٺاهون ٻنن ٻڌل ميدان (ڪ). ننڍڙو تلاءُ (ل). ڍوري.

• **ترائي ج ترائيون:** ث. آڏاڻي جو هڪ اوزار – "تَر" کي ڦيرائڻ لاءِ سيخ جو فوٽ ڪن ٽڪر.

• **ترائي ڄڻ:** اسم خاص. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تُربت ج تُربتون:** ث. [ع. تَرب، تُرب، تُراب (= مٽي، زمين) > تُرْبة = قبر] قبر – لوڙهه – ٻُنِي.

• **تُربنڊ:** اسم خاص. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تربوز، تَربوزو ج تَربوزا:** [ف. تَربُوزه] ڇانهين – هندائو.

• **تَربيت:** ث. [ع. رَبِّي، تَربِيَة = نپائڻ، پالڻ (ٻارڙو)، پرورش ڪرڻ] خود کي ۽ ماحول کي سمجهڻ ۽ سنوارڻ لاءِ سکيا. زندگيءَ کي سڦلي ۽ سجائي بنائڻ لاءِ تعليم – سِکيا. پالنا – پرورش. پرداخت – سنڀال. تلقين. سڌارو.

— **تَربيت يافته:** صفت. [ع. تربية + ف. يافته = ورتل] تربيت ورتل – سکيا ورتل. تعليم يافته.

• **تَربنگ:** ذ. صفت. جهَڪيل – نميل – ويڻل.

• **ترپاءُ:** ذ. [سن. تَلَ = ترو + پاعنا = سڌ] سڌ سماءُ – خبرچار – حال احوال. آسپاس جي خبرچار. ڪنهن بہ ڌر يا ماڻهوءَ جي اندر (جي خيال) جو اندازو. منجهه – راز. سودي جو رخ. وکري جو اڳهه.

— **ترپاءِ پوڻ:** سُڌ پوڻ "ڪامڻ کي هو ڪونہ پيو، ان تارن جو ترپاءُ".

— **ترپاءُ لهڻ:** سُڌ سماءُ لهڻ. خبرچار هٿ ڪرڻ.

• **تُرت:** ظرف. [سن. تُورَتَ < تُورَر = تڪڙ ڪرڻ] جلدي – ستت – تهتا – فوراً – جهٽ پٽ – يڪدم. نہ پهہ. هن وقت – هينئر – سگهو – بنا دير.

• **ترترِ:** ث. آنڌ مانڌ – بي آرامي – لوچ پوچ. هڪ هنڌ ٽڪاءُ نہ هجڻ واري حالت – ٿڙڪو – چُرپُر. تڪڙ ۽ سنهون ڳالهاءُ – چرچر. باتائي.

— **ترترِ ڪرڻ:** بيجا چُرپُر ڪرڻ. اجائي تڪڙ ڪرڻ. تڪڙو ڳالهائڻ.

— **ترتريو ج ترتريا:** ذ. صفت. اجائي اُٿ ويهہ ڪرڻ وارو. تڪڙو.

• **ترتيل:** ذ. [سن. تُر = تي + تيل] تي تيل (سرنهہ جي ڇانيي جو ۽ ترن جو). ترن جو تيل. تيلي ٻج.

• **ترتول (ڪ):** ذ. هٿ ناٽَ. ٺڳيون. فريب. وساهہ گهاتي.

• **تَرتيب:** ث. [ع. رَتَّبَ، تَرتِيب = ٺاهي رکڻ، سلسليوار ڪري رکڻ] درجي بدرجي (شين رکڻ) جي حالت. هڪٻئي پٺيان سلسليوار جوڙي رکڻ جو عمل. سٽاءُ. سلسلو. نمونو – سليقو. طريقو. نظام.

— **تَرتيبوار:** صفت. سلسليوار – نمبروار. سجلاٽيو – لاڳيتو. باقاعدي.

— **تَرتيبي:** صفت. ترتيبوار. ترتيبوار نموني ۾.

• **تَرٽ ج تَرٽون:** ث. ڪنهن جي هلڻ ڪري پيرن جي لڳڻ جو اٿل لکو آواز – آهٽ "پيرن جي ترٽ".

• **تَرٽجڻ:** فعل مجهول. [سن. تُرتَ] ٽٽي پوڻ. پنڌ ڪري بيزار ٿيڻ. ٿڪجي پوڻ. لٽون پوڻ (پنڌ سبب پيرن ۾). ڪنهن شيءِ سان گسڻ يا لڳڻ سببان ٽورو ڪرندجڻ. گهڻي پنڌ ڪرڻ سببان پيرن جو هيٺان ٽورو چلجڻ.

• **تَرٽڻ:** مصدر. گاسو ڪري چلڻ. (ترٽيو – ترٽيندو – ترٽيل).

• **تُرپ:** ذ. [انگ. تُرمپ trump] پتن جي پيسڪوٽ راند ۾ پهرئين رانديگر طرفان ٻوليل مکيہ رنگ (جنهن کي باقي ٽن رنگن تي فوقيت حاصل رهندي) – حُڪُمُ.

— **تُرپ ٻولڻ:** رنگ نروار ڪرڻ – 'حکم' ٻڌائڻ.

• **تَرجمان ج تَرجمان:** ذ. صفت. [ع] هڪ ٻوليءَ جو مطلب ٻيءَ ٻوليءَ ۾ سمجهائيندڙ – ترجمو ڪندڙ.

— **تَرجماني ج تَرجمانيون:** ث. هڪ ٻوليءَ جي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ معنيٰ يا سمجهاڻي – ترجمو.

— **تَرجماني ڪرڻ:** ڪنهن جي ٻولي يا بيان کي ٻيءَ ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري ٻڌائڻ. ڪنهن تحرير يا تقرير کي سولي نموني ۾ پيش ڪرڻ.

• **تَرجمو ج تَرجما:** ذ. [ع. تَرجمَة = بيان، سوانح عمري] ڪنهن تحرير يا تقرير کي هڪ ٻوليءَ مان ٻيءَ ٻوليءَ ۾ آڻڻ جو ڪم. اُتارو.

• **تَرجيح:** ث. [ع. رَجَحَ > رَجَحَ، تَرجِيح: ث. [ع. رَجَحَ > رَجَحَ، تَرجِيح = وڌيڪ وزندار ڪرڻ، وڌيڪ پسند ڪرڻ

Gul Hayat Institute

• **تَرَنُمُ:** ذ. [ع. رَنَمَ. تَرَنُم = مٺڙيون لاتيون ڪرڻ (پکي)، سُر سان ڳائڻ] سُر – آلاپ. ڳائڻ "جو ترنم ٿو ڪريان، سو ٿو ڪريان مستيءَ ۾".

• **تَرْنِي ج تَرْنِيُون:** ٿ. [سن] عورت – سهڻي عورت "سر ڪنڌ ۾ سُرها ڪيا، تَرْني لوئي تَل" (ڪنيان). ڪِنْوَڻ – وِجُ "تَرنيءَ جان تجلو ڪري، پيا پريان جي پاس" (صدرالدين). روشنيءَ جو ڪِرڻو.

• **تَرڻِ (ل):** ٿ. ننڍي ڪُميِ.

• **تَرڻُ:** مصدر. عضون جي چرپر سان پاڻيءَ جي مٿاڇري تي پاڻ جهلڻ – پاڻيءَ جي مٿاڇري تي رهڻ. "ٻڏڻ" جو ضد. تُرڳڻ. تَري پار ڪرڻ (واهه، درياءَ وغيره). لُڙهڻ. پار پهچڻ. وصول ٿيڻ (ٻڌل رقم). تڏيءَ ۾ پچائڻ – پُچڻ (پلو مڇي، ترڪاري وغيره گيهه يا تيل ۾). چِلڻ – لسو ڪرڻ (ڪنهن ٿلهي ڪاٺي يا دوڳيءَ کي کهاڙي سان). چڙهي پوڻ (بيماريءَ مان). زمين کي تَرگهمائي سڌو ڪرڻ. (تَريو – تَرندو – تَريل).

• **تُرَڻُ:** مصدر. [سن. تُلْ = تورڻ] تور ٿيڻ – وزن ٿيڻ (ڪنهن شيءِ جو). ڪانٽي يا ساهميءَ تي چڙهڻ. وزن ڪرڻ (پنهنجو). ڇيڻ (اکين ۾). (تُريو – تُرندو – تُريل).

• **تَرْڻِي ج تَرْڻِيُونْ:** ٿ. تَرڻ جي حالت. ٻيڙي. اُهو ٿانءُ جنهن ۾ ڪا شيءِ ترجي – ڪٽِجي.

• **تَرو ج تَرا:** ذ. [سن. تَلَ = ترو] تَرُ – ٿاهُ – قَعْر (ع). تَر وارو حصو. هينيون پاڱو. بنياد. اونهائي. هينيون پاسو (ٻيڙيءَ، جُتيءَ وغيره جو). پچاڙيءَ جي بچت (پنگ وغيره جي) "جيڪي پين تَرو تِن کي سور نڪو ٿِرو" (موالين جي صدا). ڳُجهه – راز.

– **تَرو ڪَهَرائِڻُ:** ڪنهن ڪم سببان گهٽا پنڌ ڪرڻ يا ڪرائڻ. منٿون ڪرڻ يا ڪرائڻ.

– **تَرو لڳائي چلڻ:** ڪپائي جڏڻ. هڪ هنڌ ٻيهاري جڏڻ. شرمندو ڪرڻ. ڪنڌ هيٺ ڪرڻ. مَن کي مارڻ. طعام کي ساڙي جڏڻ.

– **تَرو لڳڻ:** طعام جو زياده سيڪ اچڻ سبب تَر ۾ سڙي وڃڻ. بيوس ٿيڻ.

– **تَرو هڻڻ:** خدمت ڪرڻ. تمام گهڻي ٽهل ڪرڻ. بنا معاوضي سخت محنت ڪرڻ.

– **تَروئي لڳِي وڃڻ:** شرمندو ٿيڻ. ذِلَت ڏسڻ. وائڙو ٿيڻ – منجهي پوڻ.

• **تِرو (ت):** ذ. سونارڪي ڪم جو هڪ اوزار. زيورن تي ڇِٽَن ڪڍڻ جو قالب.

• **تُرو ج تُرا:** ذ. [ع. طُرّہْ > تُرو] طُرو – پٽڪي جو ڇيڙو.

• **تَرْوارِ ج تَرْوارِيُونْ:** ٿ. تَرارِ ـ تلوار.

• **تَرْوَانِي ناهڻ (ت):** ڌوٻين جي اصطلاح ۾ ڪلر جي پاڻيءَ ۾ ڪپڙا ٻوڙڻ.

• **تَرْوَتُ:** ٿ. ڏسو "تَرهوتَ".

• **تَرورُ:** ذ. [سن] وَڻُ.

• **تِرورِ:** ٿ. ڏُنڌ مان لنگهندڙ تِکي روشنائي. پاڻيءَ جي مٿان سٽِپ سبب روشنائي جي ڪرڻن جي جهرمر. تِرورا. بي آرامي. بيقاعدي اچ وڃ (ل).

• **تِرورِ:** اسم خاص. تعلقي روهڙيءَ ۾ هڪ ڳوٺ ۾ ڍنڍ جو نالو.

• **تِورائِڻُ:** مصدر. پاڻيءَ جي مٿاڇري تي تيل، گيهه وغيره سٽِپ پوڻ سبب سج جي ڪرڻن سان طرحين طرحين رنگ ڏسڻ.

• **تِرورو ج تِرورا:** ذ. [سن. تِرسريڻ = ترورو] سج جي روشنيءَ جي سنهڙي ليڪ – ڪرڻو. اکين آڏو ڦرندڙ ڪارو ٽِبڪو. ڏُنڌ (اکين جو). پاڻي ۾ ترندڙ سٽِپ جو ذرو.

– **تِرورا ڪرڻ:** اکين سان چِٽيءَ طرح شيون نہ ڏسي سگهڻ.

• **تِروڪِڙِي ج تِروڪِڙِيُون:** ٿ. تِروڪڙي – تلوڪڙي.

• **تِروڪِٽِي ج تِروڪِٽِيُونْ:** ٿ. تِروڪڙي.

• **"تارا تروڪٽيون مٽن ڦلڙيون" (شاهہ).**

• **تِروڪِڙِي ج تِروڪِڙِيُون:** ٿ. [سن. تِلَ = تِر] جسم ۾ سئيءَ سان زخم ڪري سُرمي يا نيري. رنگ سان پري ٺاهيل هٺرادُو تِر (جو دائمي نشان جي صورت وٺي بيهي). تلو ڪڙي – ڏينبوڙي.

• **تَرُونْ:** ٿ. اُٺ جي نَٽ (جا وارن مان ٺاهجي).

• **تَرْوِيجَ:** ٿ. [ع. راجَ (= رواج ۾ اچڻ) > رَوَجَ. تَرْويج = رواج ۾ آڻڻ. رائج ڪرڻ] رواج – رسم. شهرت.

• **تَرْهاتَ (ل):** ٿ. پنڌ سببان پيرن جي تري ۾ زخم واري گاٺ (ءِ سُور) – تَرْهَت. (ڪنهن جي اچڻ يا هلڻ سببان پيرن جو هلڪو آواز – آهَٽ.

• **تَرْهاتجَڻُ:** فعل مجهول. پنڌ سبب پيرن جي تري ۾ گاٺ ٿيڻ – گَسڻ سببان زخمجڻ.

• **تَرْهَتَ (ل):** ٿ. پاچاريءَ جي هيٺين ڪاني – تَرْهوتَ. پير ۾ ٿيل زخمدار گاٺ (پنڌ سبب).

• **تَرْهَنجَڻُ:** فعل مجهول. تَرْهاتجڻ. ٿڪجڻ. عاجز ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

• **ٽرِيناڪ:** ذ. صفت. [ف. ترين (= بلڪل) > ترِيناڪ (سنڌي)] تمام چالاڪ. وڏو حرفتي. اٽڪلي. ٺڳ – مڪار – عيار. فتنہ انگيز. (ذ) شڪاري پکيءَ جو هڪ قِسم (جو سال ۾ ٽي ڀيرا ڪنڀ ڇاڻيندو آهي. باز جنهن گهٽيون ڪريزون ڪاڍيون هجن (پکين کي جهلڻ ۾ وڏي اٽڪل وارو. وڏو اٽڪلي جيڪو ڪنهن کي نہ ڇڏي. ٽن سالن جو ويڙهاڪ باز.

• **ٽرِينهَن:** ظرف. اڄ ڪان وٺي ٽنجين ڏينهن (اَڄ، سڀاڻي، پرينهن، آرينهن، ٽرينهن).

• **ٽرِيو ۽ ٽرِيا:** ذ. گهٽي هلڻ ڪري اُٺ جي پير جي ڦاٽي پيل کل (ل). پرت پريل پوش (ٿ).

• **ٽرِيو:** ذ. سامونڊي مڇيءَ جو هڪ قسم.

• **ٽَڙ ۽ ٽَڙُون:** ٿ. [سن. تَدِ (= هڻڻ، وڍڻ) > ٽڙڻ > ٽڙ] ٽڪر (سوپاريءَ جو). ذرو (مصريءَ جو). ٻوٽي (گوشت جي). ڪاٺي (تيڪ لاءِ) – جهلَ "جنين ڪاٺين آنداڻون، تنين ڪاٺين وينداس = جنين ٽڙين آنداڻون، تنين ٽڙين وينداس" (ڳجهارت). لوڏ – هڪل (شڪار لاءِ). ٻڄ (ڪنهن جانور تي شڪارين يا ڪتن جي). ٽڙي – دڙڪو.

– **ٽَڙُڪو:** ذ. سوپاريءَ ذرو.

– **ٽَڙ ڪرڻ:** شڪار واسطي پکين يا جانورن کي ٽڙڻ.

• **ٽَڙُ ۽ ٽَڙَ:** ذ. [سن. تَٽ = ڪنارو] ڪنارو – ڪنڌي. ڪنهن واهہ. درياءَ وغيره جو ڪناري وارو اهو هنڌ جتان پاڻي پرجي، وهنججي يا چوپائي مال کي پاڻي پيارجي – گهيڙ – گهاٽ. ٻيڙين بيهڻ جي جاءِ _ پتڻ. اهو هنڌ جتي مڇي ماري ڳڌ ڪئي وڃي – ميانڻ. جر تائين پهتل ڪوهہ. ڪوهہ. ڪوهہ وارو ڳوٺ. پاڻي جي ڪَڌ (ڪ). جُوءِ _ ٿاڪ. ميدان – پوٺو (ت). وهنجڻ – غسل. احتلام.

– **ٽَڙ تانگهڻ:** ڳولا ڪرڻ. ڪوشش ڪرڻ.

– **ٽَڙُ پوڻ:** خواب ۾ جماع جي وهم سبباں انزال ٿيڻ – احتلام ٿيڻ (جنهن جي ڪري لازمي طور ٽڙ ڪرڻو پوي).

– **ٽَڙُ ڏيڻ:** وهنجارڻ (ميّت کي) – غسل ڏيڻ. ٻيڙين جو لنگر هڻڻ.

– **ٽَڙُ ڪرڻ:** وهنجڻ – غسل ڪرڻ.

– **ٽَڙَ لائڻ:** پار پهچائڻ. ڪنڌيءَ پيڙو ڪرڻ. منزل تي رسائڻ.

– **ٽَڙُ هجڻ:** جماع يا ٽڙ پوڻ سبباں غسل جي ضرورت هئڻ.

• **ٽَڙِ ۽ ٽَڙِيُون:** ٿ. موسم – مُند. قسط (قرض جي).

– **ٽَڙِ ڪرڻ (ل):** چوپائي مال جو ٻہ ٽي مندون ڦر نہ ڏيڻ. وس جي موسم ۾ ڊؤ تي جرڻ. ڊؤ ڪرڻ.

– **ٽَڙ هڻڻ (ل):** چوپائي مال جو ٻہ ٽي مندون ڦر نہ ڏيڻ. مند گسائڻ.

• **ٽَڙاڪو (ت):** ذ. جهيڙو. ٻناڪ.

– **ٽَڙاڪِي ۽ ٽَڙاڪِي:** ذ. صفت. جهيڙاڪ. ٻناڪي.

• **ٽَڙائڻ:** مصدر 'ٽڙڻ' مان متعدي بالواسطہ. ٽڙائي ڪڍڻ – لوڏائڻ. (ٽڙايو – ٽڙائيندو – ٽڙايل).

• **ٽَڙنگ ۽ ٽَڙنگ:** ذ. صفت. وڏو اڙٻنگ – وڏو پهلوان.

• **ٽَڙ پيڙ ۽ ٽڙپيڙُون:** ٿ. [ٽڙ > ٽڙڻ + پيڙ > پيڙڻ] سوڙهہ – تنگي. سختي – پيڙا. تڪليف – اوکي. وٺ پڪڙ. ٽڙ تڪڙ. سخت ڪوشش. تقاضا.

– **ٽَڙ پيڙ ٿيڻ:** ماڻهن جي گهڻائي سبب سخت سوڙهہ ٿيڻ.

– **ٽَڙ پيڙ ڪرڻ:** سوڙهہ ڪرڻ – سختي ڪرڻ. تڪليف ڏيڻ. تڪڙ ٻڌڻ.

• **ٽَڙ تڪڙ:** ٿ. تمام گهڻي تڪڙ. جلد بازي. اٻهرائي. ٻج ٻجان. وٺ پڪڙ.

– **ٽَڙ تڪڙ ڪرڻ:** تمام گهڻي تڪڙ ڪرڻ – جلدي ٻڌڻ.

• **ٽَڙ ٻڪڙ:** ٿ. ٽڙ تڪڙ.

• **ٽَڙپ:** ٿ. ڦٿڪو – لوڇ. بيقراري. جوش – جذبو. اُمنگ. خواهش.

• **ٽَڙپائڻ:** مصدر 'ٽڙپڻ' مان متعدي بالواسطہ. ڦٿڪائڻ – لُڇائڻ. ٽڙڦائڻ. (ٽڙپايو – ٽڙپائيندو – ٽڙپايل).

• **ٽَڙپڻ:** مصدر. [سن. تَد = ڌڪ هڻڻ] ڦٿڪڻ – لُڇڻ – ٽڙڦڻ. بيقرار ٿيڻ. سِڪڻ. سڙڻ. (ٽڙپيو – ٽڙپندو – ٽڙپيل).

• **ٽَڙپوٽو ۽ ٽَڙپوٽا:** ذ. ٽڙپوٽي جو پٽ – پوٽي جو پوٽو. (ٿ) ٽڙپوٽي ۽ ٽَڙپوٽيون.

• **ٽَڙ خمِير:** اسم خاص. تعلقي ڇاڇري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٽَڙ دوس:** اسم خاص. تعلقي ڇاڇري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٽَڙ ڏاڏو ۽ ٽَڙ ڏاڏا:** ذ. ڏاڏي جو ڏاڏو. (ٿ) ٽَڙ ڏاڏي ۽ ٽَڙ ڏاڏيون.

• **ٽَڙ ڏوهٽو ۽ ٽَڙ ڏوهٽا:** ذ. ڏوهٽي جو پوٽو (ٿ) ٽڙ ڏوهٽي ۽ ٽڙ ڏوهٽيون.

• **ٽَڙ سمون:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٽَڙڻ:** مصدر. [هہ. ٽڙپنا] لڇڻ – ڦٿڪڻ. (ٽڙيو – ٽڙندو – ٽڙيل).

Gul Hayat Institute

"محبت جن جي من ۾، تن تشنگي تار" (شاھ).

• **تِشنَه:** صفت. [ف] اُڃو – پياسو – اُساٽيل. خواھشمند – مشتاق. سڪايل.

– **تِشنَه ڪامُ:** صفت. سُڪل تارُنُ وارو – اُڃايل. سِڪايل. ناڪام.

– **تِشنَه ڪامي:** ث. اُڃ. سِڪَ. پياس.

– **تِشنَه لَبُ:** صفت. اُڃايل – پياسو.

– **تِشنَه لَبِي:** ث. اُڃ جي حالت. سِڪَ جي حالت. پياس. سَڌ. سڪَ.

• **تَشوِيشُ:** ث. [ع. شَوَش. تَشوِيش = ڏنڊو ڦٽائڻ. صحت بگاڙڻ. تڪليف ڏيڻ] پريشاني. ڳڻتي – فڪر. اونَ.

• **تَشهِيرُ:** ث. [ع. شَهَرَ. تَشهِير = ڪنهن جا ڳُڻا پڌرا ڪرڻ] مشهوري – شهرت. بدنامي – خواري.

• **تَصادُمُ:** ذ. [ع. صَدَمَ > تَصادَمَ. تصادُم = ٽڪرجڻ. جنگ ۾ جوانن جو ٽڪرجڻ] ٽَڪَر (ماڻهن يا گاڏين وغيره جو). مقابلو.

• **تَصانِيفُ:** ث. [ع. تَصنِيف ج تصانيف] جوڙيل ڪتاب. تَصنِيفُون.

• **تَصحِيحُ ج تَصحِيحُونَ:** ث. [ع. صَحَّ > صَحَحَ. تَصحِيحُ = تصديق ڪرڻ. درست ڪرڻ] درستي (ڪنهن لکيت جي). تصديق.

• **تَصحِيفُ:** ث. [ع] لفظن ۾ زيرن. زبرن جي غلطي (جنهن ڪري اُچار مختلف ٿي پوي).

• **تَصَدُّقُ:** ذ. [ع. صَدَقَ > تَصَدَّق = ڪا شيءِ خدا جي راهه ۾ ڏيڻ] صدقو. قرباني. خيرات.

• **تَصدِيقُ ج تَصدِيقُونَ:** ث. [ع. صَدَقَ > صَدَق. تَصدِيق = ڪنهن کي سچو سمجهڻ]. سچي هئڻ جي شاهدي. ثابتي. سچائيءَ جي تائيد. پڪَ.

– **تَصدِيق ڪرڻ:** زباني يا لکيت ۾، سچي هئڻ جي پڌرائي ڪرڻ. ڪنهن بيان يا ڪم جي سچائيءَ جي خاطري ڏيڻ. ڪنهن بيان يا دستاويز جي برابر هجڻ لاءِ صحيح وجهڻ.

• **تَصَرُّفُ:** ذ. [ع. صَرَفَ > تَصَرُّف (ف) = ڪنهن بہ ڪم جو اختيار هئڻ. نيڪال ڪرڻ] استعمال. عمل. اختيار. قبضو. خرچ. طاقت. اثر.

• **تَصرِيحُ:** ث. [ع. صَرَحَ > صَرَحَ. تَصرِيحُ = وضاحت ڪرڻ. سمجهائڻ] وضاحت. سمجهاڻي.

• **تَصرِيفُ:** ث. [ع] تبديل. گرامر جو اصطلاح – گردان – ڦيرو.

• **تَصغِيرُ:** ث. [ع] ننڍائي. گهٽائڻ جي حالت. گرامر جو اصطلاح

– اسم تصغير (ننڍڙائپ ڏيکاريندڙ اسم "پاڏو > پاڏڙو = ننڍڙو پاڏو؛ بار > بارڙو؛ گهَر > گهرڙو وغيره").

• **تَصفِيو:** ذ. [ع. صَفا > صَفّيٰ > تَصفِيَة = حساب صاف ڪرڻ] صفائي. فيصلو – نبيرو. صلح.

• **تَصَنُّعُ:** [ع] بناوت. ڏيکاءُ. تڪلفَ.

• **تَصنِيفَ ج تَصنِيفُونَ:** ث. [ع] ناهيل علمي ڪارنامو. ڪتاب (لکڻ). مضمون نويسي – تحرير.

– **تَصنِيف ڪرڻ:** ڪتاب ناهڻ.

• **تَصَوُّرُ ج تَصَوُّرَ:** ذ. [ع. تَصَوُّرَ ج تَصَوُّرات] دل ۾ ويهاريل خيالي تصوير. خيال. فڪر.

• **تَصَوُّفُ:** ذ. [ع. صفا (= صاف ٿيڻ. خالص ٿيڻ)> تَصَوُّف = صوفي ٿيڻ] نفساني خواهشن کان پاڪائي. نفس جي صفائي جو طريقو. صوفين جو طريقو. علم معرفت.

• **تَصوِيرَ ج تَصوِيرُونَ:** ث. [ع. تَصوِير ج تصاوِير] شڪل – صورت. مورت. نقش. خاڪو.

– **تَصوِير نِهالِي:** ث. [ع. تصوير + ف. نِهال = ٻوٽو] وڻ ٻوٽي جي تصوير. غاليچي جي تصوير.

• **تَضادُ:** [ع] هڪٻئي جي مخالف هئڻ جي حالت – ضد – مخالفت. شاعريءَ جي هڪ صنعت (جنهن ۾ ڪنهن لفظ سان گڏ ٻيو ان جو ابتڙ لفظ آڻجي "ڏينهن رات، سرد گرم").

• **تَضمِينُ:** ث. [ع. ضَمَنَ > ضَمَنَ. تَضمِين = ذمه وار ڪرڻ. شامل ڪرڻ. داخل ڪرڻ] شامل ڪرڻ – ڳنڍڻ. ملائڻ. شموليت. شاعريءَ جي هڪ صنعت (جنهن ۾ ٻئي جو شعر يا مصرع پنهنجي شعر ۾ ڪم آڻجي).

• **تَطابُقُ:** ذ. [ع. طَبَقَ (= لڳڻ) > تَطابَق = موافق هجڻ] هڪجهڙائي – مطابقت – موافقت.

• **تَطاوُلُ:** ذ. [ع] ديگهه. دست درازي. تعدي. ستم.

• **تَطهِيرُ:** ث. [ع. طَهَرَ = پاڪ ڪرڻ] پاڪائي – طهارت – صفائي.

• **تَعارُفُ:** ذ. [ع. عَرَفَ > تَعارُف = هڪٻئي سان سڃاڻپ ٿيڻ. هڪٻئي کي سڃاڻڻ] سڃاڻپ – واقفيت – ڏيٺ.

– **تَعارُف ڪرائڻ:** سڃاڻپ ڪرائڻ. واقفيت ڪرائڻ.

• **تَعاقُبُ:** ذ. [ع. عَقَبَ > تَعاقُب = هڪٻئي پويان اچڻ. هڪ نہ ٻئي واري ڪرڻ] پٺ وٺڻ جي حالت. پويان لڳڻ. پويان پوڻ. پٺ – پيڇو.

Gul Hayat Institute

• **تَعاليٰ:** صفت. [عَليٰ > تَعاليٰ = بلند ٿيڻ، مٿانهون ٿيڻ] بلڪل مٿانهون – بلڪل بلند (هيءُ لفظ 'الله' 'رب' 'خدا' ۽ 'ڌڻي' جي صفت طور ڀويان ڪم اچي "الله تعاليٰ، رب تعاليٰ، خدا تعاليٰ، ڌڻي تعاليٰ).

• **تَعاوُن:** ذ. [ع. عانَ > تَعاوُن = ڪنهن ٻئي جي مدد ڪرڻ] ڪنهن ڪم يا راءِ ۾ ڪنهن سان اتفاق. مدد – همراهي.

• **تَعبِيرُ:** ذ. ث. [ع. عَبَرَ = نتيجو بيان ڪرڻ] ڪنهن ڳوڙهي خيال يا مضمون جي وضاحت. سمجهاڻي (خواب جي). وصف.

• **تَعَجُّبُ:** ذ. [ع. عَجِبَ > تَعَجُّبَ = حيرت ۾ پوڻ. عجب لڳڻ] عجب – اچرج. حيرت. عبرت.

• **تَعجِيل:** ث. [ع. عَجِلَ > عَجَلَ. تَعجِيل = جلدي ڪرائڻ. تکڙ لاءِ آماده ڪرڻ] تکڙ – جلدي. سيگهه. تيزي. جلد بازي.

• **تَعدادُ:** ذ. [ع] شمار – ڳاڻيٽو. انگ. انداز. ڪُل – جُملو.

• **تَعدّي ج تَعدّيون:** ث. [ع. عدا (= لتاڙڻ) > تعدي (علٰي). تَعدِيَة = ٻئي جا حق مارڻ] زيادتي – ناحق. جٽ – سيڪت.

– **تَعدّي ڪرڻ:** انڌير ڪرڻ – ناحق ڪرڻ. جٽ ڪرڻ. سيڪت ڏيڻ.

• **تَعرِيفُ ج تَعرِيفُون:** ث. [ع. تَعرِيف ج. تعاريف. تعريفات] ڪنهن لفظ، نالي، نقطي، اصطلاح يا جملي جي معنيٰ ۽ مفهوم جي صحيح ۽ مناسب نموني ۾ سمجهاڻي – Definition. وضاحت – سمجهاڻي. وصف. بيان. سڃاڻپ. واقفيت. واڪاڻ – ساراهه.

• **تَعزِيتِ:** ث. [ع. تَعزِيَة = ڏک. آٿت. پرچاڻي] (فوتيءَ جي عزيزن سان) – فاتحه خواني. عذرخواهي.

• **تَعزِيرُ:** ذ [ع] شرعي حڪم پڄڻ جي سزا – شرعي حد. قانون. قانوني فقرو.

– **تَعزِيرات:** ذ. [ع. تَعزِير ج تَعزِيرات] قاعدا – قانون. قانوني فقرا.

– **تَعزِيرات پاڪستان:** ذ. پاڪستان حڪومت جا قانون.

• **تَعزِيو ج تَعزِيا:** ذ. [ع. تَعزِيَة = ڏک ۾ آٿت، مُئي جي پرچاڻي] حضرت امام حسين عليه السلام جي تربت يا روضي جو نقل (جو ڪاٺ، بانس ۽ ڪاغذ وغيره مان قبي جي مثل، محرم جي ٻهرين ڏهن ڏينهن ۾ ماتم خاطر ناهين) – تابوت.

• **تَعَصُّبُ:** ذ. [ع. عَصَبَ > تَعَصبَ (في، ل)، تَعَصُّب = حد درجي جي حمايت ڪرڻ، ڪنهن ڳالهه تي ڪُٻي ٻيهڻ] وطني، ديني، قومي يا عزازت جي محبت ۽ لاڳاپي خاطر سخت حمايت. حد درجي جي طرفداري. بيجا حمايت. تنگدلي. حسد. بغض.

• **تَعطِيل:** ث. [ع] ڪم ڪان فراغت ڪنهن اداري يا ڪم جي بند ٿيڻ سببان موڪل – ڇُوٽي – Holiday.

• **تَعظِيمُ ج تَعظِيمُون:** ث. [ع. عَظمَ > عَظَمَ. تَعظِيمُ = مان ڏيڻ. وڏو ڪرڻ] عزت – مان – شرف "توڏي ڪي تعظيم، ٻين سينئا اڳري" (شاهه). شانائتي خدمت خاطري. ڪرنش. وڏائي. توقير. حرمت.

– **تَعظِيم ڏيڻ:** مان ڏيڻ. شان رکڻ. شرف ڏيڻ.

– **تَعظِيمون ڪرڻ:** شانائتيون خدمتون ڪرڻ ڪرنشون ڪرڻ.

• **تَعَلُّقُ ج تَعَلُّقَ:** ذ. [ع] لاڳاپو – واسطو. رستو. آشنائي. مناسبت (شين جي وچ ۾).

– **تَعَلُّق رکڻ:** لاڳاپو رکڻ – واسطو رکڻ. رستو رکڻ.

– **تَعَلُّقات:** ذ. "تَعَلُّق" جو جمع. لاڳاپا – واسطا.

– **تَعَلُّقدارُ ج تَعَلُّقدارَ:** ذ. صفت. لاڳاپيدار – واسطيدار. ڀوئلڳ. نوڪر – ٻيلي.

• **تَعَلُّقو ج تَعَلُّقا:** ذ. [ع. عَلِقَ = واسطي ۾ هجڻ. لاڳو هجڻ > تَعَلُّق = مدار. واسطو] آبادي ۽ ڍل جي وصوليءَ جي لحاظ سان هڪ مقرر حد سان لاڳو اراضي. روينيو عملدار 'مختياڪار' جي انتظام ۽ عمل سان لاڳو حد. مختياڪاري جي حد. ضلعي جي اراضيءَ جو مقرر ڀاڱو.

• **تَعَلُّمُ:** ذ. [ع] پڙهائي. مطالعو – اڀياس. سکيا.

• **تَعلِيمُ:** ث. [ع] سکيا. پڙهائي. تدريس. هدايت – رهبري. تلقين. لوند (گهوڙي جو).

– **تَعلِيم بالِغان:** ث. بالغن لاءِ سکيا – Adult Education.

– **تعليم ڏيڻ:** پڙهائڻ. سيکارڻ.

– **تعليم کاتو:** ذ. تعليم جو ڪم هلائيندڙ محڪمو Department of Education.

– **تعليم نِسوان:** ث. زالن جي تعليم – زناني تعليم.

– **تعليم يافتو ج تعليم يافتا:** ذ. صفت. [ع. تعليم + ف. يافته (< يافتن = وٺڻ) = ورتل] تعليم حاصل ڪيل – سکيا ورتل – پڙهيل.

– **تَعلِيمي اِدارو ج تعليمي اِدارا:** ذ. اهو جماعت يا 'سوسائٽي' جا تعليم جو انتظام ڪندي هجي. تعليم ڏيندڙ ادارو – تربيت گاهه. درسگاهه. An Educational Institution.

• **تَعمِيرُ ج تَعمِيرُون:** ث. [ع. عَمَرَ > عَمَرَ. تَعمِير = خوشحال رکڻ. آباد ڪرڻ. اڏڻ (گهر)] عمارت ناهڻ جو

Gul Hayat Institute

• **تَفضِيلِيَّة:** اسم خاص. [ع] شيعن جو هڪ فرقو (جو حضرت علي(ع) کي پهرين ٽن خليفن تي فضيلت ڏئي).

• **تَفَڪُرُ:** ذ. [ع] فڪر – خيال – ويچار. ڳڻتي. انديشو – ڊپ.

• **تَفَنگَ ج تَفَنگُونَ:** ث. [ف] بندوق.

– **تُفَنگِچِي ج تُفَنگِچِي:** ذ. صفت. [ترڪي] بندوق باز. بندوق هڻڻ ۾ هوشيار.

• **تَفَنگَ ج تَفَنگَ:** ذ. [ف] ڌاڳن جو ننڍڙو مُچو جنهن ۾ سُئي لڳل هجي (هار راند طور آنجيءَ ۾ وجهي ڦوڪ ڏيندا آهن ته سُئي گل سميت نشان واري هنڌ تي وڃي لڳندي آهي). آنجي گل – تُفَنگ سوزني (ف). (ذ. صفت) [ف. تفنگ =بم گولو] جوانمرد – پهلوان. باهمت – بهادر.

• **تَفوقُ:** ذ. [ع] پاڻ کي وڏو سمجهڻ. برتري. فوقيت.

• **تَفويضُ:** ث. [ع] ڪنهن کي سپرد ڪرڻ واري حالت – سپردگي.

• **تُفَ:** ث. [ف. تُف =ٿُڪ. بدبوءِ] ڪچرو – گندگي – دِقَ. ڳالهائڻ ۾ بيهودگي.

– **تُفَ ڪرڻ:** بيهودو ڳالهائڻ – گندو ڳالهائڻ.

• **تَفهِيمُ:** ث. [ع] سمجهاڻي. ڄاڻ – معلومات. سکيا.

• **تقابُلُ:** ذ. [ع] سامهون ٿيڻ جي حالت – مقابلو. (ظرف) ڊويدو – آمهون سامهون.

• **تَقاضا ج تَقاضائُون:** ث. [ع. قَضيٰ (= گهُر پوري ڪرڻ. حڪم جي بجاآوري ڪرڻ) > تَقاضيٰ = قرض وصول ڪرڻ] طلب. سختيءَ سان گهُر (قرض جي). زوردار طلب. تاڪيد. ضرورت – حاجت.

– **تَقاضائِي ج تقاضائِي:** صفت. تقاضا ڪندڙ. قرض لهڻندڙ. ضرورتمند – گهرجائو.

• **تَقاوَت:** ث. [ع. وَقيٰ (= سنڀالڻ) > تَقيٰ (= خدا جو خوف رکڻ) > تقويٰ. تُقاة (= ڌڻيءَ جو خوف. پرهيزگاري) > تقاوت (سنڌي)] پرهيزگاري. دينداري. خدا ترسي. عبادت ”تڪي تقاوت ۾، نڪي منجهه رباب“ (شاهه).

• **تَقاوِي ج تَقاوِيُون:** ث. [ع. تَقوِيَة ج تَقاوِ = ٻج. جو غريب هاريءَ کي وٺي ڏجي] زميندار طرفان هاري کي ٻج خرچ لاءِ قرض حسنه طور اڳواٽ ڏنل رقم. هارين ۽ ننڍن زميندارن کي سرڪار وقتن آباديءَ کي وڌائڻ خاطر اڳواٽ قرض طور ڏنل رقم (جا آسان قسطن ۾ وصول ڪجي ۽ واجبي وياج جي نرخ تي ڏجي). ٻني يا آباديءَ لاءِ ڏنل قرض.

• **تَقَدُسُ:** ذ. [ع] پاڪ ۽ برگزيدي هجڻ واري حالت. برگزيدگي. پاڪائي – پاڪيزگي.

– **تَقَدُس مآب:** صفت. برگزيدو – بزرگ – ڀلارو شخص. پرهيزگار.

• **تَقَدُمُ:** ذ. [ع] اڳتي وڌڻ يا اڳتي هئڻ جي حالت. هڪڙي شيءِ جو ٻيءَ شيءِ کان اڳي هئڻ (جيئن: (١) مڪاني تقدم، جيئن امام جو مقتدي کان اڳ ۾ هئڻ. هن کي 'رُتبي جو تقدم' به چون: (٢) زماني جو تقدم، جيئن آدم عليه السلام جو حضرت نوح عليه السلام کان اڳ هئڻ: (٣) شرف جو تقدم، جيئن حضور پاڪ جن جو تقدم حضرت آدم ۽ ٻين نبين تي: (٤) سبب جو تقدم، جيئن هٿ جو چُرڻ ڪُنجيءَ جي چُرڻ کان اڳ هئڻ: (٥) طبع جو تقدم، ڪنهن شيءِ جو اڳ ۾ هئڻ انهيءَ حيثيت سان ته پوئين شيءِ ان جي محتاج آهي). ترجيح.

• **تَقدِيرَ ج تَقدِيرُون:** ث. [ع. تَقدير ج تَقادير] ڌڻيءَ طرفان مقرر ٿيل – ڀاڱو يا حصو. الاهي حڪم. مقدر – لکيو. ڀاڳ – بخت. نصيب – قسمت.

– **تَقدِير اچڻ:** لکيو پرجي اچڻ. بدقسمتي ظاهر ٿيڻ – نحوست آڏو اچڻ.

– **تَقدِير ۾ هجڻ:** لکئي ۾ هجڻ. مقدر ۾ هجڻ. نصيب ۾ هجڻ.

• **تَقدِيس:** ث. [ع] پاڪائي يا نيڪي جو بيان. برگزيدگي. بزرگيءَ جي ساراهه.

• **تَقدِيمُ:** ث. [ع] پاڪائي يا نيڪي جو بيان. برگزيدگي. بزرگيءَ جي ساراهه.

• **تَقدِيمُ:** ث. [ع] هڪ کي ٻئي کان وڌيڪ سمجهڻ جي حالت – فوقيت – برتري – ترجيح. مقدمو (ڪتاب جو) – مهاڳ.

• **تَقَرُبُ:** ذ. [ع] ويجهي ٿيڻ جي آرزو (ڌڻي تعاليٰ، نبي يا ڪنهن بزرگ سان). ويجهائي – اوڏائي – نزديڪي.

• **تَقَرُرُ:** ذ. [ع] مقرر ڪرڻ جي حالت. مقرري (ملازمت ۾ يا ڪنهن ڪم تي). بيهڻ – داخلا (نوڪريءَ ۾). نوڪريءَ ۾ پڪو ٿيڻ.

– **تَقَرري ج تَقَرريُون:** ث. ڪنهن عهدي يا نوڪريءَ تي مقرري.

• **تَقرِيب ج تَقرِيبُون:** ث. [ع. قَرب = ويجهو ٿيڻ] ويجهو ڪرڻ جي حالت – ويجهائي – اوڏائي – نزديڪي. ريت – رسم (ماڻهن جي گڏ ٿيڻ جي، ڪنهن شادي وغيره جي

Gul Hayat Institute

ڪرائڻ – تـَڪرا ڪرائڻ – ڳيا ڪرائڻ. (تـِڪايو – تـِڪائيندو – تـِڪايل).

• **تَڪَبُرُ:** ذ. [ع] هَٺ – غرور – گهمنڊ. فخر. وڏائي. آڪڙ – ڦُونڊ.

• **تُڪَ بَنْدِي ج تُڪَ بَنْدِيُونْ:** ث. اِنشاء جي هڪ صنعت، جنهن ۾ (نظم يا نثر ۾) اهڙا لفظ ڪم آندا وڃن، جن جو پهريون اکر ساڳيو هجي "پِيرُو پِٽ! پاٽي پاٽي ڏي"؛ يا "ربّ جي رهه رمز ۾، ري ربّ غافل ڪيم ڳهار" (قاسم). قافيي بندي "اي فقير بي پير مڪاري ۾ ناهي تنهنجو ڪو نظير". بي معنيٰ ۽ بي موقعي قافيه پيمائي. جهڙو تهڙو نظم.

• **تَڪْبِيرُ ج تَڪْبِيرُونْ:** ث. [ع. تَڪْبِيرُ] خدا جي وڏائي جو بيان. خدا تعاليٰ جي وڏائي بيان ڪرڻ جو فقرو "الله اڪبر". نماز ۾ 'الله اڪبر' چوڻ. جانور کي ذبح ڪرڻ وقت 'الله اڪبر' جو فقرو چوڻ – سِيْر.

– **تَڪْبِيرِ اُوليٰ، تَحْرِيمَه:** ث. نماز جي پهرين تڪبير.

– **تَڪْبِير وجهڻ، وهائڻ:** 'الله اَڪبر' چئي جانور کي سِيسَرَ وجهڻ. حلال ڪرڻ – ذبح ڪرڻ.

– **تَڪْبِير هڻڻ:** 'الله اڪبر' چوڻ.

• **تَڪْذِيبُ:** ث. [ع] ڪوڙو ڪرڻ. ڪُوڙو ٺهرائڻ. ڪوڙو سمجهڻ جي حالت. ڪوڙ ڳالهائڻ جو الزام.

• **تَڪْرارُ ج تَڪْرارَ:** ذ. [ع. ڪَرَرَ. تَڪْراراً = وري وري چوڻ] وري وري چوڻ جي حالت. اصرار. حجّت. اعتراض. رَدُ. بحث. سوال جواب. چتاپيتي. ضد. معاملو – جهڳڙو. زباني جهيڙو. دشمني. مخالفت.

– **تَڪرار ٿيڻ:** معاملو ٿيڻ. جهيڙو ٿيڻ. ڦڏو ٿيڻ. دشمني ٿيڻ.

– **تَڪرار ڪرڻ:** جهيڙو ڪرڻ – ڦڏو ڪرڻ.

– **تَڪرارِي ج تَڪرارِي:** ذ. صفت. تڪرار ۾ آيل ڦڏي ۾ پيل (ڳالهه، شيءِ وغيره). معاملائي. ضدي. بحثي. جهيڙاڪار – فسادي.

• **تَڪْرِيمُ:** ث. [ع] تعظيم. احترام. عزت. آدرياءُ.

• **تَڪِڙ ج تَڪِڙُونْ:** ث. سيگهه – جلدي. شتابي. اُبهرائي. تاهوت. بي صبري.

– **تَڪِڙ ڦَڪِڙ:** ث. حد کان زياده جلدي. اجائي جلدي. وٺ پڪڙ – هڻ وٺ.

– **تَڪِڙو ج تَڪِڙا:** ذ. صفت. تڪڙ ڪندڙ – تڪڙ وارو. اُبهرو – اُتاولو. ظرف. تهتا – جلد – سگهو. تڪو. (ث) تَڪِڙي ج تَڪِڙيُونْ.

– **تَڪِڙو پوڻ:** تِکو ڳالهائڻ. اُتاولو ڳالهائڻ. جهيڙي جي نموني ڳالهائڻ. ڳالهائڻ ۾ اڳرائي ڪرڻ.

• **تَڪْفِيرُ:** ث. [ع] ڪافر سمجهڻ جي حالت. ڪفر جي حالت. ڪفر جو الزام. ڪفر (جي فتويٰ).

• **تَڪْفِينُ:** ث. [ع. تَڪْفِين = ڪفن ۾ ويڙهڻ] ڪفن ڏيڻ جي حالت (اڪثر هيءُ لفظ 'تجهيز' سان گڏ ڪم اچي "تَجْهِيز تَڪْفِين" = ڪفن دفن).

• **تُڪَلُ ج تُڪَلُونْ:** ث. تنڊڙو لغڙ – گڏي. لغڙ جو هڪ قسم.

– **تُڪَلِ وانگر نچائڻ:** لغڙ وانگر ڏور هٿ ۾ جهلي ڦيريون ڏيارڻ.

• **تَڪَلْتُونُ:** ذ. [ف. تَڪَلْتو] گهوڙي جي پُٺيءَ جي حالت لاءِ هني جي هيٺان رکڻ جو ٿلهو نود.

• **تَڪَلُفُ ج تَڪَلُفاتُ:** ذ. [ع] ٻئي کي تڪليف ڏيڻ وقت رسمي ظاهرداري. ظاهري تڪليف. رسمي عمل. بهاني طور عمل.

• **تُڪلو ج تُڪلا:** ذ. تُڪو.

• **تُڪْلِي ج تُڪْلِيُونْ:** ث. ڪپڙي جي تـُڪري جنهن تي چنبڙندڙ دوا لڳل هجي (جا ڪنهن سُور واري هنڌ تي ٻڌجي) – پلستر.

• **تَڪْلِيفُ ج تَڪْلِيفُونْ:** ث. [ع. تَڪْلِيف ج تَڪالِيفُ = ڏکيائي، رسمي عمل] ڏکيائي – دشواري. زحمت – دقت. رولڙو. رنج – ڏک. ايذاءُ. آزار. سُور. مصيبت – آفت. نقصان. بيماري. ڪشالو – جاکوڙو.

– **تَڪْلِيف ڏيڻ:** سور ڏيڻ. رنج ڪرڻ. ڪنهن ڪم ڪري ڏيڻ لاءِ چوڻ. تڪليف وٺڻ لاءِ بار رکڻ.

– **تَڪْلِيف گـَوارا ڪرڻ:** تڪليف سهڻ – زحمت برداشت ڪرڻ.

– **تَڪْلِيف ۾ وجهڻ:** ڪنهن کي تڪليف واري ڪم ۾ لڳائڻ. تڪليف ڏيڻ.

• **تُڪْمو ج تُڪْما:** ذ. [ترڪي. دُگْمَهْ: ف. تُڪْمَهْ] سُٽ مان ٺهيل بيڙو بهراڻ وغيره جو. سرتُ (ل). ٻُوٽبو. ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جا گل ڳاڙها ٿين). گل جو هڪ قسم – تُڪمي جو گـُل "تُڪْما تير تـَتِيءَ ڪي، چمن ٿيا چوڌس" (جلال ڪتي). تُن پرڻ (ل).

• **تَڪْمِيلُ:** ث. [ع] پُورائي – سرانجامي. پڄاڻي – انتها.

• **تَڪِڻُ:** مصدر. [سن. تـَرڪ = نظر ۾ رکڻ. ف. تـَڪيدَن = پوريءَ طرح نظر مان ڪيڻ. جانچڻ] ڏسڻ – نهارڻ – جاچڻ – چتائڻ. غور سان ڏسڻ. گهُورڻ. جوهه وجهڻ – نظرڻ. اکيون ڦاڙي ڏسڻ. اک رکڻ. اک وجهڻ (پرائي مال ۾). تاڙڻ. سهي

Gul Hayat Institute

– **تَڪَرڪاڻي:** ث. ٻـارڪي وڪر جو هڪ قسم 'تڪر' وڻ جي ڪاڻي.

• **تَڪَرَڪ:** ذ. [ف] ڳڙو.

• **تَڪـوُرُ:** ذ. [ترڪي. تاغره] اٺ جي سنجن مان هڪ سنج جو نالو.

• **تُڪِي ج تُڪِيُونْ (ٿ):** ڪِپَ جي وڻ جي تند (جا اُٺ ڪائي).

• **تَڳَ:** ث. جياپو – تڳاءُ.

• **تِڳَ (ڪ):** ث. ٻڪريءَ وغيره ڪي هڪلڻ لاءِ وات جي ڳِتڪار. تـڳڻ جي حالت. چوري.

• **تَڳا:** ث. تڳاءُ.

• **تَڳاءُ:** ذ. جياپو – تاڳاپو. گذر سفر. جٽاءُ – پائداري.

• **تَڳائِڻُ:** مصدر. جيئرو رکڻ – زنده رکڻ. هلائڻ – تورڻ. (تڳايو – تڳائيندو – تڳايل).

– **تَڳائُو ج تَڳائُو:** ذ. صفت. پائدار – جٽاءُدار.

• **تِڳائِڻ:** مصدر. لِڪائي ڪٽي وجڻ – ڪِسڪائڻ. گم ڪرڻ – ترڪائڻ. (تڳايو – تڳائيندو – تڳايل).

• **تَڳَڙ:** اسم خاص. 'سمات' جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **تَڳـَرجا:** اسم خاص. 'سمات' جي هڪ قبيلي جو نالو.

• **تَڳـُرڙُ (ٿ):** ذ. گاهه جو هڪ قسم.

• **تَڳـَڻُ:** مصدر. جيئڻ – جيئرو رهڻ – زنده رهڻ. پساهه کڻڻ. جٽاءُ ڪرڻ. (تڳيو – تڳيندو – تڳيل).

– **تَڳِي تَڳِي ٻلجڻ:** ڏڪا ٿاٻا کائي وڏو ٿيڻ. حياتيءَ جا ڏکيا سکيا ڏينهن گذارڻ.

• **تِڳـَڻُ:** مصدر. ڪِسڪڻ – لِڪي ڀڄڻ.

– **تِڳِي وڃڻ:** ڪسڪي وڃڻ – لڪي ڀڄڻ – ترڪي وڃڻ.

• **تُڳُوسَر:** اسم خاص ننگرپارڪر ۽ ڪپري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **تُڳِي ج تُڳِيُونْ:** ث. ڪاري رات "ڪارا ڪُن. ڪاري تُڳِي. جت ڪاريهر ڪڙڪا" (شاهه): "تُڳِي. توهياري. تامَسِي. تَمهر. تام تَمس – رات. رَجني. ليل هَي. ٻنب. چنيهر. نَس" (ڏهسنامو). مينهن.

• **تَڳِيو ج تُڳِيا:** ذ. صفت. جيئرو – زنده ـ حيات. (اسم خاص) مرد جو نالو.

• **تَڳِي واياڻي:** اسم خاص. تعلقي جيمس آباد ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تَلُ:** ذ. [تَلِيهَر (= ڪارو نانگ. تشبيهه طور 'وار') > (مخفف) تَلَ] وارَ "سَر ڪندِ ۾ سُرها ڪيا، تَرني لوئي تَلَ" (ڪنيان). "تَلُ" جو جمع. (اسم خاص) تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تَلُ ج تَلَ:** ذ. [سن. تَلَ = ترو] تَرُ – تَرو. هيٺاهين – نشيب. تري واري زمين – ترائي. ٻِـٽَـن جي وچ وارو ڪشادو ميدان (جنهن ۾ مينهن جو پاڻي آسپاس جي مٿانهين زمين يا ٻِٽَـن تان لهي اچي ۽ ان پاڻيءَ تي زمين آباد ٿي سگهي) – ڏهر تَلِي (ٿ). تلاءُ. گهوڙي جي سنجن مان هڪ سنج جو نالو (جانورن جي وارن يا نود مان ٺهيل ٿُلهو گَدو جو گهوڙي جي پُٺيءَ تي تي وجهي مٿان هنو رکجي).

– **تَلُ تَلُ ڪرڻ:** ٻٽ يا جبل تي لَهه چَڙهه ڪرڻ. اچڻ وڃڻ.

– **تَلُ ڪرڻ:** تَـرُ ڪَرڻ. گم ڪرڻ – لڪائڻ.

• **تِلُ ج تِلَ:** ذ. ڪنهن درويش يا وليءَ جي ٻارهي تي رڌل ڪاڌو (جو فقراء لاءِ تيار ڪيو وڃي. ۽ عوام ۾ پڻ تبرڪ طور ورهائجي. گوشت. چانور. ٻاجهري. دال ۽ ٻيون اهڙيون شيون جي نذراني طور ملن سي سڀ ملائي 'تِـل' رڌو ويندو آهي). – ڪَنْدُوري. خيرات [سرائڪي] تِرُ. تورو ذرو.

– **تِلُ تِل ڪرڻ:** معمولي خيرات ڪرڻ. سادو طعام تيار ڪرڻ.

• **تُلُ ج تُلَ:** ذ. صفت. [سن. تُلَ = مَٽ] برابر – مَٽ – همسر – جهڙو – مشابه ـ سمان – مثل "سوا لک ۾ سرس سوايو. طور نہ تنهنجو تُل" (احمد شاهه). هڪجهڙو – ثاني. هڪ جيڏو. هر صورت. ساڳيو. جيڏو – سَرتو. (ث. صفت) برابر – ثاني "رُتيون مڙيئي ڀليون، ڪانهي تُلَ بهار". (ذ) تمام ڊگهي غار (جنهن جو ڇيڙو ڏسجڻ ۾ نہ اچي) (ڪ). ڇيڙو – پڇاڙي – پوڇڙُ – دنگ.

– **تُل مُل:** صفت. مٽو مٽ – بلڪل برابر. هڪجهڙو.

• **تُلَ. تُلُ. تُلا:** ث. [سن. تُلا = ساهمي، تارازي] علم جوتش موجب آسماني برجن مان ڏهين برج جو نالو (مَڪر. ڪُنڀ، مين، مينگهه، ورک، مِٿُن، ڪرڪ، شنگهه، ڪنيا، تُل، ورچڪ، ڌن) – ميزان.

• **تُلَ ج تُلُونْ:** ث. [سن. تُلَ] اُپو مٿي ڏنل زور – تَڏَ. اُپِي اُچل. ٻُل.

– **تُلَ ڏيڻ:** مٿي اُپو زور ڏيڻ. مٿي تَڏَ ڏيڻ. چوپائيءَ کي قَرحڻ بعد ڏنڀ ڏيڻ (جيئن چوپائي چرڪ ڀري ڳَـپَ وٺي ۽ تـُـبجي نہ پوي). ٻُل ڏيڻ.

• **تَلابُ، تَالابُ:** ذ. [ف. تـلاب، تَالاب] تلاءُ.

• **تُلارَ:** صفت. ڀريل (پاڻيءَ سان) – ٽمٽار.

• **تَلازُمَ:** ذ. [ع. لَزِمَ = لازم ڪري وٺڻ] لازمي طور اختيار ڪرڻ جي حالت.

• **تَلاسَ:** ث. ڏسو "تلاش".

• **تَلاش ج تَلاشُون:** ث. [ف] ڳولا – جانچ. ووڙ. پڇا ڳاڇا. جانچ – جاڪوڙ – جستجو. تحقيق.

– **تَلاش ڪرڻ:** ڳولا ڪرڻ. جانچ ڪرڻ. پڇا ڳاڇا ڪرڻ.

– **تَلاشِي تلاشيُون:** ث. تلاش. گم ٿيل يا چوري ٿيل شيءِ کي هٿ ڪرڻ لاءِ ڪنهن ماڻهوءَ جي بدن يا گهر جو جهاڙو.

– **تَلاشِي ڏيڻ، وٺڻ:** جهاڙو ڏيڻ – جهاڙو وٺڻ.

• **تَلاطُم:** ذ. [ع. لَطَمَ. تَلاطُمَ = ٽڪر هڻڻ > ف. تَلاطمِ اَمواج = لهرين جو سٽڪو] زوردار هوا سببان ڇولين جو سٽڪو. پاڻيءَ جو جوشُ. لهرين جو زور. ڇوليون. طوفان.

• **تَلافِي ج تَلافِيُون:** ث. [ع. تَلافِيُ = مرمت ڪرڻ. ڳنڍ توپ ڪرڻ] نقصان جي پورائي. عوض – بدلو (جيڪو پنهنجي مرضي سان ادا ڪجي). پاداش.

– **تَلافِي ڪرڻ:** ڪنهن نقصان يا ڪوٽ جو پورائو ڪرڻ. عوض پري ڏيڻ.

• **تَلاميذُ:** ذ. [ع. تِلْمِيذ ج تَلامِيذ] شاگرد.

• **تَلانبو:** ذ. دَرَو – لَڪُ

• **تَلانڪهو (ڪ):** اسم خاص. هڪ نئين جو نالو.

• **تِلانڪهو ج تِلانڪها (ڪ):** صفت. ويڪرو – موڪرو – خلاصو.

• **تَلانَ وَلانَ، تِلانَ وِلانَ (ت):** ث. آنڌ مانڌ – هُرکر. بيقراري – بي آرامي.

• **تِلاوَتَ ج تِلاوَتُون:** ث. [ع. تِلاوَة = پڙهڻ] پڙهڻ (قرآن مجيد) – دور (قرآن شريف جو).

• **تَلاءُ ج تَلاءَ:** ذ. [ف. تَلاب] تلاءُ.

• **تِلاءُ (لس):** ذ. [ف. تَلَهْ = سون؛ ع. طِلا = سون] سون. (صفت) سونِي "سوني ساهه. تلاهه تلڪي. تنهن سر موتي مڙهاياس" (شيخ ابراهيم).

• **تُلاهه (لس):** ذ. پيرن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهه (پيرن جي آڱوٺن ۾ پائڻ جو ڳهه) "سوني ساهه. تُلاهه سين تُلڪي، سِر موتين مڙهاياس" (شيخ ابراهيم).

• **تَلاءُ ج تَلاءَ، تَلاوَ:** ذ. [ف. تَلاب] تانگهي پاڻيءَ جي ڪُنّ. تالاب – حوض.

• **تَلْبِيس:** ث. [ع] ٻاهريون لباس ڪرڻ. ارادن کي لڪائڻ. ٻهروپ. ڌوڪو – مڪر – فريب – دغا.

• **تَلْخُ:** صفت. [ف] ڪوڙو. ڪسارو. ڪارو. بد ذائقي. تيز (شراب وغيره). ڪَهرو – تِکو – اٺوٺندڙ – رُکو (ڳالهه). ڏکيو – تڪليف وارو – رنج رسائيندڙ (تجربو).

– **تَلْخاڻِ:** ث. ڪَڙائي – ڪڙاڻِ. ڪاراڻِ. تِکاڻِ. تيزي (ڳالهائڻ ۾). رکائي. سختي – تُرشِي.

– **تَلْخ تَجربو:** ذ. تڪليف ڏيندڙ ڪم – ڪٺن ڪم.

– **تَلْخ ڪامِي:** ث ناڪاميابي – ناڪامي – نامرادي. نااميدي – نراسائي.

– **تَلْخ گو:** ذ. صفت. ڪَهرو ڳالهائيندڙ. اڏنگو ڳالهائيندڙ. تيز مزاج. چيڙاڪ.

– **تَلْخ مِزاج:** ذ. صفت. تيز مزاج. چيڙاڪ – شوخ. بدمزاج.

– **تَلْخِي ج تَلْخِيُون:** ث. ڪوڙاڻ – ڪڙائِي. تيزي. ڪاراڻ – تلخاڻِ.

• **تَلْخِيصَ:** ث. [ع] خُلاصو – اختصار – تَتُ. حاصل مطلب.

• **تَلَرُ (ت):** ذ. گاهه جو هڪ قسم (جو وارياسي پَٽ ۾ ٿئي، چوپايو مال وغيره ڪونه کائيس).

• **تُلسِي:** ذ. [سن.] ٻوٽي جو هڪ قسم (خوشبودار ٿئي، جنهن کي هندو 'سڳورو ٻوٽو' سمجهن ۽ پائنين تہ 'تلسي ديوي' جي وارن مان پيدا ٿيو آهي. تلسي جو ٻج پسارڪي وکر طور ڪم اچي) – Basil (انگ) – Ocymum sanctum. ڪَتِي مهيني جون ٽي تاريخون (١٠، ١١ ۽ ١٢ جن تي هندو ورت رکندا آهن). (اسم خاص) مرد جو نالو – 'تلسيداس' جو مخفف.

• **تُلسِيداس:** اسم خاص. هنديءَ جي هڪ مشهور شاعر جو نالو (جو 'همايون' جي وقت ۾ ڄائو ۽ جهانگير جي وقت ۾ مري ويو. سندس جوڙيل 'رامائڻ' هندي شاعريءَ ۾ هڪ شاهڪار آهي. سندس ڪي ڏوهيڙا 'شاهه جي رسالي' ۾ سُر 'بروو هندي' هيٺ ڏنل آهن ۽ ٻڻ سنڌ ۾ وڏيءَ عمر وارن سکهڙن کي ياد آهن).

• **تِلْشَڪري:** ث. مٺائيءَ جو هڪ قِسم (جا تِرن مان ٺاهجي) – ترن ۽ مناڻ (ڳڙ يا کنڊ) جي تِڪِي.

• **تَلَطُفُ:** ذ. [ع. لَطَف > تَلطُفُ] لطف – مهر – ڪرم – عنايت. ٻاجهه – رحم. نرمي. همدردي.

• **تَلَفُ:** صفت. ظرف. [ع. تَلَفْ = بربادي] برباد – تباهه – نابود – ناس – چٽ – ڦِٽل – اُجڙ – ويران ـ ضايع – گُم. بربادي‌ءَ جي حالت.

– **تَلَفْ تاراج ڪرڻ:** ناس ڪرڻ – چٽ ڪرڻ – برباد ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

– **تَلَفُ ڏيڻ (ت):** تپايل لوهه کي سنداڻ تي رکي ويڪري ڪرڻ لاءِ ڏاڍي ڏڪ هڻڻ – ٺپڻ.

– **تَلَفُ ڪرڻ:** برباد ڪرڻ – ناس ڪرڻ – نابود ڪرڻ وڃائڻ – ڦٽائڻ.

• **تَلَفُّظ:** ذ. [ع. لَفَظَ. لَفظَ = وات مان اُڇلائڻ] اُچار. اکرن ۽ لفظن جو زبان سان صحيح مخرج.

• **تَلقِينُ:** ث. [ع. لَقَنَ. تَلقِين = ٻئي کي سمجهائڻ] سکيا – تربيت – هدايت – نصيحت. مرشد جي مريد کي سمجهائي يا هدايت. جنازي کي قبر ۾ داخل ڪرڻ وقت، مُردي کي قبر جي پڇاڻي بابت ٻڌائڻ ۽ سمجهائڻ.

– **تلقين ڏيڻ:** مرشد جو مريد کي ذڪر ڏيڻ. نيڪي بابت نصيحت ڪرڻ.

– **تلقين ڪرڻ:** هدايت ڪرڻ. نصيحت ڪرڻ تعليم ڏيڻ.

• **تِلڪُ، تِلِڪُ ج تِلڪَ:** ذ. [سن. تِلَڪَ] نڪ جي مٿان ڀرن جي وچ ۾ يا مٿي نراڙ تي ڪيل نشان (جو شادي، تاجپوشي يا ٻيءَ ڌرمي رسم بجا آڻڻ، يا سينگار خاطر ڪيو وڃي) – سيندر يا چندن جو ٽڪو. هندن ۾ ڌرمي نشان. جانور کي ڦاسائڻ لاءِ ڪوڙڪو (ڪ).

• **تِلڪارُ:** ث. اُڻ ٽڻ – جهوري – ڳڻتي.

• **تِلڪاري (لس):** ث. ٽڻ – چڪ. ڪاوڙ. مُنهن سُوڄائي.

• **تِلڪِڙِي ج تِلڪِڙِيُون:** ث. هيري جو ڀڪُ – هيري جو چمڪندڙ پهلو.

• **تِلڪوڙِي ج تلڪوڙِيُون:** ث. جڙ تو سائو نشان (جو مُنهن، هٿن ۽ ٻانهن تي سينگار يا سڃاڻپ خاطر ڪيو وڃي).

• **تلڪڻُ (ت):** مصدر. سيڪڻ.

• **تُلمُلُ:** صفت. برابر – مَٽو مَٽ – هڪجهڙو.

• **تَلمِيح:** ث. [ع] شعر ۾ ڪنهن آيت، حديث، حڪايت، ڳالهه، قصي يا مشهور واقعي طرف اشارو.

• **تِلمِيذُ:** ذ. [ع] شاگرد – طالب علم – متعلم.

• **تِلنگُ:** ذ. هڪ راڳڻيءَ جو نالو.

• **تِلنگو:** ذ. تِلنگانا (مدراس جي اترئين ڀاڱي) جو رهاڪو. (ڪنايةً) ديسي سپاهي (چاڪاڻ ته انگريزي فوج ۾ اوائلي اهي ماڻهو ڀرتي ٿيا هئا).

• **تلو:** ذ. [سن. تَلَ = ترو] تَرُ – ترو. ذخيرو. قبضو. ڇپر (ت). (اسم خاص) تعلقي ڏيپلي ۾ هڪ ديهه جو نالو

– **تلو ڪرڻ:** تَرُ ڪرڻ. ملڪيت گڏ ڪرڻ. ڳجهه ڳوهه ۾ پئسا گڏ ڪرڻ.

• **تِلو ج تِلا:** ذ. بازدارن جو لفظ. باز جي ٻُت تي رنگ وارا ٽڪا.

• **تَلوارَ ج تلوارُون:** ث. [سن. تَروارِ] هڪ مشهور هٿيار جو نالو – ترار – شمشير – سيف – سرواهي.

– **تَلوار ڪٽ:** ث. مُڇن جي سنوارت جو هڪ نمونو (جنهن ۾ مُڇن جون نوڪون تلوارن وانگر ڇهنبدار بيهن).

– **تَلوار کي ڪَهُٽا لڳڻ:** بي طاقت ٿيڻ. زور وارا ڏينهن لنگهي وڃڻ.

• **تلواڙي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر نواب شاهه ۽ حيدرآباد ۾).

• **تَلورِ ج تلوريُون:** ث. [ف. تَذَرَوْ] پکيءَ جو هڪ قِسم (ڊيل جي نموني هڪ وڏو ۽ سهڻو. خاڪي يا ميرانجهڙي رنگ جو ڊگهي ڳچيءَ وارو حلال پکي. جو اڪثر سياري ۾ سنڌ ۾ اچي، ۽ جنهن جو ماڻهو شوق سان شڪار ڪن: اصل ايراني جهنگلي ڪڪڙ) – Bustard.

• **تَلَوُّنُ:** ذ. [ع. لَوْن (رنگ) > تَلَوُّن] رنگ بدلائڻ جي حالت. رنگن جي تبديلي.

– **تَلَوُّن مِزاج:** ذ. صفت. رنگا رنگ طبيعت وارو. ڦرندڙ گهرندڙ طبيعت وارو. غير مستقل مزاج. بي پروسي. بيوفا.

• **تَلوٽو ج تلوٽا:** ذ. تريل چٽو. پڪل چٽو يا مگ. رڌل چٽو يا مٽر – ڪَهَرَ (جمع ۾ "تَلوٽا" زياده استعمال ۾. مثلاً گهورڙئي جو هوڪو "ڪوسا تلوٽا").

• **تلهارُ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **تلهار:** اسم خاص. تعلقي بدين ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تلهارُ:** اسم خاص. حيدرآباد ضلعي ۾ هڪ شهر.

• **تلهاٽي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **تلهائي:** ث. سلامتي. ضمانت. سوگهائي.

• **تَلهُرُ ج تَلهَرَ (ڪ):** ذ. چڪر – ڦيرو. بي آرامي.

• **تَلهُوَ ج تَلهُوَ:** ذ. سنهون لڪڻ – ڇمڪ – ڇهو.

• **تَلهُو:** ذ. [تَلو (= ترو. تر ڪري رکيل ملڪيت) > تلهو] تر ڪري رکيل ملڪيت. لڪل ملڪيت – ڳجهي ملڪيت. پوريل خزانو – لڪل خزانو. (اڪثر 'اَلهو' سان گڏ ايندڙ لفظ "اَلهو تَلهو").

• **تلهي ج تلهيون:** ث. [سن. تَلَ = ترو] خزاني گڏ. سپ جو پڙ. سپ جو وات (جنهن مان سنها موتي هارجن). سڄي ڪوڏي. پٽ پڪل ڪوڏي.

• **تَلهي:** ث. گروي رکيل ٽيڙ. ضمانت – ضامنگيريءَ جي

Gul Hayat Institute

ذميداري. (صفت) ضامن. حامي – مددگار.

– **تَلهيدارُ:** ذ. صفت. مددگار – حمايتي. پاسو ڪندڙ – طرفدار.

• **تَلهيتو تَلهيرو:** ذ. صفت. [ھ تَلهُرو = زبردست] جنهن جو ضامن پئجي. جنهن جي مدد ڪجي. ڪاٺيارو. فرمانبردار. هٿ هيٺ.

• **تَلِي:** اسم خاص. ميرواه. ميرپور ساڪري. ٽنڊي محمد خان. بدين ۽ محبت ديري تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **تَلِي ج تَليُون:** ث. [سن. تَلَ = ترو] تَرِ واري زمين. هيناهين – نشيب – نوڙِ (ل) – جهِرَ. ٻن ٽڪرين جي وچ واري زمين – ماٿري – وادي. تَرائِي. ٻن پٽن جي وچ واري زمين (جنهن ۾ برسات جو پاڻي بيهي ۽ پوک بہ ٿي سگهي) – 'ڏهرَ' جي تري واري زمين. "ميها، موگر تَلئين. پِهُون پاسارڻ" (خليفو نبي بخش). ڇَنِ.

• **تِلِي:** اسم خاص. جاتي ۽ سڪرنڊ تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **تِلِي ج تِليُون:** ث. [ع. طِحال] جسم جي عضوي جو نالو – تِري – رَتڙي – ڦِهِي (ت). ڦِهِي جو مرض – هيانچو. هٿ يا پير جي تري (سرائڪي). زبان (ت). ڳهہ جو هڪ قسم – ڳچيءَ ۾ ٻڌڻ جو هڪ ڳهہ – لڪڙي.

– **تِلِي لڳائڻ (ت):** زبان تي رکڻ – چکڻ.

• **تِليارُ:** ذ. لڙڪندڙ ڏاڍن ۽ ٽوئرن وارو ڳانو. جهاٻو (اٺ جي ارهہ جو).

• **تَليٻَڙي ج تَليٻَڙيونْ:** ث. منائيءَ جو هڪ قسم (جنهن جو ترو ٻڌل هجي) – ڇَٽن مان ٺهيل منائي. ڳَتڙاٽي (ڇٽن جي). پڪي منائي. ٺِيپَ (ل).

• **تَلِيجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (رياست ۾).

• **تَلِيدو ج تَلِيْدا:** ذ. صفت. تَلهيتو – تلهيرو. زبردست. هٿ ٺوڪيو. زير احسان.

• **تَلِيهَرُ ج تَلِيهَرَ:** ذ. [تِل = ڪارائڻ + هر = وارو] ڪارو نانگ – واسينگ.

• **تَمَ:** ث. [سن. تَمَس] اونده – ڪاراڻ. رات.

• **تَمُ:** ضمير. [ھ اردو. تُمْ] تون. توهين.

– **تُمْهارو:** صفت. [اردو. تُمهارا] اوهان جو – توهان جو.

• **تَمُ:** ظرف. [ع] ختم – پورو. ڪُل – سڀ – سمورو – سارو. مڪمل – سالم – ثابت.

– **تَمُ ٿيڻ:** ختم ٿيڻ – پورو ٿيڻ – تمام ٿيڻ "ساھ تَمَ ٿيڻ" (= ساھ گهٽجڻ = دم چڙهي وڃڻ).

• **تُمُ ج تُمَ:** ذ. ڦيٿي جي وچ وارو حصو (جنهن ۾ 'ڌري' ۽ 'آرا' پون).

هُرلي جي ڍيڍي. سُڪل ڪدو. (صفت) ڦوڪيل – ٻريل – ٻريور.

– **تُم تُمُڻ:** تُم ۾ آرن لاءِ سل ڪڍڻ. خال پرڻ.

• **تَماچالِي:** اسم خاص. تعلقي سکر ۾ هڪ ديهہ جو نالو. (صفت) 'تماچي' جي پيڙهيءَ مان – تماچي جي اولاد مان (سمات جي پاڙن جو نالو).

• **تَماچو ج تَماچا:** ذ. [ف. تپانْچه] چماٽ – لپاٽ – ٿڦڙ. [ف. تَمَنْچَه] تپاچو – پستول.

• **تَماچِي:** اسم خاص. 'سمہ' گهراڻي جي مشهور بادشاھ "سلطان رڪن الدين شاھ ڄام تماچي" (جنهن غالباً سنہ ٧٩١ھ کان ٧٩٥ھ تائين خود مختيار حڪومت ڪئي. 'نوري' سان سندس محبت جو داستان مشهور آهي. مڪليءَ تي 'شاهي مقام' قائم ڪيائين. جتي ئي پاڻ مدفون آهي). مرد جو نالو (سمات توڙي بلوچ قومن ۾). هڪ سمہ پاڙي جو نالو.

• **تَماشو ج تَماشا:** ذ. [ع. مشيٰ = گهمڻ. تَماشِيا = گڏ گهمڻ > ف. تَماشا] نظارو – ڏيکاءُ – ديدار. عجيب شيءِ يا نظارو. نمايش. ڪل خوشي – رُوُنشو. ميڙ – هجوم. سانگ. ناٽڪ. کيل – ڪرتب.

– **تَماشائي ج تَماشائِي:** صفت. تماشو ڏسندڙ. تماشو ڏيکاريندڙ – تماشي وارو. وندر جو ڪوڏيو.

– **تَماشبينُ ج تَماشبينَ:** صفت. [ف. تماشابين = تماشا + بِين (= ڏسندڙ)] تماشو ڏسندڙ – تماشائي. رنگ ڏسندڙ. ٻن ڪي ويڙهائي رنگ ڏسندڙ. فقط رنگ ڏسندڙ (جنهن ڪي انهيءَ ڪم، رٿا يا تحريڪ سان ڪابہ دلچسپي يا همدردي نہ هجي).

– **تَماشگاھُ ج تَماشگاھَ:** ذ. جنهن هنڌ تماشو ٿئي. کيل يا ڪرتب واري جاءِ.

– **تَماشو ڏيکارڻ:** کيل ڏيکارڻ. ڪرتب ڏيکارڻ. (اصطلاحاً) ڪنهن کي سزا ڏيڻ – مزو چکائڻ – سيکت ڏيڻ.

– **تَماشو ڪرڻ:** کيل ڏيکارڻ. کيل يا ڪرتب ڏيکاري ڏاڍو لطف پيدا ڪرڻ. سانگ ڪرڻ.

– **تَماشي جهڙو:** ذ. صفت. ڏسڻ ۾ عجيب. نهايت وندرائيندڙ.

• **تَماڪُ ج تَماڪَ:** ذ. [ھ تَمَاڪَ، تَمَاڪُو؛ ف. تَمْاڪُو؛ آمريڪي انڊين Tobaco؛ پورچوگيز Tobacco]

Gul Hayat Institute

ٻُوٽي جو هڪ قسم (جنهن جا سُڪايل پن ۽ ڪاٺيون نشيدار دونهون ڏين؛ اهي پن ڪُٽي حقي، چلم، سلفي، بيڙين يا سگريٽن ذريعي ڇڪجن يا ناس طور استعمال ٿين).

– **تَماڪِي ج تَماڪِي:** صفت. تماڪ وڪڻندڙ. گهڻو تماڪ پيئندڙ. (ذ) تماڪ جو فصل.

• **تَمامُ:** صفت. [ع. تَمّ (= پورو ٿيڻ) > تمام] سڀ – سارو – سمورو – ڪُل – سڄو. پورو – تيار. مڪمل. ختم – پورو – بس. فنا – نيست – نابود. (ظرف) بلڪل – ڏاڍو. گهڻو – بيحد.

– **تمام ٿيڻ:** پورو ٿيڻ – ختم ٿيڻ.

– **تَمام ٿي وڃڻ:** ختم ٿي وڃڻ. هيٺو ٿي وڃڻ – چُڪي وڃڻ.

– **تَمام ڪرڻ:** ختم ڪرڻ. راس ڪرڻ – پورو ڪرڻ. مات ڪرڻ.

– **تَمامِيَت:** ث. پورائي – تڪميل. پڄاڻي. آخر.

– **تَمامِي:** ث. پڄاڙيءَ جي حالت. خاتمو.

• **تَمَتُّعْ:** ذ. [ع. مَتَعَ > تَمَتَعُ] فائدو – نفعو. خوشي.

• **تَمْثِيل ج تَمْثِيلُوْن:** ث. [ع. مِثلَ = وانگر] مثال – تشبيهه. نمونو – نظير. نقل.

– **تَمْثِيلِي:** صفت. جي نموني تي – مثالي.

• **تَمَدُّن:** ذ. [مَدَن = شهر ۾ رهڻ] ملي رهڻ جو طريقو – طرز معاشرت – شهري سڌريل زندگيءَ جو طرز عمل – معاشرتي ۽ انتظامي زندگي. شهر جو انتظام.

• **تَمَرُ:** ث. [ع] کجور – کارڪ – کتل. (اسم خاص) پنائي صاحب جي وڏي راڳائي خليفي جو نالو (جو چون ٿا ته مديني شريف ۾ کجيءَ هيٺ ڄائو. انهيءَ ڪري مٿس 'تمر' نالو رکيائون. تمر فقير 'شاهه جي راڳ' جو پهريون مُک قابل اڳواڻ' شاهه جي بيتن جو وڏو راوي، ۽ پاڻ سالڪ شاعر هو.)

– **تَمْرائِي:** اسم خاص. تمر فقير راڳائي جا پويان جاءِ نشين. تمر فقير جي اوتاري جا سنڀاليندڙ.

• **تِمَرُ:** ذ. وڻ جو هڪ قسم (جو سمنڊ جي ڪناري واري ايراضي ۾ گهڻو اُپري، جنهن جا پن چوپايو مال، خاص طرح اُٺ گهڻو کائي). سامونڊي ٻٽر – منگرول (ڪ).

• **تَمَسُ:** ث. [سن] اونداهي رات "تُکِي، تُهاري، تامِني، تَمْهَس تام، تَمَسُ" (ڏهسنامي جي ٽُڪ).

• **تَمَسْخَر:** ذ. [ع. سَخَر = ٺٺولي ڪرڻ] مسخري – ٺٺول – کِلَ – چَٿر.

• **تَمَسُّڪ ج تَمَسُّڪات:** ذ. [ع. مَسَڪَ = مضبوط جهلڻ] مضبوطي. هُنڊِي – پراميزري نوٽ.

• **تَمْغو ج تَمْغا:** [ترڪي. تَمْغَهٔ] سلطاني مهر. سون يا چانديءَ جو ٻلو (جو ڪنهن نمايان ڪارنامي يا خدمت سببان ڪنهن کي انعام طور ڏنو وڃي). سَنَد. نشان.

• **تَمَڪَ:** ث. تيزي – تِکائي.

– **تَمَڪ سان:** ظرف. تيزيءَ سان – تِکو.

• **تُمَنُ ج تُمَنَ:** ذ. [ف. تُمن = ڏهه هزار؛ تومن = هڪ سؤ ڳوٺن تي مشتمل اراضي] ڇانوڻيءَ ۾ رهندڙ فوج – لشڪر. بلوچ قبيلي يا قبيلن جي ڪافي وڏي برادري، جن ۾ رسم و رواج تورڙي سردار ساڳيو "لغاري جو تمن" "مزاري جو تمن". اُها جغرافيائي اراضي جنهن تي هڪ وڏو بلوچ قبيلو ۽ ان سان شريڪ ٻيا ننڍا قبيلا آباد هجن. راڄ. گهڻي برادري (ت). سرداري (ت). ماڻهن جو انبوهه – خلق جو وڏو تعداد. ڳجهيءَ طرح (ڪپڙي جي پلاند هيٺ) واپار جي نرخ بندي (ڪن ٻه ٻن ماڻهن جي وچ ۾ سودو ٿاهيندڙ. سودي ٺاهڻ وقت ڪپڙي هيٺان آڱرين جي اشاري ڏيڻ سان ٻڌائيندو آهي: اهو عدد ويهن جي بدران هڪ آڱر جي نشان سان ظاهر ڪيو ويندو آهي). ايراني سِڪو.

– **تُمَندارُ:** ذ. صفت. سالار – سردار. گهڻيءَ برادريءَ وارو. طاقتوارو – زور وارو.

• **تَمَنّا ج تَمَنّائُوْن:** ث. [ع. مُنْيَةٌ = خواهش] خواهش – سڌ – آرزو. ارادو – مرضي. سِڪ.

• **تَمَنْچو ج تَمَنْچا:** ذ. [ف. تَمَنْچَهْ] تپاچو.

• **تَموڪَنُ:** ذ. ڪاوڙ – چِڙ – ڏمر – غصو.

– **تَموڪَڻِي:** ذ. صفت. خراب گڻن وارو – بداخلاق. ڪاوڙيل – ڏمريل. (ث) بدتميزي – بداخلاقي.

• **تَمْهِيْدَ ج تَمْهِيْدُوْن:** ث. [ع. مَهَدَ = برابر پڪيڙڻ > مَهَدَ، تَمْهِيْدَ = ڪم سنوارڻ، آسان بنائڻ] ڪنهن ڳالهه يا مقصد کي آسان بنائڻ خاطر شروعاتي سمجهاڻي. ديباچو – مُهاڳ – مُنڍ. شروعات. ابتدا. تمهيد – بڌڻ.

• **تُمِيْ ج تُمِيُوْن:** ث. [تُنْبِيْ > تُمِيْ] سڪل ڪدو.

• **تُمِيالِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **تَمِيْزَ ج تَمِيْزُوْن:** ث. [ع. مَيَزَ تَمْيِيْز (جدا ڪرڻ، پرکڻ) > تَمِيْز] سڃاڻپ (ڪري ۽ کوٽي جي) – شناخت. فرق – تفاوت – امتياز. عقل – ڏاهپ. هوش. قاعدو. ادب. ساڃاهه.

– **تَمِيْزسِکڻ:** ادب سکڻ. فضيلت سکڻ.

– **تَميزڪرڻ:** پرک ڪرڻ. ساڃاھ ڪرڻ. هوش ڪرڻ.
• **تَنِ:** ضمير. [سن. تي: پرا، تانَ] اُنهن.
• **تَنُ ۽ تَنَ:** ذ. [سن. تَنُ؛ ف. تَنْ] بدن – جسم – سرير – بت. ديھ – قالب.
– **تَن بيتاب هئڻ:** غم ۽ فڪر ۾ گذارڻ. هر وقت بي آرامي هجڻ. ڏاڍي غم ۽ فڪر ۾ گرفتار هئڻ.
– **تَن تارڻ:** اندر اجارڻ – دل روشن ڪرڻ.
– **تَن تنها:** ذ. صفت. [ف] اڪيلو – ڇڙو – هڪڙو. علحده _ جدا.
– **تَن پرور:** ذ. صفت. [ف] فقط پنهنجي تن کي پاليندڙ. آرام طلب.
– **تَن پروري:** ث. [ف] جسم جي پالنا. آرام طلبي. آسايش.
– **تَن دِهي:** ث. [ف. تن + دِهي > دادن = ڏيڻ] جانفشاني – محنت. تڪليف. ڪوشش – سعيو.
– **تنکي تسيو ڏيڻ:** بدن کي تڪليف ڏيڻ. جيءَ کي جفا ڏيڻ.
– **تَن مَن:** ذ. جسم ۽ جان – دل جان – جند جان.
– **تَن مَن تازو ڪرڻ:** جسم ۽ جان کي فرحت ڏيڻ. آرام وٺڻ. خوشي ڪرڻ.
– **تَن مَن تپائي ڏيڻ:** بلڪل بيزار ڪرڻ.
– **تَن مَن مارڻ:** جسم ۽ نفس کي نمائڻ. خواهش کي ضابطي هيٺ آڻڻ. تن و توش.
• **تَنِ، تَنُ:** ث. ذ [سن. تُندَ > تُنَ = خال پرڻ] تنگ – سوراخ. ڪنهن ٿانءَ خصوصاً ڪونري جو سوراخ (جنهن مان پاڻي نڪري) – تُنرو. حقي يا چلم ۾ نڙ وجهڻ جو سوراخ. ٻيڙيءَ جو سوراخ (جنهن مان پاڻي اندر اچي). ڪپڙي جو سوراخ. پرت جو هڪ قسم (ث). [ف. تُنيدَنْ = اُٿڻ > تَنڻ] ڪپڙي جي سوراخ بند ڪرڻ لاءِ گهڙيل ڪاني.
– **تَناٽي ۽ تَناٽيُون:** ث. تن پراٽي – اَٽاٽي.
– **تَن پرڻ:** خال پرڻ. (ڪپڙي کي) رفو ڪرڻ – بورُ پرڻ.
– **تَن وهڻ:** تـَنگ وهڻ. دست وهڻ.
• **تَناب ۽ تَنابُون:** ڏسو "طناب".
• **تَنازُع:** ذ. [ع. نَـزَعَ > تنازَع (ف) = اختلاف ڪرڻ. معاملو ڪرڻ] جهڳڙو. معاملو – تڪرار.
• **تَناسُبُ:** ذ. [ع. نَسَبَ > تَناسُبُ = ملي اچڻ. ٺهي اچڻ] مناسب. مشابهت. برابري. موافقت.
• **تَناسُخ:** ذ. [ع] مرڻ بعد روح جو ٻئي قالب ۾ اچڻ جي حالت (ڪن آڳاٽن مذهبن جي عقيدي موجب، روح جو ڪيل عملن مطابق مرڻ ڪان پوءِ ٻئي جسم ۾ اچڻ جي حالت). مرڻ ۽ جيئڻ جو چڪر – آواگَـوَن. حُلول.
• **تَناسرو:** ذ. [سن. تناشرِيَ = مغز. ميجالو. جوهر] جوهر. ڪوبہ آلو سَتُ، روغن يا تيل. ڪنهن بہ ڏاتوءَ جو آلو جوهر. سڪل مِک يا وَهہ جا چانوَ ۾ سڪائجي. ماکيءَ جو جوهر. زنبوري شڪر. مصريءَ جو جوهر. ڪندُ جو هڪ قسم (جا دوا طور ڪم اچي).
– **تَناسِري قُريلُ:** ذ. صفت. خشڪ دماغ. حواس باختہ.
• **تَناسُل:** ذ. [ع] نسل پيدا ڪرڻ. پيڙهياتي پُري – مسلسل پُري.
• **تَنانُ (ث):** ضمير. توکي. اوهان کي.
• **تَناوُل:** ذ. [ع] کاڌو کائڻ – نوش – خورد. حصول – قبولي.
– **تَناول ڪرڻ:** کاڌو کائڻ – نوش ڪرڻ. تناور.
• **تَنايا:** ذ. [ع. ثَنايا] اُهي بہ سامهان مٿيان ۽ بہ هيٺيان ڏند جي ٻار کي ٻهريائين نڪرن.
• **تُنبا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (اڪثر لاڙڪاڻي، حيدرآباد ۽ نوابشاھ ضلعن ۾).
• **تُنبارَڻُ:** مصدر. [ف. تُنبِيدَن = اٿڻ، ڪٽڻ، ڦٽي ڏيڻ. سنوارڻ (وار)] تُنبڻ – پجڻ. ڪپهہ يا اُنَ کي ذرا ذرا ڪرڻ (صاف ڪرڻ لاءِ). سڻڻ – ڪُٽڻ – مار ڏيڻ – ڪنجڻ.
• **تُنبانُ:** ث. تمام ويڪري سلوار.
• **تُنبراٽي:** اسم خاص. سنڌ جي مسلمانن جي ذات ۽ پاڙن جو نالو.
• **تُنبڙيو ۽ تُنبڙيا:** ذ. صفت. اُهو ماڻهو جو تنبي تي پلاماري.
• **تُنبِڙ:** ذ. ث. شڪاري پکيءَ جو هڪ قسم. باز جو هڪ قسم (لرزانڪ باز جي مادي. رنگ اڇو ڪارجتو. چهنب ڏکهي ۽ ڪاري) – ريڳي. هڪ هلڪو شڪاري پکي (جو اُڏامندي هڪ جاءِ تي ڪنپ هڻي بيهي تنبي ۽ ڪوئن وغيره شڪار کي تاڙي پوءِ مٿان لُوهہ ڏئي) – ڪُٺامار.
• **تُنبَڻُ:** مصدر. [ف. تُنبِـيدَن = ڏڪڻ. لرزڻ] هيٺ مٿي ٿيڻ (هوا ۾). ڏنگـڻُ (ڪنهن نرم شيءِ جهڙوڪ ڪت وغيره تي) – ٽپڻ – ڪُڏڻ (احمق وهٽ جيان). چِرڻ پرڻ – سک ڪري نہ ويهڻ (ذهين يا پلي گهوڙي وانگر). ڦرڻ (باز جو پنهنجي شڪار مٿان). هوا ۾ ڦٽڙڻ يا هيٺ مٿي ٿيڻ (پکيءَ وانگر). جوش ۾ اچڻ. ڪاوڙجڻ. (تنبيو – تنبيندو – تنبيل).
• **تُنبَڻُ:** مصدر. [ف. تُنبِيدَن = اٿڻ. ڪٽڻ. ڦٽي ڏيڻ] ذرا ذرا

• **تَنگهيائي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪوٽڙيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تَنڻُ:** مصدر. پرا. تَنُئي: ڪپڙي جي تُن يا سوراخ کي سُئيءَ سان اَٽڻ — بور پرڻ — رفُو ڪرڻ. توڻ ڪرڻ — سوراخ ڪرڻ — تَنگ ڪرڻ. (تَنيو — تُنيندو — تُنيل).

• **تَنِئي ج تَنِئيُون (ل):** ث. زناني چوليءَ جي گريبان کي سَٽ يا اگڙيءَ جي بدَلِ ڪَهي — تَنِي.

• **تنو ج تنا (ت):** ذ. ڪاني جو تِيلو. گاهه جو تِيلو. ڪمند يا جوئر جي ڪاني کي ڳرين وتان نڪتل پاڙون. تندو. پاڙ جي تند. وڻ جي تاري. پنجوڙ جو انگهو (جنهن ۾ پنجوڙ جا پلا ند پڌجن). پيراڻ جو وچ وارو ڪپڙو (جنهن کي ٻري يا پاسو ڳنڍجي).

• **تَنوار ج تَنوارُون:** ث. آواز. جهونگار. لاٽ (پکين جي). للڪار. سڏ (چوپائي مال کي). ذڪر جي هونگ. پچار.

— **تَنوارُون ڪرڻ:** ٻوليون ٻولڻ — لاٽيون لَنوڻ. ذڪر ڪرڻ. جهونگارون ڪرڻ.

• **تَنوارڻ:** مصدر. آواز ڪرڻ. آلاپڻ. ٻولڻ. للڪارڻ. لَنوڻ. وڄڻ (ساز). (تنواريو — تنواريندو — تنواريل).

• **تَنوَر:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **تَنوَرُ ج تَنوَرَ (ت):** ذ. تارُ (جنڊ جو) — مات (ل).

• **تَنوُرُ ج تَنوُرَ:** ذ. [ف] مانيون پچائڻ لاءِ ڳنڊلي مثل زمين ۾ کوٽيل کڏ. ڪورو — ٻني. مَچُ — آرَاهُ.

• **تَنوَمَند:** ذ. صفت. [ف] طاقتور. ٿلهو متارو. تندرست — چڱو ڀلو.

— **تَنوَمَندي:** ث. تندرستي — چڱڀلائي.

• **تَنوڻَ، تَنوڻِ ج تَنوڻُون، تَنوڻُون:** ث. هڪ ويلي جو اَنُ. ويلو — ورو. قُوت. هڪ ويلي جو ڪاڌو.

— **تَنوڻ ۾ تنگي هوڻ:** گذران تنگ ٿيڻ. ڏکيو گذران ٿيڻ.

• **تَنوير:** ث. [ع. نَار = چمڪڻ] نُور — روشني — چمڪو.

• **تَنوِين:** ث. [ع. نَوَنَ = 'نُون' جو آواز ڪرڻ] ڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ واري اکر سان 'نُونَ' — 'نُون' جو آواز ڪرڻ] ڪنهن لفظ جي پڇاڙيءَ واري اکر سان 'نُون' گڏي اچارڻ خاطر ڏنل ٻه زبرون، ٻه زيرون يا ٻه پيش "جبراً، فانٍ، اَسدٌ".

• **تَنها:** صفت. [ف. تنها < تَنَهٔ = اڪيلو] اڪيلو — هڪڙو — ڇڙو. الڳ — جدا. فقط — رڳو.

— **تنهائي:** ث. اڪيلائي. خلوت — علحدگي.

• **تَنهِن، تِنهَن:** ضمير. [پرا. تَهه: سن. تَسْيَ] اُن — انهيءَ. هُن.

— **تنهن پر:** ظرف. تنهن وانگر — انهيءَ وانگر — انهيءَ طرح.

— **تنهنڪري:** ظرف. انهيءَ ڪري — انهيءَ سبب.

— **تنهن ڪانسواءِ:** ظرف. اجان انهيءَ ڪان به وڌيڪ.

— **تنهن لاءِ:** ظرف. تنهنڪري.

• **تَنهُن (ڪ):** ذ. ڦَڙهي جو وڏو ٻوڙو.

• **تَنهن پرينهه:** ظرف. پرينهن کان پوءِ ٻيو ڏينهن.

• **تُنهن:** ضمير متصل. [ف. تُ: پرا. تُهه: سن. تُسْيَ] ضميري اڳياڙي، جا هميشه 'جو'، 'جي'، 'جِي' ۽ 'جا' سان گڏ ڪم اچي — تو (ڪ. لس).

— **تُنهنجو:** ضمير واري اضافي صورت. تو وارو.

• **تُنهين:** ضمير تنهن — اُنهي.

• **تَنِي، تِني:** ضمير. اُنهن. تن جي.

• **تَنيا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي گنبت ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تَڻ:** ث. [سن. تَنْ = تاڻڻ] ڇڪ — تاڻ — ڇِڪي. تانگهه — سڪ. 'تَوڻ' (= ڪاڌو قوت) جو مخفف — ويلي جو قُوت.

— **تَڻ لڳڻ (ڪ):** ڪاڌو لڳڻ — زور وٺڻ (بدن ۾).

• **تَڻ (ٿ):** ث. پرت جو ڪم. پرپل ڳَجُ يا ڪنجرو.

• **تڻار:** ذ. ڇڪ. گهيلَ.

• **تَڻَ (ت):** ذ. ساهه جي ڇڪ. شوق — خيال.

• **تُڻ تُڻ:** ث. ڪٽ قٽ — جهيڙو — ڪتراڳ.

• **تَڻڪ، تَڻڪَ:** ث. ڇڪ — تاڻ — تانگهه.

• **تَڻڪڻ:** مصدر. ڇڪڻ — ڇڪ ڏيڻ. (تڻڪيو — تڻڪيندو — تڻڪيل).

• **تُڻڪو:** ذ. ذرو — ٿورو ذرو. تُنڪو.

• **تَڻڻ:** مصدر. [سن. تَنْ = تاڻڻ] ڇڪڻ — تاڻڻ. ڳولڻ — جانچڻ. وڙهڻ. (تڻيو — تڻيندو — تڻيل).

• **تڻو:** ذ. پرت جو هڪ قسم. پرت پرپل ڳج يا ڪنجرو. پرت پرپل ڪپڙي جو ٽڪر (جو گهگهي يا ڳج جي ڇاتيءَ وٽ هڻجي). تَڻِي — ٻَرِي.

— **تڻي جو هارُ:** ذ. ڳج جي پرت جو هڪ قسم. ڇاتيءَ وٽ ڳج جو پرت (جو هار وانگر ڏسجڻ ۾ اچي. خاص ڪري ڪنوارين ڇوڪرين جي چولن تي اهو پرت ٿئي. انهيءَ پرت کي 'ڪنڊلو' به چون: وچولي ۾ 'گريباني' يا 'ڪٽيون' چون ۽ لاڙ ۾ 'ٻيڙو' چون: اهڙو ساڳيو پرت جو اُرهه جي هيٺان هجي

Gul Hayat Institute

ان کي 'سينا بند' يا 'هيج' چون).

• **تِڙي ج تِڙيُون:** ث. [سن. تَنُ = تاڻڻ] ڇڪَ – تاڻَ – ڪشش. مرضي – تمنّا – خواهش. سِڪ – اُڪند – اُڪير "اديون عبداللطيف چئي، لڳيم تَن تِڙي" (شاهه). گج جي پيٽ پٽي – ٻَرِيُ. ڪنجري جو ڏاڳو (جو ڇڪي پنيءَ ڏانهن ٻڌبو آهي. جنهن جي ڪولڻ سان سينو اگهاڙو ٿئي). سينو – ڇاتي "ڪولي تن تِڙي، دلپت مليا دوست کي" (دلپت). بوٽ جو ڏاڳو – تسمو – ڪشو. نوڙيءَ جي پينگهه (ث). اُٺ کي هَر سان ٻڌڻ جي نوڙي (ث). هڪڙي نوڙيءَ جي لوڏ جنهن جي پڇاڙيءَ ۾ ڪاٺيءَ ٽڪر ٻڌل هجي (ث).

• **تو:** ضمير حاضر واحد. [پرا. تئي؛ سن. تْوَمَ = تون پاڻ؛ ف. تُوْ] ڪنهن ماڻهوءَ سان مخاطب ٿي ڳالهائڻ وقت 'تون' جي (١) ماضي جي صيغي ۾ حالت فاعلي ("توکيو تو ڪاڏو")، (٢) عام صورت ۾ حالت جري ("توڏانهن، تو وٽ، تولاءِ") ۽ (٣) ڪوهستان ۽ لس ٻيلي جي محاوري ۾ حالت اضافت ("توجي" = تنهنجي).

• **توتي:** ظرف. تنهنجي مٿان.

• **توڏي:** ظرف. تنهنجي پاسي.

• **تَوُ:** ذ. [سن. تاپُ؛ ف. تاو = سيڪ] گرمي – ڪوساڻ – سيڪ – گرمائش.

– **تَوُ ڏيڻ:** سيڪ ڏيڻ – گرم ڪرڻ.

• **تَوُ ج تَوا:** ذ. [ع. طوا؛ ف. تابه] مانيءَ پچائڻ لاءِ لوهه جو گول ٽڪرو.

– **تَوُ کُهمائڻ:** ڪارو منهن ڪرڻ. خراب ڪم ڪرڻ.

• **تَوّابُ:** ذ. [ع. تاب = توبه ڪرڻ] توبه ڪندڙ. پڇتائيندڙ.

– **تَوّابُ نات هئڻ:** توبهه قبوليندڙ (ڏٽي تعاليٰ) جي يادگيري هئڻ.

• **تَواتُرُ:** ذ. [ع. وَتَرَ = زه يا ڏاڳو ٻڌڻ] سلسلو – لاند.

• **توارَ ج تَوارُونَ:** ث. تنوار. آلاپ. وائي. ڪُوڪار. للڪار. سڏ – پڪار. لاتِ – جهونگار. ڳالهه – ذڪر. ڳلا. گارِ (ڪ).

– **توار ڪرڻ:** تنوار ڪرڻ. لات لنوڻ. (مال کي) سڏ ڪرڻ. گار ڏيڻ.

• **تَوارُدُ:** ذ. [ع. وَرَدَ = هو داخل ٿيل] ٻن شخصن طرفان ساڳئي مضمون جو خيال. ٻن شاعرن جو هڪجهڙو خيال. هڪبئي جي خيالن جو ميلاپ.

• **تَوارَڻُ:** مصدر. تنوارڻ. آواز ڪرڻ. ڳالهائڻ. جهونگارڻ. گاريون ڏيڻ (ڪ). (تواريو – تواريندو – تواريل).

• **توارو (ل):** ذ. پِيٽا ۽ پاراتا.

• **تَوارِيخُ:** ث. [ع. تارِيخَ ج تواريخ < اَرَخَ] مهيني جا ڏينهن. سن يا سالن جو علم. واقعات جو علم. تذڪرو. داستان. اتهاس. اهو ڪتاب جنهن ۾ گذريل وقت جا حالات ۽ واقعات تفصيل سان سن وار لکيل هجن.

• **تَوازُنُ:** ذ. [ع. وَزَنَ = توراڻ] وزن – تورَ. برابري.

• **تَواضُعُ:** ذ. [ع. وَضَعَ = رکڻ] خاطر مدارت – مهمانداري – آدر ڀاءُ. نياز نوڙت. مروت. ادب. نهٺائي – حليمائي.

• **تَوامُ:** ذ. [ع] جاڙو (چاول ٻار).

• **تَوانُ:** ث. [ع] طاقت – زور – همت – توانائي.

– **تَوانگَرُ:** ذ. صفت. طاقت وارو. مالدار – دولتمند – تونگر.

• **توانو ج توانا:** ذ. صفت. [ف. توان = طاقت] طاقتور – سگهو – ڇاق – چڱو ڀلو – تندرست – خوش. تازو. مضبوط.

– **توانائي:** ث. طاقت – زور – چاقائي – تندرستي. مضبوطي. تازگي.

• **توائِي ج توائِيُون:** صفت. گمراهه – ڀليل – منجهيل. وائڙو – موڳو – حيران. ڇڙوڇڙ.

– **توائِي ٿيڻ:** ڀلجي وڃڻ – گمراهه ٿيڻ.

• **توبَ ج توبُونَ:** ث. [ف. ترڪي. توپ] هڪ قسم جو بارودي هٿيار – گولو اڇليندڙ ڪَلَ – توپ – توف.

– **توبچي ج توبچِيُ:** ذ. صفت. [ترڪي] توب وارو. توب ڇوڙيندڙ. بندوق هڻندڙ. گُلنداز. نشانه باز. چيٽو شڪاري.

– **توبخانو ج توبخانا:** ذ. [توب + ف. خانه =گهر] توبن رکڻ جي جاءِ.

– **توبزَنُ:** ذ. [ف] توب هڻندڙ – توبچي – گلنداز.

– **توبزَني:** ث. توفن هڻڻ جي حالت – گولي باري.

• **توبرو ج توبرا:** ذ. [ف. توبَره] چم جي ڳوٿري جنهن ۾ داڻو وجهي گهوڙي جي منهن تي چاڙهي ڇڏجي جيئن گهوڙو آسانيءَ سان داڻو چرندو رهي – پاهورو.

– **توبروا توبروا:** ندا. چڙيل گهوڙي کي توبرو ڏيکاري سڏڻ ۽ بيهارڻ جو آواز.

– **توبرن ۾ ڪائڻ:** پوري ٻني تي راضي رهڻ.

– **توبري تي نه بيهڻ:** چڙيل گهوڙي جو توبري کي ڏسندي به نه بيهڻ ۽ مستي ڪرڻ. ڪنهن ماڻهوءَ جو آڪڙ مان نه جهلائڻ. ڪنهن جي نه ٻڌڻ.

Gul Hayat Institute

فيصلو – نبيرو.

– **تورو ڪرڻ:** طرف وٺڻ – پاسو ڪٽڻ. سانگو ڪرڻ. تعريف ڪرڻ.

• **تُورو ج تُورا (ت):** ذ. ٻِين جي نوڙيءَ مان اُٽيل ڳوٿري. نوڙين جو ٺهيل چڪو يا ٻوٽاڙو (جو جانور جي منهن تي چاڙهي ڇڏجي، جيئن گاهه يا انَّ نه کائي سگهي). ڪپڙي جو ڪيسو – گُوندو "چوندين ڳاڳا، ڪرين ياڳا، تورا پريو تان ميان" (ولي محمد). ٺڪريا ڪاشيءَ جي ٿانوَن کي رنگ ڏيڻ جو قلم.

• **توري ج توريُون:** ث. ٻلي مچي مارڻ جي رڇ ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي (جا 'سَنڌ' سان ٻڌجي).

• **تُوري ج تُوريُون:** ث. ڀاڄيءَ جو هڪ قسم. سُٽ مان ٺهيل ڄاري (جا ننڍڙن ڦرن جي منهن تي چاڙهي ڇڏيندا آهن. جيئن هو مٽي نه کائين يا ڏائين نه).

– **تُوريُ مُوريُ ڪرڻ (ٿ):** پنهنجي مرضيءَ تي هلڻ. گذر سفر ڪرڻ.

• **تُوريو:** ذ. تيلي ٻج جو هڪ قسم (ڄانٻي جي قسم جو. هن مان تيل گهٽيرو نڪري).

• **توڙ:** ذ. ڇيهه – دنگ. حد. انتها. پڇاڙي – پڇاڙي – آخر – نهايت. منزل.

– **توڙان:** ظرف. توڙ ڪان. اصل ڪان. بلڪل – مور – هرگز. اول ڪان لوڏي ڪيڏيل.

– **توڙان تڙيل:** ذ. صفت. مُنڍ ڪان ڌڪاريل. نياڳو. منحوس.

– **توڙ تائين:** ظرف. پڇاڙيءَ تائين – آخر تائين.

– **توڙ جو تڙيل هئڻ:** ڌُرئون ڌڪيل هئڻ. منحوس هئڻ – نياڳو هئڻ.

– **توڙ نِباهڻ:** پڇاڙي ڪرڻ. آخر تائين وفاداري ڪرڻ.

• **تَوڙِي (ل. ٿ):** ث. سخت اُس تاوڙِي – تپش. گرمي.

• **توڙي:** حرف جملو. جيتوڻيڪ – اگرچ – توڻي.

• **تُوزُڪ:** ذ. [ترڪي] عملو – اثالو. ٺاٺ – دبدبو. شان شوڪت. ٺاهه ٺوهه – آرائش – سينگار. قانون – آئين. بادشاه جو روزنامچو (جو هن خود لکيو هجي. جيئن "تُوزُڪ بابري، توزڪ جهانگيري وغيره) – تُزُڪ.

• **تَوَسُّط:** ذ. [ع. وَسَطَ = وچ ۾ هئڻ] وچ – اعتدال. واسطو. وسيلو – ذريعو.

• **تَوَسُّل:** ذ. [ع. وَسَلَ = منت ڪرڻ] وسيلو – ذريعو. سفارش – پارت.

• **تَوسَنُ، تُوسَن:** ذ. [ف] گهوڙو (جو تکو ۽ اهنڊ هجي). (صفت) بهادر.

• **تُوسو (ل):** ذ. سائو (رنگ).

• **توسيع:** ث. [ع. وَسعَ = ڪشادو ٿيڻ] ڪشادگي – وسعت – ٻڪيڙ. زيادتي – واڌارو.

• **توشڪ:** ذ. [ف] سامان – اسباب. بادشاهه جي قيمتي سامان رکڻ جي جاءِ. اوڇڻ جو هڪ قسم (تمام سنهي ۽ هلڪي پٿراڻي. جنهن ۾ سير کن ڪپهه مس هجي).

– **توشڪ خانه:** ذ. توشا خانو.

– **توشڪي، توشڪچي:** ذ. صفت. توشاخاني جو سنڀاليندڙ.

• **توشو ج توشا:** ذ. [ف. توشه] ڏِرَ – آسرو. ٿمر. منائيءَ جو هڪ قسم. ڏسو "توشهٔ". سفر جو سامان. سفر جو ڪاڏو. سامان.

– **توشاخانو:** ذ. بادشاهن جي قيمتي سامان رکڻ جي جاءِ. گهر ۾ سامان سڙو رکڻ لاءِ ڪوٺي.

– **توشو ڪرڻ:** ٿمر ڪرڻ. ڏِر ڪرڻ. آخرت لاءِ نيڪ ڪم ڪرڻ.

• **توشهٔ:** ذ. [ف. ترڪي] سامان – اسباب – توشڪ. بادشاهن جو قيمتي سامان (جهڙوڪ. ڪپڙا. هٿيار. هيرا وغيره). اهو سامان يا ڪاڏو جو مسافريءَ جي وقت ۾ پاڻ سان کڻجي – رستي جو ڪاڏو. ٿمر. ڏِرُ – آسرو.

– **توشه خانه:** ذ. توشاخانو. توشڪ.

– **توشدان:** ذ. [ف. توشه + دان] اُها چمڙي جي ٿيلهي. جنهن ۾ سپاهي ڪارتوس ۽ سفر جو ڪاڏو کڻن.

• **توصيف:** ث. [ع. وَصَفَ = بيان ڪرڻ] واکاڻ – تعريف – صفت – ساراهه.

• **توضيح:** ث. [ع. وَضَحَ = ظاهر ڪرڻ. صاف ڪرڻ] تشريح – سمجهاڻي – وضاحت.

• **توف ج توفُون:** ث. [ترڪي. توپ] بارود. ڏسو "توپ".

– **توف جي مُنهن ۾ ڏيڻ:** ڏوهاريءَ کي توف جي منهن سان ٻڌي گولو ڇوڙڻ. موت جي منهن ۾ ڏيڻ. موت جي سزا ڏيڻ. وڏي مصيبت ۾ وجهڻ.

– **توفخانو:** ذ. [ترڪي. توپ خانه] ڏسو "توبخانو".

• **توفاڪ ج توفاڪُون:** ث. بندوق (ڏگهي ناليءَ واري).

• **توفيق:** ث. [ع] چڱن ڪمن ۾ سببن جو مهيا ٿيڻ خدا جي طرفان رهنمائي. مدد ۽ موافقت. طاقت – سگهه – همت.

• **تَوَقُّف:** ذ. [ع. وَقَفَ = بيهڻ] دير – ڍر – تاخير. ترسڻ جي حالت – وقفو.

• **تَوقير:** ث. [ع. وَقَرَ = عزت ڪرڻ] عزت – تعظيم – ادب.

• **تَوَڪُل:** ث. [ع. تَوَڪُل (علي) = ڀروسو ڪرڻ] ڀروسو (خدا

Gul Hayat Institute

تي). سيڪجهه ترڪ ڪري خدا ڏانهن توجهه ڏيڻ. آسرو — آڌار — توهه. اُميد.

— **توڪّل جو تُرهو ہٽڻ:** خدا جي ڀروسي تي مشڪل ڪم ۾ هٿ وجهڻ. الله تعاليٰ تي پڪو ڀروسو رکڻ "ہڌ توڪل سندا سدا تُرها، تي حبيج ڪان پجي پري بيزار" (فاضل شاهه).

— **توڪّل جو تڪيو ڪرڻ:** توڪل تي پختو رهڻ. سچيءَ دل سان خدا تي ڀروسو ڪرڻ.

• **تَوَڪّل ج تَـوْنڪل:** ڏسو تَوَڪّل. عام ماڻهن جو محاورو.

— **توڪلِي توڪلِي:** ذ. صفت. توڪل وارو — توڪل ڪندڙ — ڀروسو رکندڙ (الله ۾). (اسم خاص). مرد جو نالو "توڪل علي" جو عام اُچار.

• **توڳاچو:** اسم خاص. تعلقي سانگهڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **تُولان:** ذ. [ف] ڏسو "طولان".

• **تَوَلُّد:** ذ. [ع] جم — ولادت — پيدايش — جنم.

— **تَوَلد ٿيڻ:** ہار ڄمڻ.

• **تولڻ:** مصدر. [سرائڪي] تورڻ.

— **تولِ:** ث. تورَ.

• **تولو ج تولا:** ذ. [سن. تول] ٻارهن ماسن جو وزن — ڏُڪو. تولي جو وَٽُ. تورو.

• **تُومانُ:** ذ. [ف] صوبو ضلعو — صوبي جو لشڪر — ٺاٺ — دٻدٻو. اٿالو — ڊنبلو.

— **تُومانِي ج تُومانِيَ:** ذ. صفت. دٻدٻي وارو.

• **تَوْنْ (ت):** ظرف. تان — مٿان.

• **تُوْنْ ج تُوهِين، توهان:** ضمير. [پرا. تُمْهَ. سن. تْومَ؛ ف. تُوْ] حاضر واحد سان مخاطب ٿيڻ جو لفظ.

— **تُون تُوْنْ مانْ مانْ ڪرڻ:** هڪٻئي کي گهٽ وڌ ڳالهائڻ — ڏندي ڏيڻ.

— **تُوْنْ چا تُوْنْ چا ڪرڻ:** ڏندي ڏيڻ. زباني جهيڙو ڪرڻ. تڪرار ڪرڻ. بد زباني ڪرڻ.

— **تُوْنهِين تُون ڪرڻ:** خدا کي ياد ڪرڻ — خدا جو ذڪر ڪرڻ. ڏٽيءَ جي واڪاڻ ڪرڻ.

• **تُونبو:** ذ. ڪيهه تُنبڻ جو ڪم — تُنْبَ. ڦينهو. ڪچو ڏاڳو.

• **تُونْدِرِي (ت):** ث. پسارڪي وکر جو هڪ قسم.

• **تُونْـرُ ج تُونْـرَ:** ذ. جنڊ جو ٽارُ (ت). ماري — پکي ڦاسائيندڙ.

• **تُونْرِي ج تُونْرِيُونْ:** ث. ٻَن (گاهه) مان ٺهيل هڪ قسم جو تڏو — ٻِنڊي (ت).

• **تَوْنْس:** ث. [ف. تَوِش < تَبِش] گرمي. تپت — ڪوساڻ. بخار. هلڪو بخار — ڪَٽس. اُڃ — پياس.

• **تَوْنڳَل:** ث. ڏسو. توڪّل.

— **تَوْنڪلِي:** ذ. صفت. ڏسو. توڪّلي.

• **تَوْنڪِرو ج تونڪِرا (ت):** ذ. اُلڪو — ڳڻتي — انتظار.

• **تَوْنگُ ج تَوْنگَ:** ذ. زمين جو وڏو ٽڪر. وڏي ٽِبي — گهٽي پوک واري لاڳيتي زمين. گهٽي زمين. باراني تي ٿيندڙ آباد اراضي. گهٽي حد — گهٽو فاصلو (ت). تلاءُ (ت) وڏو تلاءُ. ڀرت جو هڪ قسم. (اسم خاص) ميرپور ماٿيلي ۽ شڪارپور تعلقن ۾ ديهن جو نالو. ڪوهستان جي هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **تَوْنگَرُ ج تَـوَنْگَـرَ:** ذ. صفت. [ف. تونگر < توان = طاقت + گَـرْ = وارو] دولتمند — شاهوڪار — دنيادار. طاقت وارو. بيپرواهه.

— **تَـوَنگرِيْ ڏيکارڻ:** شاهوڪاري ڏيکارڻ. نمايش ڪرڻ. آڪڙ ڏيکارڻ.

• **تَوَڏَ، تَوَڏِ ج تَوَڏُونْ، تَـوَڏِيُونْ:** ث. هڪ مهل جو ڪاڌو — ويلو. رات ڏينهن جو ڪاڌو. رڌ پچاءُ. لوهار جِي اڱرن واري ڪوري.

— **تَـوَڏِ تَنگِي:** ث. رزق جي گهٽتائي — غربت. ڏکيو گذر.

— **تَوَڏ ڪرڻ:** ويلي جو وقت ڪرڻ. ويلي جو وقت پورو ڪرڻ. ڀاڄي يا ٻوڙ ڪرڻ. رڌ پچاءُ ڪرڻ — ڪاڌو رڌڻ.

— **تَوَڏ ڪُٽڻ:** ڪاڌو ڪُٽڻ. ويلو پوڻ.

— **تَوَڏِ ڪُٽو ج تَوَڏِ ڪُٽا:** ذ. صفت. ڪنگال — سُڃو — مسڪين.

• **تَوَڙُ (ت):** مصدر. تپڻ — گرم ٿيڻ.

— **تَوَڙِي:** ث. تپت — گرمي.

— **تَوَڙِي تپائڻ:** پنيان پوڻ (ڪنهن ڪم لاءِ) — باهه ٻارڻ. هر گهڙي چوڻ — وري وري چوڻ. تڪڙ لائڻ. ڏاڍو ڪڪ ڪرڻ.

• **تُوِڙ:** ث. نمونو — ذريعو — رستو. پڇاڙي. منزل مقصود.

• **توڙي:** حرف جملو. توڙي — يا.

• **توڙِي:** ظرف. ايتري ۾ — هينئرئي. جهٽ پٽ. تائين — سُوڌو.

• **توهَ:** ذ. [تُسَڻ (= خوش ٿيڻ) > ترس > توهه] راضپو. ٻاجهه — فضل — لطف — ڪرم — مهرباني "جي توهه ٿيس توڏانهن، تہ وير وهيٹو ناهه ڪي" (شاهه). ڀلائي. بخشش. آسرو — ڀروسو.

— **توهه سان تَڳڻ، توهَ تَڳڻ:** لطف ۽ ڪرم جي آسري تي جيئڻ.

Gul Hayat Institute

- **ٽاجو ڄ ٽاجا:** ذ. جٿو – ٽولي – جماعت. ڪچهري – مجلس. رفاقت. رهاڻ "ٽاجا ٽر بر جهل، پيون پائر وٽ ۾" (رسالو). (صفت) ٺهريَل. پختو ڪٽل.
- **ٽاجڻي (ڪ):** ث. مجلس – ڪچهري.
- **ٽاچو ڄ ٽاچا (ل):** ذ. روڄ – پٽڪو.
- **ٽاٻڻو ڄ ٽاٻڻا:** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (بنا ڇلرن، وات وڏو ننڍڙيون مُڇون، بت سنهون، ڊيگهه اڌ فوٽ ڪن).
- **ٽاڊِل ڄ ٽاڊِليُونْ:** ث. ٺڏڪار "ٽر وُلو ٽاڊل ٿي، ونا مينهن ڳڙا". ٺڏڪار وارو هنڌ. ٿڌي ڇانئيت. هڪ قسم جو ٿڌو شربت (جو باداميون، خسخس ۽ ٻيون ڪي ٿڌيون شيون گهوٽي ٺاهجي؛ ۽ گرميءَ ۾ پيئجي). ڀنگ.
- – **ٽاڊل ٿيڻ:** ٺڏڪار ٿيڻ – ٺار ٿيڻ. موسم ٿڌي ٿيڻ.
- – **ٽاڊل پاڻي ڪرڻ:** ٽاڊل يا شربت وغيره پيئڻ. نشو پاڻي ڪرڻ. نيرن پاڻي ڪرڻ.
- **ٽارَ (ڪ):** ث. مات. سستي. ٽَڏ.
- **ٽارُ ڄ ٽارَ:** ذ. ٿالهه. پيتل اتي گڏ ٿيڻ لاءِ جنڊ هيٺان رکيل ٺڪر جو وڏو رَڇُ – ٽارُ – مات. اُهو هنڌ جتي آنا رکي ڪڪڙ کي آرو ڪرائجي.
- – **ٽارُ ڪرڻ (ٿ):** هندن ۾ شاديءَ جي هڪ رسم موجب ٿالهه ۾ گهور وجهڻ.
- – **ٽارُ گهُمائڻ:** شاديءَ ۾ 'ٽار' جو ساٽ ڪرڻ(مينديءَ رات ٿالهه ۾ اٽي جا ست ڏيا رکي، گيهه سان ٻاري گهمائڻ).
- **ٽارو:** ذ. اُها ڪڏ جنهن ۾ ڳڙ ٺاهڻ لاءِ ڪمند جو رَسُ ڪاڙهي ليٽائين. اها جاءِ جتي آري ڪرڻ لاءِ ڪڪڙ جا آنا پيل هجن. لوهه جو پڙڇ (جنهن تي کوهه مان ڪڍيل ٻوڪيَ جو پاڻي هارجي). ويڙهو (نانگ جو).
- – **ٽارو ڪرڻ:** نانگ وانگر ٽڏيءَ زمين تي سمهڻ. وڪڙ هڻي ويهڻ.
- – **ٽارو هڻڻ:** دَت هڻي ويهڻ – ڇپ ماري ويهڻ.
- **ٽارُونْ:** ذ. جمعي جو ڏينهن.
- **ٽارِيْ ڄ ٽارِيُونْ:** ث. ٿالهي. ٻوئو – نِيهند. گهر گهر ۾ ڏنل شاديءَ جي ماني. ونڊ – حصو (ڪ).
- **ٽارِيچو ڄ ٽارِيچا:** ذ. صفت. ٽڙ جو رهاڪو – ٽَري. (ث) ٽاريچي ڄ ٽاريچيون.
- **ٽاريلو ڄ ٽاريلا:** ذ. ٽڙ جو رهاڪو – ٽاريچي. پکي جو هڪ قسم (ث) ٽاريلي ڄ ٽاريليُونْ.
- **ٽاريلِي ڄ ٽاريليُونْ:** ث. پکيءَ جو هڪ قسم – بلبل.
- **ٽاڪَ ڄ ٽاڪون:** ث. ويڪري شيءِ. وڏو ڇيٽو – داڦ. راڳو. ٻَڪ – جهڳي – يخي.
- – **ٽاڪَ ٽڪ:** ث. اجائي ٻَڪ – واهيات گفتگو.
- – **ٽاڪَ ڪرڻ:** ٻڪ ڪرڻ – يخي هڻڻ.
- **ٽاڪڻُ:** مصدر. [سن. سْٿاپن] ٿاپڻ – مقرر ڪرڻ. ٿڦڻ. اَٽي، مٽيءَ يا ٻيءَ نرم شيءَ کي ٿڦي ويڪرو ڪرڻ يا پکيڙڻ. لِنُبڻ. داڦڻ. وڦلڻ. ٻڪڻ. جهڳي هڻڻ. (ٽاڦيو – ٽاڦيندو – ٽاڦيل).
- **ٽاڪو ڄ ٽاڪا:** ذ. هُرلي يا نار ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاني. چڪر يا ڦيٽي جو وچون ٿُلهو ڪاٺ – ٽاڦو. آويءَ جي منهن کي ڍڪڻ لاءِ ٺڪر جو گول ڍڪ – ٽاڦو – ڪَٽهو. سونارن جي اصطلاح ۾ چاندي پگهاري وجهڻ لاءِ ٺڪر جو ٽانءُ (ت).
- **ٽاڪوڙو ڄ ٽاڪوڙا:** ذ. ترڻ يا غوطي کائڻ وقت پاڻيءَ ۾ هٿ يا پير جو هنيل دَڪُ. پاڻيءَ ۾ اُڇاترن هٿن هڻڻ جو آواز – ڇَپ ڇپ. وڏو ڇيٽو. اندازو. ڏُڪو. فضول ڪوشش – بيڪار محنت.
- – **ٽاڪوڙا هڻڻ:** اڻ تاروءَ جو پاڻيءَ ۾ هٿ پير هڻڻ. هٿن هڻڻ سان ڇپ ڇپ ڪرڻ. ڏُڪا هڻڻ – بي دليل ڳالهه ڳولڻ. اٽڪل سٽڪل ڪرڻ. بيڪار ڪم ڪرڻ.
- **ٽاڪِي ڄ ٽاڪيُون:** ث. ڪنيارڪي ڪم جو هڪ اوزار – نَپِٽي. رازڪي ڪم جو هڪ اوزار – مارو. ننڍو ڇيٽو.
- **ٽاڪُ ڄ ٽاڪَ:** ذ. [سن. سْٿا + ڪ] هنڌ – جاءِ ـ ماڳ ـ جُوءِ ـ پَڌُ. ٿاڻو. منزل – ڊاهو. فقيرن جي بيٺڪ ـ آستانو. ڪنهن ملڪ يا علائقي جي حد ڏيکارڻ لاءِ ٺهيل پڪو بُرج يا منارو – چونْڪي.
- – **ٽاڪائِي ڄ ٽاڪائِي:** ذ. صفت. ٽاڪ وارو – رهاڪو.
- – **ٽاڪ ٻَستي ڪرڻ:** حد بندي ڪرڻ. هر هڪ زميندار جي زمين جي حد مقرر ڪرڻ ۽ ان جي ڊِل مقرر ڪرڻ.
- – **ٽاڪَ تي اَچڻ:** ماڳ تي اچڻ.
- **ٽاڪڻُ (ڪ):** مصدر. ٽاڪ ڪرڻ. ڊاهو ڪرڻ. ترسڻ. ٽِڻن ۾ کير نہ هوندي بہ کير پياڪ ٻچي جو ٿونا هڻڻ يا ٿونا هڻي ڏائڻ. (ٽاڪيو – ٽاڪيندو – ٽاڪيل).
- **ٽاڪوڙو، ٽاڪيڙو:** ذ. ٿَڪُ – ٿڪاوٽ. ماندڪائي.
- **ٽاڪِڻُ، ٽاڪِڙَڻُ (ت):** مصدر. ڏڌل ٻڪريءَ کي وري ڏهڻ.

Gul Hayat Institute

– **ٺَج مرڻ:** ڪنهن عورت جي ٻُبن ۾ ٺَج پرجي وري سڪي وڃڻ.
– **ٺَج وهڻ:** 'پيٽ واريءَ' عورت جي ٻُبن مان کير وهڻ (اهڙيءَ حالت ۾ ٻارجمڻ سان مري وڃڻ يا ڪنهن عزيزجي مرڻ جو بدسوڻ ڄاتو ويندو آهي).
• **ٺَڏ:** ث. سردي – سيءُ – ٺار. ٺڏ جو وقت (صبح جو پهر، سج اُڀرڻ کان اڳ يا سج اُڀرڻ مهل). ٺڏ جي اثر کان ٿيل ليس – زڪام.
– **ٺَڏِ ۾ هڪلڻ:** صبح جي پهر ۾ پنڌ پوڻ. سويل ئي سنبت ڪرڻ.
– **ٺَڏِ ۾ ئي:** ظرف. ساجهرئي – سويرئي. صبح ساڻ.
• **ٺَڏاڻِ:** ث. ٺار. ٺڏڪار. ٺڏِ _ ٺڏائي. خنڪي (هوا ۾). فرحت (گرمين ۾ ٺڏيءَ هوا سبب).
• **ٺَڏائي:** اسم خاص. سنڌ جي هندن جي هڪ قبيلي جو نالو.
• **ٺَڏائِڻُ:** مصدر. [سن. ٺاره = پارو] ٺڏو لڳڻ – ٺريل محسوس ٿيڻ. سردي محسوس ڪرڻ – سيءُ لڳڻ. (ٺڏائيو – ٺڏائيندو – ٺڏائيل).
• **ٺَڏائي ۽ ٺڏايون:** ث. ٺَڏاڻِ. صبر. تحمل – بردباري. سُستي – گيسر – ڍرائي.
• **ٺَڏِجڻ:** فعل مجهول. ٺڏ لڳڻ – ٺري وڃڻ – سرد ٿيڻ. سردي لڳڻ سبب زڪام ٿيڻ. (ٺڏيو – ٺڏبو – ٺڏيل).
• **ٺَڏِڙا:** ذ. هٿن ۽ پيرن جي ترين يا بدن جي ڪنهن به حساس هنڌ تي آڱرين سان ڪيل هلڪي ڇُههَ (جنهنڪري سڄي بدن ۾ سُرڙاٽ ٿين ۽ آسيس اچي). ننڍڙي ٻار کي ٻهرين پيرو نڪتل ملو (ت). ڦلٺا (جي ڄمڙيءَ جي ڪنهن خاص بيماريءَ سبب نڪرن).
– **ٺَڏِڙا ڪيڻ:** بدن تي هلڪي نموني ۾ ڇُههَ ڪرڻ – بت تي هوريان هوريان هٿڙا گهمائڻ. بدن تي هلڪي خارش ڪرڻ.
• **ٺَڏِڙو ۽ ٺَڏِڙا:** ذ. ٻير جو ٻِجُ – ڪڪڙو – ڏَڏڙو. ٻارن جي هڪ بيماري. صفت. "ٺڏو" جو اسم تصغير. ٿورڙو ٺڏو.
• **ٺَڏِڙِي:** ث. [سن. ٺاره = پارو] هندن جو هڪ وڏو ڏينهن (ساوڻ مهيني جي ستين تاريخ. جا ماتا ديويءَ جي يادگيريءَ ۾ ملهائين) – گوڪل اشٽمي.
• **ٺَڏِ ڪارُ ٺَڏِ ڪارُن:** ث. ٺَڏاڻِ. آبهوا جي ٺڏائي. وٺڪار جي ڇانو ۽ پاڻيءَ جي پوسل سببان ٺَڏاڻ جي ڪيفيت. اول سياري ۾ هلڪو سيءُ. سيانڊڙو.
• **ٺَڏو ۽ ٺَڏا:** ذ. صفت. [سن. ٺاره = پارو] سرد – خُنڪ. ٺريل. پاڻي ٺاريندڙ – ٺريل پاڻيءَ وارو (گهڙو). مانيٽو – سانتيڪو. بردبار. نرم دل. گيسر ڪندڙ. سنست. ڪم جو ڍرو. ڪاوڙ لٿل – راضي – خوش. ٺريل ٻُت وارو – بيهوش. مئل. (ث. ٺَڏِي ۽ ٺڏيون). (ن)
(زبان جي شائستگيءَ ۽ چڱيءَ وائيءَ جي لحاظ سان) جسم تي ڪنهن تتل شيءِ جو نشان – ڏنب. سڙڻ جو نشان – داغ. هڪ ٻن ڏينهن جو پڪل ۽ ٺريل لولو – 'ٺڏڙيءَ' جو لولو. (اسم خاص) ڪراچي جي اتر اوير طرف هڪ ننڍي نئين جو نالو (جنهن جي ڪناري تي ملڪ طوطا ڪرمتيءَ جو مشهور مقام آهي. جو فن سنگتراشيءَ جو هڪ نادر نمونو آهي).
– **ٺَڏا شُوڪارا ڀرڻ:** ٺڏا ساهه کڻڻ (غم سببان). ارمان ظاهر ڪرڻ. افسوس ڪرڻ. پڇتائڻ.
– **ٺَڏا ڪپڙا:** ذ. اونهاري ۾ پائڻ جا هلڪا ڪپڙا.
– **ٺَڏا گهڙا ڀرڻ:** خدمت ۽ محبت خاطر پاڻيءَ جا ٺڏا دلا ڀرڻ. خدمت ڪرڻ. چڱا پير ڀرڻ.
– **ٺَڏو ٺانهرِيو ٺَڏو ٺهريو:** ذ. صفت. جوش ۽ جذبي بدران ٺريل طبيعت وارو. گهڻ سَهُو. ڪم ڪار ۾ ڍرائي ڪندڙ. ڪم جي اون نه ڪندڙ.
– **ٺَڏو ٿورو ۽ ٺَڏا ٿورا:** ذ. اها مهرباني يا ٿورو جنهن مان ڪو خاص فائدو نه ٿئي. نالي جو ٿورو.
– **ٺَڏو ٿورو رَکڻ. ڪرڻ:** ڪابه مدد يا مهرباني نه ڪندي به احسانمند ڪرڻ. خواه مخواه احسان جتائڻ.
– **ٺَڏو ٿيڻ:** سرد ٿيڻ – ٺري وڃڻ. ٺَرڻ. ڪاوڙ لاهي ڍرو ٿيڻ. سانت ۾ اچڻ. (اصطلاحاً) سڙڻ. بيهوش ٿيڻ. مري وڃڻ.
– **ٺَڏو ٺِڪر هجڻ:** جذبي کان سواءِ هجڻ. بي همت هجڻ. ڏَڏَ جو ڏَڏُ هجڻ.
– **ٺَڏو پيٽ ڪرڻ:** ٺڏو ڪاڏو ڪائڻ. اميد پوري ڪرڻ. دل خوش ڪرڻ.
– **ٺَڏو رکڻ:** ٺريل رکڻ. ماٺو رکڻ. ڪاوڙ ڍري ڪرائڻ. صبر ڪرائڻ.
– **ٺَڏو ڳالهائڻ:** ڪاوڙ لاهي، ٺريل نموني ۾ گفتگو ڪرڻ.
– **ٺَڏو ساهه ڀرڻ. کڻڻ:** وڏو ساهه کڻڻ (ڏک سببان). ڏک ظاهر ڪرڻ. اندر مان آهه ڪڍڻ.
– **ٺَڏو ڪرڻ:** ٺارڻ. وسائڻ. (چلهو. ٽانڊو). پاڻي ۾ اُڇلڻ (تعويذ. زبون قرآن وغيره). ڪنهن جي ڪاوڙ لاهڻ. هندن جي هڪ رسم (جنهن موجب پنج منگل جي حالت ۾ آخري منگل تي باهه نه ٻاريندا. طعام نه چاڙهيندا ۽ صبح جو سنان ڪندا).

Gul Hayat Institute

– **ٿِڪڙيو**: ذ. صفت. ٿڪڙين وارو – اڳڙيارو.

• **ٿَگُ**: ذ. صفت. اَڻ وٽندڙ – اَگرو "تو اچي ڪم ايريو ڏس ڪيئن ٿگُ" (گل).

• **ٿَلُ ج ٿَلَ**: ذ. [سن. سْٿَلَ] سخت ۽ سڪل زمين – خشڪي. زمين. پَٽُ. مٿانهين زمين. سَٿو – ٿَهو. ريگستاني – ٿَرُ. پيڙهه – بنياد. شروعات – منڍ. ڪافيءَ جو منڍ – مَطْلع. گهوڙي جو هڪ سنج – ٿڙو.

– **ٿَل ٻڌڻ**: بنياد ٻڌڻ – پيڙهه ٻڌڻ. لالچائڻ – ريبڻ. چَٽَ ٻڌڻ.

– **ٿَل چڙهڻ**: ڍِڳ لڳڻ – انبار لڳڻ.

– **ٿَلَ سان ويهڻُ**: پلٿي ماري ويهڻ. آرام سان ويهڻ. بي اُلڪي ويهڻ.

• **ٿَلْ ٻيڙو**: ذ. لنگر تي بيٺل ٻيڙي. پتڻ. رهڻ جي جاءِ ـ گهر گهاٽ. ڏس پتو. وسيلو.

– **ٿَل ٻيڙو لڳڻ**: ڪاميابيءَ جي ڪناري تي پهچڻ. ٺانيڪو ٿيڻ. مَن جي مراد پڄڻ.

– **ٿَل ٻيڙو ملڻ**: پير ڪُرهڻ اچڻ – پتو پوڻ.

• **ٿُلُوُ (ت)**: ذ. صفت. گهڻو ٿُلهو – ٿُلهَڙُ.

• **ٿَلڪُ (ٿ)**: ذ. رت جو جميل دِڳُ.

• **ٿَلْڪَڻُ (ت)**: مصدر. لَڏڻ. ڇُلڪڻ. ڏڪڻ – ڪنبڻ. (ٿلڪيو – ٿلڪندو – ٿلڪيل).

• **ٿَلهُ ج ٿَلهَ**: ذ. منڍ – شروعات. ڪافيءَ جي پهرين مصرع (جيڪا هر مصرع پويان وراڻي طور ڳائڻ ۾ اچي) – ٿَلُ.

• **ٿَلهُ ٻڌڻ**: مُنڍ ٻڌڻ – ڳالهه جي شروعات ڪرڻ. بنياد ٻڌڻ. راڳ ڳائڻ شروع ڪرڻ.

• **ٿَلها**: [اسم خاص] هڪ ذات جو نالو.

• **ٿُلهَڙُ ج ٿُلهَڙَ**: ذ. صفت. [سن. سْٿُول] گهڻو ٿلهو – ٻُٽ ۾ تمام گهڻو پريل – اجايو ٿُلهو.

• **ٿُلهِڙو ج ٿُلهڙا**: ذ. [سن. سٿول] ٿُلهو ماڻهو – ٿورو ٻت ۾ پريل. بدن جو هڪ عضوو – گوڏي کان مٿي ٽنگ جو حصو – رانَ.

• **ٿَلهو ج ٿَلها**: ذ. [سن. سْٿَل] مٽيءَ جو ڍِڳ. دڙو. ويهڻ لاءِ مٽيءَ جو پٽريل ڍِڳ – هٽراڏو مٿانهون پڌر – گهر جو مٿانهون اڱڻ. اڳنڊ. آڳرُ – آڳڙ. پڌرُ – اوٽو (ل). (اسم خاص) ڪَڪَڙ ۽ ڪشمور ۾ ٽيپي ۽ ديهه جو نالو.

• **ٿُلهو ج ٿُلها**: ذ. صفت. [سن. سٿول: ع. تله] ٻت ۾ پريل. موٽو. سوڪو. ڏندو مُٽو – دنبو – متارو. بي ڊولو. (ث. ٿُلهي ج ٿُلهيون).

– **ٿُلهو پهرڻُ**: سادو ڪپڙو پائڻ.

– **ٿُلهو ڪَتڻُ**: اڍنگا ڪم ڪرڻ. آخرت لاءِ توشو نه ٺاهڻ.

– **ٿُلهو کائڻُ**: سادو کائڻ. سادو گذران ڪرڻ.

– **ٿُلهو ڳالهائڻُ**: ڏاڍيان ڳالهائڻ. سچ ڳالهائڻ. اهڙو ڳالهائڻ جنهن ۾ خوشامد ۽ رياءُ نه هجي.

– **ٿُلهو هَنْڍائِڻ**: سادو ڪپڙو پائڻ. سادگيءَ سان هلڻ.

– **ٿُلهو ٽنيرو**: صفت. ٿلهو. ج ٿلها ٽنيرا. ڏٿو مٽو. متارو. چگو ڀلو – ڀڙ. سکيو – آسودو. (ث. ٿُلهي ٽنيري ج ٿُلهيون ٽنيريو).

– **ٿُلهو متارو ج ٿُلها متارا**: ذ. صفت. تندرست – (ث. ٿُلهي متاري ج ٿُلهيون متاريون).

– **ٿُلهيرڙو ج ٿُلهيرڙا**: ذ. صفت. ٿورو ٿُلهو.

– **ٿلهي ليکي**: ظرف. اٽڪل رُوءِ ـ تخميناً – عَلَي الحسَاب – دوم شوم.

• **ٿَرُ ج ٿَرَ**: ذ. [سن. سَتَنْيَن = ڀَرَڻُ] گهاٽا وڻ. وڻن جو جهڪٽو. ڳجهي جاءِ. لِڪڻ جي جاءِ. تمام اٿانگو ۽ لڪل هنڌ. چورن جو ٺاڪ. ديرو. مِرن جي لڪڻ جي جاءِ. گهوڙي جي ٻڌڻ جي جاءِ. اجهو – پناهه. روڪ – رنڊڪ. گهوڙي کي ڏنپ ڏيڻ مهل چون "ٿَر".

– **ٿَرَ جو مِرون**: ذ. خوفناڪ سُوئر. بيحيا ۽ خطرناڪ ماڻهو.

– **ٿَرُ ٿيڻُ**: ڪنهن لڪل هنڌ پناهه وٺڻ. سر لِڪائڻ. محفوظ ٿيڻ (چوري جو مال).

– **ٿَرُ ٽڏائِڻُ**: شڪار جي اصطلاح ۾ سُوئر کي جهنگ مان ٻاهر ڪڍڻ.

– **ٿَرُ ڪَرڻُ**: چوريءَ جو مال لڪائڻ.

• **ٿَمائڻ**: مصدر. [سن. ستَنْين = ڀَرَڻُ] زور ڏيئي پرڻ. ڏٽي پرڻ. چوريءَ جو مال لڪائڻ. هنڌائتو ڪرڻ. هٽيڪو ڪرڻ. قابو ڪرڻ. ڦٻائڻ – هضم ڪرڻ. بيهارڻ. روڪڻ – رنڊڻ. ترسائڻ. مرونءَ کي هڪ هنڌ تاڙڻ.

• **ٿَمبُ، ٿمبُ، ٿرمبُ**: اسم خاص. مڪران ۾ هڪ شهر.

• **ٿَمجڻُ**: مصدر. "ٿمڻ" مان فعل مجهول. [سن. سْتَنْيَنْ] لڪڻ – قابو ٿيڻ.

• **ٿَمِرُ ج ٿَمِرَ**: ذ. صفت. لڪلُ. ٿر ڪندڙ. لڪائيندڙ.

• **ٿَمَڻُ**: مصدر. [سن. سْتَنْيَنْ = ڀَرَڻُ] جهلي بيهڻ. زور ڏيئي پرڻ – دٻي پرڻ. ٻُورڻ. ڍَڪڻ. لڪائڻ. (چوريءَ جو مال) قابو ڪرڻ. ڦٻائڻ – هضم ڪرڻ. روڪڻ – رنڊڻ. بيهارڻ. شڪار جي جانور کي تاڙي هٽيڪو ڪري ويهارڻ. چپ ٿيڻ –

Gul Hayat Institute

• **ٺوم:** ث. [ع. فوم] اوبڙ جو هڪ قسم (جنهنجو سائو يا سڪل ڦر ۽ پن خوشبودار ٿين. عام طور ٻوڙ پاڃي ۾ ڪم اچي) — لَسڻ. (ڪناية) همٿ — مڙسي — پهچ — طاقت.

— **ٺوم نہ هجڻ:** طاقت نہ هجڻ — همت نہ هجڻ.

— **ٺومارو:** ذ. اٽي، ٺوم ۽ جهڻ مان ٺهيل ڳنڍڻ.

• **ٺومار:** ث. ٻوٽي جو هڪ قسم. ڪپ.

• **ٺومي:** اسم خاص. ضلعي سکر. تعلقي روهڙيءَ، تپي جنوجيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٺونو ج ٺونا:** ذ. مينهن يا ڍور ڍڳي جو ٽڪرُ — ديهہ — اَڪَل (ڪ).

— **ٺونا هڻڻ:** جانور جو مٿو هڻڻ. ڪوشش ڪرڻ. ڪُنڊن ۾ ڪوٺا ڪوٽي ڪرڻ (ٿ). بي واجبي وڙهڻ. چيڙائڻ. جهٽ هڻڻ (ڪنهن شيءِ لاءِ).

• **ٺونرُ:** صفت. ٺونا هڻندڙ — ديهہ هڻندڙ. ويڙهاڪ.

• **ٺوٺرُ:** صفت. ٻياني وانگر ٻہ سانگو ٿلهو ڪاٺ.

• **ٺوٺي ج ٺوٺيون:** ث. ڇپَرَ يا ڇت کي ٽيڪ طور ڏنل ڪاٺي. ٿنڀ. جهلو — ٽيڪو. مُني — منگهو. نَڪَ ۾ ٻنهي ناسن جي وچ واري. پت — بانسو.

— **ٺوٺي ڏيڻ:** ٽيڪ ڏيڻ. مدد ڪرڻ.

• **ٺوهہ:** ث. ناپسند ڳالهہ — اڻ وڻندڙ گفتگو.

• **ٺوهان:** ث. ڪراهت — ٻُڇان — نفرت.

• **ٺوهرُ ج ٺوهرَ:** ذ. جابلو ۽ واريا سي علائقي ۾ پيدا ٿيندڙ عام مشهور ٻوٽو — زمين تي پکڙجي، ٿلهيون ۽ پوريون ٺاريون ڇت وانگر ڪري، گهڻئي قسم ٿين ڪنڊائون ۽ ٻنان ڪنڊن ٻہ ٿئي. گل جو هڪ قسم (ٿ).

— **ٺوهرُ ولائتي:** ذ. ٻنان ڪنڊن ٺوهر جو هڪ قسم.

— **ٺوهرُ نانگ ڦڻي:** ذ. ٺوهر جو هڪ قسم (نانگ جي ڦڻ وانگر ٿلهن پنن ۽ ڪنڊن سان).

• **ٺوهرُ ڇڄو:** اسم خاص. ضلعي ٿرپارڪر. تعلقي ڏيپلي. تپي ٻلهياري ۾ ديهہ جو نالو.

• **ٺوهڙُ ج ٺوهڙَ:** ذ. ٿلهي ماني.

• **ٺوهو ج ٺوها:** ذ. اَٽ جي پنيءَ جو وچ وارو اُڀريل حصو. پاٽيءَ جي لَهر — ٽشين جي چولي (ڪ).

• **ٺوڪيلا (ٿ):** ث. (ٻاراڻي راند جو اصطلاح) ٺُوڪِلا — ٺُوڪا — هڪ محاورو بس ڪرڻ لاءِ يا آڻ مڃڻ لاءِ.

• **ٺهُ ج ٺهَ:** ذ. [سن. ستر] ڍڳ — ڍير — انبار — ستو. ستي — ٿهي. ماڳ — جوءِ. ٻيٺڪ — ٽانيڪي جاءِ. مٽيءَ جو ٿلهو. ٺهُ. ٺرُ — ٺرو. فرحت — آرام. ڏسڻ جو ڏيل پر اصل ۾ بيڪار ماڻهو.

• **ٺهائيتو ج ٺهائيتا:** ذ. صفت. ٽانيڪو — هنڌائتو. فرحتي — آرامي.

• **ٺهَرُ ج ٺهَرَ (ٿ):** ذ. ڌيرج — صبر.

• **ٺهرڻ:** مصدر. [سنْ. سْٿرْتا] ٽِڪي ٻيهڻ — ڪِپي ٻيهڻ — هڪ هنڌ جمي ٻيهڻ. فرحت وٺڻ — ٺورو ترسڻ — ٺورو ٻيهڻ. (ٺهريو — ٺهرندو — ٺهريل).

• **ٺهَر:** ث. ٺَهَرَ — آرام ماٺ — صبر. ڌپ — ٻانس — ٻوءِ. ٺورو وقفو ٻيهڪ

• **ٺهرائڻ:** مصدر. مهلت ڪرائڻ. ترسائڻ. دير ڪرائڻ.

• **ٺهرو ج ٺهرا:** صفت. گهڻو وقت رکڻ ڪري ڌپ ڪري ويل — باسي. ڪٿو. اُگرو.

• **ٺهمَرُ (ٿ):** ث. (ع. "تَحَمُّل" جو بگڙيل لفظ. برد باري. صبر — ڪانڌ — ڌيرج. ماٺ. آرام — فرحت. دير.

• **ٺهڻ:** مصدر. ٺهَ ڪرڻ — ٺهہ ڪرڻ. هڪبئي جي مٿان رکڻ. سٿڻ. ڍڳ ڪرڻ.

• **ٺهو ج ٺها:** ذ. هڪبئي مٿان رکيل شيون — ٿهُ. ستو — ڍڳ — انبارُ — ڍيرُ — ڪوڙُ — ٿلهو. (صفت) گهڻو (ٿ) ترو پيريل (ڪ).

— **ٺهو ٿي ٻوڻ:** گڏ ٿي وڃڻ. ٽِڪي ٺُٺي سمهي ٻوڻ.

— **ٺهو ٿيڻ:** ويڙهجي سيڙهجي وڃڻ.

• **ٺهي ج ٺهيون:** هڪبئي مٿان رکيل شيون. دستي — سٿي. ڍِڳي. زخم تي ٻڌڻ لاءِ ڪپڙي جي ٽڪرن جي گَدي.

• **ٺهي:** اسم خاص. ضلعي حيدرآباد. تعلقي ٽنڊي باگي. تپي ڪڙي آوت ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٺهيمَرُ:** ذ. اسم خاص. هڪ مشهور قبيلي جو نالو. 'تميمر' جي بدليل صورت. تعلقي حيدرآباد. تپي مولان ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٺهيمَرُ واهہ:** اسم خاص. ضلعي سکر. تعلقي شڪارپور. تپي جهان واهہ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٺٺي (ٿ):** ث. [سن. ٺُٺُ] راند هلندي راند ڪان نڪرڻ جو آواز — ٺُوڪا — ٺوڪلا — بس.

— **ٺٺي ٻلهاڙو (ٿ):** ذ. ٻلهاڙي راند ۾ ٻيءَ ڌر جي رانديگر کي هٿ لائي ڪاپائڻ ۽ راند بند ڪرڻ جو آواز.

Gul Hayat Institute

– **ٺئي ڪرڻ (ت):** ٿوري وقت لاءِ راند بند ڪرڻ – ٿوڪا ڪرڻ.
- **ٺَئِي ٺَئِي:** ث. ناچ جو تارُ – ڏسو "ٺيانْ ٺيان".
- **ٺئيٽَرُ ج ٺئيٽَرَ:** ذ. [انگ. Theatre] ناٽڪ جي جاءِ. ناٽڪ گهر.
- **ٺَئيمُوَرُ (ڪ):** ذ. هڪ ذات جو نالو.
- **ٺَيانْ ٺَيانْ:** ذ. ناچ جو تارُ ناچ جي ٻول جا الفاظ. ناچ. "ٺَيا ٺَيا ڪر يارَ تساڏي عشق نچايا هي" (بُلا شاهه).
- **ٺيبا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي حيدرآباد. تپي مولان ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ٺيبانڻ:** ث. اسم خاص. ضلعي دادو تعلقي ڪوٽڙي. تپي لڪيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ٺيبِڪي:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي الهيار. تپي ڏاسوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ٺيپَري:** اسم خاص. ضلعي ٿرپارڪر. تعلقي عمرڪوٽ. تپي چوڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- **ٺيت ِ ج ٺيتيُون:** ث. [سن. تِتِ] روزاني خريداري وهنوار يا ڏي وٺ جي مقرري. مقرر گراهڪي – ٻانڌاڻ. تِت. آهت. مقرر ڪيل وقت. هڪڙن واپارين جو مال ٻين کي اُڌوري تي ڏيڻ جو هنڌ. رُوئداري – واقفيت – ڏيٺ.
- **ٺيت رکڻ:** ڪنهن واپاريءَ کان مال وٺڻ جو سلسلو جاري رکڻ. روزاني خريد فروخت جي ڏائي ٻڌائڻ.
- **ٺيتِي ج ٺيتِي:** صفت. ڏيتي ليتيءَ جو ٻانڌاڻ ٻڌل ماڻهو. انجامي. روزانو گراهڪ. ٻڌل خريدار. دلال – واقفڪار.
- **ٺيپ:** ث. مناڻيءَ جو هڪ قسم. مارَ – ٺِپڪو.
- **ٺيڏو ج ٺيڏا (ڪ):** ذ. ٺُونو – ٺَڪَرُ – ڍِيهَ.
- **ٺيرُ ج ٺيرَ:** ذ. نَرُ ٻَڪَرُ. سانُ. (صفت) اڙدو. پهلوان (ل). مستُ. چريو.

– **ٺيرُ وِجهَڻُ:** فساد ڪرائڻ. جهيڙو مچائڻ.
- **ٺيراٺو ج ٺيراٺا (ڪ):** ذ. ڇيلو (عمر هڪ سال کن جو).
- **ٺيرِي ج ٺيرِيُون:** ث. مني جي مڇيءَ جو هڪ قسم – ٺيلهِي مڇي.
- **ٺيڙُ ج ٺيڙَ:** ذ. ٺَپُ. ٺاپو – آڏيڙو. ڏِڪو. لوڏو. ڪُوڙو آسرو – ٺارڻ – دلاسو ڏيڻ. ڪجيءَ جي پاڙ کان ڪجهه مٿيرو نڪتل ٻچو (ت).

– **ٺيڙُ ڏيڻ:** غلط ڏس ڏيڻ. ڪوڙو دلاسو ڏيڻ. گسُو هڻڻ.

– **ٺيڙُ کائڻ:** اُٿل کائڻ. پنهنجيءَ ڳالهه کان ڦِرڻ. انجام شڪني ڪرڻ.

– **ٺيڙَ کائڻ:** ٺاپا کائڻ – رُلڻ – دربدر ٿيڻ.
- **ٺيڙائڻ:** مصدر. ٻاهڙائڻ – آٽڙائڻ. ٽڙڪائڻ. پاڙ کان لوڏڻ – اُکوڙڻ. ٻلائڻ – ٻلائڻ – گمراهه ڪرڻ.
- **ٺيڙو ج ٺيڙا:** ذ. صفت. ٺيڙڻ وارو. مخالف.
- **ٺيڙڻ:** مصدر. ريڙهڻ – چورڻ – سيرڻ. هٽائڻ – اُکيڙڻ. ڦٽائڻ. لوڏڻ. ٺُڏڻ. ڌِڪَڻُ. انجام ڪيل ڳالهه کان ڦيرائڻ. گمراهه ڪرڻ. (ٺيڙيو – ٺيڙيندو – ٺيڙيل).
- **ٺيڪَ ج ٺيڪون:** ث. [سن. سْتَڪ = هٽائڻ] ترار جي مياڻ – ڪپ.
- **ٺيڪائڻ:** مصدر. "ٺيڪڻ" مان متعدي بالواسطه. مياڻ ۾ ترار وجهائڻ. جهيڙو ٽارڻ. مخالف کي وڙهڻ کان بس ڪرائڻ.
- **ٺيڪِڻُ:** مصدر. [سن. ستڪ = هٽائڻ] ترار ڪِپ ۾ وجهڻ. مياڻ ۾ وجهڻ. سندرو ڇوڙي ويهڻ. معاهدو ٻڃڻ. ڪم بند ڪرڻ.
- **ٺيگَ (ت):** ث. هڪ قسم جي ٻاجهيءَ جو ٻجُ.
- **ٺِيَل ج ٺِيَل:** ذ. صفت. ٻڻيَلُ – ٺهيل. بيٺل.
- **ٺِيَلُ ٺايَلُ:** ذ. صفت. پُورو ڪيل. سرانجام ڪيل. ٺهيل ٺڪيل.
- **ٺيلُ ج ٺيل:** ذ. ٺيلهو – ٺيلهو – ڏِڪو.
- **ٺيلڻُ (ل):** مصدر. ڏسو "ٺيلهڻ".
- **ٺيلو ج ٺيلا:** ذ. ڪپڙي – يا چمڙي جي ڳوٿري – ٺيلهو. ڏِڪو. (ث. ٺيلي ج ٺيليون).
- **ٺيلِي ج ٺيليُون:** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم – ٺيلهِي ٺيري.
- **ٺيلهَ ج ٺيلهُون:** ث. ٺيلهڻ جي حالت يا عمل – ڏِڪ. ريڙهه.

– **ٺيلها ٺيلهِي:** ث. ٺِڪَ ڏوم – گهَ پِيه.

– **ٺيلها ٺيلهِي ڪرڻ:** ڏِڪي بازي ڪرڻ.
- **ٺيلهڻ:** مصدر. ٺيلهڻ. ڏِڪڻ. ريڙهڻ – هيرڻ – چورڻ. لوڏڻ. ڏِڪارڻ. هٽائڻ.
- **ٺيلهو ج ٺيلها:** ذ. ڏِڪو – ٺاپو – لوڏو.

– **ٺيلهو ڏيڻ:** ڏِڪو ڏيڻ. پري هٽائڻ لاءِ زور سان ڌڪ ڏيڻ.
- **ٺيلهو ج ٺيلها:** ذ. چمڙي يا ڪپڙي جو ڳوٿرو. ٻجڪو – ٻستو – ماري ماري سڃائي ڇڏڻ.

– **ٺيلهو ڪري ڇڏڻ:** هڏيون پاسريون ڀڃي ڇڏڻ.

- **ٽيلهِي ج ٽيلهيُون:** ث. [سن. سْتَل] ڪپڙي يا چم جي ٻوٽڙي — ٻُجڪلي. مِني جي مڇي جو هڪ قسم — ٽيري.

– **ٽيلهِي بَردارُ:** [ٽيلهي + ف. بردار =ڪندڙ] صفت. رُپين جي ٽيلهِي کڻي گڏ هلڻ وارو. خزانچي.

– **ٽيلهِيءَ جو مُنهن ڪولڻُ:** تمام گهڻو خرچ ڪرڻ. ڏاڍي سخا ڏيکارڻ.

– **ٽيلهيُون چاڙهڻُ:** انگور يا ڪارڪن وغيره جي ڇڳن تي پڪين جي بچاءَ ڪان ٽيلهيون ٻڌڻ.

- **ٽِيَڻُ:** مصدر. وڃڻ وڻڻ — وجود ۾ اچڻ. هئڻ — هجڻ (ڪم). ٿهڻ — راس ٽيڻ — مڪمل ٽيڻ. جُڙڻ — زير تڪميل هئڻ. (ٽيو — ٽيندو — ٽيل).

- **ٿيوو ج ٿيوا:** ذ. مُنڊيءَ جي ٽڪ — ٻڙو — نَگِينو.

- **ٿِيوْرِي ج ٿِيوُرِيُون:** ث. [انگ. Theory] اُصُول. مَتو.

Gul Hayat Institute

– **ٽه رقمي:** ث. ٽن رقمن وارو حساب (جنهن ۾ ٻن مليل رقمن جي مدد سان ٽين رقم جواب طور ڪڍجي).

– **ٽه سالو ج ٽه سالا:** ذ. صفت. ٽن سالن جي عمر وارو.

– **ٽه سانگ ج ٽه سانگو:** ث. ٽي شاخون. وڻ ۾ ٽن شاخن جي ڦٽڻ جو هنڌ.

– **ٽه سانگُ ج ٽه سانگو:** ذ. ٽن شاخن يا ٽن اَنگهن وارو هٿيار – ٽِسانگو. ٽن انگن واري ٿوٽي.

– **ٽه سَرِ:** ث. تاس راند ۾ مختلف رنگن مان هڪجهڙن ٽِن پتن جو جوڙ – ٽِپيري. ٽِن سَرُن واري ڏهري.

– **ٽه سو (ٿ):** ذ. ٽن سون ڌاڳن واري تاڃي مان ٺهيل ڪپڙو. ٽيهن ڌاڳن مان تيار ڪيل ڪپڙو. ڪپڙي جي ٽِن ڏرن کي ملائي ٺاهيل چادَر. (صفت) چِڊو – ٽُسو.

– **ٽه سُول ج ٽه سُولَ:** ذ. ٽِن ڏندن وارو هٿيار – ترشول. ٽن واٽن جي ملڻ وارو هنڌ – ٽِواٽو.

– **ٽه سِيِ، ٽه سِيو:** ذ. (ت). ث. ٽن سَون تندن جي تاڃيءَ وارو ڪپڙو.

– **ٽه ڦَلو:** ذ. [هـ ترڦلا: ع. اطريفل] ٽن ڦُلن يعني هريڙن، ۽ ٻهيڙن جو مرڪب. (جو دوا طور ڪم اچي).

– **ٽه ڦٽي، ٽِڦِٽِي ج ٽه ڦِٽيُون:** ث. ٽن ڪُنڊن واري لوهه جي ڪُرپي (جنهن سان ٿئي تان ماني وغيره اُٿلائجي) – ڇيتِ (ت). وراٺي.

– **ٽه ڦٽيءَ جهڙو مُنهن ڪرڻ:** مايوس منهن ڪرڻ. ملول ٿيڻ.

– **ٽه ڦيٿي ج ٽِڦِيٿيُون:** ث. ٽن ڦيٿن واري گاڏي، سائيڪل وغيره

– **ٽه ڪالي ج ٽه ڪالي:** ث. تور جي وڏي ڪانٽي ٽنگڻ جي لاءِ ٽن ڪانئين جي مخروط اڏاوت.

– **ٽه ڪارُ:** ذ. صفت. ٽِن ڪارَن داغن وارو. (جانور: ڏڳو، گهوڙو) نياڳو – ڇَندبو.

– **ٽِ ڪُنِي ج ٽه ڪُنيون:** ث. ٽن قسمن جو طعام. نڪ جي مٿان پِرُن جي وچ وارو هنڌ.

– **ٽه ڪَپڙي:** ث. ٽن ڪپڙن پائڻ جي عمر کي پهتل ڇوڪري. بالغ ٿيڻ جي ويجهو ڇوڪري.

– **ٽه ڪَنٽي (ٿ):** ث. گاهه جو هڪ قسم – ٽڪَنڊي.

– **ٽِڪُنڊو ج ٽِڪُنڊا:** ذ. جاميٽريءَ ۾ ٽِن ڪُنڊن ۽ ٽن پاسن واري بند شڪل – مثلث الاضلاع. (مختلف ٽڪنڊا: اٽپور پاسو ٽڪنڊو، ٻه پور پاسو ٽڪنڊو – ٽه پور پاسو ٽڪنڊو)

– **ٽه ڪُنڊيارو ج ٽه ڪنڊيارا:** ذ. صفت. ٽن ڪُنڊن وارو.

– **ٽه ڪنڊي:** ث. گاهه جو هڪ قسم (جنهن جو ٻج ٽن ڪنڊن وارو ٿئي ۽ ول وانگر پٽ تي پکڙجي) – ٽه ڪَنٽي (ٿ).

– **ٽِڪَٽو ج ٽِڪَٽا:** ذ. صفت. ٽن ڪٽن وارو.

– **ٽِڪورو ج ٽِڪورا (ت):** ذ. (ٽن ڪورن يا پاسن وارو) لوهار کي ڪم جو هڪ اوزار. جنهن سان لوهه يا ڪاٺ جي مٿاڇري کي رهڙڻ يا گسائڻ جو ڪم وٺجي. ٽن پاسن يا ڪنڊن واري رواٽ. (ث) ٽِڪوري ج ٽِڪوريون.

– **ٽِڪَرِي (ڪ):** ث. ٽن پٿرن سان ڪيڏڻ واري هڪ راند – ٽه ٽٽي.

– **ٽِڪَڻُ (ڪ):** ذ. ٽن ڪٽن واري – پرت جو هڪ نمونو.

– **ٽِڪَلو:** ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم (جنهن تي ٽن گلن وارو ڇاپو ٿئي)

– **ٽِڳو ج ٽِڳا:** ذ. ٽن سالن جي عمر وارو ڏڳو.

– **ٽِڳهَڙو ج ٽِڳهڙا:** ذ. سال جي شروع وارا ٽي ڏينهن. (جيڪي ڪورين جي ڪپڙي سِبڻ يا اُٽڻ لاءِ منحوس ڏينهن ليکيا ويندا آهن).

– **ٽِلِ، ٽِلهَ ج ٽِلون، ٽِلهُون:** ث. ٽن ٽٽن واري مينهن يا ڏِڳي.

– **ٽِلڙهه:** ث. ٽن لغڙن جو پيچ.

– **ٽِلڙهو ج ٽِلڙها:** ذ. صفت. ٽن لڙهن وارو هار. ٽه سَرو.

– **ٽِماڙ ج ٽِماڙون:** ث. هڪبِئي جي مٿان ٽن طبقن واري جاءِ – ٽن منزلن واري جاءِ.

– **ٽِماسو ج ٽِماسا:** ذ. ٽن مهينن جي مند.

– **ٽِماهو ج ٽِماها:** ذ. صفت. ٽن مهينن وارو. (ذ) ڪنهن جي مرڻ بعد ٽن مهينن واري خيرات. ٽِپَڪو.

– **ٽِماهي ج ٽِماهيون:** ث. ٽن مهينن جو عرصو – سِماهي.

– **ٽِمُڪو ج ٽِمُڪا (ٿ):** ذ. ٽِمُنهون يا ٽن مُنهن وارو ڏيئو. ٽِواٽو – ٽِسُول.

– **ٽِمُنهين:** ث. گلا – غيبت.

– **ٽِمُنهون ج ٽِمُنهان:** ذ. صفت. ٽن مُنهن وارو هر – ٽِمُڪو. واهه مان ٽن شاخن ڦٽڻ واري جاءِ.

– **ٽِمُني ج ٽِمُنيون:** ث. ڪاٺ کي جهلڻ واري ٽلهي ڪاٺي.

– **ٽِمٽو ج ٽِمٽا:** صفت. ٽن مٽن جي تور وارو.

– **ٽِمُورتي:** ث. هندن جي ٽن ديوتائن (برهمو، شو ۽ وشنو) جي گڏيل مورت – ٽِمونهين.

– **ٽِمونهين:** ث. ڏسو "ٽِمورتي".

– **ٽِواٽو ج ٽِواٽا:** ذ. ٽن رستن يا واٽن جي ڦٽڻ يا گڏجڻ وارو

Gul Hayat Institute

– **ٽانڊيءَ ۾ آڻوٽي وجهڻ:** باهه ۾ ڪاٺيون وجهڻ – باهه ڀڙڪائڻ. معاملو وڌائڻ – جهيڙو وڌائڻ.

• **ٽانڊي ج ٽانڊيون:** ث. ٻرندڙ ڪاٺي – اُماڙي. چڻاٽي. چٽنگ.

• **ٽانڊيءَ ٽپڻو ج ٽانڊيءَ ٽپڻا:** ذ. صفت. يڪدم ڪاوڙجي پوندڙ. ٿوريءَ ڳالهه تي رسامو ڪندڙ. زود رنج. چيڙاڪ. ٻرندڙ.

• **ٽانڊورجڻ:** فعل مجهول. ڦونڊ ۾ پرجڻ – اجائي سيٽ.

• **ٽانڊورو (ل):** ذ. ڳهٽن پکين جي ٽان ٽان جو آواز – پکين جو هلچارو.

• **ٽانڪ (ل):** صفت. سخت ڏسو "ٽاڪ"

• **ٽانڪ منجهند:** ث. ٺيڪ ٻپهر. منجهند وارو گرم وقت. ڏسو "ٽاڪ منجهند".

• **ٽانڪُ ج ٽانڪ:** ذ. صفت. چڱو. مقوي شربت.

• **ٽانڪ:** ث. [انگ. Tonic] طاقت جي دوا.

• **ٽانڪا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ٺٽي ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **ٽانڪاري ج ٽانڪاريون (ٽ):** ث. ٽانڪار. وڻ جو ڳُلُ.

• **ٽانڪارو ج ٽانڪارا (ٽ):** ذ. ٽڪن ڏيڻ وارو – ٽوڪو (ٽ) – واڪسينيٽر.

• **ٽانڪڙو ج ٽانڪڙا (ٽ):** ذ. چمڙو (پکي).

• **ٽانڪرو ج ٽانڪرا (ٽ):** ذ. وقت – مهل.

• **ٽانڪلي ج ٽانڪليون:** ث. پٿرن ڳهڙڻ جو هڪ اوزار – ڇيٽي.

• **ٽانڪڻُ (ل):** مصدر. ٽوبو ڏيڻ. سبڻ. ڳنڍڻ. ريهه ڏيڻ. ٽڪڻ (پٿر) (ٽانڪيو – ٽانڪيندڙ – ٽانڪيل).

• **ٽانڪڻي ج ٽانڪڻيون (ٽ):** ث. ڄنڊ کي کهري ڪرڻ لاءِ لوهو اوزار – ڄنڊ آهوڙو.

• **ٽانڪو ج ٽانڪا:** ذ. ٽوبو. ڦاٽل ڪپڙي يا چمڙي جو ڳنڍُ. ڇڻ سان لٽل حوضُ (ٽ). ڪر – هاڄ (ٽ).

– **ٽانڪو ڏيڻ، هڻڻ:** ٽوبو ڏيڻ – ٽاڪو ڏيڻ. ڳنڍڻ.

• **ٽانڪي ج ٽانڪيون:** ث. [انگ. Tank] سيمنٽ يا لوهه مان ٺهيل حوض.

• **ٽانگ ج ٽانگون:** ث. ٽاري لامَ (وڻ جي). اولاد (پٽ). ڇٽڻ ماسن ٽور جو وزن. ڪڪڙن ويهارڻ جو مَنهنُ.

• **ٽانگر ج ٽانگر:** ذ. ڳُلَ جو هڪ قسم – چنبيلي. ڊاک جو ڇڳو.

• **ٽانگرُ ج ٽانگرَ (ڪ):** ذ. وڏين ٽنگن وارو پکي. تمام ڊگهو ماڻهو.

• **ٽانگڙو ج ٽانگڙون:** ث. ڇنل ڪَٽَ.

• **ٽانگڙ ج ٽانگڙ (ل):** ذ. وڏين ٽنگن وارو – ڄانگهڙيل. ڊگهين ٽنگن وارو ڪُڪڙ. اجايو ڊگهو ماڻهو.

• **ٽانگو ج ٽانگا:** ذ. ٻه ڦيٽي گهوڙي گاڏي – بگي – بگهي (ٽ). (ٻوٽي جو قسم جنهن جي ڪاٺين مان حُقي جون نڙيون ٺهن). سلو. ٽيلو – ڪنهن به جنس جي هڪ شيءِ. نسل.

• **ٽانگور:** اسم خاص. ضلعي ٿرپارڪر تعلقي عمرڪوٽ. ٽپي ڪيروليءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **ٽانگي ج ٽانگيون (ٽ):** ث. ڪجيءَ جي ڦر جهلڻ واري لامَ يا گوشو.

• **ٽانوري:** (اسم) خاص. هڪ ذات جو نالو. ضلعي جيڪب آباد. تعلقي ٺل. ٽپي مبارڪ پور ۾ هڪ ديهه جو نالو. (صفت) هنيلو – هوڏي.

• **ٽاڻُ:** ث. هَٺُ – تڪبرُ – مغروري – ارڏائي – آڪڙ. ٽاڏ – ڦوڪ.

– **ٽاڻ ۾ پرجڻ:** مغروري ٿيڻ – وڏائي ٿيڻ – آڪڙ ۾.

– **ٽاڻ ۾ ڇجڻ:** گهڻو مغرور ٿيڻ.

– **ٽاڻُرُ ج ٽاڻُرَ:** ذ. صفت. ٽاڻ وارو. هنيلو – وڏائيءَ وارو.

• **ٽاڻُون ج ٽاڻان (ٽ):** ذ. اونهاري ۾ ڪڪڙين کي ويهارڻ جو مَنهنُ – ٽانگ.

• **ٽاڻي ج ٽاڻيون:** ث. ٽنب. ٽيپ ٽاپ. ٽَٽ شَٽ.

• **ٽاڻ (ٽ):** ث. ٽاڻ ـ ڦونڊ – آڪڙ. ضدَ ـ هٺُ.

– **ٽاڻ ٻڌڻُ:** لائي ڏيڻ. وري وري چوڻ. بيزار ڪرڻ.

– **ٽاڻ ڪرڻ:** اجايو زور ڪرڻ – ٻنڌي ٻارڻ.

• **ٽاڻُ ج ٽاڻَ:** ذ. ٽاڻو – وقت – مهل – ويلَ.

• **ٽاڻڻُ:** مصدر. ڦٽين مان ڪپهه ۽ ڪڪڙا جدا ڪرڻ. گيهه مکڻ – چربي وغيره. ٺهڪائي صاف ڪرڻ. (ٽاڻيو – ٽاڻيندو – ٽاڻيل).

• **ٽاڻائڻُ:** مصدر. "ٽاڻڻ" مان متعدي بالواسطه.

• **ٽاڻو ج ٽاڻو:** ڪپهه ٽاڻيندڙُ.

• **ٽاڻو ج ٽاڻا:** ذ. وقت – مهل – ويل. نمونو – اهڃاڻ. (ل). طعنو – مهڻو (ل).

– **ٽاڻو ٽارڻُ:** مقرر ڪيل وقت تي نه رسڻ. مهل وڃائڻ. وقت ٽارڻ.

– **ٽاڻو وجهڻ:** فال وجهڻ. موچارو وقت ڳولڻ.

– **ٽاڻي:** ظرف. مهل – وقت.

Gul Hayat Institute

مَخفي جاءِ.

- **ٽِڪِڙ ج ٽِڪِڙيُون (ت)**: ث. چِيلهه – ڍَڏَرِ ـ ڍِڍي.
- **ٽِڪِڙو ج ٽِڪِڙا**: ذ. [سن. تِلُڪَ] نراڙ تي سينڌر يا زعفران جو نشان (هندو لوڪن جي رسم) ڳهه جو هڪ قسم (نراڙ تي ٻڌڻ جو). ننڍڙو گول شيشو. ڌرمي ڪتابن تي هَنيلُ زَعفرانُ جو چَندو – گهوڙي يا ڪنهن ٻئي جانور جي پيشانيءَ تي نشان.
- **ٽُڪِڙو ج ٽُڪِڙا**: ذ هڪ هنڌ تي گڏ ٿيل فقيرن جي ٽولي.
- **ٽَڪِڙِي ج ٽَڪِڙِيون**: ث. سون يا قيمتي پسارڪي وکر توري لاءِ ننڍڙي ساهمي. ڪَٽي شيءِ (ت).
- **ٽِڪِڙِي ج ٽِڪِڙيُون**: ث. پيشانيءَ تي اڇي نشان واري ڳَئون يا ٻڪري.
- **ٽِڪِڙيلُ ج ٽِڪِڙيل**: ذ. صفت. پيشانيءَ تي لڳل داغ وارو. چندو – نياڳو.
- **ٽِڪَس ج ٽِڪسُون**: ث. [انگ. Ticket] ٽڪيٽ. جو بگڙيل اُچار. ٽڪيٽ.
- **ٽِڪِسارُ (ت)**: ذ. رج ۾ اٽڪيل ڪر – اڌ ۾ رنڊيل ڪر. اٽَڪل بازي.
- **ٽِڪِسالَ**: ث. [سن. ٽَنْڪَڪ شالا] سِڪن ٺهڻ جي جاءِ ـ ضَرب خانو.

– **ٽِڪسالِي زبان**: ث. فَصِيح ٻولي – مَجيل ۽ مُسْتَند ٻولي.

- **ٽَڪَسُور**: اسم خاص. ٻُگٽي بلوچن جو هڪ قبيلو.
- **ٽَڪَڪُ ج ٽَڪَڪَ**: صفت. [سن. ٽنڪ] ٻن پيسن جي قيمت وارو رواجي. خسيس. ڪمينو.
- **ٽَڪِڪِي**: ث. واپار جي اصطلاح ۾ هڪ رپئي تي ٻه پئسا دلالي جو حساب.
- **ٽَڪِلِڙو ج ٽَڪِلِڙا (ت)**: ذ. صفت. تمام سنهو – ضعيف (ث. ٽڪلڙي ج ٽڪلڙيون).
- **ٽَڪُلِي ج ٽَڪُلِيُون**: ث. ٽَڪُلو – لوهِي سيخ.
- **ٽِڪلو ج ٽِڪِلا (ت)**: ذ. ننڍِي ماني – ننڍو لولو. رواتي – ٽڪوري.
- **ٽِڪِلو ٽِڪِلو**: ث. بلبل جو آواز يا ٻولي.
- **ٽَڪُلِي (ت)**: ث. نِسرَڻ تي تيار پوک.
- **ٽِڪِلِي ج ٽِڪِلِيُون**: ث. [انگ. Ticket] خط پٽ تي هڻڻ لاءِ حڪومت جي طرفان مقرر ڪيل خاص نشان واري مهر لڳل ڪاغذ جي ننڍڙي ٽڪري (جنهن تي قيمت به لکيل هجي) چِڪ

جي ڪُندن تي لڳل چَمر جون ٽُڪِريون (ت) – ڳِهَ ۾ ترَيَل ڪٽڪ يا ٻاجهريءَ جي ماني (ٿ).

- **ٽِڪَڻُ**: مصدر. [سن. تِشْٽِ] رهڻ – جمي ويهڻ. ڪپڻ. ترسڻ. (مهمان) قائم رهڻ – جتاءُ ڪرڻ.
- **ٽِڪِڻ ج ٽِڪِڻيُون**: ث. ٽوڙهه – روڏ – گَنج – ٽِپِڻ.
- **ٽَڪِي ٽور هلڻ**: آهستي آهستي هلڻ – ناز نخري سان هلڻ – ٽِلَڻ.
- **ٽَڪو (ٽَڪو) ج ٽَڪا (ٽَڪا)**: ذ. صفت. گدلو – گندو – ڪِنو – ميرو. بدبودار. بدماش. بد افعال – بي لڄڻ. (ث. ٽَڪِي ج ٽَڪيون).
- **ٽِڪو (ٽِڪو) ج ٽِڪا (ٽْڪا)**: ذ. [سن. ترْ] گڏ – ٽن جو مَجموعو. تاس ۾ ٽن عددن وارو پتو. چَنَر راند ۾ ڪوڏين جي هڪ ويهڪ. ڍُهل وغيره جي وَڄت ۾ ٽي پيرا (سم) تي پهچڻ واري حالت.

– **ٽِڪا ڪيڻ**: ڍُهل کي هڪ خاص نموني ۾ وڄائڻ.

– **ٽَڪو ٻنجو**: ذ. اَٽڪل – چالاڪِي – حِرفت – لَٻو ٽٻو – اَٽَڪل سَٽڪل – اَٽڪلَ سَٽڪلَ جو گذران – ڏُکيو گـُذرُ.

– **ٽَڪو ٻنجو ڪرڻ**: اَٽڪل سَٽڪل سان ڪم ڪرڻ – بي دلِيو ڪم ڪرڻ – سادي نموني وقت گذارڻ – حِيلي سان گذران ڪرڻ ـ حيلو ڪرڻ – ڪوشش ڪرڻ – اَٽڪل کان ڪم وٺڻ – چالاڪي ڪرڻ.

- **ٽِڪو ج ٽِڪا**: ذ. [سن. تِلْڪ] داغ – نشان – ڇُٽو – ڪَلنڪ – بدنامي جو نشان. ڳهه جو هڪ قسم. (نِرڙَ تي ٻڌڻ جو هڪ ڳهه) – ٽِڪڙو. وَٽُ – اِسْتِنْجو.
- **ٽِڪو پوڻ (ڪ)**: ڪَڪورڇَڻ (ڦل) ساڪَ ڏيڻ.
- **ٽِڪو ڪرڻ (ت)**: پِٿَر سان سُڪائڻ. وَٽُ – اِسْتِنجا ڪرڻ.
- **ٽِڪو لائڻ**: داغ لائڻ – ڪَلَنڪ لائڻ – عيبدار ڪرڻ. بدنام ڪرڻ.
- **ٽُڪو ج ٽُڪا**: ذ. چِيرُ – چِيهُ – ٽُڪُ – وَڍُ. ٻنيءَ ۾ پاڻي وهائڻ لاءِ ٻاري کي ڏنل وَڍُ. بيماري (ماتا وغيره) کان بچاءُ لاءِ ٻانهن کي چيرُ ڏيئي دوا داخل ڪرڻ.
- **ٽُڪا ڏيڻ**: ماتا وغيره کان بچاءُ لاءِ ٻانهن ۾ وڍ ڏيئي دوا داخل ڪرڻ.
- **ٽُڪا ٻڌڻ**: زمين جي ٻارن جو پاڻي بند ڪرڻ.
- **ٽُڪو ڏيڻ**: پاڻي وَهائڻ لاءِ ڪَسِي يا واهِيءَ کي ڪنهن

Gul Hayat Institute

• ٽُنْبَڻُ (ٽرنْبَڻُ): مصدر. سَنهين ڪاٺين سان ڳوٺين جو مُنهن بند ڪرڻ (ت).

• ٽَنْبَل (ل): ٿ. پلڙن ۾ ڪندن سان رهڻ واري هڪ باراٽي راند. (ٻہر جي پَلڙَن ۾ ڪَندا ٺنبي آلي مِٽي ۾ اَٽڪائي ٻين ڪَندَن لڳل پَلڙَنِ سان ڏَڪَ هڻڻ واري راند) ڇُهنبَ واري.

• ٽَنْبَلَ ڏاڙهي: ٿ. سَنئين سِڌي جُنهُبياري ڏاڙهي.

– ٽَنْبِجَڻ (ٽرنبِجَڻُ): فعل مجهول. سنهي ڪاٺيءَ سان سبِجَڻ – ٽُنْبجَڻ.

• ٽَنْبائڻ (ٽرنْبائِڻ): مصدر. ڪاٺي آڙائڻ. "ٽنبڻ" مان متعدي بالواسطه.

• ٽُنْب: ٿ. گهيڙائڻ وارو عمل. چوڳَ. مداخلت. حَرڪَت – چور پچور.

– ٽُنبِجَڻ: زور سان اندر پيهي وڃڻ – گهِڙڻ – گهِڙي وڃڻ.

• ٽُنبائڻ: مصدر. چوڪائڻ. ٽوپائڻ (ٽروپائڻ).

– ٽِنْبَ (ٽرِنْبَ) (ت): ٿ. سنهڙي ڪاٺي. چينيو. سنهڙو سڪل ماڻهو – اپرو ماڻهو ڇِپر. ٽوڪ – چٽر. طعنو – مهڻو.

• ٽِنْبَ (ٽرِنْبَ) هڻڻ: ننڍڙي ڪاٺيءَ سان ڪنهن ڳوڻ يا ڳوٿِريءَ کي بند ڪرڻ. طعنو هڻڻ.

• ٽَنْبِڻُ (ل): مصدر. آهستي آهستي هلڻ (بيمار جو).

• ٽَنْبِڙي: ٿ. پکي جو هڪ قسم (شڪري جي قسم جو هڪ پکي).

• ٽَنْٽو ج ٽَنٽا: . ذ. دنگو. جهيڙو ـ جهڳڙو – گوڙ – تڪرار – فساد – ڪِرود. مناظرو – بحث.

• ٽَنْٽو ڪرڻ: تڪرار ڪرڻ – جهيڙو ڪرڻ.

• ٽَنْجِڻ (ل): ٿ. گهٽائي – گوڙ – بارُ.

• ٽِنْجَڻُ (ٽرنجَڻ) (ل): مصدر. ٽُنْبِڻُ – سُٽ کي ٽيٽو ڪري وَٽڻ. ڪپڙي جي ٽِن ڏَرَنِ کي مِلائڻ لاءِ ڏرن کي ڪِيرَ ڏيڻ. وارن جي ڳِٽ ٺاهڻ لاءِ وارن جي ٽِن چڳَن کي مِلائي ڳُنڊڻُ – چوٽِي ڪرڻ.

• ٽِنْجَ (ل): ٿ. تمام ٿورو سُٽُ – ٽيٽو ڪري وَٽيل سُٽُ.

• ٽَند باز: صفت. آڪڙ باز. وڏائي خور. نخري وارو.

• ٽَنْد تي ٽوپي رکڻ: آڪڙ ڪرڻ – ڦوند ۾ پرچڻ. مغروري ڏيکارڻ.

• ٽَنْد ڪرڻ: وڏائي ڪرڻ. آڪڙ ڪرڻ. شوق ڪرڻ – نخرو ڪرڻ.

• ٽَنْدِي ج ٽِنْدِي: صفت. مغرور – وڏائي وارو – آڪڙِ باز.

• ٽِنْبرُ ج ٽِنبرَ: ذ. صفت. اجائي وڏائي ڏيکاريندڙ. ٽرڙو – هلڪي طبيعت وارو.

• ٽِنْديلو ج ٽِنْديلا: ذ. صفت. وڏائي خور. شوقين. سينگار ڪندڙ.

• ٽَنْدِ: ٿ. مِرُونءَ جا ٻَچا – ڪِندِ گهڻا ٻار ٻچا – وڏِي آڪَهِ.

• ٽُنڊُ: صفت. هٿن ٻانهن کان مَعذُور (ٽُنڊو ج ٽنڊي).

• ٽُنڊو ج ٽُنڊڙا: "ٽُنْڊو" جو اسم تَصغير.

• ٽُنْڊائڻ: مصدر. هَٿن ڪان جَڏو ٿيڻ. ٽنڊن وانگر ڪم ڪرڻ. سُستيءَ سان ڪم ڪرڻ.

• ٽُنڊائي ج ٽُنْڊائِيُون (ت): ٿ. هٿن ڪان معذور هئڻ واري حالت – لُولائي – سُستي – ڪاهلي.

• ٽَنْڊَرُ (ت): ذ. هڪ ٻَڪريُن جي بيماري.

• ٽِنبرَڻ (ٿ ل): مصدر. ٽَانءِ ۾ پَرچڻ – وڏائي ڪرڻ – هلڪڙي طبيعت وارو.

• ٽِنبڙَڻ: مصدر. چنبڙڻ – ڇُهٽڻ. لڙڪڻ – لٽڪڻ (وڻ ۾). (ٽنبڙيو – ٽنبڙندو – ٽنبڙيل)

• ٽَنْبَسُ ج ٽَنبَسَ (ل): ذ. ميڙُ. ڳاهٽ.

• ٽِنْبَسُ ج ٽِنْبَسَ: ذ. ڪَدوءَ جو هڪ قسم ٽُنبو – ميهو (ڪ).

• ٽِنَبسُو ج ٽَنبَسا (ل): ذ. اوڀڙ جو هڪ قسم (جيڪو ڀاڄي طور ڪم اچي) ميهو.

• ٽُنْبڪَڻ (ٽرنْبِڪَڻ): مصدر. ڪاوڙجڻ.

• ٽَنبِ ڪو: ذ. اجائي وِنْڌَ – ٻئي جي ڪم ۾ دَخَلُ.

• ٽِنبِڙُ ج ٽِنْبِڙَ: ذ. جيت جو هڪ قسم ـ عام طرح ڪچين پٽين ۾ ڏرڙ ٺاهي. رهي. (ڪارو رنگ، ہہ قسم هڪ ڪَنين سان ٻيو بنا ڪَنين جي) – ڀَمرِي (ٿ).

• ٽَنبو ج ٽَنبا: ذ. [بلوچي. توده ـ ڪَلَن يا اَنَ ۾ ڏاس مان ٺهيل وڏو طنبو] بلوچي قبيلي يا ڪٽنب جي رهائش واري جُوءِ. بلوچ ڪٽنب جي اڏيل بستي. ڳوٺ. بلوچ قبيلي جي ڪنهن مکيہ ماڻهوءَ جو ٻَڌايل ڳوٺ (انهي ماڻهوءَ جي نالي سان) – ٽنڊو شهر.

• ٽَنْڊيلُ ج ٽَنْڊيلَ: ذ. [انگ. Tuneul جو بگڙيل اُچار] واهن جي مورين ۾ ڪَڙَن تي سنڀال ڪندڙ سرڪاري ملازم.

– ٽَنْگَ اَٽڪائڻ: ڪنهن معاملي يا سودي ۾ هٿ وجهڻ – ڦَڏو ڪرڻ. اعتراض ڪرڻ. رڪاوٽ وجهڻ.

– ڏَنْگا ٽولي: ٿ. ماڻهوءَ کي ٽَنگن ۽ ٻانهن کان جهلي لَڙڪائي کڻڻ واري حالت. زوري ٽنگن ٻانهن کان جهلي کڻڻ جي حالت.

– ڏَنْگا ٽولِي ڪرڻ: ماڻهوءَ کي ٽَنگن ۽ ٻانهن کان جهَلي لڙڪائي کڻڻ. زوري کڻڻ.

Gul Hayat Institute

- ٽوئيلِي ج ٽوئيلِيُون (ٽ): ث. هڪ برتنُ يا ماپو (اچي رنگ جو ننڍي گڏون جيڏو).
- ٽويا (ٽ): ذ. مَچَرَ هوڻي جا پن.
- ٽويَرَ ج ٽويرَ: ث. اَٽڪل – تجويز (ڪ) – رِٿَ.
- ٽويو ج ٽويا: ذ. انّ مئڻ جو هڪ ماڻُ (جنهن ۾ چار پاٽِيون يا سورهن چوٿايُون پَوَن) هڪ ڪاٺ مان ٺهيل هڪ ماپو (٦ شارڪُن يعني ڏيڍ پاءَ جي برابر).
- ٽَهُ (ٽرهُ): ث. [سن. ٽْرش] اُڃَ – پياس. پاڻيءَ جو چنبو. آلاڻِ.
- ٽَهُ (ٽرهُ): ذ. گاهه جو هڪ قسم.
- ٽِهارَ (ٽرهارَ): ظرف. [سن. تر] ٽيون دفعو – ٽيون ڀيرو – ٽِهَر.
- ٽُهارڻ: مصدر. ڏڪڻ – هلائڻ – مدد ڪرڻ – نيائڻ (توڙُ). "ڪين ٽُهاري ٽَڪِرين ساٿَس سَگهائي".
- ٽِهارو: ظرف. [سن. تر] ٽيهه ڪن – ٽيهارو.
- ٽَهارُ (ٽْرهارُ) ج ٽَهارَ (ٽرهارَ): ذ. صفت. ڀڄڻو – ٽَهڻو. (ت).
- ٽِهارُ (ٽرهارُ) ج ٽِهارَ (ٽْرهارَ) (ت): ذ. پوک جو ٽيون فصل – ٽيون دفعو – ٽيون ڀيٽُ.
- ٽِهارِي (ٽْرهارِي) ج ٽِهارِيُون (ٽْرهارِيُون): ث. [سن. تر] چيلهه سان ويڙهيل هڪ قسم جو ڪپڙو (ٽَنگن جي وچان لَنگهائي پوئين پاسي کان ٽُنگيل) – هڪ قسم جو ڪُلهَن تي وِڪڻ جو ڪپڙو – ٽِن ٻَرَن وارِي چادَر (ت).
- ٽِهاڻ ج ٽِهاڻيون: ث. [سن. تْر] ٽن سالن جي ڄمار واري مينهن.
- ٽِهاڻُ ج ٽِهاڻَ: ذ. [سن. تر] ٽن سالن جي عمر وارو جانور (عموماً گهوڙي جي قَدَر لاءِ استعمال ٿيندڙ. ٽن کان چئن سالن واري عمر جو اُٺُ – ٽِن آگرِيَن جي ماپ جي وِڇن وارو سُوئَرُ – ٽَه – آگرو مرون.
- ٽِهاٽو (ٽرهاٽو) ج ٽِهاٽا (ٽرِهاٽا) (ت): ذ. [سن. تر] ٽن سالن جي ڄمار وارو سُوئر.
- ٽِهائِڻُ (ٽْرهائڻ): مصدر. اُڃائِجڻ – پياسجڻ – اُسانِجَڻ – (ٽِهايو – ٽِهائيندو – ٽِهايل).
– ٽِهائِجَڻ (ٽْرهائِجڻ): فعل مجهول ڏسو "ٽِهائڻ".
- ٽَهه ٽَهه (ٽْرهه ٽْرهه): ث. [آواز] وڏي آواز سان کِل – ٽَهڪِڙو.
- ٽَهْڏُ: ذ. صفت. سَرڪَش.
- ٽَهَر ج ٽَهَرُون (ل): ث. صلاح – آرام.
- ٽِهَر: ظرف. [سن. تر] ٽِيون ڀيرو – ٽِيْهَرَ (ث) ٽِيون دفعو وِيايَل ڳئون.
- ٽَهَرائِڻ (ل): فُرصت ڏيارڻ – مُهْلت ڏيارڻ.
- ٽَهَرَڻُ (ل): وِڏڻ – اڳتي هلڻ – آرام ڪرڻ – ٺهرڻ. خدمت ڪرڻ – ٽهل ڪرڻ.
- ٽَهَڙُ (ٽْرهڙُ) ج ٽَهَڙَ (ٽرهڙ): ذ. صفت. ڊڄڻو – ڀڄڻو.
– ٽَهَڙائِي: ث. ڇرڪ – ٽاهه. ڊپ – ڀؤ.
- ٽَهِڙِ (ٽرهِڙِ): ث ٽن ڊينگن وارو نارُ. (ٽانگهي درياءَ جي پاڻيءَ کي مٿانهين زمين ڏانهن پهچائڻ لاءِ).
- ٽُهَڙُ ج ٽَهَڙَ (ل): ذ. پاڻيءَ جي پکيءَ جو هڪ قسم. ميرانجهڙو رنگ، ڳيري جيڏو قَدِ، ڇِڊا کنبَ. (پاڻي جا جيت کائيندڙ). پاڻي جي جيت جو هڪ قسم – سِيانتو – سَرْطانُ – ڪيڪڙو.
– ٽُهڙو ج ٽُهڙا (ٽ): ذ. ڍانڊي پکيءَ جو هڪ قسم – ٽَهَڙُ.
- ٽَهَڳُ ج ٽَهَڳَ (ت): ذ. ٽولو – مَجموعو – گهڻائي – ڪثرت.
- ٽَهَڪو ج ٽَهَڪا: ذ. سنگت – دوستي.
- ٽَهلِي: اسم خاص. ڪَڇَ کان آيل هندن جي هڪ ذات.
- ٽَهَڻُ (ٽرهڻُ): مصدر. ٽاهه کائڻ – ڇرڪڻ – ڊِڄڻ – ڏَرَڻ – خوف ٿيڻ – هَٽَڻ – ڀَڄَڻ. (ٽهيو – ٽهندو – ٽهيل).
- ٽِهَڻِ (ٽرهڻ) (ت): ث. اُڃَ – پياس – اُساٽ.
- ٽَهِٽِي: اسم خاص. تعلقي سيوهڻ، ٽپي باجارا ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- ٽُهو ج ٽُها (ل): ذرو – ٿورو ٽڪر.
- ٽَهوڙُ (ٽرهوڙ) ج ٽَهوڙَ (ت): ذ. صفت. ٽَهَندڙُ – ڀڄندڙُ – ڇِرڪَندڙُ – ڊِڄڻو – ٽاهڙ.
- ٽَهِي ج ٽَهِيُون: ث. عُمرِ ـ وهي – سَن. ساڳي عمر – ساڳي ڄمار. ساڳيو تُور. همعمري – هڪجيڏائي (وهيءَ ۾). ٻاراڻي يا جوانيءَ واري سَٽَ.
- ٽِئاسي: عدد شماري. ڏسو "ٽِياسي"
- ٽِئاڪَرُ ذ صفت. ڏسو "ٽِياڪُر".
- ٽِئانَوي (ٽرئانوي): عدد شماري. ڏسو "ٽِيانوي".
- ٽُئائِي ج ٽُئائِي: ذ. صفت. ڏسو "ٽوئائي"
- ٽُئِجڻ (ٽرئِجڻُ): فعل مجهول. ٽُيِجَڻ (جانور) ٽُنبجڻ.
- ٽِئَرُ (ٽرئر) ج ٽِئَرَ (ٽرئر): ذ. ٻ ڏينهن ڇڏي ٽئي ڏينهن ايندڙ تپ – ٽِيئَرُ.
- ٽِئڙِي ج ٽِئڙِيُون: ث. گهُنڊُ – سُونڊُ (ٽيوڙي (ت) – وڏائي.

Gul Hayat Institute

- **ٽُنڪجَڻُ (ت)**: ذ. ٽـُپجَڻُ (چوپائي) ڏسو "ٽُنبجَڻُ".
- **ٽَئڪَسُ**: ذ. ث. [انگ. Tax] – محصُول – ٿولُ. ڍِلَ. ڇونگي.
- **ٽئگور**: اسم خاص. بنگال جي هڪ مشهور شاعر ۽ مُصَنّفُ "سَر رابِنڊرا ناٿ" جو عام مُروّج نالو.
- **ٽَئِنْڪ ج ٽَئِنْڪون**: ث. [انگ. Tank] لڙائيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ هڪ لوهي گاڏي – بڪتر بند گاڏي. تلاءُ – حَوضُ.
- **ٽُنڪرَ ج ٽُنڪرُون (ت)**: ث. ڏسو "ٽونڪر".
- **ٽـُئو (ٽرٽو) ج ٽـُئا (ٽرٽا)**: ذ. ڏسو "ٽـُرٽو". مشعل ٻاهڻ لاءِ ڪاٺيءَ جي سِري تي ڪپهه جو موٽو يا ڪپڙو. تيل ۾ ٻڌل ڪپهه جو ٻڙو.
- **ٽـُئي جي وَٽ تي وِهارڻ**: جدا ڪرڻ – ڌار ڪرڻ (گهرمان). پاڻ جهڙو نہ ڪرڻ.
- **ٽـُئي (ٽرٽي) ج ٽـُيُون (ٽرِيُون)**: ث. ننڍو ٽوٽو.
- **ٽـُئون ج ٽـُئان**: عدد قطاري – ٽِيونُ – ٽيو.
- **ٽـُئون ٽـُئون**: ذ. [آواز] پکيءَ جي بولي، ڪنن کي نہ وڻندڙ آواز. پؤنڪ.
- **ٽَئونٽو ج ٽَئونٽا**: ذ. زباني جهيڙو. معاملو – تڪرار. آتشبازي جو هڪ قسم.
- **ٽَئونٽِي ج ٽَئونٽيُون**: ث. ڏسو "ٽونٽي"
- **ٽَئونڪ ج ٽَئونڪون (ت)**: چِٽَر – ٽـُول. چرچو. ڏسو "ٽوڪَ".
- **ٽَئونڪ سان رهڻ (ت)**: بي پرواهي سان رهڻ. سچائيءَ سان رهڻ.
- – **ٽَئونڪارَ ج ٽَئونڪارُون**: ث. ڏسو "ٽونڪار"
- **ٽَئونڪَرِ ج ٽَئونڪَرُون**: ث. ڏسو "ٽوڪر".
- – **ٽَئونڪَرَ ڏيڻ**: تورو ڏَڪُ هڻڻ. چِٽر ڪرڻ. چيڙائڻ.
- **ٽَئونر ج ٽَئونرَ**: ذ. ڏسو "ٽَونڙُ"
- **ٽي**: صفت. [سن. تر] هڪ عدد (٣٠)
- – **ٽي پِٽَرَ ڏيڻ**: طلاق ڏيڻ – لوڏي ڪڍڻ. قطع تعلقات ڪرڻ.
- – **ٽي تاپَ**: ذ. يوگ وديا ۾ مَن جا ٽي ڏک (آڌ. و ياڌ. آپانڌ يعني شينهَنِ، نانگن ۽ ديوتائَنِ جا ڏُک: سَرِيرَ جو تاپُ، مَن جو تاپُ، ديوَتائن جو تاپُ.
- – **ٽي ترِيَونْ هڻڻ**: صفا نابري وارڻ – بلڪل انڪار ڪرڻ.
- – **ٽي ڏاٽِيُونْ**: ث. چوپَڙِ راند ۾ ڏاري جو ٽن ڏاٽن وارو ڏاءُ – شِڪست – هارَ.
- – **ٽي ڏاٽِيُون ٻوڙڻ**: ڪوشش جو ابتو نتيجو نڪرڻ. نقصان پوڻ – ياڳُ نہ پڙائڻ.
- – **ٽي مارَنگَ سَنْوان هڻڻ**: هُوند وارو هڻڻ – خوشحال هڻڻ – آسودو هڻڻ.
- – **ٽِيْ**: ث. [انگ. Tea] چاءِ – چانْهہ.
- – **ٽِيْ پاٽُ**: ذ. [انگ. Tea pot] چاءِ جو بَرتن – ڪيٽِلي.
- **ٽِي پارٽِي**: ث. [انگ. Tea porty] چاءِ جي دعوت.
- **ٽِي بِي**: ث. [انگ. Tuber Culosis] ڦڦڙن جي هڪ بيماري – سِلَهہ – دق.
- **ٽِياجَڻُ (ٽرِياجَڻ) (ت)**: ذ. [سن. تر] مرڻ جو ٽيون ڏينهن محرم مهيني جي ١٣ تاريخ. (عاشوري جو ٽيجهو).
- **ٽِياسٽو**: ذ. صفت. [سن. تر] ٽي دفعا چڪايل (شراب. عرق) سہ آتشو. (ذ) تکو نشو ڪندڙ شراب.
- **ٽِياسي (ٽرِياسِي)**: ذ. عدد شماري. [سن. تر + اشٽ] هڪ عدد اسِي ۽ ٽي (٨٣).
- **ٽِياڪُورُ ج ٽِياڪور (ک)**: ذ. اَمِينُ – فيصلو ڪرڻ وارو.
- **ٽِيالَ ج ٽِيالُون (ل)**: ث. چوٽيءَ جي وارَنِ ڪسي وجڻ واري جاءِ – ٽـَند.
- **ٽِيانکهِي ج ٽِيانکهيُون (ت)**: ث. ٽِن اَنکهن واري ڪاٺي – کُنڊي (ت) – ٽيانگ.
- **ٽِيانوي**: عدد شماري. هڪ عدد. نوي ۽ ٽي (٩٣).
- **ٽِيائِي (ک)**: ث. ٽِيهائي – ٽِيُون حصو – ڌاريائي. جدائي. منافقي.
- **ٽيبُل ج ٽيبلُون**: ث. [انگ. Table] ميز.
- – **ٽيبُل ڪلاٿُ**: ذ. ميزجي مٿان وڇائڻ لاءِ ڪپڙو – ميزپوش.
- **ٽيهارَ (ک)**: ث. ننڍڙا ٻارڙا – ٽيهَر.
- **ٽيهارِي ج ٽيهاريُون (ت)**: ث. ڏَڙِي – مٿاهين زمين يا جاءِ.
- **ٽيهِڪو ج ٽيهِڪا (ٽ)**: ذ. ڦـُڙو – ڇنڊو – ٺـُڪو.
- **ٽيهِڪي ج ٽيهِڪيُون (ٽ)**: ث. دروازي کي اَٽڪَ لاءِ ڪاٺ جي ٽـُڪَرَ جي ٽيڪَ.
- **ٽِيهَرِ (ل)**: ث. ننڍڙا ٻار – ٻارڙا.
- **ٽِيهَرِ ٽِيهَرِ**: ث. گهڻي تعداد ۾ ننڍڙا ٻار.
- **ٽيتا**: ذ. [سن. ترتيا] هندومت موجب ايندڙ زمانو (جيڪو ١٢ لک ۹ هزارن سالن جو هوندو).
- **ٽيتاليْهہَ**: [سن. ترِچَتوارِش] هڪ عدد – چاليهہ ۽ ٽي (٤٣).
- **ٽيتَ ج ٽيتُون**: ث. جاچ – چڪاس – نظرداري – جاسوسي – تاڙَ – مَخفي خبر – سُٽَس.

• **نَڱائڻُ:** متعدي معروف. ڦـُرائڻ (نَڱيءَ سان). لالچائڻ. فريب ڏيڻ (نَڱائيو – نَڱائيندو – نَڱايل).
– **نَڱي وجهڻ:** دولاب ڪري وجهڻ – ڦـُري وجهڻ – دوڪو ڏيڻ.
• **ٺـُلُ:** اسم خاص. جوهي، ميرو خان، تنڊي الهيار ۽ شاهه بندر تعلقن ۾ ديهه جو نالو.
• **ٺـُلُ ج ٺـُلَ:** ذ. [ف. تل] مُنارو. پايو. بُرج (قلعي جو). قلعي جي اندر يا مڪيه دروازي وٽ ٺهيل وڏو گول منارو (صفت) ڏِگهو. اوچو.
– **ٺـُل ٺـُون:** اسم خاص. تعلقي ٺل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ٺـُلاهَ:** اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.
• **ٺـَلائڻُ (ت):** فعل متعدي. ٺَلهو ڪرائڻ. سُڃو ڪرائڻ. عوض ڪرائڻ.
– **ٺـُل پراڻو:** اسم خاص. تعلقي ٺـُل ۾ هڪ ديهه جو نالو.
• **ٺـُلراڻي:** اسم خاص. پٺاڻي بلوچن جو هڪ قبيلو.
• **ٺـَلو ج ٺَلا:** ذ. صفت. ڏسو "ٺَلهو" – خالي – سڪڻو – هٿين خالي – مفلس.
• **ٺَلَهَ:** ث. مصدر. "ٺلهه" مان اسم. روڪ – رنڊڪ – رڪاوٽ.
• **ٺَلِهَ:** ث. سڪِڻائي – ٺَلهائي. سُڃ – پينگ – غيرآبادي. سارين جي پوک ۾ خالي سنگ – پٽهه. ڏِڳن جي ٽولي (ت). دِلن جي گهٽائي.
– **ٺَلِهَ پَٽڻ (ت):** ڪُتن جو جانور کي گهيرو ڪري پونڪڻ.
– **ٺَلِهَ تي ڪِلَ ڪرڻ:** سُڃائي تي سِيت ڪرڻ – ٺلهي وڏائي ڏيکارڻ.
• **ٺـُلَهه ج ٺـُلهَ:** ذ. ڏسو "ٺـُل". منارو.
• **ٺَلَهڻُ:** مصدر. روڪڻ – رنڊڻ – بند ڪرڻ. منع ڪرڻ. ناڪ بندي ڪرڻ. ضابطي هيٺ آڻڻ.
• **ٺَلهو ج ٺَلها:** ذ. صفت. خالي – سڪڻو – پالهو. پينگيو – سُڃو. هٿين خالي. (ث) ٺلهي ج ٺلهيون.
– **ٺَلها ٺـِڪرَ:** ذ. خالي ٺانوَ. سڃائي – پينگَ.
– **ٺَلهائي ج ٺَلهائيون:** ث. سُڃائي – سڪڻائي – پالهائي. هٿين خالي هجڻ جي حالت.
– **ٺَلهو ڏيڻ (ث):** ڏٽاري ڪم وٺڻ. پنيلائي پنهنجو ڪم ڪڍڻ.
• **ٺـُمر ٺـُمر:** ظرف. ٺمڪي سان. گهنگهرو. آهستي آهستي – ڌيري ڌيري – سنڀالي. "ٺـُمر ٺـُمر قدم ڌريندا هي." (ولي محمد).
• **ٺـُمري ج ٺـُمريُون:** ث. ڳائڻ جي شعر جو هڪ قسم. راڳ جي هڪ طرز.
– **ٺـُمريُون ٻڌائڻ:** مُند جون ٻڌائڻ – ڪتا جواب ڏيڻ. سخت طعنا هڻڻ – ڪنايه سان وڏا عيب ظاهر ڪرڻ.
– **ٺـُمريُونْ هڻڻ:** زٽ هڻڻ. ڪوڙ هڻڻ. نڱڻ لاءِ ٻناڪ هڻڻ. مسخريون ڪرڻ.
• **ٺـُمڙيو ج ٺـُمڙيا:** ذ. ٺامي جو پئسو – ڏوڪڙ ٺامي جو ٺـُنگ ٺيل پئسو جيڪو فقير ڳچيءَ ۾ ٻڌن.
• **ٺـُمڪو ج ٺـُمڪا:** ذ. زيور جو هڪ قسم – بُولو.
• **ٺَنْبڻُ، ٺَنْبِڻُ:** مصدر. سخت ٿڌي پاڻي يا ٿڌ جو اثر ڪرڻ (جسم تي). ٺارڻ – عضوا ڪيرا ڪرڻ (تمام گهٽي ٿڌ سبب) – ساٺو ڪرڻ (جسم). (ٺنبيو – ٺنبيندو – ٺنبيل).
– **ٺَنْبَ، ٺِنبَ:** ث. سخت سردي – سيءَ جي شدت – ٿڌ – ٺار – برف – يخ (صفت) تمام ٿڌو.
– **ٺَنْبِجَڻُ، ٺِنبِجڻ:** فعل مجهول. ٿَڌِ ۾ سڪي پوڻ. سرديءَ ۾ سُڪڻ. ٺالِجَڻ – ساٺو ٿيڻ.
• **ٺِنْبي:** ث. ماٺ چُپ. ڄِڪَ.
– **ٺنبي هڻڻ:** ماٺ ۾ رهڻ. چنڊ هٽي وهڻ – ڪابه ڳالهه دل ۾ رکي هڪ هنڌ تي ويهي رهڻ.
• **ٺَنَ ٺَنَ:** ظرف. ڪجهه به نه.
• **ٺِنْجهَ (ت):** صفت. وڏو ماڻهو – شاهوڪار – معتبر – وڏي پهچ وارو.
• **ٺَنْڊُ ٺـَنْڊَ (ل):** ذ. صفت. تمام جهونو (وڻ).
• **ٺَنْڊائي ج ٺَنْڊائيُونْ:** ث. ٺڏاڻ – ٺڏائي – ٺڏڪار. ٽاڏل. ڇَٽَ – هُشي – چاپلوسي.
– **ٺَنْڊائي ڪرڻ:** ڇَٽَ ٻڌڻ. ٽاڏل پيڻ – ڪاهلي ڪرڻ – سست ٿيڻ.
• **ٺَنْگُورِجَڻُ (ل):** مصدر. 'ٺنگورڻ' مان فعل مجهول. ٺونگن سان پَچڻ. ٺونگارجڻ. ڦـُٽڻ (ڪُڪڙ جا آنا)، آڪڙجَڻ – سيٽجڻ – اَپو ٿيڻ – ڪاوڙجي اُٿڻ.
• **ٺنگـُورڻُ (ل):** مصدر. چهنبون هڻڻ – ٺونگا هڻڻ. ڪُڪڙ جو آنن کي ٺونگا هڻي پَچڻ. (ٺنگوريو – ٺنگوريندو – ٺنگوريل).
• **ٺـِڻ ٺـِڻ:** ث. [آواز] پٿرن، ٺڪرن وغيره جي ڪَڙڪڻ جو آواز.
• **ٺَڻڪارُ (ت):** ذ. ڪڙڪو (ٺانون ۽ پٿرن جي ڪڙڪڻ جو).
• **ٺِڻڪو ج ٺِڻڪا (ڪ):** ذ. ٺڻڪارُ. ٺِڻڪو. ٺوري ڪِل. چاندي يا ٻي ڪنهن ڌاتو وڄائڻ جو آواز.

Gul Hayat Institute

• ٽَينڪِي ج ٽَينڪِيُونْ: ث. ڏسو "ٽيڪي".
• ٽينگَ ج ٽِينگَونْ (ڪ): ث. ٽِيندي. سيڙهہ گوهو. ڌار (پيشاب جي).
• ٽينگَ ج ٽينگَ: ذ. ٽپو – ٽِپَ – چال.
– ٽينگَ ٽپا ڏيڻ: نچڻ ڪُڏڻ (خوشيءَ ڪان). خوشيون ڪرڻ – ٽپا ڏيڻ.
– ٽينگَ ٽپي تي ڳڌارڻ: متاڇري ريت ڪم ڪرڻ – دل سان پورهيو نہ ڪرڻ – معمولي پورهيو ڪرڻ.
• ٽينگمردي، ٽينگِي مردِي: ث. بهادري – همت – جُرائت – دليري. بيباڪي. خودداري. اجائي آڪڙ – اجائي وڏائي. ٺلهو ٻَرُ. ٺلهو ضد.
– ٽينگلو: ذ. صفت. ٽپ ڏيندڙ. نچندڙ – ناچو.
– ٽينگو ج ٽينگو: ذ. صفت. ٽينگ ڏيندڙ. سُک ڪري نہ وِهندڙ. چالاڪ هلڪو – ٽڙڪو. خوش طبع.
• ٽينگا (ڪ): اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• ٽينگَرا: اسم خاص. مُهاڻن جو هڪ پاڙو.
• ٽينگِيا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• ٽِينهون ج ٽِينهَان: ذ. پڳل ٽِڪَرُ (ت) – پڳل ڇلهہ (ٿ).
• ٽِيهُ (ل): ظرف. پريل – تارُ. وڏو (لچ).
• ٽِيهو ج ٽِيها: ذ. رازڪي ڪم جي اصطلاح ۾ فرش يا ڇت جي راڳي وقت سنوت وٺڻ لاءِ ٺاهيل ننڍي ڏَڙي (اهڙن پاسن ۽ وچ ۾ گهٽيون دڙيون ٺاهي پوءِ راڳو ڪن). وجهہ – موقعو. آستان – ٽڪاڻو. ٽانگي ۾ سَرائي ۽ ڪمان جي وچ ۾ ڪاٺ جو ٽڪر (جنهن ۾ سَرائي وجهجي).
• ٽِيهو ٿاهڻ: آستانو ٿاهڻ – ٽڪاڻو ٿاهڻ. وجهہ وسيلو ٿاهڻ – حيلو پيدا ڪرڻ. رهڻ يا روزگار جو بلو ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

# ث

ث: ث. [ع.ف] عربي "الف – بي" جو چوٿون اکر فارسيءَ "الف – بي" جو پنجون اکر ۽ سنڌي "الف – بي" جو ناٿون اکر – ابجد موجب عدد (٥٠٠).

• ثابہ: ظرف. [ع. ثَابَ – بدلو ڏيڻ] قبول – منظور. عموماً "پوڻ" يا "ٿيڻ" سان گڏ اصطلاح طور ڪم ايندڙ لفظ.

• ثاب پوڻ: قبول پوڻ. منظور ٿيڻ (ڪم). ثواب جي لائق ٿيڻ.

• ثابت: صفت. [ع. ثَبَتَ = قائم رهيو] برقرار – محڪم – مضبوط. صحيح – سلامت. سچو – سارو – پورو.

– ثابتُ ٿيڻ: مضبوط ٿيڻ. سچو ٿيڻ – ثبوت ملي وڃڻ. تصديق ملي وڃڻ. پڪو ٿيڻ (دليل. الزام. ڏوهہ).

• ثابتُ قدم: ذ. صفت. هڪ ڳالهہ تي بيهندڙ. ارادي جو پڪو – مستقل مزاج. مضبوط.

• ثابت قدمي: ث. مضبوطي – بيهڪ – اِستقلال.

• ثابتُ ڪرڻ: سچو ڪرڻ. تصديق ڪرڻ. دليل سان ظاهر ڪرڻ. چِٽو ڪرڻ (الزام).

• ثابِتي ج ثابتيُون: ث. مضبوطي. پختگي (الزام يا دليل جي). تصديق. گواهي – شاهدي – ساک. نشان – اهڃاڻ. سَگُ. پڪي نشاني.

• ثبُوت: صفت. "ثابت". [ثابت مان بگڙيل لفظ] "سندرو ثابوت. منزل آسان" (چوڻي).

• ثاقبُ ج ثواقِبُ: صفت. [ع. ثَقَب = چمڪيو] چمڪندڙ – روشن – مُنَوّرُ (تارو).

• ثَلابُ: ث. [ع. ثَعْلَب] دوا طور ڪم ايندڙ. هڪ ٻوٽيءَ جو نالو. (مصر ۾ گهڻي ٿئي ان ڪري ان کي 'ثعلب مصري' چئبو آهي).

• ثالثُ: عدد قطاري يا شماري [ع] ٽيون. ٽياڪر – امين. وچوٿو.

• ثالث – بالخَير: ذ. ٻي ريا امين – فيصلي ۾ رعايت نہ ڪندڙ امين. ٻنهي ڌرين جو خير چاهيندڙ ٽياڪر.

• ثالثُ تحصُري: ذ. اهو امين جنهن تي ٻنهي ڌرين جو ڀروسو هجي ۽ اُن جي فيصلي تي مقدمي جو مدار هجي.

• ثالث نامو: ذ. اهو ڪاغذ جنهن موجب لِکَتِ ۾ ٻنهي ڌرين ڪنهن کي امين ڪرڻ جو اقرار ڪيو هجي.

• ثالثِي: ث. ٻن ڌرين جي وچ ۾ فيصلي جي ٽياڪرائي – امانت ٽياڪرائي. صلح

• ثامِنُ: [ع. ثَمَانِيَۃَ – آٺَ] آٺون.

• ثانوِي: صفت. [ع. ثَني = ٻيڻو ڪيائين. ورڻائين] ٻيو – ٻئي درجي وارو – اول درجي کان گهٽ حيثيت وارو. (ذ) ٻيو ڏاڪو – ابتدائي ڏاڪي کان ٻيو مٿيون ڏاڪو. ٻيو نمبر حيثيت.

• ثانوي تعليم: ث. ٻئي نمبر جي تعليم – موجوده تعليم نظام موجب _ هاءِ اسڪول جي تعليم.

• ثاني: صفت. [ع. ثَني – ٻيڻو ڪرڻ] ٻيو. جهڙو – مثل. همسر – مقابل – جوڙ – مَٽُ.

• ثانياً: ظرف. ٻئي دفعي – ٻيو تہ – ٻي صورت ۾.

• ثاني شريڪ: صفت. جوڙ جيسُ. برابري وارو (حيثيت ۾) شادي غمي ۾ شريڪ ٿيندڙ.

• ثاني لوہ: اسم خاص. تعلقي اوباڙي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• ثانِيَہ: ذ. [ع] سيڪنڊ – دقيقو – لحظو. پَلُ – ڪِنِ پَلَڪَ – اک چنڀ.

• ثَبات: ذ. [ع. ثَبَتَ = قائم رهيو] پائداري – جٽاءُ – مضبوطي – قرار – بيهڪ.

• ثَبات راءِ: ث. پڪي راءِ. پڪو ارادو.

• ثَبْتُ: صفت [ع. ثَبَت = پڪو ٿيڻ] قائم. لڪيل. پڪو پختو – مهر ٿيل. نقش ٿيل.

• ثَبت ڪرڻ: هڻڻ (مُهر). نقش ڪرڻ. قائم ڪرڻ (يادگار).

• ثبُوتُ ج ثبُوتَ: ذ. [ع. ثابت جو جمع] قيام – پائداري. هميشگي. مقرري. ثابتي. نشان. شاهدي – گواهي. دليل.

• ثبُوتِ اِستحقاق: ذ حقدار هجڻ جو ثبوت. پنهنجي حق جي ثابتي.

• ثبُوتُ ضِمْني: ذ. ڪنهن ڳالهہ کي ثابت ڪرڻ لاءِ اشاري

Gul Hayat Institute

# پ

پ: ث. [سن. ف]سنڌي "الف – بي" جو ڏهون ۽ فارسي جو ٽيون اکر. ابجد موجب ان جو عدد "ب" جي برابر (٢). هي اکر فارسي ۾ "ب" ۽ "ف" سان تبديل ٿئي "پادشاه > بادشاه، پيل > فيل، سپيد > سفيد".

• پـ: حرف جملو. ٻـ – پيِ. پُڻ.

• پا: ذ. [ف. پاءِ(ي) جو مخفف] پير.

– پا اُفتادُ: صفت. [ف. پا + اُفتاد] مصيبت ۾ ڦاٿل. بيوس – لاچار – عاجز.

– پا اَنْدازُ: ذ. [ف. پا + انداز] ڦيش وغيره مان ٺهيل ٻُوجري ٽيڙي (جيڪا دروازي تي پيرن صاف ڪرڻ لاءِ رکيل هجي يا گاڏيءَ ۾ پيرن رکڻ واري جاءِ تي رکجي).

– پابجُولان: ظرف. [ف. پا + بہ + جولان] پيرن ٻڌل. (قيدي) پير ڪڙين پيل (قيدي). گرفتار.

– پابرڪاب، پا دررڪاب: ظرف. [ف. پا + بہ + رڪار] پير رڪاب ۾ _ گهوڙي تي چڙهڻ لاءِ تيار – وڃڻ لاءِ تيار – رواني ٿيڻ وارو.

– پا برهنه: ظرف. [ف. پا + برهنه] پيرين اُگهاڙو.

– پا بہ زَنْجِيرُ: ظرف. [ف. پا + بہ + زنجير] پيرن ۾ زنجير پيل – قيد ٿيل – قابو – گرفتار.

– پابگِل: ظرف. [ف. پا + بہ + گِل] پير گپ ۾ ڦاٿل – چِڪَڻ ۾ ڦاٿل – ٻُڏڻ ڪان رد – لاچار – بيوس.

– پابَنْدُ: صفت. [ف. پا + بند] پيرن ٻڌل – گرفتار – قيد – مجبور – محڪوم. نوڪر. (ذ) ڪنهن جانور کي پيرن ۾ وجهي ٻڌي ڇڏڻ لاءِ زنجير.

– پابند ٿيڻ: ٻڌل ٿيڻ (انجام موجب). ٻڌل رهڻ (نوڪري يا ڪنهن عمل جي)

– پابند هئڻ: ٻڌل هئڻ (فرض ادائي لاءِ) – مجبور هئڻ (حڪم يا عادت سبب) – پورو يا قائم هئڻ (وقت يا نوڪريءَ جي).

– پابنديِ ج پابنديُون: ث. [ف. پا + بندي] ٻڌل رهڻ جي حالت. بندش. فرمانبرداري – اطاعت. ٻانهپ – غُلامِي. نوڪري. مجبوري – لاچاري.

– پابوس: ذ. صفت. [ف. پا + بوس] پير چُمندڙ. فرمانبُردار.

– پابوسِي: ث. پيرن چمڻ جي حالت – قدمبوسِي. وڏن جي ملاقات. تعظيم.

– پاپوش: [ف. پا + پوش] پيرن کي ڍڪيندڙ. [ث] جُتي – پيزار.

– پاپيادُهُ: ظرف. [ف. پا + پياده] پيرين پنڌ – سواريءَ کان سواءِ.

– پازيبُ ج پازيبَ: ذ. [ف. پا + زيب] پيرن ۾ پائڻ جو هڪ ڳهُه.

– پاشڪَسْتَهُ: صفت. [ف. پا+ شڪسته] پيرن پڳل. هلڻ کان لاچار. معذور – هيٺو – ضعيف.

– پاشُوئي پاشوئي: ذ. [ف. پا + شويدن] پير ڌوئڻ. طب جي اصطلاح ۾ پاڻيءَ سان پريل کُونڊَ ۾ پير وجهي ويهڻ.

– پاشُوئي ڪرڻ: پير ڌوئڻ. پاڻيءَ ۾ ڪجھ وقت پير وجهي ويهڻ.

– پاڪوبِيِ: ث. [ف. پا + ڪوفتن] پيرن سان مار – ٺُڏا – پيَرڪُٽڻ.

– پامال: صفت. [ف. پا + ماليدن] لتاڙيل. زبون. برباد. ڏسو "پائمال".

– پاياب: صفت. [ف. پا + يافتن] پيرَ ٻوڙ – تانگهو (پاڻي).

• پاٻڙيِ: اسم خاص. ديري محبت (ماتلي) ۽ ڏگهڙي تعلقن ۾ ديهه جو نالو.

• پاٻو: ذ. سُرمون "پاڻ آيو برين پاٻو پائي" (اميد علي شاه).

• پاٻو ج پاٻا (ٿ): ذ. واڄو – باجو.

• پاٻورو: اسم خاص. تعلقي شهدادپور ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• پاٻوري: اسم خاص. تعلقي ڏوڪري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

Gul Hayat Institute

ٻريل گوشت. "گوشت ڪاڏي وَڏي پاسَ، انَّ. ڪاڏي وڏي اوجهري، کير پيتي وڏي رتَ. گيهه ڪاڏي وڏي ڪوپري".

- **پاساتُ:** ظرف. [سن. پارشو = پاسو] ڏانهن – طرف. (ذ) هندو واپارين جي اصطلاح ۾ بلن ۽ هنڊين ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ. يعني بل جنهن ماڻهو ڏانهن پاسات هوندو ادائگي انهيءَ کي ڪرڻي آهي].
- **پاسارا:** ذ. [بلوچي] دشمن تي اوچتو حملو – شبخون "پرين ڪيا پاسارا" (ن – ب).
- **پاسارو ج پاسارا:** ظرف. [سن. پارشوَ] پاسيرو. هڪ طرفو – پريرو – پري. (ث) پاسارِي ج پاسارِيون.
- **پاسارِي ج پاسارِيُون:** ث. پاسِري – پاسراٽي. "ڪانُ ڪرنگهي ڪپيو. پاساريون ڀڳي" (شاهه).
- **پاسارِي ج پاسارِي:** ذ. صفت. [سن. پَڻيَہ = وڪري جو مال + سارَ < شْرُ = پکيڙڻ]. پساري وکر رکندڙ. دڪاندار – پساري.
- **پاساڙو ج پاساڙا (ٿ):** ذ. [سن. پارشوَ] پِٽَ جو هڪ پاسو. "ميها موگر تَلئين، پيپُون پاساڙن". (خليفو نبي بخش).
- **پاساڱِ (ٿ):** ث. ڪوهه ۾ لهڻ واري ماڻهوءَ کي بچاءَ لاءِ ڏنل ٻي رسي (هڪ رسيءَ تي ماڻهو ويهي ۽ ٻيءَ کي مدد طور جهلي هيٺ لهندو وڃي).
- **پاسِبانُ ج پاسبانَ:** ذ. [ف. پاس + بان] پهريدارُ – نگهبان – محافظ.
- – **پاسبانِي:** ث. نگهباني – چوڪيداري – سنڀال. حفاظت.
- **پاسْتان:** صفت. [ف] پراڻو – جهونو – آڳاٽو – قديم – ڪُهنو.
- **پاسَخ:** ذ. [ف] جواب.
- **پاس خاطر:** ث. [ف. پاس + خاطر] حمايت – طرفداري. لحاظ – مروت.
- – **پاس خاطِرِي:** ث. آدر ڀاءُ. مرحبا. خاطرداري. خوشامد. طرفداري. لحاظ – مروت. رعايت.
- **پاسِداري:** ذ. [ف. پاس + دار] نگهبان. پاسبان. طرفدار. لحاظ رکندڙ.
- **پاسداري:** ث. لحاظ. مروت. نگهباني. طرفداري.
- **پاسِرُ ج پاسِرَ (ڪ):** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (ڇلرن سان. پيٽ اڇو ٻُني ڪاري ۽ ڏيکڻ ڇڻن ڪان پنجن انچن تائين).
- **پاسِرو ج پاسِرا:** ذ. [سن. پارشوَ = پاسو] جاءِ جي ڇت ۾ پاسي کان ٻيل وَرو.
- **پاسِرِي ج پاسِرِيُون:** ث. [سن. پُرشُڪا] ڇاتيءَ جي پاسن وارين هڏين مان هڪ هڏي (جا سنهي ۽ چپٽڙي ٿئي ۽ ٽاڪي ۽ ڪرنگهي کي ٻَڌي) – پاسِراٽي. بيل گاڏيءَ جي پاسي واري ڪاٺي (ت).
- – **پاسِريءَ وارو هڻڻ:** ڪنهن وڏي ماڻهوءَ سان لاڳاپو هئڻ. پُشت وارو هئڻ – چڱي خاندان مان هئڻ.
- – **پاسِريُون ڀڃڻ:** سخت سزا ڏيڻ – هَڏ گُڏ ڀڃڻ.
- **پاسِڙِي ج پاسِڙِيُون:** ث. بدن جو پاسو.
- **پاسنجر:** ذ. [انگ] مسافر. مسافر گاڏي.
- **پاسَنگُ:** ذ. [ف] ساهميءَ جي ڪانِ لاهڻ لاءِ نڪي ۾ ٻَڌل وَزن – ڪاڻ. ساهميءَ جي پُڙن کي برابر ڪرڻ لاءِ ٻَڌل وزن. (صفت) برابر. هڪ جهڙو. هموزن – سنئين ڪاني – تور ۾ برابر.
- **پاسڻ (ٿ):** مصدر. چمڙي يا چوڙي تان وار لاهڻ لاءِ چوڙي کي ڪونر ۾ وجهڻ.
- – **پاساپلو:** ذ. آس پاس – اوسا پاسا. ڪُندون پاڱا – پلاند پوچڙ (ڪپڙي جا). تعلقات.
- – **پاسا ڪرڻ:** پري ٿيڻ – ٻاهريان پاسا وٺڻ. ڪناره ڪشي ڪرڻ. نٽائڻ. لِڪَڻ.
- – **پاسا ڪوٺڻُ:** پلاند سوڙها ڪرڻ – وَرَ ڳَنجڻ. ڀڄي وڃڻ جي ڪوشش ڪرڻ. اٿي وڃڻ يا نڪري وڃڻ جي تياري ڪرڻ.
- – **پاسا وَرائِڻُ:** ننڊ نہ اچڻ جي حالت ۾ اُٿلڻ پُٿلڻ. بي آرامي ٿيڻ.
- – **پاسا هڻڻ:** ٽيلها ڏيڻ. حرڪت ڪرڻ. (بارائتي بيماريءَ ۾) ڪُکن وارا هنڌ هيٺ مٿي ٿيڻ.
- – **پاسو اَٽڪائِڻُ:** ڪجهہ قبضو ڪرڻ. ڪُلهو هڻڻ (سوڙهہ ۾ وهڻ لاءِ). ٿورڙيءَ جاءِ ۾ ويهي رهڻ.
- – **پَاسو ٻَڌڻ:** طرفداري ڪرڻ – حمايت ڪرڻ. لغڙ کي ڪَنِي ٻڌڻ. پاسو جهلڻ طرفداري ڪرڻ. حمايت ڪرڻ.
- – **پاسو ڇَڏڻ:** ڌار ٿيڻ – جدا ٿيڻ. جِند ڇڏڻ. طرفداري ڇڏڻ.
- – **پاسو ڏيڻ:** ويجهو اچڻ. پَر وٺڻ. (اميد يا لالچ رکي) ويجهو ٿيڻ. رستي وغيره جو ڪَپ وٺڻ. اثر وجهڻ – اثر هيٺ آڻڻ.
- – **پاسو ڪرڻ:** پاسو ڏيڻ – هڪ پاسيرو ٿيڻ. پري ڀڄڻ – پري هٽڻ. ٽَري وڃڻ – پرهيز ڪرڻ.
- – **پاسو ڪارائِڻُ:** لغڙ کي پاسي تي موڙڻ.
- – **پاسو ڪٽڻ:** طرف وٺڻ – حمايت ڪرڻ – مدد ڪرڻ.
- – **پاسو ڪوڙڻ:** ٿورو آرام ڪرڻ. ڪِري پوڻ – ڏِهي پوڻ. بيمار ٿيڻ. مري وڃڻ. ڏيوالو ڪڍڻ.

Gul Hayat Institute

- **پالِٽي ج پالٽيون:** ث. ويهڻ جو هڪ نمونو. ڏسو "پَلٽي يا پاٽولي".
- **پالَٽُ ج پالٽَ:** ذ. ڪورين جو هڪ اوزار (تاجيءَ کي پيڻ هٽڻ ۽ سنوارڻ لاءِ).
- **پالٽو ج پالٽُو:** ذ. [پرا. پلٽو؛ سن. پَرِيَسْتَ] لوهه جو هڪ قسم. (صفت) پلٽيل — پلٽ ٿيل (ڌاتو) — پگهريل — ڳريل (ڌاتو).
- **پالِر (ت):** ث. ڇڊي لسي.
- **پالَرُ ج پالَرَ:** ذ. [سن. پَلَوَ = تاري] وڻ جي پاسن واري تاري — پالوندر.
- **پالِش ج پالِشُون:** ث. [انگ. Polish] چمڪو — صفائي — اوجر. بوٽ وغيره کي چمڪائڻ جو روغن "پتل پالش. بوٽ پالش". ٻاهريون ڏيکاءُ.
- — **پالش ٿي پوڻ:** رڳو ٻاهرئين ڏيک وارو ٿيڻ — چمڪدار ٿيڻ.
- — **پالِش ڪرڻ:** چمڪائڻ — صيقل ڪرڻ — اُجارڻ — ڪٽ لاهڻ.
- **پالَڪَ:** ث. [سن. پالَنڪَ] ڀاڄيءَ جو هڪ قسم — سائي ڀاڄي — ڀاڄي — ساڳُ (پالڪ ٻن قسمن جي ٿئي. هڪ سنڌي پالڪ ۽ ٻي ڪاڇڻ يا ولائتي).
- **پالَڪِي:** اسم خاص. گهوڙاٻاري، ميرپور بٺوري ۽ شاهبندر تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
- **پالِمَ (ڪ):** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
- **پالَنپور، پالهڻپور:** اسم خاص. هندستان ۾ هڪ رياست جو نالو.
- — **پالُ:** ذ. صفت. پاليندڙ — نپائيندڙ — تاتيندڙ. مرڪبات ۾ ڪم ايندڙ لفظ "گئوپال. رکپال. جڳ پال وغيره".
- — **پالتُو ج پالتُو:** ذ. صفت. پاليل — ڌاريل — هيرايل (جانور پکي).
- — **پالَڪُ:** ذ. صفت. [سن. پالَڪ] پاليندڙ — مددگار — پرجهلو — سنڀاليندڙ — نپائڻ. پاليل — پرورش ڪيل.
- — **پالِنا ج پالِنائون:** ث. پرورش — تربيت — سنڀال — حفاظت.
- — **پالَڻهارُ ج پالڻهارَ:** صفت. پاليندڙ. سنڀاليندڙ — روزي ڏيندڙ — پرورش ڪندڙ. (اسم خاص). پروردگار.
- **پالوٽ ج پالوٽون:** ث. [سن. پَرِيسَتر +ڪ] اَتَلَ (پاڻيءَ جي) ٻلٽ — طغياني — جهجهائي — گهڻائي — ڪثرت.
- **پالوريو (جمع) پالوريا (ٿ):** ذ. ڄاگري ٻير جو ڪنڊو.
- **پالوڙُ ج پالوڙَ:** ذ. صفت. پاليل — هيرايل — ڌاريل. "جهنگلي" جو ضد (ث) پالوڙَ ج پالوڙون.
- **پالٽو ج پالٽا:** ذ. [سن. پَالْيَنڪ = پينگهو] ڪجائو — پالڪي. پينگهو. ڪنڌٽو. مصدر. "پالڻ". اسم استقبال.
- **پالُوندَرُ ج پالُوندرَ (ل):** ذ. [سن. پَلَوَ = ٽاري] سنهي ٽاري — پالارُ.
- **پالهارڻ (ت):** مصدر. خالي ڪرڻ — ٺلهو ڪرڻ. واندو ڪرڻ.
- **پالهائي:** ث. سُڃائي — سکڻائي — ٺلهائي. ناداري — مسڪيني. واندڪائي.
- **پالِهو ج پالِها:** ذ. صفت. ٺهلو — سکڻو — سُڃو — ڪَنَل ـ پينگيو — واندو — آجو — خلاصو — ويڪرو — وائڪو — ٻَتاريل (ڪ). (ث) پالِهي ج پالِهيُون.
- — **پالهو ڪرڻ:** خالي ڪرڻ — ٺلهو ڪرڻ — سُڃو ڪرڻ — ڦُري پينگيو ڪرڻ.
- **پامال:** صفت. [ف] لتاڙيل. خراب — تباهه — برباد. نابود.
- **پامڦريت (ڪ):** ث. مڇيءَ جو هڪ قسم.
- **پامَڻِ:** ذ. پالنا — مهرباني.
- **پامَڻُ:** مصدر. ٻڌجڻ — سوگهو ٿيڻ — لنگر هٽڻ. (پاميو — پامندو — پاميل)
- **پامِيرُ:** اسم خاص. وچ ايشيا ۾ هڪ مٿانهين جاءِ (پنجويهه هزار فوٽ اوچو؛ هن کي دنيا جي ڇت چون ٿا).
- **پانَ:** ث. دانُ — ڀِکيا — خيرات — آڏ — جهَلَ — ڇاٻ (پاڻيءَ جي).
- — **پانَ پِنَڻُ:** دانُ وٺڻ — ڀکيا وٺڻ — خيرات گهُرڻ.
- **پانُ:** ذ. [سن. پَرْڻَ] تاس جي چئن رنگن مان هڪ رنگ — لال پانُ. ول جو هڪ قسم (جنهن جا پن، چُنو ۽ ڪاٿو هٽي، سوپارين ۽ خوشبوءِ وغيره وجهي کائبا آهن) — تنبول — پان جي ول. پان جو پن (چونو ۽ ڪٿو لڳل ۽ سوپاريون پيل).
- — **پانَ پاڙ:** ث. پانَ ول جي پاڙ. (دوا طور ڪم اچي).
- — **پانِدانُ ج پانِدانَ:** ذ. پانن رکڻ جو دٻلو.
- **پانارو ج پانارا (ت):** ذ. مانارو — نيسارو.
- **پاناما:** ذ. اُتر ۽ ڏکڻ امريڪا جي وچ ۾ هڪ ملڪ ۽ نار.
- **پانِت ج پانتُون (ل):** ث. واڏَڻِ ـ ۽ واڻ جي وچ ۾ ننڍي واڏڻ — ڇِندي.
- **پانْتِرڻ (ٽ):** مصدر. ڀُلجڻ. ڄُڪَ ڪَرڻ — وِسارڻ. (پانتريو — پانتريل).
- — **پانْتَرَ:** ث. ڀُل — ڄُڪ — غلطي — وسر.
- — **پانْتِرو:** ذ. صفت. وسارو — ترڙو — هلڪيءَ طبيعت وارو — لڄ.
- **پانْتو (ل):** ذ. تندو — رسو.

• **پانٽَڻُ (ٽ):** مصدر. هٽ چڙهڻ – اوچتو هٽ لڳي وڃڻ. وَر چڙهڻ – داءُ ۾ اچڻ. (پانٽيو – پانٽيل).

– **پانٽي پَوَڻ:** هٽ چڙهڻ – وَرَ ۾ اچڻ – ڳَڌجي وڃڻ.

• **پانٻ (ل):** ث. آيت – پنهنجائي.

• **پانٻِرو ڄ پانٻِرا (ل):** ذ. پاپرو – ڏاڪڙو – ڪشالو. ڪاسارو – محنت – تڪليف.

– **پانٻرا پِٽڻ:** ڏوجهرا سهڻ – تڪليفون ڏسڻ.

• **پانڄَ ڄ پانڄُون:** ث. ڍيگهه – لام (جانور جي پٺي جي).

• **پانجارِجڻُ (ل. ٽ):** فعل مجهول. [سن. پَنڄَ = پنج] پنجن سالن جي عمر کي رسڻ – پنجين ڏندين ٿيڻ. (اُٺ. گهوڙو ڍڳو).

– **پانجاريل. پانجاريو:** ذ. صفت. پنجن سالن جي عمر جو (اُٺ. گهوڙو ڍڳو).

• **پانجاري ڄ پانجاريون:** ث. [سن. پُجْرُ = ڳَڏڻ – ملائڻ. جوڙو ڪرڻ] هر ۽ گاڏيءَ ۾ ڍڳن جي ڳچين ۾ وجهڻ لاءِ ڪاٺ جو ٿهيل چؤنڪو. پاڃاري.

• **پانڃالي ڄ پانڃاليون:** ث. [سرائڪي] ڏسو "پانجاري".

• **پانجاهو (ٽ):** ذ. ڳئون يا مينهن جو ڦرڻ بعد پنجين مهيني لاٿل اوهُ.

– **پانجاهو سورڻ:** پنجين مهيني اوهه لاهڻ – اوهه وڌائڻ.

• **پانجيرو (ٽ):** ذ. ڏسو "پانجاهو".

• **پانڃهيرو ڄ پانڃهيرا (ٽ):** ذ. ٿورو ڊگهو.

• **پانڄَ:** ث. ويڪر – موڪراڻ – برُ.

• **پانڄُ ڄ پانڄَ:** ذ. لوهه جو سُنبو – ساٿو – ٽوڙهو (ڳَنهُ).

• **پانڃاري ڄ پانڃاريون (ل):** ث. قطار – لائِنَ – سِٽ.

• **پانڇو ڄ پانڇا:** ذ. سُٿڻ يا پاجامي وغيره جو پير – ٻَنهينُ (ٽ). ساريال کي ڏنل گهٽو پاڻي.

• **پانڇو پُسائي ويهڻ:** اوسيڙي ۾ رهڻ – انتظار ڪرڻ. هارائي ويهڻ – هار کائڻ. ڊپ کان مُٺي ويهڻ. بزدل ٿيڻ.

– **پانڇو ڪيڻ:** ساريال فصل کي بي انداز پاڻي ڏيڻ.

• **پانڇي:** اسم خاص. بدين تعلقي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پان ڇيٺِر (ل):** ذ. اوٺي مال جي هڪ بيماري (اُٺ جي اوهه ۾ ڳنڍيو يا ڳَرُ جنهن مان رت وهندو رهي).

• **پانڊُ ڄ پانڊَ:** ذ. [سن. پْرانتَ < پرَ = چوڏاري + اَنتَ = حد. ڪنارو]. پلؤ – پلاند – دامن. جهولِي – ڍَڪُ – پردو – حَد – ڇيهُ – ڪنارو. "خاوند تنهنجي ڪانڌ جي، پرو پاند نہ ڪوءِ."

– **پاندَ آجا ڪرڻ:** جند ڇڏائڻ – واندو ٿيڻ – آزاد ٿيڻ – ذميداريون پوريون ڪري ڇڏڻ. ڇوٽڪارو حاصل ڪرڻ. قرض لاهڻ.

– **پاندُ اٽڪائڻ:** پلاند اٽڪائڻ – هٿ ڳنڍڻ – وهنوار رکڻ – مائٽي ڳنڍڻ – ٿورو واسطو رکڻ – ٿورو تعلق ڳنڍيي ڦاسي وڃڻ.

– **پاندُ اڙائڻ:** پلاند اٽڪائڻ – پاڻ ڦاسائڻ – وهنوار رکڻ – لاڳاپو رکي ڦاسي وڃڻ.

– **پاندُ پائِڻ:** ڳچيءَ ۾ ڪپڙو پائي منٿ ڪرڻ – آزي ڪرڻ – عرض ڪرڻ – ليلائڻ.

– **پاندُ پسارَڻُ:** پلاند پکيڙڻ – جهولِي پکيڙڻ. ڏنڌي يا ڪم ڪي وڌائڻ – وڌائي قدم رکڻ.

– **پاندَ پُسارِي:** ث. جوئر جو هڪ قسم (جنهن مان آپون جي حالت ۾ سفيد رس نڪري).

– **پانڊُ پسائِڻُ:** دامن آلوده ڪرڻ – گناهه جو ڪم ڪرڻ. "اُيا ائين چون. مَڃڻ پاند پُسائيين" (شاهه).

– **پانڊَ خالِي ڪرڻ:** جند ڇڏائڻ. آزاد ٿيڻ – فارغ ٿيڻ. قرض ادا ڪرڻ – تعلقات ختم ڪرڻ.

– **پاندَ ۾ پائڻ:** جهوليءَ ۾ جهلڻ – حاصل ڪرڻ – وٺڻ – صبر ۽ شڪر سان قبول ڪرڻ. "پاند ۾ پائي، ويو ڪِيني وارو ڪِينڪِي" (شاهه).

– **پاندَ ۾ پِنائِڻ:** خوار خراب ڪرڻ. دربدر ڪرڻ.

• **پانڊا:** ذ. ڏُهائيءَ ۾ پڇاڙيءَ جا گُوها (هيءُ لفظ هميشه جمع ۾ ڪم اچي). ڪير واريءَ ڳئون وغيره جو پڇاڙيءَ وارو ڪيرُ. ڏسو "پانڌ".

– **پاندا ڪيڻ:** ڳئون يا مينهن وغيره جا ڏهائيءَ وقت آخرين گُوها ڪيڻ – ٿورو ڪيرُ ڏهڻ.

– **پاندُر ڄ پانڊَرَ:** ذ. پُچڙي – پوڇڙُ. ڪمند. جوارِ يا باجهريءَ جا پاند يا پڇڙيون.

• **پانڊو ڄ پانڊا:** ذ. ٿَندو. سَڳو. پاند – پوڇڙُ. سنهي ٽاري.

• **پانڊي ڄ پانڊِيُون:** ث. [سن. پِڃْجَڪا] ٽَڪَ تي ويڙهيل سُٽ جي ڍيري. ڪچي ڌاڳي جي ڍيري (جا ٽڪ تي ڪتيل هجي. هڪڙي پاندي پوري ڪري وري ٻي پاندي ڪتڻ شروع ڪبي آهي). ڪپهه جو ذرو ڪپڙي جي تاڪِئي جي پڇڙي وارا ڌاڳا – ڌَهِي – ڇڏن ۾ ٽيل ڳوڙهي. ويلڻ.

Gul Hayat Institute

– **پاڻِي پَرڻُ:** خدمت ڪرڻ. غلامي ڪرڻ. نوڙت ڪرڻ.

– **پاڻِيءَ تي چِٽَ اُڪرڻ:** اجائي ڪوشش ڪرڻ. بيسود ڪم ڪرڻ.

– **پاڻي تي چِٽ هئڻ:** بي بنياد هئڻ – بي بقا هجڻ. ڳالھ جو وجود ئي نہ هئڻ.

– **پاڻيءَ تي ليڪو:** محاورو. بي بقا – بي بنياد. بي جٽاءُ.

– **پاڻيءَ تي ليڪو ڪيڻ:** بي بنياد ڳالھ ڪرڻ – اڻ جٽائدار ڪم ڪرڻ. انجام يا ڳالھ تان ڦرڻ. ڪوڙو دلاسو ڏيڻ.

– **پاڻي ٿيڻ:** پاڻي جهڙو پتڙو ٿيڻ. ٻُسڻ. ٺڏو ٿيڻ. پگهر ۾ شل ٿيڻ. شرمسار ٿيڻ – شرمندو ٿيڻ.

– **پاڻِي ٿي پوڻ:** پتڙو ٿي وڃڻ. تمام نرم ٿي وڃڻ.

– **پاڻيٺ:** ث. پاڻيءَ جهڙي شيءِ. سيّال ماده ـ پتڙي شيءِ. آلاڻ – پوسل – گهم – ترِي.

– **پاڻي پاڻي ٿيڻ:** پگهر ۾ شل ٿيڻ. شرم ۾ ٻڏي وڃڻ. پشيمان ٿيڻ.

– **پاڻيءَ پُونڻُرو هجڻ:** وهنجڻ جو شوقين هجڻ.

– **پاڻي پياڪُ:** ذ. پيئڻ جهڙو پاڻي (اهڙو پاڻي جو ڀلي ٻاڙو يا ڪارو هجي پر پيئڻ جهڙو هجي).

– **پاڻي پيارڻ:** اُجايل ڪي پيئڻ لاءِ پاڻي ڏيڻ. سبيل جاري ڪرڻ. خير جو ڪم ڪرڻ. چاڙهڻا (اوزارن تي) – آبدار ڪرڻ. "پيارِي پاڻي، تيشون ڪندا تکيون." (شاھ).

– **پاڻيءَ جو ڦوٽو:** محاورو. ناپائدار شيءِ ـ بي بنياد شيءِ ـ جلد فنا ٿي وڃڻ واري شيءِ.

– **پاڻي چورائڻ:** ڦٽ يا زخم جو پاڻي جذب ڪرڻ (جنهن ڪري زخم وڌيڪ خراب ٿي پوندو آهي).

– **پاڻي چاڻي پيئڻ:** ٻولي ڪم ڪرڻ – معاوضي جو اول فيصلو ڪري پوءِ ڪم ۾ هٿ وجهڻ – ڏيتي ليتيءَ جا شرط شروط باقاعدي غور ۾ آڻڻ.

– **پاڻِي چيڙڻ:** شاديءَ ۾ ٻڪيءَ واري ڏينهن دليءَ ۾ ترار وجهي متانئس پاڻي هارڻ واري رسم ادا ڪرڻ.

– **پاڻي ڏَوَڻُ (ت):** هٿن سان پاڻي اُپائڻ. پاڻي اُپائي ٻوڪ ڪي ڏيڻ. متانهين زمين کي ڪوڏر وغيره سان ڏَنْوي پاڻي ڏيڻ.

– **پاڻِي ڏيڻ:** پاڻِي پهچائڻ – پاڻي رسائڻ. پاڻي چاڙهڻ (اوزار يا هٿيار کي) – آب ڏيڻ. پاڻي پيارڻ (ٻوڪ کي). ملمعو ڪرڻ (ڳهن تي). انجام پاڙڻ – وعدو پورو ڪرڻ.

– **پاڻيءَ ڏُڪ ۾ ٻڏِي مرڻ:** بي عزتي سان مرڻ. شرمساري ۾ ٻڏي وڃڻ – بي مروّتي ۽ بي حيائي وارو ڪم ڪرڻ.

– **پاڻِيءَ ڍورو (ث):** ذ. برسات جي پاڻيءَ جو ڀِٽن تا وَهي اچڻ وارو گس يا وهڪرو.

– **پاڻيِرُ ج پاڻيِرَ:** ذ. صفت. پاڻيءَ جو – آبِي. پاڻيءَ جهڙو – چِڊو – پاڪو – ڪِنگهو – ڦِنگهو.

– **پاڻيرو:** ذ. صفت. پاڻيءَ وارو – پاڻيءَ جهڙو.

– **پاڻِي ڦيرڻ:** چٽ ڪرڻ (ٺهيل ڪم) ڪَئي ڪمائي ڪُٽ ڪرڻ – اجايو وڃائڻ – بي فائدو ضايع ڪرڻ. نا اميد ڪرڻ.

– **پاڻِي ڪَڇَڻ:** اندر جو ڀيد لهڻ – اندازو لڳائڻ.

– **پاڻيءَ کان اڳ ۾ ڪپڙا لاهڻ:** اجائي تڪڙ ڪرڻ – اڳهرائي ڪرڻ. ٿيندڙ ڪم کان اڳي ئي وهلور وڃڻ. بيزار ٿيڻ – بنا سوچ ويچار جي مورکپائي ڪرڻ. بي وقوفي ظاهر ڪرڻ.

– **پاڻيءَ کان ڪيڻ:** هوش مان ڪڍڻ – سخت ڪاوڙائڻ – چيڙائي بيزار ڪرڻ.

– **پاڻيءَ کان نڪرڻ:** هوش مان نڪرڻ – سخت ڪاوڙجڻ. ڪاوڙ ۾ اچي وقلڻ – اُبتو سُبتو ڳالهائڻ.

– **پاڻي لڳائڻ:** پاڻي چاڙهڻ (اوزار يا هٿيار تپائي پاڻيءَ ۾ وجهڻ) – تکو ڪرڻ (اوزار).

– **پاڻي لڳڻ:** آب هوا ياڻ پوڻ – موافق اچڻ. آب هوا جي اثر کان صحتمند ٿيڻ.

– **پاڻيءَ ماپُ:** ذ. پاڻي ماپڻ جو اوزار – واٽر گيج.

– **پاڻيءَ مان ڪيڻ:** بيزار ڪرڻ – ڏاڍو ڪاوڙائڻ.

– **پاڻيءَ مان نڪرڻ:** ڪاوڙ ۾ هوش مان نڪرڻ – سخت ڪاوڙجڻ.

– **پاڻِي مُنهن ۾ اچڻ:** مُنهن تي رونق ۽ تازگي اچڻ – سرهائي ٿيڻ – بيماريءَ کان پوءِ جسماني حالت جو سُڌرڻ.

– **پاڻيءَ ۾ اچڻ:** هوش ۾ اچڻ – عقل جاءِ اچڻ. بود ۾ اچڻ. (غصو يا چڙلهي وڃڻ کان پوءِ).

– **پاڻيءَ ۾ مُنهن پائڻ:** پنهنجو پاڻ سڃاڻڻ – اندر ۾ لِيو پائڻ. "هيڏي هوڏي نہ ڏسين، مُنهن پاڻيءَ ۾ پاءِ." (سچل). آئيني ۾ پنهنجي منهن جي حالت پرکڻ.

– **پاڻي نہ ڏيڻ:** انجام نہ پاڙڻ – قول پورو نہ ڪرڻ.

– **پاڻي واتريو ج پاڻي واتريا:** ذ. جيت جو هڪ قسم. (جيڪو پاڻي جي مٿان تڪڙو هلي) شه تارُو – تارُوئڙو. بيماريءَ جو هڪ قسم.

Gul Hayat Institute

• **پاهورِي ج پاهورِيُون:** ننڍو پاهورو.
• **پاهوڙو ج پاهوڙا:** ذ. ياڻ يا گند ڪچري ميڙڻ لاءِ ڪاٺ جو ڪوڏر جهڙو اوزار _ سوٽهڙن جي ڪم جي اوزارن رکڻ جو ڳوٿرو (ٿ). (ٿ) پاهوڙي ج پاهوڙيون.
• **پاهُونْ (ل):** ظرف. [سن. پَشْچَاتِ = پوءِ] "اڳاهون" جو ضد. پٺيان پوئتي – پٺتي. "آڳاهون" جو ضد. "موٽ محب پاهون. تاڪن تڪي آهيان." (شاهه).
– **پاهُون پيگ ڪرڻ:** پويان پير ڪرڻ – پوئتي موٽڻ – پٺتي قدم ڌرڻ. وري اچڻ.
– **پاهُونْ رهڻ:** پٺتي رهڻ – پٺتي رهجي وڃڻ.
• **پاهي:** اسم خاص. بلوچن جي هڪ ذات ۽ پاڙي جو نالو.
• **پاهِي ج پاهِيُون:** ٿ. صفت. پٽڙي – ڄڏي (لسي) – پاڪِي. ريڍي يا ٻاڪري لسي. "پاهي پاڪي پٽڙي، پرين ساڻ پيان" (شاهه).
• **پاهيڙي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.
• **پاهِين:** ظرف. [سن. پَشْچاتِ = پوءِ] پوئتان – پٺتي – پوئتي.
– **پاهِين ڏيڻ:** پٺي ڏيڻ – پوئتي موٽڻ.
• **پاءِ:** ذ. [ف. پايہ. سن. پاڌْ] پيرُ – پڳ – قدم. پايو – پيڙهه – بنياد.
– **پائيبنْدُ ج پائِيبنْدَ:** ذ. صفت. ڏسو "پَابَنْدُ".
– **پائَبندِي:** ٿ. پابندي – بندش – روڪَ – منع – جهل.
– **پائِبوسِي:** ٿ. [ف. پاءِ + بوسي] ڏسو "پابوسي". پيرن چمڻ جي حالت (بزرگن ۽ وڏن جي).
– **پاءِ تختُ:** ذ. صفت. پايہ تخت – تخت گاهه – گاديءَ جو هنڌ.
– **پائِجامو ج پائِجاما:** ذ. ڏسو "پاجامو".
– **پائِخانو ج پائخانا:** ذ. ڪاڪوس. ڏسو "پاخانو".
– **پائِدارُ ج پائِدارَ:** ذ. صفت. [ف. پائي + دار = پڪو پختو] جٽاءُ دار – جهالو – هَنڍُو – مضبوط. پڪي بنياد وارو – پڪو پختو.
– **پائِداري:** ٿ. بقاءَ – جٽاءَ – قرار. مضبوطي.
– **پائِگاهه:** ذ. [ف. پائي + گاهه = جاءِ] مرتبو – درجو – منزل.
– **پائِمالُ:** ذ. صفت. چٿيل. پڪڙيل. تباهه – برباد – ناس – چٽ.
– **پائِمال ڪرڻ:** لتاڙي ڇڏڻ – نابود ڪرڻ – ذرا ذرا ڪري ڇڏڻ.
– **پائِمالي:** ٿ. لتڙ. بربادي. تباهي.
• **پاءُ ج پاءَ، پاوَ:** ذ. [سن. پادَ] چوٿين پتي – چوٿون حصو – چوٿو. سير جو چوٿون حصو. پاءُ تور جو ماپو يا وَزن.
• **پائَٿِ (ل):** ٿ. خبرَ – ڄاڻ – سُڌ.
• **پائِٿو ج پائِٿا (ل. ڪ):** ذ. هُرلي يا نار جو هڪ عضوو.
• **پائِڙِي ج پائِڙِيُون:** ٿ. وال جو چوٿون حصو – چاڙڪي. لوهارڪي ڪم جو هڪ اوزار.
• **پائِلو ج پائِلا:** ذ. گدام – ياندو – وَڪار – انبارخانو – سامان جي ڪوٺي – سارين گڏ ڪري رکڻ جو هنڌ (ڪ).
• **پائِلِي، پائِلِي ج پائِلِيُونْ:** ٿ. [سن. پادَ + "لي" پڇاڙي] هڪ ريئي جو چوٿون حصو – چِوآني – چئن آنن يا پنجويهن پئسن جو سِڪو. پيتلي دِلو. گهاگهر.
• **پائِنْدَهْ:** صفت. [ف] جٽاءدار – جهالائو – پائِدار. قائم _ پڪو. پختو – مضبوط.
– **پائِنْدَهْ باد:** جملو. "هميشه قائم هجي شال".
• **پائِڙَ ج پائِٽيونْ:** ٿ. [سن. پادَ] چئن آنن يا پنجويهن پئسن جو سِڪو. پائلي.
– **پائِڻ پاچي پارچو:** ذ. انڪل روءِ چار آنا. حصو. ڪنهن شيءِ جو ڪو ٿورو حصو. (چوٿين پتيءَ جي لڳ ڀڳ.
• **پائِڻ، پائِڻُ (ت):** ٿ. رذل چانورن جو پاٽي. پيڇي "ڏسو "پيڻ".
• **پائِڻُ:** مصدر. [سن. 1. پْراپَڻَ. پْر = چوڌاري + اپْ = حاصل ڪرڻ. پْرابْت = آمدني < پْرا = اڳتي + آپ = حاصل ڪرڻ] وٺڻ – حاصل ڪرڻ. لوڙڻ (ڪيتو) – پوکڻ (نتيجو "جو ڪري سو پائي". لاهڻ – اوتڻ (ٿانءَ ۾ پاڻي). وَڌائڻ (طعام). ڏيڻ – بند ڪرڻ (دروازو). پهرڻ – ڍَڪڻ – اوڍڻ. (ڪپڙو وِس). وجهڻ (ڳَنهُ). "پَنْڙو پائين ڪينڪي، ڪن ساهيڙيون سَڳا". ڪائڻ (درياءَ جو ڪپن کي) – ڪاڏ ڪرڻ. دشمني. ويرُ. ڪڍڻ (ليڪو). ڪُهڻ – ذبح ڪرڻ (پهرُو).
– **پائي ڪٽڻ:** دشمني رکي تنگ ڪرڻ. وير وجهڻ ڪَونسڻ – ستائڻ – آزارڻ. تپائي ڏيڻ.
– **پائِينْدڙ:** صفت. ڍڪيندڙ – اوڍيندڙ. ڪائيندڙ – (ندي). دشمَني رکندڙ.
– **پائِيندڙ تي لڳڻ:** دشمن تي لڳڻ – هَٿَ ڌوئِي پٺيان پوڻ – کَڏون کوٽڻ – ڳجهيءَ طرح پير ڪيندو رهڻ – ڳجهو نقصان پهچائڻ.
– **پائيندڙ پائي ڏيڻ:** نقصان پهچائڻ جي هر طرح ڪوشش ڪندو رهڻ.
• **پائِٽو ج پائِٽا (ٿ):** ذ. وڻ جي سنهڙي ڪانيءَ جو ڇهبڪ – ڇِهو – لَڪڻ.

Gul Hayat Institute

• **پائو ج پاوا:** ذ. [ف. پايہ: سن. پَادَ = پير] پيرُ. کُرُ (چوپائي جو). پايو – پاڳو (کٽ. ميز. ڪرسي وغيره جو). بٽئيءَ جو هڪ طريقو (جنهن ۾ پيدايش جي چوٿين پتي هاريءَ کي ملي). ڳجهارت جو ٽَپُ. ساز جو هڪ قسم (جمع پاوا) (صفت) پيرن وارو "ٽہ پائو. چوپائو وغيره".

– **پائو تي پوڻ:** سڀ بار پنهنجي سِر تي سهڻ. ٽيڪ يا ڀروسو ڏيڻ.

– **پائي ٽنگجڻ:** نتيجو لوڙڻ – پنهنجي سِر بدلو ڏيڻ – سزا ڀوڳڻ. پنهنجي ڪيئي جي سزا ملڻ. "سيڪا ٻڪري پنهنجي پائي ٽنگبي" (چوڻي).

• **پائوڊرُ ج پائوڊَرَ:** ذ. [انگ. Powder] سنهو. پِيئَل ٻُورو. سفوف. خوشبودار. سنهو ميدو. جهڙو اٽو (جيڪو مُنهن ۽ بدن تي پگهر کان بچڻ لاءِ هڻجي).

• **پائولو ج پائولا (ڪ):** ذ. کجور جو پاٽَ – ڪارڪن جي ڇٻي.

• **پائوندُ ج پائونڊَ:** ذ. [انگ. Pound] انگريزي سِڪي جو هڪ قسم. اڌ سير جي وزن جو انگريزي وَٽُ.

• **پائِي ج پائيون. پايُون:** ث [سن. پادِ ڪا] اڳاٽي وقت جو هڪ سِڪو. (هڪ رپئي ۾ ١٩٢ پايون هيون). ٢۴ سيرن اَنَّ جو هڪ ماڻ. (ت).

• **پائِيپُ ج پائِيپَ:** ذ. [انگ. Pipe] لوهي نلي – نَلَ. سُلفي.

• **پائِين:** ظرف. [ف] هيٺ – هيٺاهون.

• **پاياب (ف):** ذ. صفت. [ف. پايہ + آبَ] پير بوڙ (پاڻي). تانگهو (دريا. واهہ وغيره) درياءَ جي تري وارو پاڻي (جنهن منجهان ماڻهو پيدل هليو وڃي).

• **پايانُ:** ذ. [ف] طاقت – توانائي. انتها – پڇاڙي. پڇاڙي. خاتمون. آخرين حد.

• **پايہ:** ذ. [ف] پير. ٽنب.

• **پايدارُ:** ذ. صفت. ڏسو "پائدار".

• **پايِگاهُ:** ذ. [ف. پايہ + گاهہ] مرتبو – رتبو – درجو. درگاهہ – آستانو.

• **پايو ج پايا:** ذ. [ف. پايہ: سن. پاد = پير] پير – پڳ. ٽنگ (ميز. کٽ وغيره جي) – پاڳو – پائو. ٽنب. پِيڙهہ. رتبو – درجو. لياقت – قابليت – حيثيت.

• **ٻپ (ت):** ث. چَٽَ – ڏاڏَر – ٻَپِي.

– **ٻپ ڏڙڪي ٻڌڻ:** چَٽ ٻہ ٻَڌڻ ۽ لَٽ ٻہ ڏيکارڻ – مٺاڃري هاها ماشا ڪرڻ.

– **ٻپون رکڻ:** مَلَهہ ۾ بچاءَ لاءِ داءُ هڻڻ.

• **ٻَپُ:** اسم خاص. هالار جبلن جي ڏاکڻي قطار جو نالو. "ڇڪي چنائِين. پنڌ مِڙوئِي ٻَپَ جو." (شاهہ).

– **ٻپ جو پهلوان:** اسم خاص. درويش شاهہ بلال رحہ جو لقب (جو لاهوت لامڪان کان ڏيڍ ڪوهہ پري ٻَپَ جبل جي ايراضيءَ ۾ مدفون آهي.)

• **ٻپُ ج ٻپَ:** ذ. [سن. پادْ = پير] پير جو مُهڙ وارو حصو. جُتيءَ جي پادر جو اڳيون پاڳو (جنهن ۾ پير جي ٻپ وارو حصو رهي). ڪانياٽيءَ يا گـُليل جو ڪپ (جنهن ۾ ڳوڙهو رکجي).

– **ٻپن تي نچائڻ:** پورو قبضو ڪرڻ. سولائيءَ سان ڪم ڪڍڻ.

– **ٻپن تي هلڻ:** هوريان هوريان هلڻ – ڇُپ ڇُپ ڪري هلڻ.

– **ٻپُو ج ٻپُو:** ذ. صفت. ٻپن تي هلندڙ.

• **ٻپا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **ٻپجو:** اسم خاص. تعلقي موري ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **ٻپِڪڻُ:** مصدر. ڪِلڻُ – خوش ٿيڻ. "اڇي پرين ٻپڪيا. ڪر ٻاٻيهو جيئن مورا" (شاهہ). (ٻپڪيو – ٻپڪندو – ٻپڪيل).

• **ٻپُلَ (ت):** ث. ناز – نخرو – انگلُ – لاڏُ.

• **ٻپلائڻ (ت):** فعل متعدي. ناز نخرا ڪرڻ – انگل آرا ڪرڻ.

• **ٻپُڻِ:** ث. [سَنْ. پَدْمَ] تلائن ۽ ڍنڍن ۾ ٿيندڙ ول جو هڪ قسم (جنهن جي چوٽيءَ ۾ پابوڙو ٿئي ۽ اُن جون پاڙون ٻِهہَ ٿين). (اسم خاص) ڪپري. ڏگهڙي ۽ جاتي تعلقن ۾ ديهہ جو نالو.

– **ٻپٽي ج ٻپٽيون:** ث. ٻَپُڻ جو ٻجُ (جو پابوڙي ۾ ٿئي) – ٻپڻ جي ڏوڏي.

• **ٻپو ج ٻپا:** ذ. اهو ماڻهو جنهن کي ڏَند نہ هجن. نڪري ويا هجن. ڦڏو ـ ٻِڏو – ٻِڦ. (ث) ٻَپي ج ٻپيون.

• **ٻپي ج ٻپيُون:** ث. چَٽَ – ڏاڏِر ـ هُشي. خوشامد. دلبو ٻَپِي – ڏٽو. ٻاراڻي راند جو هڪ قسم (جنهن ۾ ٻُٽن ۾ لِڪي مُڪَ هڻبي آهي).

– **ٻپي ٻڌڻ:** چَٽَ ٻَڌڻ – ڏٽو ڏيڻ – ٻَپِي ٻَڌَڻ. ٻارن جو پاڻ ۾ مُڪ هڻڻ واري راند جو اقرار ڪرڻ.

– **ٻپيون ٻڌڻ. ملائڻ:** چَٽون ٻڌڻ – ڏَتا ٻڌڻ – گشاهڻڻ – دلبا ڏيڻ. هيٺيون مٿيون ٻڌائڻ. ڪوڙا آسرا ۽ دلاسا ڏيڻ.

• **پٽِ:** ث. [سن. پرَتْيَيَ. پْرَت = وري + اِڻ = وڃڻ] اعتبار – ڀروسو – ويساهہ – يقين. ساک – سَچائي. آبرو – عزت – مانُ. "پُوري ٿئي مون پٽ. پرينءَ سان پِرت جِي." (فتح فقير). عِصْمت. پرم – لڄ. ڳـِڙ يا ڪنڊ جي ڳهاڻي چاش –

– پٽري: ٿ. خط – چٺي. ڏسو "پٽر".
– پٽريڪا: ٿ. [سن. پٽرڪا] اخبار.
• پٽرُ ج پٽرَ: ذ. [سن. پٽرَ = پن] خط – چٺي. وڻ جي ڪٽيل پنن مان ٺهيل ماني (جا ڏڪار جي وقت سنڌ ۾ استعمال ڪئي ويئي هئي).
• پِتَرَ: ذ. [سن. پِتَر] ابا ڏاڏا. گذاري ويل وڏا. مري ويل مائٽ. مري ويلن جا ارواح. (هندو مت موجب).
– پِتَر اجهڻ: مري ويل ماڻهوءَ جي تِٿ اجهڻ (جنهن تي ختمو وغيره ڪيو وڃي).
– پِتَر پڌرا ڪرڻ: عيب اگهاڙڻ – مُنا جيئرا ظاهر ڪرڻ – اصل نسل ظاهر ڪرڻ.
– پِتَر پَکُ: ذ. بَدي مهيني جو پويون پَکُ يا اڌ مهينو (جنهن ۾ هندو پنهنجن وڏن جا سِراڌ ڪن).
– پِتَر دانُ: ذ. مري ويلن جي نيت خيرات – وڏن کي ثواب پهچائڻ لاءِ خيرخيرات.
– پِتَر رُلائڻ: ڇنا ڇورا ڪرڻ. پاڳا رُلائڻ – ٺڪر ٺڪر ڪرڻ. دربدر ڪرڻ. وڏن کي بدنام ڪرڻ – ٺڪو لاٿڻ.
– پِتَر ڪَرمُ: ذ. ڪريا ڪرم – ڪفن دفن – سنسڪار.
– پِتَر ڪرڻ، ڪارائڻ: هندن ۾ مري ويل مائٽ جي نيت برهمڻن کي پوڄن ڪارائڻ ۽ دان ڏيڻ.
– پِتَر لوڪ: ذ. عالم ارواح – مُئلن جو مُلڪ. آباءِ و اجداد – ابا ڏاڏا.
– پِتَرن کي پاڻي ڏيڻ: وڏن جو نالو قائم رکڻ – وڏن واري هلت چلت اختيار ڪرڻ.
• پُترُ ج پُترَ: ذ. [سن. پُترَ. پُٽ = هڪ دوزخ جو نالو + تُرئي = بچائڻ. جو (پيءُ کي) دوزخ کان بچائي ٿو] پُٽ – بيٽو.
– پُترُ وان: ذ. صفت. پُٽن وارو – پُٽيتو.
– پُتري ج پُتريون: ٿ. ڌيءُ – نياڻي.
• پِترڪڻُ (ٺ): مصدر. ترڪڻُ.
• پٽرڻُ (ٺ): مصدر. پٽرَ وڃڻ (جاءِ کي).
• پٽرڻُ (ڪ): مصدر. گهر ۾ گهڙي وڃڻ – ٽڪڙو اندر وڃڻ. (پٽريو – پٽرندو – پٽريل).
• پٽرڻي ج پٽرڻيون: ٿ. سونارڪي ڪم ۾. ڳهڻ تي جِڙَن ڪڍڻ جو اوزار.
• پِترو ج پِترا: ذ. [سن. پتر = پنو] پنو – ڪاغذ – ڪنهن به ڌاتوءَ جو پرچ. ڇهن ڊبل روپين جو مجموعو. دوا جي ٽڪين جو بند ٿيل مجموعو. (صفت) سنهون (ڌاتو جو ...).

• پٽرو: صفت. پٽڙو – ڇڊو – ڪنگهو. (ٿ) پٽري.
• پٽراڻ، پٽرائي: ٿ. پٽڙائي – ڇڊاڻ. سنهائي – باريڪي.
• پٽريو ج پٽريا (ٺ): ذ. پاڪڙو.
• پٽڙيا (ٺ): اسم خاص. مينگهواڙن جي هڪ ذات جو نالو.
• پٽشاهه: ذ. بادشاهه. ڏسو "پاتشاهه".
• پٽڪ: ٿ. ٿوري ذري – ڇِهي. پٽڙي شيءِ جي ذري ٽيڪ. تمام ننڍڙو – تمام ٿورو ذرو – (ٿ) پٽڪڙي. پٽڪي ج پٽڪڙيون – پٽڪيون.
• پٽڪ ج پِٽڪون (ڪ): ٿ. آنڊو. اوٺي (سانداري) جي سوراخ بند ڪرڻ لاءِ اُن ۾ وڌل سُٽ جي ڳنڍ.
• پٽڪون ڪيڻ: آنڊا ڪيڻ – جهڳوري ڇڏڻ – ٽيڪ ڪيڻ.
• پٽل ج پٽلون: ٿ. [ن. پٽراوَلي] پاٽلَ – پٽرَ. مڇيءَ جو هڪ قسم (سنهڙا ڇلر ڊيگهه هڪ يا ٻه فوٽ. دوڙ جهڙي. هن جا ٻه قسم آهن. درياءَ واري. جنهن جو رنگ سائيرو ۽ ميرانجهڙو ۽ ٻي جبل جي تلائن واري. جنهن جو رنگ اڇاڻ مائل ٿئي.)
• پِتَلُ: ذ. [سن. پِتَل] ڌاتوءَ جو هڪ قسم (جو جست ۽ ٽامي جي ملاٽڻ سان ٺهي).
• پِتلڪ ج پِتلڪ: ذ. پوچو – ليپو – راڳو. پوچي.
• پتلو ج پتلا: ذ. صفت. پٽڙو – پترو – ڇڊو – پاڪو – ڪنگهو. سنهڙو – ڏُبرو – ضعيف. اپرو. ڏسو "پترو". (ٿ) پتلي ج پتليون.
• پتلاڻ، پتلائي: ٿ. ڇڊاڻ – پتراڻ. ڏبرائي – اپرائي. ڳاريڪي.
• پتلو ج پتلا: ذ. [سن. پُتلڪ] بُت – بوتو – مُجسمو. ڌهري يا هاڙ جي وچ ۾ لڙڪندڙ ٽڪرو. بيل گاڏيءَ جي پاسرين کي ملائڻ لاءِ ڪاٺ جو ٽڪر (ت).
• پتلون ج پتلونون: ٿ. [انگ Pantaloon] انگريزي نموني جو پاجامو. ڪليل پانچن سان سوڙهو پاجامو.
• پُتلي ج پُتليون: ٿ. [سن. پُترڪا] مٽيءَ يا ڌاتوءَ مان ٺهيل ننڍڙو بُتُ – مورتي. ڪاٺ جو ڳُڏو. سهڻي عورت. ماڻڪي (اک جي). لڪڙي (ڳهڻ).
– پُتلي بازُ ج پُتلي بازَ: ذ. صفت. پُتلين جي راند ڏيکاريندڙ – پُتلين وارو. ٺڳ – حرفتي – چالاڪ.
– پُتليون پائڻ: پُتلين جي راند ڏيکارڻ – پُتلين جو تماشو ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

مصيبت نازل ٿيڻ. بڇڙي عادت پئجي وڃڻ.

— **پِٽَ وجهڻ:** ماتم ڪرڻ — پِٽڪو وجهڻ — روڄ مچائڻ.

— **پِٽ هڻڻ:** بد دعا ڏيڻ — سراپ ڏيڻ — پاراتو ڏيڻ.

• **پُٽُ ج پُٽَ:** ذ. [سن. پُتْر] ٻُٽاٽو ٻار — نرينو اولاد — پِسَر ـ ڇوڪرو.

— **پٽاٽو ج پٽاٽا:** ذ. صفت. پُٽ جو پٽ وارو. (ذ) پُٽ ڄمڻ جو شادمانو.

— **پٽائي:** ث. پُٽ ڄمڻ جي وقت ڏنل گهور يا خيرات.

— **پُٽَن ڀيءُ ٿيڻ:** ٻي اُلڪو ٿيڻ — اَچِنت ٿيڻ — بيفڪر ٿيڻ. پُورو پُورو پروسو هئڻ — مطمئن رهڻ.

— **پٽيتو ج پٽيتا:** ذ. صفت. پُٽن وارو "سَتَ پٽيتو".

— **پٽيلو ج پٽيلا:** ذ. صفت. پُٽ جهڙو — اولاد وانگر. پُٽ ڪري نپايل (ٻئي ڪنهن جو ٻار).

• **پَٽا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پَٽارَڻُ:** مصدر. پکيڙڻ — پَسارڻ. (پَٽاريو — پَٽاريندو — پَٽاريل).

• **پَٽاٽو ج پَٽاٽا:** ذ. [انگ. Pottato] اوبڙ جو هڪ قسم (جيڪو ڀاڄيءَ طور ڪم اچي) — آلُو.

• **پَٽاپَٽي ج پَٽاپَٽي:** ذ. صفت. [سن. پَٽ] پٽن وارو — ليڪن وارو — رنگارنگي پٽن وارو (ڪپڙو لغر)

• **پَٽارَ ج پَٽارُون:** ث. [سن. پاٽ] ڊيگهه — لاڏَ — اينگهَ (ڳالهه ۾). ڊگهي ڳالهه. ٻَڪَ. ٻَٽَهَڙ. اَڳَٽُ (ڪ.ٿ).

— **پَٽارَ ڪرڻ:** اينگهه ڪرڻ (ڳالهه ۾) — ڊيگهه ڪرڻ. بکواس ڪرڻ. وڌائڻ (معاملو).

• **پَٽاسُ ج پَٽاسَ:** ذ. واڍڪي ڪم جو هڪ اوزار (رنبي جهڙو، گهٽو ڪري سل ڪڍڻ جي ڪم اچي). ڪاري جي گانگٽ جو هڪ قسم (ڪارن پَٽن سان، ميرانجهڙو قد ٽي انچ ڪن).

— **پَٽاسِي ج پَٽاسِيُون (ت):** ث. پَٽاس جي قسم جو ننڍڙو اوزار.

• **پَٽاڪَ ج پَٽاڪون (ل):** ث. ڊڪ ڊوڙ — ڀڄ ڊُڪَ. ڀَٽ ڪونڊ — ڀَٽ ڪوهَ.

• **پَٽاڪَن ۾ اچڻ:** ڊڪ ڊوڙ ۾ اچڻ. ڀَٽ ڪونڊ ۾ اچڻ.

• **پَٽاڱو پَٽانڱو (ڪ):** ذ. ڏسو "پَٽالو".

• **پَٽالو ج پَٽالا:** ذ ڪَن يا نَڪ ٽوبڻ بعد ڪجهه وقت لاءِ پاتل ڌاڳو.

• **پَٽالو ج پَٽالا (ل. ڪ):** ذ. ڪپهه سان ڀريل رنگين ڪپڙي جي ٽِڪُنڊي ڳوٿري — جنهن جي ڪنارن کي ڪِج ڪوڏيون ٽانڪي زالون ٻار جي پينگهي مٿان ٻڌي ڇڏينديون آهن، تہ جيئن ٻارُ سُتي سُتي انهيءَ ڳوٿريءَ سان راند ڪري). ٻَڪي ۾ سونهن خاطر ٻہ ٻڌن. مرشد جي درگاه تي ٻہ (باس طور ٽنگي ڇڏين) — ڇَتون. (ث) پُٽالي ج پُٽاليون.

• **پَٽانڊَرُ:** ظرف. [سن. پَرِيتنُتر] موجب — وانگيان — وانگر. مطابق.

• **پَٽاڻِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (نوابشاهہ ۽ حيدرآباد ضلعن ۾).

• **پَٽاهُڙ ج پَٽاهُڙون:** ث. پَٽاڙ. پَٽهَڙ (اڳٽ). تنگُ (گهوڙي جو).

• **پَٽَ پُور:** ث. پَٽڻ ۽ پُورڻ جي حالت. (دروازو). ڇِنبي (اکين جي).

— **پَٽ پُورَ ڪرڻ:** کولڻ ۽ بند ڪرڻ. ڇنبڻ (اکيون).

• **پَٽجَڻُ:** مصدر. 'پَٽَڻ' مان فعل مجهول. کلڻ. (پَٽيو — پَٽبو — پَٽيل).

• **پَٽِڙو ج پَٽِڙا:** ذ. صفت. [سن. پَتْرل] پاٽيءَ جهڙو — پترو — ڇڊو — ڪنگهو. نرم — ڪُنئرو. (ث) پَٽڙي ج پَٽڙيُون.

• **پَٽڙاڻ، پَٽڙائي:** ث. پاٽيت. پتراڻ — ڇڊاڻ.

— **پَٽِڙِي ج پَٽِڙيون:** ث. [سن. پَتْرَ < پَٽَ] ننڍي لوهي پَٽي. رستي جي پاسي وارو پيچرو — سنهو رستو.

• **پَٽڙيُون:** ث. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. پيرن ۾ پائڻ جو ڳَهہُ (ت) — پَٽيون. اُٺ جي نڪ ۾ وڌيل هڏيون (ل).

• **پَٽَ سَٽَ:** ث. پَٽڻ ۽ ڪُونڊڻ جي حالت. اوڌر پاڌر. اوڳڙ — پِن سِن. اوچتي ڪمائي. ڪمائي جو غير مقرر ذريعو.

— **پَٽ سَٽ ڪرڻ:** اوڌر پاڌر وٺي پورت ڪرڻ. ڦوڙي ڪرڻ. قرض کڻڻ.

• **پِتَڪَ ج پِتَڪُون (ڪ):** ذري. پِتَڪَ.

• **پَٽَ ڪَمُ:** ذ. سونارن جي اصطلاح ۾ چانديءَ کي مائي ڪرڻ لاءِ اُن ۾ ملايل مَٽُ.

• **پَٽڪو ج پَٽڪا:** ذ. [سن. پَٽڪا < پَٽَ = ڪپڙو + "ڪ" اسم تصغير جي نشاني] پڳ — دستار — پاڳ — ڦينٽو.

— **پَٽڪو لاهڻ:** بي عزتي ڪرڻ — آبرو لاهڻ.

— **پَٽڪو لاهي هٿ ۾ ڪرڻ:** پنهنجي عزت وڃائي ٻئي جي عزت تي حملو ڪرڻ.

— **پَٽڪو وڌائڻ:** (ادب ۽ عزت جو محاورو) پَٽڪو مٿي تان لاهي ٽانيڪو رکڻ.

— **پَٽڪِي ج پَٽڪيُون:** ث. ننڍو پَٽڪو.

— **پَٽڪِي رُلائڻ:** پڳ لاهي بي مانو ڪرڻ — عزت خراب ڪرڻ.

— **پَٽڪي لٿو:** ذ. صفت. مٿي اگهاڙو — بي عزتو — بي مانو. بي حياءُ — بي شرم.

Gul Hayat Institute

– پارت. هلندي پڄندي – رُسوخ.

– **پٺِ ڀرائي ج پٺِ ڀرائيُون:** ث. همت افزائي – مدد – حمايت – تائيد – ٽيڪو – طرفداري.

– **پٺِ ڀرائي ڪرڻ:** ث. همت افزائي ڪرڻ – دل ٻڌرائڻ. مدد ڪرڻ. ڳالهه ۾ شامل ٿيڻ – ٽيڪو ڏيڻ – تائيد ڪرڻ. ساڳي راءِ ڏيڻ – طرفداري ڪرڻ.

– **پٺ ڀرجڻ:** اولاد ٿيڻ – پيڙهي قائم ٿيڻ.

– **پٺ ڀرڻ:** همت ٻڌائڻ. مدد ڪرڻ. ٽيڪو ڏيڻ – پاسو کڻڻ. سفارش ڪرڻ. ڏيهي حساب جي اصطلاح موجب. هُنڊي جي قبولي رقم ادا ڪرڻ ۽ هنڊيءَ جي ٺئي پاسي تي قبوليت لکڻ.

– **پٺ ڀرو:** ظرف. ٺورو پٺتي – پوئتي.

– **پٺ ڀرو ج پٺ ڀرو:** ذ. صفت. پٺ ڀرائي ڪندڙ. مددگار – حمايتي. پُشت پناهه – ڀرجهلو.

– **پٺ تي، پٺتي:** ظرف. پوئتي – پويان – پوئين پاسي.

– **پٺتي پوڻ:** پوئتي رهڻ – زواليت ڏانهن وڃڻ – ڪوتاهي ڪرڻ (فرض ادائي ڪرڻ ۾).

– **پٺتي ڏسڻ:** نتيجي جو خيال ڪرڻ – عاقبت انديشي ڪرڻ.

– **پٺِ ٺپرڻ، ٺپرڻُ:** پٺي ٺپرڻ – همت افزائي ڪرڻ. دلاسو ڏيڻ – همدردي ڪرڻ – دُعا ڪرڻ. آفرين ڏيڻ. شاباس چوڻ – همٿائڻ.

– **پٺ ڀڏري ٿيڻ:** پٺ جمڻ – اولاد ٿيڻ – اولاد وارو ٿيڻ.

– **پٺ جهلو:** ذ. صفت. پٺ ڀرو – پُشت پناهه. حامي – مددگار.

– **پٺِ ڏيڻُ:** پٺي ڏيڻ. پوئتي موٽڻ. موٽڻ. ڀڄي وڃڻ. ڀڄڻ. هارائڻ. گيدي ٿيڻ. مُنهن موڙڻ. انجام ڪان ڦرڻ. بيزار ٿيڻ. انڪار ڪرڻ – طب جي اصطلاح ۾ ڪک مارڻ وقت ڀونيءَ جي رس سان ڪنهن ٻئي ڌاتوءَ جو ڀُورو ملائڻ.

– **پٺڙو ج پٺڙا (ل):** ذ. چولي جي پٺ ۾ ڪُلهن وٽان ڪپڙي جي ٽڪري (جيئن چولو جلد نه ڦاٽي.)

– **پٺ وارو:** ذ. صفت. جنهن کي ڪنهن وڏي ماڻهوءَ جي مدد هجي. رُسوخ وارو. هلندي وارو. سفارشي. (ظرف) پٺيون – پويون.

– **پٺِ وٺڻ:** پٺيءَ لڳڻ – پٺيان اچڻ – ڪڍ پوڻ – پيڇو ڪرڻ – پوئتان پوڻ.

– **پٺِ ورائي ڏسڻ:** پنهنجا عيب ڏسڻ. پنهنجون خاميون ۽ ڪمزوريون ڏسڻ. پاڻ کي جاچڻ. گذريل وقت ياد ڪرڻ. مستقبل جي خبر لهڻ – آئنده جو فڪر وغيره ڪرڻ. "پنهنجي پٺ ورائي ڪنهن ڪانه ڏٺي آهي" (چوڻي).

– **پٺياتو ج پٺياتا:** ذ. صفت. پيڙهيءَ وارو – خانداني. پيڙهائتو – اصل نسل. شريف (ماڻهو). چڱي نسل وارو.

– **پٺيانُ:** ظرف. پٺئين پاسي کان – پوئتان. کان پوءِ – بعد ۾. پڇاڙي. آخر ۾.

– **پٺيانُ پٺيانُ:** ظرف. پويان پويان – پوئتان. پٺِ کان – بنهه پوئتان. پيرويءَ ۾.

– **پٺيان پوڻُ، لڳڻ:** پٺ وٺڻ – پٺيان وڃڻ. نقصان رسائڻ جي ڪوشش ڪرڻ.

– **پٺيان وڃڻ:** پيڇو ڪرڻ. ڳولا ۾ وڃڻ.

– **پٺيونُ:** صفت. پٺ جو – پٺ وارو.

• **پٺا:** ذ. [سن. پِرشَٺَ: پرا. پِٽٺو = پُشت] هميشه جَمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. بدن جو پٺيون حصو. پٺ – پٺي.

– **پٺا ڄرڪڻ، ڄرهي پوڻ:** ڏاڍا ڏک لڳڻ سبب پٺن ۾ سُور ٿيڻ. پٺاڙا سُڄي پوڻ.

– **پٺاڙا:** ذ. ڏسو "پٺا".

– **پٺا سيڪڻ:** پٺن کي آڌي سُور يا ٽڪُ لاهڻ. (ڪنايه) مارَ کڏڻ – تٽانوڙي ڪرڻ.

– **پٺا ڪيڻ، ڪيڏي وڃهڻ:** ڳري بار سبب ڏاڍو ٿڪ ٿيڻ. تمام ڳرو بار يا بوجهه هڻڻ.

– **پٺارڪَ ج پٺارڪُون:** ث. [سن. پِرشٽ. ف. پُشتارَهْ = پٺ] اها ڀري جا پٺن تي کڻجي. ڪپڙي جي چيڙي ۾ ٻڌل ڳنڍ جنهن جو ٻيو چيڙو ڪُلهي تان ورائي ڪڇ ۾ هڻجي. پٺن تي کڻڻ جيترو گاهُ يا ٻيو سامان. ڀري – هڙ.

• **پٺارو:** اسم خاص. تعلقي شاهبندر ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پٺاڻ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. هڪ قوم جو نالو (قبيلا: ١. علام زئي، ٢. دوراني). (پاڙا. محمد زئي، توپالزئي (Topolzai)، ٣. گلزئي، ۴. ڪاڪڙ (Kakar)، ۵. يرانگ، ٦. شيراني (پاڙا. بابر. استراني)، ٧. ترين Tarin).

• **پٺاڻُ:** اسم خاص. تعلقي شهداد ڪوٽ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پٺاڻُ ج پٺاڻُ:** ذ. پٺاڻ قوم جو ماڻهو – افغانستان جو رهاڪو – افغان – لالو.

– **پٺاڻڪو:** صفت. پٺاڻ جو – افغاني. (ذ) گڏهه جو هڪ قسم (خراساني گڏهه جهڙو ٿلهو پر قد ۾ اُن کان گهٽ ۽ بار جو پهلوان ٿئي).

• **پٺڻُ:** مصدر. [سن. پْرَسْٿاپَنَ] موڪلڻ – روانو ڪرڻ –

• **پُڇ ٻَڌڻ:** ڳالهہ کي ڊگهو ڪرڻ. اَجائي خوشامد ڪرڻ.
— **پُڇ ٻڌِي مَهري ڪَرڻ:** نالائق کي نوازڻ.
— **پُڇ ٽاٽُ ڪرڻ:** خوش ٿيڻ. مزو وٺڻ. تيار ٿيڻ (ڀڄڻ لاءِ). ڏؤ ڪرڻ. سختي ڪرڻ — سيڪت ڏيڻ.
— **پُڇ ٽارُ:** ذ. صفت. اهو گهوڙو جنهن جو پُڇُ هڪ پاسي لَڙيل هجي. (اهو گهوڙو نحسُ ليکيو آهي). "پُڇ ٽارُ، مالڪ مارُ". (چوڻي).
— **پُڇُ پائي ڀڄي وڃڻ:** لِڪي ڀڄي وڃڻ. تڪڙو ڀڄي وڃڻ. ڊِڄي ڀڄي وڃڻ.
— **پُڇُ پٽڻ:** لَنڊو ڪرڻ. مارَ ڏيڻ.
— **پُڇ پوڻ:** ڏٻرو ٿيڻ — هيٺو ٿيڻ — لاڄهو ٿيڻ.
— **پُڇ جهَلڻ:** قابو ڪرڻ. پٺيان لڳڻ. سهارو وٺڻ.
— **پُڇ ڏانڊ ڪرڻ:** خوشيون ڪرڻ — ٽاپيون ڏيڻ — ڪُڏ ڪرڻ.
— **پُڇ ڊگهو هُجڻ:** مِٽن مائٽن ۽ دوستن يارن جي گهٽائي هئڻ. گهٽي سڃاڻپ هجڻ. رَهائِي هجڻ. وڏي پڇ هجڻ.
— **پُڇِرُ، پُڇِڙُ:** ذ. صفت. پُڇ وارو — پُڇ سان.
— **پُڇِرُ تارو، پُڇِڙُ تارو:** ذ. پُڇ وارو تارو — دُمدار تارو — چوٽيرُ تارو.
— **پُڇَڪُ:** ذ. صفت. وڏي پُڇ وارو.
— **پُڇَ ڪانِي:** ث. چوپائي مال جو پُڇ وارو هڏو.
— **پُڇِڪَڙُ (ت):** ذ. پاکڙي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ اُن جي پُڇ هيٺان ورائي ٻڌڻ جو رسو.
— **پُڇُ ڪنڌي تي رکڻ:** ڀڄڻ. تکو ڀڄڻ. ٽاپيون ڏيڻ.
— **پُڇُ ڪڙو ڪرڻ:** تيار ٿيڻ — هوشيار ٿيڻ. ڀڄڻ لاءِ تيار ٿيڻ.
— **پُڇ ڪَرُ (ت):** ذ. ڏسو "پُڇِڪَڙُ".
— **پُڇُ لاڙڻ:** پُڇ هيٺ ڪرڻ. ناراض ٿيڻ. جوش ڍرو ٿيڻ. بيوسي جو اظهار ڪرڻ.
— **پُڇ مٿي ڪرڻ:** خوش ٿيڻ. تيار ٿيڻ.
— **پُڇُ مروڙڻ:** هوشيار ڪرڻ. تنبيهہ ڪرڻ.
— **پُڇُ وَنائڻ (ت):** ڏٻرو ٿيڻ — ڪمزور ٿيڻ — هيٺو ٿيڻ. اُٿڻ ويهڻ جي سگهہ نہ رهڻ.
— **پُڇ وٺڻ:** پُٺيان پوڻ — پٺيان لڳڻ. سهارو وٺڻ. بچاءُ ڳولڻ.
— **پُڇ هيٺ ڪرڻ:** ڏسو "پُڇ لاڙڻ".
— **پُڇِي ج پُڇِيُونْ:** ث. ننڍڙو پُڇ. پڇڙي. مڇيءَ جو پُڇ — نانگ جي پُڇڙي.
— **پُڇا ڪرڻ:** پُڇڻ — خبر لهڻ — سُڌ لهڻ. ڳولا ڪرڻ — تلاش ڪرڻ.
— **پُڇا ڳاڇا ج پُڇائون ڳاڇائون:** ث. پُڇ ڳاڇ — سُڌ سماءُ. خبر چار. ڏس پتو. جاچ جُوچ — ڳولا ڦولا ڪرڻ. ڏس پتو معلوم ڪرڻ. سُڌ سماءُ وٺڻ — خبر چار وٺڻ.
— **پُڇَائُو ج پُڇائُو:** ذ. صفت. پُڇا وارو — پُڇا ڪندڙ. پڇندڙ — سوال ڪندڙ. ڳولائو.
• **پڇاتو (ل):** ذ. صفت. ڳاڙهاڻ ۾ اڇاڻ رنگ وارو.
• **پڇاتُ ج پڇات:** ذ. هُرلي ۾ ڪم ايندڙ هڪ رَسو.
• **پڇاڙَ ج پڇاڙُونْ:** ث. [سن. پشْچات] ڪنهن بہ شيءِ جو پڇاڙيءَ وارو حصو. لٽ وغيره جي پوڇڙ جو ڌَڪ. گهوڙي وغيره جي لت جو ڌَڪ — لت — اِٽَ. چوٽ — سَٽ — نقصان. سيڪت — سزا. جهڙپ (بيماري، جِنّ وغيره جي).
— **پڇاڙَ اچڻ (ت):** ڌڪ اچي وڃڻ — چوٽ لڳي وڃڻ — نقصان رَسڻ. سزا اچڻ — تڪليف پهچڻ. جهڙپ اچڻ (بيماري وغيره جي).
— **پڇاڙ هڻڻ (ت):** لَتَ هڻڻ — اِٽَ هڻڻ. اشارو ڏئي ڪم ڪاري ڇڏڻ.
— **پڇاڙِيءَ جو پهرُ هئڻ:** عمر پُوري ٿيڻ تي هئڻ — پيرسن هئڻ — مرڻ ڪنڌي تي هئڻ.
— **پڇاڙِي سُرهي ٿِيڻ:** آخرت موچاري ٿيڻ — عاقبت موچاري ٿيڻ. حياتيءَ جا پويان ڏينهن سُکيا گذارڻ. "اڳياڙي ٿَنين سُرهي، جَنين پڇاڙي سُرهي." (چوڻي).
— **پڇاڙِي وِجهڻ:** گهوڙي کي پوئين ٽَنگ ۾ رسو ٻڌڻ.
— **پڇاڙِيُون چِنائڻ:** بيزاري ڏيکارڻ. ڏاڍو تنگ ٿيڻ. زوريءَ ڀڄي وڃڻ.
• **پڇانئُونْ، پڇائُون:** ذ. [سن. پْرَتِڇْايَ] سايو — پاڇو. پاڇولو. ڇانءُ — عڪس — اولڙو — ڏئو.
• **پڇاڻ:** ث. [سن. پْرَت — سڃاڻَ — واقفيت — ڄاڻ. سُڃاڻپ — ڏيٺ. خبر — سُڌ — علم.
• **پُڇاٽِڪو (ت):** ذ. صفت. خوار — بدنام.
— **پُڇاٽِڪو ٿيڻ:** خوار ٿيڻ — بدنام ٿيڻ — گلارو ٿيڻ
• **پڇاڻَڻُ:** مصدر. [پرا. پْرَت + گْيانَ = سُڃاڻڻ] سُڃاڻڻ. ڄاڻڻ — سڃي ڪرڻ — معلوم ڪرڻ.
• **پُڇاٽو ج پُڇاٽا:** ذ. پُڇا ڳاڇا — دريافت. سخت پڇا. گذريل عملن بابت پُڇا. پُڇا ڳاڇا (آخرت ۾). عملن جو حساب (قيامت ۾).
— **پُڇاٽي جو ڏينهن:** محاورو. قيامت جو ڏينهن — روزِ محشر.
• **پڇارِڙو (ت):** ذ. ٽاٽارڪي ڪم جو اصطلاح. ريهہ يا ٽانڪي ڏيڻ جي مصالحي رکڻ لاءِ. شيشي جو پيالو.

Gul Hayat Institute

• **پَچيرڻِ (ڪ):** ث. ڪپڙي جا ٻہ پلاند ٻڌي بار کڻڻ لاءِ ٺاهيل جهولي – ڪانبو. "ٻٽ پَچيرڻ ۾، ابو رڙي آچار". (چوڻي).

• **پچيرو ج پچيرا (لس):** ذ. ٻانڊٽيءَ جو هڪ قسم (جو گهوٽ مٿي سان ٻڌي يا ڪُلهن تي ڪري).

• **پَخالَ ج پَخالُون:** ٿ [سن. پَيَسْ + ڪَلَ. پَيَہ = پاڻي + ڪَل > پخال] پاڻي پرڻ لاءِ چمڙي جي وڏي سانداري. ساندارو – مَشڪ. پڪيءَ جي ٽِيڪ واري وٽ ڳِڇهہ جي وِٽ – وڏي پڪڙيل وِٽ ڇَنبي.

– **پَخالِي ج پَخالي:** ذ. صفت. پخال وارو – پخال کڻندڙ – پخال سان پاڻي پريندڙ – بهشتي. (مونث) پَخالڻ ج پَخالِڻيُونْ.

• **پَخالِي:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پَخانُو ج پَخانا:** ذ. نارَ ۾ ڪم ايندڙ هڪ ڪاٺي (اُها ٻسانگي ڪاٺي جنهن تي ڪاٺڻ جو ٻيو پاسو رکجي).

• **پُختائي ج پُختائِيُون:** ث. [ف. پختہ] پَڪائي – مضبوطي. ثابت قدمي. هوشياري – ڏاهپ – سياڻپ.

– **پُختائي رکڻ، ڪرڻ:** هوشياري رکڻ – سجيتائي ڪرڻ. خبرداري ڪرڻ. ڏاهپ ڪرڻ. پڪي سنڀال ڪرڻ.

– **پُختو ڪرڻ:** پڪو ڪرڻ – ڏاڍو ڪرڻ. مضبوط ڪرڻ (ارادو). سيڪاري پڪو ڪرڻ. سوگهو ڪرڻ.

• **پُختَہ:** صفت. [ف] رڌل پَڪل – پڪو. ڏسو "پختو".

– **پُختَگِي:** ث. پُختائي – پڪائي. ڏاڍائي. مضبوطي. خبرداري.

– **پختہ ڪار:** ذ. صفت. تجربيڪار – آزموده گار – ڪم جي ڪچائي پڪائي ڄاڻندڙ. وڏي آزمودي وارو. زماني جي لاهن چاڙهن کان واقف.

– **پختہ ڪاري:** ث. تجربيڪاري – آزمودگاري – زماني شناسي.

– **پُختہ مَغز:** ذ. صفت. سالم دماغ – روشن دماغ. عقلمند – ڏاهو – هوشيار. آزمودگار – تجربيڪار.

• **پَدُ ج پَدَ:** ذ. [سن. پَدُ] پير – قدم – پڳ. پير جو نشان – پيرو. مرتبو – درجو – رتبو – عهدو. منزل. بيت جي سٽ جو هڪ ڀاڱو. هڪڙي اکر ۽ ان جي حرڪت منجهان ٺهيل "آواز". ڀاڱو – حصو (ت). سج جي اها منزل جنهن تي ڏينهن رات هڪ جيڏا ٿين (هڪ آهَر پَدُ = اعتدال ربيعي، ٢٣ مارچ ۽ ٻيو وشْوَ پَدُ = اعتدال خريفي، ٢١ سيپٽمبر).

• **پَدنِراس:** ذ. جوڳ جي منزل (جنهن ۾ سالڪ کي ڪا بہ آس نہ هجي).

– **پَدْوِي:** ث. [سن. پَدَوِي] درجو – منزل – رتبو. شانُ – عهدو.

– **پَدارَٿَ:** ث. [سن. پَدارْٿَ < پَدَ = آواز. لفظ + اَرْٿ مطلب] شيءِ – وٿ – وَسْتوُ – چيز – ٿوڪ. عنصر. ملڪيت – ناڻو – دنيا. برڪت. نيڪي. معنيٰ – مطلب. سمجهاڻي – تفسير. بيان. غرض – مقصد.

– **پدارٿ وارو:** ذ. صفت. ناڻي وارو – ملڪيت وارو – شاهوڪار – هوند وارو.

– **پَدارٿ وِدْيا:** ث. سائنس. علم طبعيات.

• **پَدامُ (ڪ):** ذ. نِرڙ جا گهُنج.

• **پِدَرْ:** ذ. [ف] پيءُ – والد – ابو – بابو.

– **پِدرانہ:** صفت. پيءُ جهڙي – پيءُ وانگر.

– **پِدري:** صفت. پيءُ جي – آبائي. موروثي.

• **پَدَمُ ج پَدَمَ:** ذ. [پرا. پَئُمَ: سن. پدمَ] ڪنول جو گل – نيلوفر. پير جي ترِيءَ وارو ليڪو (جو آڱوٺي ۽ آڱر جي وچ مان شروع ٿي هيٺ کُڙيءَ طرف وڃي ۽ سڀاڳ جو نشان سمجهيو وڃي). نراڙ جو گهنج. نانگ جو هڪ قسم (زهريلو، اُڏامندڙ، ڪنڌ ۽ پٺيءَ تي ڀُوري رنگ جا وار ۽ ڊيگهہ ۾ ٻن فوٽن تائين ٿئي). (صفت) عدد شماري ڳڻپ جي ڏاڪن مان چوڏهون ڏاڪو (ايڪا، ڏهاڪا، سو، هزار، ڏهہ هزار، لک، ڏهہ لک، ڪروڙ، ڏهہ ڪروڙ، ارب، ڏهہ ارب، ڪرب، ڏهہ ڪرب، سنک، ڏهہ سنک، پدم). "جنهن جي قيمت مُلُهہ پدم سو ماٽ مڙيائون اڳري."

• **پَدمِڙِي ج پَدمِڙيون:** ث. ڏسو "پدمڻي".

• **پَدمِڻِي ج پَدمِڻيونْ:** ث. [پرا. پَئُمِڻِي: سن. پَدْمِنِي = ڪنول گل جهڙي] ڪَنوَل جي گل جهڙي نازڪ عورت. تمام نازڪ ۽ حسين عورت. عورت جي چئن قسمن مان هڪ قسم. آير ويدڪ طبيبن جي اصطلاح ۾ (پَدْمَڻي، چِتْرِڻِي، سَنْکِڻِي ۽ هَسْتِڻِي).

• **پَدمَڪُ (ت):** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم.

• **پَرَنْگ:** ذ. بلا جو هڪ قسم.

• **پَدِيْد، پَدِيْدار:** ظرف. [ف] کليو – ظاهر – آشڪار – عيان. چِٽو – پڌرو.

• **پَڌارجڻُ:** مصدر. "پَڌارڻ" مان فعل مجهول. اُسهجڻ – روانو ٿيڻ. فوت ٿيڻ.

• **پَڌارَڻُ:** مصدر. [پرا. پاڌارَ. سن. پَدَ = پير + ڌَرَڻُ = رکڻ] اچڻ (مرشد يا گُروءَ جو) – پير گهمائڻ – تشريف فرما ٿيڻ. روانو ٿيڻ – اُسهڻ. (پڌاريو – پڌاريندو – پڌاريل).

Gul Hayat Institute

• **پرَڪَٽ (ٿ):** ذ. سنهڙين ڪائين جي پورِ ـ پورِ ۾ ڪُٽو ــ چينيا ــ پرَڪُٽ.

• **پرَڳڻو پرڳڻي ج پرڳڻا:** ذ. [ف. پرگنہ = ضلعي جو ڪجهه حصو] ملڪ جو هڪ ڀاڱو. صوبو ــ علائقو ــ پرانت.

ــ **پرڳڻا پنائڻ:** هلاڪ ڪرڻ ــ ڏاڍو رُلائڻ. دربدر ڪرڻ. مُلڪ گهمائڻ پريشان ڪرڻ.

• **پرَگهٽڻ:** مصدر. [سن. پرَڪَٽ < پرَ = گهڻو + ڪَٽَ = پاسو] ظاهر ٿيڻ ــ پڌرو ٿيڻ. پيدا ٿيڻ. نمودار ٿيڻ. نازل ٿيڻ. اوچتو اچي ظاهر ٿيڻ.

ــ **پرَگهٽ:** صفت. (پرگهٽيو ــ پرگهٽيو ــ پرگهٽيل) پڌرو ــ آشڪار ــ مشهور. پيدا. عيان.

ــ **پرَگهٽائڻ:** مصدر. 'پرگهٽڻ' مان فعل متعدي. ظاهر ڪرڻ ــ پڌرو ڪرڻ. نازل ڪرڻ.

ــ **پرَگهٽ ٿيڻ:** ظاهر ٿيڻ ــ نظاري چڙهڻ ــ نمودار ٿيڻ ــ نمايان ٿيڻ. اوچتو اچي ڪڙڪڻ.

ــ **پرَگهٽجڻ:** مصدر. "پرگهٽڻ" مان فعل مجهول ظاهر ٿيڻ ــ پڌرو ٿيڻ. مشهور ٿيڻ. نازل ٿيڻ. مٿان اچي ڪڙڪڻ.

ــ **پرَگهورَ ڪرڻ، لهڻ:** پوءِ واري ڪرڻ ــ خبرچار لهڻ ــ سنڀال ڪرڻ ــ جاچ جوچ ڪرڻ. پرورش ڪرڻ.

• **پرلَڪ:** ذ. سوماطرا جو اترين چوٽيءَ وارو علائقو جتي ١٣ـ صدي عيسويءَ ۾ مسلمانن جي پهرين رياست قائم ٿي. پرلڪ شهر گاديءَ جو هنڌ ۽ واپار جو مرڪز. سنڌ جا وڻجارا. پرلڪ ڪان به اجان اڳتي واپار لاءِ ويندا هئا.

• **پرلڪان:** پرلڪ شهر ۽ ملڪ ڪان. "پرلڪان پري ٿئا، جنهن جا پتار" (ميون شاه عنات).

• **پرلوڪ:** ذ. [سن. پرَلوڪ < پرَ = بيو + لوڪ = جهان] بيو جهان ــ آخرت. موت کان پوءِ وارو جهان ــ عالم بالا.

ــ **پرلوڪ پڌارڻ، سڌارڻ:** ٻئي جهان ڏي وڃڻ. لاڏاڻو ڪرڻ ــ انتقال ڪرڻ ــ وفات ڪرڻ ــ مري وڃڻ.

• **پرلَي:** ٿ. [سن. پرلَي < پرَ = جوڙاري + لي = ڳرڻ] دنيا جو موتي اصلوڪي حالت ۾ بدلجڻ جي حالت. دنيا جو خاتمو ــ فنا ــ قيامت.

• **پرَم:** صفت. [سن] اعليٰ ــ اوچو ــ اُتم ــ مکيه. افضل ــ برتر. مڪمل. بي حد. وڏو. پهريون ــ اول.

ــ **پرماتما:** اسم ذات. [سن. پرَم = اعليٰ + آتما = روح] سڀ کان اوّل ۽ اعليٰ هستي ــ سڀ کان اُتم. ايشور ــ ڀڳوان.

ــ **پرمارٿ:** ذ. [سن. پرم + ارٿ] اُتم خواهش ــ اعليٰ مقصد. اعليٰ سچائي. صداقت. نيڪي. ڀلائي ــ خيرانديشي. فيّاضي ــ خيرخواهي.

ــ **پرمانند:** ذ. [سن. پرَمُ + آنند] وڏو سُک ــ ڪامل. فرحت ــ وڏو آنند ــ وڏي خوشي. (اسم خاص) هندن ۾ مرد جو نالو.

ــ **پرم پد:** ذ. اعليٰ درجو ــ اُتم منزل. وڏي ۾ وڏي حد.

ــ **پرم گَت:** ٿ. دائمي سُک ــ دائمي خوشي ــ فرحت.

ــ **پرم گيان:** ذ. علم معرفت.

• **پرماٿو(ٿ):** ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **پرمار:** اسم خاص. سوڍن راجپوتن جي هڪ ذات.

• **پرمارُ ج پرمارَ:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم. باز جو هڪ قسم (جو ٻين پکين کان شڪار ڪسي کائي). شڪاري باز. (ڪانيه) ڦورو ماڻهو. پرايو مال هڙپ ڪندڙ. ٻئي جو کٽيو کائيندڙ.

• **پرماڻ ج پرماڻَ:** ذ. [پرا. پرماڻ؛ سن. پرَماڻ. پرَ = گهڻو + ما = ماپڻ] ماڻ ــ ماپ ــ ماپو. تور ــ وزن انداز ــ مقدار. قاعدو ــ قانون. رسم ــ رواج. دليل ــ حجت. ساک. ثابتي. حوالو. سَنَد. (صفت) درست ــ صحيح. مُباح ــ روا. (ذ) ٻيڙيءَ جي هڪ ڪاٺيءَ جو نالو (ڪاري جي ٻيڙيءَ جي وڏي سڙهه واري ڪاٺي، جنهن کي درياءَ جي ٻيڙيءَ ۾ 'آڏ' چون).

• **پرماڻُ، پرماڻو ج پرماڻ، پرماڻا:** ذ. [سن. پرماڻ = ثبوت] آخر وارو ذرڙو (جنهن جا ڀاڱا ٿي نه سگهن). آلجبرا جي اصطلاح ۾ ڪنهن ٻول جا اُهي ڀاڱا جي (+ ۽ ـ) واڌو ۽ ڪاٽو نشانين سان ڳنڍيل هجن. اُٽي جو هڪ حصو ــ ائٽم (Atom). ذرو ــ ذرڙو (عنصر جو).

• **پرمت ج پرمتيون:** ٿ. [سن. پرَ = بيو + مت = عقل] پرائي مت. ٻئي جي مت ـ ٻئي جو عقل. ٻئي جي صلاح. ٻئي جي چوڙ. ڳهيلائي ــ ناداني ــ بيوقوفي.

ــ **پرمتيو ج پرمتيا:** ذ. صفت. پرائي مت تي هلندڙ. بي عقل. نادان ــ بيوقوف. ڳهيلو. ٻوگهلو. پورڙو.

• **پرمٽ ج پرمٽون:** ٿ. [انگ. Permit] اجازت نامو ــ منظوري ــ راهداري ــ پروانو.

• **پرمِڊ:** ذ. مصر جا قديم مخروطي منارا ــ جيڪي دنيا جي هڪ عجائبات ۾ شمار ٿين.

Gul Hayat Institute

– پسرجي وڃڻ: چڙي وڃڻ – ٿورو ناراض ٿي وڃڻ.

– پسرو ڄ پسرُو: ذ. صفت. پسري پوندڙ – جلد ڪاوڙجندڙ. روئٽو (راند ۾). خار ڪائيندڙ. حاسد.

– پسري پڻ: ڪنهن پاڻيات جو پکڙڻ يا ٿهلجڻ. ڪنهن سبب تي يڪدم ڪاوڙجي يا هرکي پوڻ.

• پسگردائي: ث. [ف. پس = پٺيان + گَرد = چوڌاري] چوڌاري – آس پاس. ويجهڙائي – اوڏڙائي. ڀَرُ – ويجهي ڇِڪَ

• پسلي ڄ پسليُون (ٿ): ث. ناريل جو ڪوپو (جو گهوٽ جي ٻڪ ۾ جهلايو وڃي).

– پسند اچڻ. پوڻ: وڻڻ – سُٺو لڳڻ. قبول پوڻ. دل کي چڱو لڳڻ.

– پسند ڪرڻ: چاهڻ – گهُرڻ. چونڊڻ – انتخاب ڪرڻ. قبول ڪرڻ.

– پسندي ڄ پسنديُون: ث. پَسندِ ـ وَڻَتِ. راضپو. چُونڊَ. مرضي – خواهش. مُکياري.

– پسنديده: صفت. پسند ٿيل – وڻيل. مرضيءَ مطابق چاه وارو. قبول پيل – چونڊيل.

• پسڻُ ڄ پسڻَ: ذ. [سن. پَشْيَہ + دْرْش= ڏِسڻ] اِشارو. اُهڃاڻ – شُگون – آثارُ. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ.

– پسڻَ پوڻ: اُهڃاڻ اچڻ – نشانيون لڳڻ.

• پَسڻُ: مصدر. ڏسڻ – نهارڻ – جاچڻ. معلوم ڪرڻ. محسوس ڪرڻ. لَکَڻُ.

– پَسڻا: ظرف. پسڻ سان – ڏسڻ سان. ”مولي مشرف ڪيو، پرينءَ جي پسڻا“ (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي).

– پُسي پوڻ: آلو ٿيڻ – پِڇي پوڻ. پِڇِي خراب ٿيڻ.

• پسُورَ (ت): ث. اوڇتي سنبت. اوڇتو اچڻ جي حالت – سِڌُ (ت).

– پسُورَ ڪرڻ: اوڇتي سنبت ڪرڻ – سِڌُ ڪرڻ (ت).

• پسُوري ڄ پسُوريُونْ: ث. نسلي اَڏَ – موروثي اثر. اصليت. عادت – هيرَ. خوبي. ڪميڻپڻو. بيوقوفي.

– پسوري پڌري ڪرڻ: اصليت ظاهر رکڻ. خوبي ڏيکارڻ. بيوقوفيءَ جهڙو ڪم ڪرڻ – پِتر پڌرا ڪرڻ.

• پسُونْ ڄ پسُونْ: صفت. [سن. پَسُ < دْرَش = ڏِسڻ] ساهه وارو. تمام ننڍڙو ساهه وارو – جيت (جُونْءِ، مڇر، وغيره). جانور. ننڍڙو ٻار – معصوم – آبهم – ڪَلهو (ل). (صفت) بي عقل – اٻوجهه. (ذ) هيڙيءَ جو هڪ حصو. هيڙيءَ جي اندران سڄي تَري ۾ جَڙيل ڪائين جي ٻنڌ.

• پسوئِجَڻُ: فعل مجهول. سِگُوئجڻ – ٿڌن ۾ ڪير اچڻ. آنڊا ڪوئجڻ. ڪُرونڊڙو ٿيڻ.

• پسِي (ل): ذ. ڪَنْجهو (ڏاتو). ڪنجهي جي ٿالهي يا تراڪرو وَٽو.

• پُسِي: ث. ڪرڙ جا گُلَ (ڳاڙهي رنگ جا. ڇوسڻ سان ميناج ڏين. ڏَٽ طور ڪم اچي). ڦَٽ تي ٻڌل آلي اڳڙي (جا ان کي هر وقت آلو رکي). اوسي ڪان ويڙهيل آلو ڪپڙو.

– پُسِي ڪرڻ: گرميءَ سببب ڪپڙو آلو ڪري ويڙهڻ.

• پُسِيا: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. تعلقي ڪڪڙ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• پَسِيْنو: ذ. [ف. پَسِيْنہ] پگهر.

• پُسِيْني (ڪ): ث. ٻڪريءَ جو هڪ قسم (ٻوٽ اچو. ڪن ننڍا، ٻت ڪارو).

• پُسْيُونْ (ت): ث. سڳداسي سارين جو هڪ قسم.

• پِشاچُ: ذ. [س. پِشاچ]. جِنُ – ڀُوت. ڏائِڻ. شيطان. شيطاني ڪم ڪندڙ. ظالم. بيرحم.

• پِشالِي ڄ پِشاليُونْ (ڪ): ث. ويڪري منهن وارو ٿانءُ – پيالي. ٺڪري.

• پِشاوَر: اسم خاص. صوبي سرحد جو هڪ مشهور شهر.

• پُشْتِ ڄ پُشُتون، پشتيُون: ث. [ف] پُٺِ پُٺِي. نَسل – پِيڙهي – ٻُڻ. خاندان – حمايت – مدد. ٽيڪ – آڌر. (صفت) حمايتي – مددگار.

– پُشتارَه: ذ. ٻُٺن تي کنيل هَڙ – پنارڪ – ڀَرِي.

– پُشتِ بہ پُشْتِ: ظرف. نسل در نسل – پيڙهي بہ پيڙهي. گهڻي زماني کان (سلسلي ۾ هلندڙ) قديم زماني کان – هميشه کان.

– پُشتِ پناهَ: ث. پويان جي مدد. ٽيڪ – حِمايت – آسرو. (صفت) مددگار – حمايتي.

– پُشتِي: صفت. نسلي – موروثي – خانداني.

– پُشتِي ڄ پُشتِيُون: ث. پُشت. مدد – حمايت – ٽيڪَ. پيڙهه کي مضبوط ڪرڻ لاءِ آڏ.

– پُشتِيبانُ: ذ. صفت. پُٺيرائي ڪندڙ – حمايتي. ٽيڪ يا ٽيڪو ڏيندڙ.

• پِشتُو پُشتُو: ث. پٺاڻن جي ٻولي.

• پُشْپُ ڄ پُشْپَ: ذ. [سن. پُشْپَ < پُشْپْ = ڦَلَڻُ، ڦَٽَڻُ] گُلُ – ڦول – ڦُل.

Gul Hayat Institute

ڏيءَ جي پيءُ ماءُ کان سڱُ جي گهُر ڪرڻ.

– **پکيءَ تي وَرڻُ:** ونجهوٽي راند ۾ ڪنهن رانديگر جو سڀ دريون اُڪري موٽ کائڻ. راند جو پهريون اڌ پورو ڪرڻ.

– **پکي ڪرڻ:** پَڪَ ڪرڻ. ونجهوٽي راند ۾ سيئي باريون اوٽ موٽ اُکري آگ ڪٽڻ.

– **پکي گَرِي (ت):** ث. انجام اقرار. پکي بختي – يقيني.

– **پکِي وِٽ:** ث. ريڃ جي اها حالت جنهن ۾ مٿان زمين سڪل هجي پر اندر آلي هجي.

– **پکِيِنِ تي پوڻ:** نُهيل نڪيل ڪم تي اچي رسڻ. ٻين جي محنت جي فائدي ۾ اچي ڀائيوار ٿيڻ. رڳو فائدي وٺڻ لاءِ اچي حاضر ٿيڻ.

• **پکيارو ج پکيارا:** ذ. آني جو چوٿون حصو. پئسو – ڏوڪڙ.

• **پکُ ج پَکَ:** ذ. [سن. پَڪْش] ڪُنْبُ – پرُ. مهيني جو اونداهو يا سُهائو اڌ (قمري مهيني جا ٻ پک ٿين. سُهائو پهرين کان چوڏهين ۽ اونداهو پنڌرهين کان اٺاويهين تاريخ تائين). پاسو – طرف. راءِ _ پاسخاطري. پرت جو هڪ قسم (ت).

– **پکَ آجا کَرڻ:** پَلوَ آجا ڪرڻ. قرض مان جند ڇڏائڻ. وهنواري ڏيتي ليتي کان آزاد ٿيڻ.

– **پکُ پاتُ:** ذ. پاسو – طرفداري – رياءُ – لحاظ.

– **پکُ پاتي:** ذ. صفت. طرفدار. پاسخاطري ڪندڙ – رايو رکندڙ.

– **پک پائڻُ:** حيلا ڪرڻ.

– **پکُ ڪٽڻ (ت):** پردو لاهڻ – پڌرو ڪرڻ. خوار ڪرڻ. پاسو ڇڏي ڏيڻ – طرفداري ترڪ ڪرڻ.

– **پکُ وٺڻ:** پاسو وٺڻ – طرفداري ڪرڻ.

• **پکارَڻ:** مصدر. [پرا. پَڪْرالَڻْ آمْ. سن: پْرَڪْشَالْنِيم = Towash] ڌوئڻ – صاف ڪرڻ. پکا اِڻ. (پکاريو – پکاريندو – پکاريل).

• **پکارَڻ (ت):** مصدر. صفائي ڪرڻ.

• **پُکانْ بيد:** ذ. پسارڪي وکر جو هڪ قسم (هڪ ٻوٽي جي پاڙ. ميرانجهڙي ۽ ڳاڙهي رنگ جي. گرانٺ جيتري. ذائقي ۾ ڪَوڙِي. ٻ قسم ٿين).

• **پکانو ج پکانا:** ذ. ٽار جي مانداڻ ۾ ڪاڄِ رکڻ لاءِ ٻِسانگي ٽوٽي.

• **پُکارِجَ ج پُکاوجُونْ:** ث. دهل جو هڪ قسم – ڏسو "پَکراز".

• **پُکاوجِي:** ذ. صفت. ڍولڪ وڄائيندڙ – پَکرازي.

• **پکتِي (ت):** ث. پرت جو هڪ قسم (جو ٻاراڻي چولي جي ڇاتيءَ وٽان پرجي).

• **پکِجڻُ:** فعل مجهول. [سن. پَڪْشَ = ڪنبُ] پکيءَ جي ٻچي کي ڪنبُ ڄمڻ. اُڏامڻ جهڙو ٿيڻ – اُڏامَڪُ ٿيڻ.

• **پکَرَ (ل):** ذ. ڪانهينْ جي ٻوڙي جا پن (جي رسي ٺاهڻ ۾ ڪم اَچن) – ڪانهين.

• **پکَرَ ج پکَرُوْنْ:** ث. زره "بي عقل کي باتين جي آهي، پَکَرَ پيرن سنئين" (اسحاق). مرشد وغيره کان عزت افزائي خاطر مليل وڳو – پاکر.

• **پُکراجُ ج پُکراجَ:** ذ. [سن. پُشْپَراگَ] جواهرات جو هڪ قسم. هڪ قسم جو قيمتي پٿر. چمڪدار پيلو. نيلو يا سبز سنيدي مائل.

• **پکرِجڻُ:** مصدر. "پکرڻ".

• **پکِريو (ل):** ذ. چوپائي مال جي هڪ بيماري (جنهن ۾ مال جي ڇاتيءَ ۾ اندر گوشت جو پکي پيدا ٿي پوندو آهي. چون ٿا ته ماڻهن ۾ ٻ اها بيماري ٿيندي آهي).

• **پکَرُ ج پکَرَ (ت):** ذ. مينهن کي پيرن ۾ ٻڌڻ لاءِ رسو.

• **پکَڙ:** ذ. [پَکِڙو ج پَکِڙا] هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ پلي يا مڇيءَ جون ڪنيڙاٽيون (جي پاسي کان پکن وانگي ٿين) – ڪنيڙاٽ.

• **پکڙاٽي، پکڙانْڊِي ج پکڙاٽِيُونْ، پکڙانْڊيُونْ:** ث. [سن. پکش = A_wing] ڪَنبڙاٽي – پَرُ (پکيءَ جي).

– **پکڙاٽيون. پکڙانڊيُونْ پِٽڻ:** پر پٽڻ – ڪنيڙاٽيون پٽڻ. ٻيوس ڪرڻ – حيلا وسيلا ختم ڪري ڇڏڻ.

• **پکڙِجڻُ:** مصدر. "پکڙڻ" مان فعل مجهول. ڇڙوڇڙ ٿيڻ – ڪِندرجڻ. ٽڙي پکڙي وڃڻ. وِکري وڃڻ. (پکڙيو – پکڙبو – پکڙيل).

• **پکِڙو:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پکِڙو ج پکِڙا:** ذ. [سن. پَکْشَ] 'پَکُ' جو اسم تصغير. ڪنيڙو – ننڍڙو پکُ. تڏي جو هڪ قسم. مَنَهُنْ – جهوپڙي. جهنگلي ٻوٽي جو هڪ قسم. پُرٽُ. گاهه جو هڪ قسم.

• **پکڙوجاگير:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پکِڙي ج پکِڙيُونْ (ت):** ث. تترن ڦاسائڻ لاءِ ڪاٺ جي نَهيل ڪوڙڪي.

Gul Hayat Institute

– **پَلَوَ آجا ڪرڻ:** جند ڇڏائڻ. آزاد ٿيڻ. ليکو صاف ڪرڻ. تعلق ٽوڙڻ. معاملي يا وهنوار مان جان آجي ٿيڻ.

– **پَلّ ۽ پلؤ اٽڪائڻ:** پاند اٽڪائڻ – واسطو رکڻ. سڱابندي ڪرڻ. حصيداري ڪرڻ. وهنوار ۾ گڏجڻ.

– **پَلّ ۽ پلؤ اَٽڪڻ، آڙڻُ:** پلاند اٽڪڻ – هٿ اٽڪڻ. تعلق ۾ اچڻ. مِٽي مائٽي ٿيڻ.

– **پَلّ ۽ پلؤ ٻڌڻ:** شاديءَ جي هڪ رسم ۾ گهوٽ جي رئي ۽ ڪُنوار جي پوتيءَ جا پلاند هڪٻئي ۾ ٻڌڻ.

– **پَلّ ۽ پلؤ پالهارڻ:** پلاند خالي ڪرڻ – هَٿَ چنڊڻ. پلاند آجا ڪرڻ.

– **پَلّ ۽ پلؤ پالهو ڪرڻ:** پاند آجو ڪرڻ – آزاد ٿيڻ. جند ڇڏائڻ.

– **پَلَ ۽ پلَؤ پائڻ:** جهولي جهلڻ (ڪجهه گهرڻ لاءِ) ڪپڙو جهلڻ. سوال ڪرڻ – خيرات گهرڻ. پلاند وجهڻ. عاجزي ڪرڻ – منٿ ڪرڻ. آسيس ڪرڻ. قسم کڻڻ.

– **پَلَ ۽ پلؤ جهلڻ:** پلاند جهلڻ – جهولي جهلڻ. منٿ ڪرڻ. سوال ڪرڻ.

– **پَلَوَ چِيرا وجهڻ:** پلاند وجهڻ. ننگ واسطا وجهڻ. منٿون ڪرڻ – عاجزي ڪرڻ.

– **پَلَ ۽ پلؤ ڏيڻ:** پلاند ڏيڻ – عوض ڏيڻ – بدلو ڏيڻ. حساب ڏيڻ – وهنوار ڏيڻ. ملهه جي اصطلاح ۾ هڪڙي ملهه ماريل پهلوان سان ٻي ملهه ڪرڻ. (شاديءَ جي هڪ رسم يا پيڻ جو گهوٽ کي گنديءَ سان ڍڪڻ. رن زال جو پرڻجڻ. ڏير کي پلوءَ ڏيڻ – ڏير سان نڪاح ڪرڻ (ت).

– **پَلُ ۽ پلؤ ڪرڻ:** پلاند ڪرڻ. رهيل حساب چڪائڻ. ٻي مَلهه ڪرڻ.

– **پَلّ ۽ پلؤ لاهڻ:** ڪورين جي اصطلاح ۾ سڄي تاڃي (۳ تاڪيا) اُٺِي لاهڻ.

– **پَلَ ۽ پلؤ لڳڻ:** پلاند رهيل هئڻ. وهنوار لڳڻ. حساب ڪتاب باقي هئڻ. سام پوڻ. حقّ يا حصيداري هئڻ.

– **پَلّ ۽ پلؤ وٺڻ:** پلاند ڪان جهلڻ – دامن جهلڻ. عوض وٺڻ – بدلو وٺڻ. ويرُ وٺڻ. وهنوار ۾ رهيل حساب چڪائڻ.

– **پَلّ ۽ پلؤ هڻڻ:** ڪجيءَ جي اصطلاح موجب وڻ مان ڏونڪا لاهي ڪپڙي ۾ صاف ڪرڻ.

• **پَلّ ۽ پلئي، پلئي پلي:** ظرف. پَلّءِ ۾. جهوليءَ ۾. حوالي – ذمي.

– **پلئي، پلئي پلي پوڻ:** پَلّءِ پوڻ. جهوليءَ ۾ پوڻ. هٿ اچڻ. حاصل ٿيڻ. حصي ۾ اچي وڃڻ.

– **پلئي لڳڻ:** زالن جو هڪٻئي کي ڀاڪر وجهي روئڻ (ڪنهن عزيز جي وفات تي).

– **پلئي وجهڻ:** پناري وجهڻ. سام ۾ ڏيڻ – اجهي ۾ ڏيڻ – حوالي ڪرڻ. ونِي ڏيڻ (حق).

• **پَلِي:** ث. مٽرن جي وَلِ. چڻن يا مٽرن جا پن (جي ڀاڄي طور استعمال ٿين. اهي پن سڪائي ٻه رکيا ويندا آهن). (اسم خاص). هڪ ذات جو نالو. تعلقي ساماري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پَلِي ڄ پَلِيُونْ:** ث. اَنّ رکڻ لاءِ ٺوئي مان ٺهيل گنديءَ جهڙي وڏي جاءِ. ڪاري جي ميجيءَ جو هڪ قسم (چِلرن سان، رنگ اڇو، پلي وانگر چمڪندڙ. قد ۱ – ۴ انچ). ڪجيءَ جي ڦرهي جي پڇڙِي (ڪ).

• **پُلِي ڄ پُلِيُونْ:** ث. [انگ. Pullay] ڪَپِي – ٻوڙِ ـ چرخي.

• **پَلِيتُ:** صفت. [ف. پَلِيد] ناپاڪ – نجس – اَپوتر. گندو – ڪِنو – خراب – چُنيَلُ.

– **پَلِيتائِي، پلِيتي:** ث. ناپاڪائي – نجاست – گندگي. ڇوپُ.

• **پَلِيتو ڄ پَلِيتا:** ذ. [ف. پَليتَهْ، پلِيتَه = ڏِيئي جي وَٽِ: ع. فَتِيلَة < فتلَ = وَٽڻ] وَٽ (ڪاغذ يا ڪپڙي جي. ڪاغذ تي لکيل تعويذ يا دعا (جا جنّ ڀوت ڪڍڻ ۽ نُحُوست ٽارڻ لاءِ ساڙبي آهي). آتشبازيءَ جو هڪ قسم. بندوق جو لِتو – بارود پريل ٽوپي (جا بندوق جي مَڪُوءَ تي رکبي آهي) – جامڪي. "توفون ۽ گرزا گڙيا، ڪي پليتن پاهه" (راڄن شاهه).

– **پَلِيتو لائڻ:** باهه ٻارڻ – جهيڙو مچائڻ. فساد برپا ڪرڻ.

• **پلِيَڻُ:** ذ. سُڪل اٽو (جو ماني پچائڻ وقت ڳوهيل اٽي کي ٿانءُ سان لڳڻ کان بچائي) – آٽڻُ.

• **پِلِيٽ ڄ پلِيٽُون:** ث. [انگ. Plate] ٿالهي – رڪيبي – بنڪاري.

• **پلِيٽ فارُمُ:** ذ. [انگ. Platform] ٿَلهو (جو تقريرن وغيره لاءِ ڪم اچي). مٿاهين جاءِ. ريلوي اسٽيشن جو وڏو ويڪرو ٿلهو. (جنهن جي پرسان گاڏي اچي بيهي). خاص ٽڪيٽ.

• **پَلِيپوٽا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **پلِيجا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. گمبٽ ۽ ڳڙهي ياسين تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پلِيجاڻي:** اسم خاص. هالاءِ ميرپور ساڪري تعلقن ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پَلِيدُ:** صفت. [ف] ناپاڪ – نَجِسُ – اَپوتر – پَلِيتُ. گندو. ڪِنو.

Gul Hayat Institute

- **ٻوڙ ج ٻوڙ(ت)**: ذ. مينهن کي پيرن ۾ ٻڌڻ جو رسو ('ٻکڙ' جي واڳي يا ٻڇاڙي) جانورن ڦاسائڻ جي ڪَڏ. سَنب (ت).
- **ٻوڙائي ج ٻوڙائيون (ت)**: ث. ڏسو "ڦوڙائي".
- **ٻوڙڻ (ت)**: مصدر. ٽنبڻ. "تيزا گهمائي نينهن جا، اچي پاڻ پرين پوڙيا" (عبدالله فقير ڪاتيار).
- **ٻوڙهو ج ٻوڙها**: ذ. صفت. پرا. پوڊ: سن. پروڊ < پر = گهڻو + اَڍ = ڪنيل] وڏي عمر وارو – ڪراڙو – ٻڍو – پيرسن – عمر رسيده. جهور. جهونو. (ث) پوڙهي ج پوڙهيون.
- **ٻوڙهائي**: ث. ٻڍاپڻ – پيري – ڪراڙپ. هيڻائي – ڪمزوري.
- **ٻوڙي ج ٻوڙيون**: ث. [سن. پاد = پير] ڏاڪڻ تي پير رکي چڙهڻ لاءِ لڳل ڪاٺيءَ يا تختو ڏاڪو – زينو. ٻيڙيءَ تان لهي ڪناري تي پهچڻ لاءِ تختو. مصرع جي هڪ ٽڪ. مينهن جي پير ۾ ٻڌڻ لاءِ ٻٽي رسي – پينجهوڙي (ل). گهوڙي کي ٻڌڻ لاءِ چم جي ڪڙي واري رسي (ت).
- **ٻوز ج ٻوز**: ذ. [ف] وات. مُنهن (خاص طرح گهوڙي جو) ڏمڇي – پوزي. مستي. ٽٽ (ڪ).
- – **ٻوز بند ڪرڻ**: وات بند ڪرڻ. سوڙهو گهٽڻ. وايون بطال ڪرڻ. ٽٽ منجهائڻ. سيڪت ڏيڻ. بڪواس بند ڪرائي ڇڏڻ.
- – **ٻوز چاڙهڻ**: سيڪت ڏيڻ. تنگ ڪرڻ. سخت تنبيهه ڪرڻ. وڏي تهمت ٻڌي ويهڻ.
- – **ٻوز ڏيڻ**: تنگ ڪرڻ – سوڙهو گهٽڻ. سيڪت ڏيڻ. هلاڪ ڪرڻ. هيڪوڙ جي ٻيڻ ٻڌڻ. ٻنڌ ٻڌي ويهڻ.
- – **ٻوزمال**: ذ. نعل هڻڻ وقت گهوڙي جي مُنهن کي ٻڌڻ جي رسي.
- **ٻوزاني**: اسم خاص. هڪ جبل جو نالو (نئن بارڻ کان اتر طرف).
- **ٻوزت (ت)**: ث. آڪڙ – وڏائي. مستي. ٻٽاڪ.
- **ٻوزر (ل. ڪ)**: ث. دوڙ. وڏائي. مستي.
- – **ٻوزر ڪرڻ**: وڏائي ڪرڻ. مستي ڪرڻ.
- **ٻوزڻ (ڪ)**: مصدر. ڪاوڙجڻ. وار ڪاندارجڻ. سيسرائيون نڪرڻ.
- **ٻوزڪي ج ٻوزڪيون (ڪ)**: ث. دلاسو. ڏٽو. ڪوڙو دلاسو.
- – **ٻوزڪيون ڏيڻ**: ڏٽا ڏيڻ _ ڪوڙا دلاسا ڏيڻ.
- **ٻوزو ج ٻوزا (ڪ)**: ذ. اٺ کي پير ۾ ٿيندڙ هڪ مرض (بيماريءَ سبب اٺ جو تلهو ٿيل اڳيون پير).
- **ٻوزي ج ٻوزيون**: ث. ڏمڇي. ٽونٽي – لت. وڏائي. ڪجيءَ ۽ جوئر جو سنڌو.
- – **ٻوزي هڻڻ**: لت هڻڻ – ٽونٽي هڻڻ.
- – **ٻوزيون چلڻ**: لتون هڻڻ. ٺينگ ٽپا ڏيڻ.
- **پوزيشن**: ث. [انگ] حيثيت. بيهڪ. درجو. حالت.
- **پوسا**: ث. ڪٽڪ جو هڪ قسم.
- **پوست**: ث. [ف] کل – چمڙي. پُست جي ڏوڏي.
- – **پوستي ج پوستي**: صفت. ڏوڏي پيئندڙ. نشئي.
- **پوستين ج پوستينون**: ث. [ف] وارن واري کل مان ٺهيل ڪوٽ. (جنهن کي وارن وارو پاسو اندر ٿئي).
- **پوسٽ ج پوسٽون**: ث. [انگ. Post] ٽپال – ڊاڪ – خط پٽ. جڳهه – عهدو – چونڪي.
- – **پوسٽ آفيس**: ث. ٽپال آفيس – ٽپال گهر – ڊاڪخانو.
- – **پوسٽ ماسٽر**: ذ. پوسٽ آفيس جو وڏو عملدار.
- – **پوسٽ مئن**: ذ. ٽپالي.
- **پوسٽر ج پوسٽر**: ذ. [انگ. Poster] وڏو اشتهار (جيڪو عام طرح پٽين تي لڳايو وڃي).
- **پوسڙڪو**: اسم خاص. تعلقي مٺيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.
- – **پوسر**: ث. ساڙ – پچ – جَلَ – ڪامَ. حسد – خارش (زخم يا ڦٽ ۾)
- – **پوسرات**: ذ. حسد – ساڙ. بغض.
- – **پوسرائڻ**: مصدر. "پوسرڻ" مان متعدي بالواسطه. ساڙ ڏيارڻ – جلائڻ. ڪاوڙائڻ – اندر ساڙڻ. (پوسرايو – پوسرائيندو – پوسرايل).
- – **پوسرجڻ**: مصدر. "پوسرڻ" مان فعل مجهول. سڙڻ – پچڻ. حسد ڪرڻ. (پوسريو – پوسريو – پوسريل).
- – **پوسلو**: ذ. پوسل. گپ جهڙي زمين.
- – **پوسلي**: ذ. پوسل واري زمين تي رهڻ ڪري ٿيل بخار.
- **پوسڻ**: مصدر. [سن. پوشڻ] پرورش ڪرڻ. نپائڻ – تاتڻ. هي لفظ هميشه "پالڻ" جو تابع ٿي ڪم اچي "پالڻ پوسڻ"
- **پوسو**: ذ. پاڻيءَ جو زيان – هارَ وِيَرَ. پيچو. گاهه لاءِ پاڻي ڇڏيل زمين. فصل کي زياده پاڻي ڏيڻ جي حالت.
- **پوش**: ندا. [ف. بہ + هوش = خبرداريءَ سان] خبردار! – هوشيار! – پري، چتاءَ جو آواز (تہ "پري ٿيو").
- – **پوش پوش**: ندا. پاسي پاسي! پري پري! پري ٿيو! هٽي وڃو!
- **پوش ج پوش**: ذ. [ف]. ڍڪ – غلاف. حجاب – پردو – نقاب. لباس. پرت پريل ڪپڙو (جو غلاف طور ڪم اچي). ڪتاب مٿان ڏنل ڍڪ (ڪپڙي يا ڪاغذ جو). (صفت)

Gul Hayat Institute

ڪُهَڻ لاءِ بيهاريو وڃي. (جهڙوڪ رِڍَ، ڇيلو، ٻڪري وغيره).

– **پهَرُو پائِڻُ، وِجهڻ:** ٻڪري، ڇيلو وغيره. ڪُهڻ (گوشت جي وڪري لاءِ).

– **پهَرُون ج پهَرُونْ:** ذ. پَهْرُو.

• **پهْرونُو ج پهْرونا (ل):** پَهريون چاول ٻار – پَهراتُ.

– **پهَرُونْ (ت):** ذ. تـَرَ جي هڪڙي پاسي جيترو اُٿِيَلُ ڪپڙو.

• **پهَرُونْ وَرائِڻُ:** اُٿِيَلُ ڪپڙو تُـرَ تي ويڙهڻ.

• **پهرِيات، پهرِيائِت:** ث. پهرئين وِيَمَ واري.

• **پهرِيائين، پِهريائين:** ظرف. پهرِينْ.

• **پهرِيلِي:** ذ. پهريون چاول ٻار – پهريون چاول ڦَـرُ.

• **پهرِينْ پِهرِينْ:** ظرف. [سن. پْرَتَمْ] پهريائين – شروع ۾ ـ مُنڍ ۾.

– **پهرِيندي:** ظرف. اوّل –شروع ۾. ايندي – هڪدم.

– **پهرِيندي شرط:** ظرف. ايندي شرط – اچڻ سان ئي. اوّل اوّل – پهريائين پهريائين – سڀ کان اوّل.

• **پهرِيُونْ ج پهرِيان:** صفت. ظرف [سن. پْـرَتَمْ] اوائلي – مُنڍوارو. شروع وارو – اڳيون – ابتدائي. قطار ۾ مُنڍ وارو.

– **پهرِيُون پهَرُ:** ذ. صبح جو وقت – صبح جو پهريون وقت.

– **پهرِيُون دَسُ:** ذ. اڌَ رات جو ڪُڪَڙن جو پهريون ٻانگـُون. اڌَ رات – وڏو اَسرُ. شادي وغيره جي موقعي تي دُهل شرنايون وڄائڻ جي پهرئين محفل.

• **پهَڙائِڻُ (ت):** مصدر. کير ڏيندڙ چوپائي کي مِڙَڻَ کان ٽاهڻ.

• **پهَڙِجڻُ:** فعل مجهول. چوپائيءَ جو نـ مِڙَڻُ – کير ڏيڻ کان نٽائڻ.

• **پهَڙَڻُ (ت):** مصدر. کير ڏيندڙ جانور جو نـ مِڙِڻُ.

• **پهسَ، پهِسَ:** ظرف. [سن. پْـرَ سَهْيَ] تکڙو – تيز – جلد. زور سان "اي ڪامل ڪم نـ سندوءِ، جيئن پهس پڇاڙئين پوتئين" (شاهه). هڪدم – اوچتو. "تنهين جاءِ جوان، هڪ پهس اچي پيدا ٿيو". (مولا بخش سومرو).

• **پهَڳُ ج پهَڳَ:** ذ. پاند. پَلَوُ – دامن. پَڳَ جو هڪڙو وَڪَڙُ.

– **پهَل پِيارَڻُ:** سِڪُ بنائڻ. ڇيلو بنائڻ.

• **پهْلارُ، پهلـَرُ (ت):** ظرف. پهرئين.

• **پهْلو:** صفت. پالهو – ٺَلهو – سُڃو – خالي.

– **پهْلو ٿيڻ:** پالهو ٿيڻ – خالي ٿيڻ. "اهو دؤر درس، پڙهـ، تـ پهلو نـ ٿئين" (خان زئي).

• **پهِلو ج پهِلا:** ظرف. پهريون.

– **پهلو تَهِي:** ث. پاسو – پرهيز. ڪِناره ڪَشي. ٽاٽ.

– **پهلوتَهِي ڪَرڻ:** پاسو ڪرڻ – پرهيز ڪرڻ. جدائي اختيار ڪرڻ. واسطو نـ رکڻ.

• **پهَلـوانُ، پهِلوانُ ج پهلوانَ:** ذ. صفت. [ف. پهلوان] بهادر – دلير – سورهيـ – وِيرُ – سُورمو – ڏاڍو مڙس – سگهارو. مَلهَ وڙهندڙ. ڪُشتي وڙهندڙ. ڪُشتي يا ملهه جي فن جو ماهِرُ.

– **پهلوانِي:** ث. بهادري – دليري – سورهيائي – شجاعت. ورزش. طاقت – سگهه. ڏاڍِ مڙسي.

– **پهلواني ڏيکارڻ:** سورهيائي ڏيکارڻ – دليري ڏيکارڻ. بهادري جو ڪو نُمايان ڪم ڪرڻ.

• **پهْلوانو:** اسم خاص. تعلقي ڪپري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پهْلومل:** اسم خاص. تعلقي ميرپور خاص ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **پهْمَڪ ج پهْمڪونْ:** ث. هڪ قسم جي پرِيل ريشمي يا ڪلابات جي پٽي (جا ڪپڙن کي سونهن لاءِ هڻبي آهي).

• **پهْمونْدو (ل):** ذ. ٻَـٽـِّي ڪرڻ کان اڳ هاريءَ جو گڏيل حصي مان ڪنيل سارين جو حصو.

• **پهْنْ ج پهُونْ (ڪ):** ث. رِڍِ. ٻڪري "جيڪو پسو ڪير پَهُن ۾ تـ موڪل مون پارا" (مخدوم محمد هاشم ٺٽوي).

• **پهْنائِي:** ث. [ف] ويڪرِ ـ چوڙائي – ڪُشادگي.

• **پهُنجِي ج پهُنْجِيُونْ:** ث. ڳَـهُـ جو هڪ قسم – پَونْچِي.

• **پهَنَڻُ:** مصدر. پَرچَڻ – راضي ٿيڻ – ريجهڻ.

• **پهْنوارُ ج پهَنْوارَ:** ذ. صفت. [پرا. پَهُو. سن. پَشُو = رِڍ، ٻڪري + آرَ] رڍون ٻڪريون چاريندڙ – ٻڪرار يا ريڍار.

• **پهَنْورَ:** ذ. ڏسو "پنهنوار". (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو.

• **پهَڻُ:** مصدر. [سن. پَشْيَ] خيال ڪرڻ – پَهـُ پڄائڻ. ارادو ڪرڻ. قصد ڪرڻ. صلاح ڪرڻ. "تڏهن ويهي سات وارن پاڻ ۾ پهيو پرياڻا" (مخدوم غلام محمد بگائي). فيصلو ڪرڻ. ٺهڻ – سَرجڻ – نِبرڻ. (پهيو – پهندو – پهيل).

• **پهَڻُ ج پهَڻَ:** ذ. [سن. پَاشاڻْ] پٿر – پاهڻ. "هي گسي هي گس، هي پهڻ هي پيچرو" (شاهه).

– **پهَڻِ تي ليڪو:** محاورو. پڪي پختي ڳالهه (جيڪا سولائيءَ سان ميٽجي يا بدلجي نـ سگهي).

– **پهْٽِي ج پهْٽيُون:** ث. ننڍو پَهَڻُ. پٿِري – ڪُڪِري. پهڻ جو ٽُـڪر (جنهن تي چَڪُ ڦرِي).

– **پهْٽيارُ:** ذ. صفت. پهٽن وارو – پٿرائون – ڪُڪرالو.

اچڻ. تڏا تڏا پير ڏيئي اچڻ.

– **پير جهَلڻ:** پاڻ روڪڻ – پاڻ سنڀالڻ. پاڻ پلڻ. تعلقات ڪرڻ. خرچ گهٽائڻ.

– **پيرَ چارو(ت):** ذ. پيادي هلڻ جيتري واٽ. سوڙهو گَس. پيچرو.

– **پيرَ چُمڻ:** پاڻ وڏي ڪي عزت ڏيڻ لاءِ پيرن تي هٿ رکڻ. پيءُ ماءُ جي عزّت ڪرڻ.

– **پيرَ دَڙهِي ڳرڻ:** ڪيتو ڪرڻ – چڙيون هڻڻ. ٻار جو بحث ڪرڻ. ناڪار ڪرڻ – نابري وارڻ.

– **پيرَ ڏَڏِ ڙ ۾ هڻڻ:** نہ ٻڌائڻ – نٽائڻ. نابري وارڻ. انڪار ڪرڻ.

– **پيرَ ڏَڙڪِي ڳرڻ:** رعب ڏيکارڻ – تابُ تڙي ڪرڻ. معمولي دڙڪو. دڙڪو داب ڪرڻ.

– **پيرَ ڌوئي پيئڻ:** ڏاڍي عزت ڏيڻ. عقيدتمندي ظاهر ڪرڻ. تمام گهڻا احسان مڃڻ.

– **پيرُ ڏِيڻ:** زالن جو شاديءَ خواهہ غميءَ ۾ سَڏُ پرڻ. ڪاڄ يا ڪانڌيي جو پَوتُ ادا ڪرڻ. پير پرڻ. ساٿ ڏيڻ.

– **پيرَ ڊاهڻ:** پيرن جا نشان ميٽڻ. واپس ورڻ. قبضو پٽائڻ. ٽَڏو پٽائڻ.

– **پير ڍِڪها ڪري سُمهڻ:** بي فڪر ٿي سمهڻ. آرام سان سمهڻ. بي اونو ٿي ويهڻ.

– **پيرُ رَڪيب ۾ هُئڻ:** هر وقت سفر لاءِ تيار هئڻ. هر وقت سفر تي هئڻ.

– **پيرُ رکڻ:** رستو رکڻ (اچ وڃ جو). برادري رکڻ. دوستي رکڻ.

– **پيرَ رکڻ جي جاءِ نہ هجڻ:** تمام گهڻي سوڙهہ هجڻ – پيهہ پيهان هئڻ – ماڻهن جو وڏو گهاٽو هُجوم هئڻ.

– **پيرڙا ڏيڻ ڪٽڻ:** ننڍڙي ٻار جو هلڻ جي شروعات ڪرڻ.

– **پيرڙو ج پيرڙا:** ذ. "پيرُ" جو اسم تصغير.

– **پيرڙيو ج پيرڙيا:** ذ. صفت. پيرن تي. پيرن وارو. گهمندڙ – هلندڙ. اهو ٻار جنهن جا ڄمڻ وقت اول پير ٻاهر اچن – اَمُهڙو. پيرادو پيري. چالاڪ سياڻو – حرفتي – اٽڪلي. (ذ) تاجيءَ جي تندن کي هيٺ مٿي ڪرڻ لاءِ ڪاٺين مان هڪ ڪاٺي.

– **پيرڙيو وڃڻ:** پنڌ وڃڻ – پيدل وڃڻ. تڪو تڪو وڃڻ.

– **پيرڙيون:** ٿ. ريڙهيون (ٻار جون) – ٻانبڙا. ٻار جو شروعاتي هلڻ جو طريقو.

– **پيرڙيون پائڻ:** ٻانبڙا پائڻ – ريڙهيون پائڻ.

– **پيرُ زَمين تي نہ رَکڻ:** هميشہ سواريءَ ۾ هجڻ. نازڪ مزاج ٿيڻ. وڏائي ڪرڻ.

– **پيرَ سَدورا ٿِيڻ:** ڪنهن جي اچڻ ڪري گهر واري جا نصيب سُٺا ٿيڻ – برڪت جو باعث ٿيڻ. نئين ڇاول ٻار يا مهمان جي اچڻ سان ڀاڳ ورڻ.

– **پيرُ سُڌارڻ :** چڱي چال ونڻ. بچڙائيءَ کان پاسو ڪرڻ. فضول خرچيءَ کان باز اچڻ.

– **پير سنوان ڪرڻ:** بي ادبي ڪرڻ. تَوهِينَ ڪرڻ. وڏن سان مقابلو ڪرڻ.

– **پيرَ ڪَٽڻ:** سزا ڏيڻ – ڄُٽ ڪرڻ.

– **پير ڪڍي بيهڻ:** صفا انڪار ڪرڻ. ذميداري نہ کڻڻ. ڪابہ مدد نہ ڪرڻ.

– **پير ڪڍي وڃڻ:** وقت ۾ ڌوڪو ڏيڻ. پاڻ کي آجو ڪري وڃڻ. ڦري وڃڻ – وڏيڪ مدد ڪرڻ کان انڪار ڪرڻ.

– **پير کڻڻ:** پير جي نشان کي قائم ڪرڻ لاءِ چوڌاري ليڪو ڏيڻ "ڪڙهي ۽ ڪڙي، پر ۾ پير پنهونءَ جو". (شاهہ). پير ليکڻ (چور وغيره جو).

– **پير کُپڻ:** نهي نڪي ويهڻ. کُپي وڃڻ – ڄمي وڃڻ. قبضو پختو ٿيڻ.

– **پيرُ کُرَ نہ لڳڻ:** وڃايل شيءِ جو ڪو نشان پتو نہ لڳڻ.

– **پير ڳرو ج پيرڳرا:** ذ. صفت. نَحس – نڀاڳو – ڇَندو (جنهن جي اچڻ ڪري ڪو نقصان رَسي).

– **پيرَ گهُمائڻ:** قدم گهمائڻ – هلڻ. گهمڻ – سير ڪرڻ. اچي بَرڪت بخشڻ – برڪت وارو ڪرڻ. ڪنهن بزرگ شخصيت جو ڪنهن وٽ وڃڻ.

– **پيرَ لهڻ:** وِيامڻ – ويم ڪرڻ.

– **پيرُ ليکي ويهڻ (ت):** ضد ڪري ويهڻ. پنهنجي ڳالهہ تان نہ لهڻ.

– **پير مٿي تي هُئڻ:** مصيبت ۾ هئڻ. پڄ پڄان ۾ هئڻ. سدائين رولڙي ۾ هجڻ.

– **پيرُ مُڙڻ:** پير جو سَنڌ کان لچڪو کائڻ. يا مڙي پوڻ.

– **پيرَ موڙ:** ٿ. ٿوري دير لاءِ ترسڻ جي حالت – بيٺي پير – گهڙي پَلڪ.

– **پيرَ مهٽڻ:** خوشامد ڪرڻ. لالچ ڏيڻ. منٿون ڪرڻ.

– **پير ۾ پدم هجڻ:** پير ۾ هڪ خاص قِسم جو ليڪو يا نشان هئڻ (جا ڀاڳ واري نشاني آهي). سڀاڳو هئڻ.

– **پيرن ِ پر:** ظرف. پيرن جي زور تي – پير جي آڌار تي – اُبو –

Gul Hayat Institute

وِچَ ۾ ڏيئي زور ڏيڻ. نپوڙڻ. گهاڻي ۾ وجهڻ (تيل ڪڍڻ لاءِ) تيل ڪڍڻ (ڪنهن ٻج جو) سوڙهو گهٽڻ – اصطلاح. اُڙهائڻ – عذاب ڏيڻ – تڪليف ڏيڻ – ستائڻ – آزارڻ – ظلم ڪرڻ.

– **پيڙَ:** ث. پيڙڻ جي حالت. گهاڻي جي پيڙ. چپ. ڪَشٽ. سوڙهه – گهٽ. دَرد – پيڙا. تڪليف – آزار.

– **پيڙائي، پيڙائِي:** ث. پيڙائڻ جو اُجورو.

– **پيڙائڻ:** مصدر. "پيڙڻ" مان فعل متعدي مغز يا ٻج منجهان روغن يا تيل ڪڍائڻ. (پيڙايو – پيڙائيندو – پيڙايل).

– **پيڙجڻُ:** مصدر. "پيڙڻ" مان فعل مجهول. پيڙجي وڃڻ. تيل نڪرڻ. گهاڻي ۾ پوڻ. سخت تڪليفن ۾ اچي وڃڻ. نيست ۽ نابُود ٿي وڃڻ.

– **پيڙِيلُ:** تيل نڪتل. مصيبت جو ماريل. آزاريل. جنهن ۾ ڪو سَتُ باقي نہ هجي – نِستو.

• **پيڙو ج پيڙا:** ذ. [پرا. پنڊاو. سن. پِنڊڪ] مٺائيءَ جو هڪ قسم. مائي جي ٽِڪي. برفيءَ جو گِنڊو. مِٽي يا اٽي جو چاڻو.

– **پيڙي چوٽ (ت):** ث. شرط – ضد.

• **پيڙو ج پيڙا:** ذ. صفت. [سن. پاد = پير] پيدل – پيادو. وانهڙو. قاصد – پانڌي. "پيڙا پيش پرين، اَڪج عجيبن آڙي ڪري" (محمد علي شاه). سهڻو. صحتمند جوان. معشوقڙو.

• **پيڙو ج پيڙا:** ذ. پلال يا سَرن مان ٺهيل گول ننڍڙو مُوڙو (دِلا رکڻ يا ويهڻ لاءِ) ڏسو "پيڙهو".

• **پيڙهہ ج پيڙِهُون، پيڙهيُون:** ث. [سن. پيٺڪا] بنياد – پاڙ.

• **پيڙهڻُ:** مصدر. ڏسو "پيڙڻ".

• **پيڙهو ج پيڙها:** ذ. وڏي مَٽي يا مَٽُ جنهن ۾ اُٺين جو کير ڏهجي، وڏا پاٽ. [سن. پيٺڪ] پلال يا ڊِين وغيره مان ٺهيل مُوڙو (جو ويهڻ لاءِ صندلي جو ڪم ڏئي). ڳوڻ جي ڳوٺري ۾ ڏَٻ يا ڪو ٻيو گاهہ پري ٺاهيل وِهاڻو (جو ڏاند جي ڪلهي تي رکيو آهي، جيئن هر ڪاهڻ يا نار هلائڻ وقت ڏاند جو ڪُلهو گاٺ کان بچي). سَرَ جي ڪانن مان ٺهيل ٽيڪ وارو موڙو (ڪرسيءَ وانگر ڪم اچي).

• **پيڙهي ج پيڙهيُون:** ث. بنياد – پاڙ. نسل – اولاد. نسب جو سلسلو. گادِي – تخت.

– **پيڙهيات:** ذ. صفت. پيڙهيءَ وارو – پيڙهائتو – چڱي ٻُڻَ وارو – بنيادي.

– **پيڙهيارو:** ذ. صفت. گاديءَ وارو – گاديءَ جو ڌڻي.

– **پيڙهي بہ پيڙهي:** ظرف. پُشت بہ پُشت – موروثي – هڪڙي نسل کان ٻئي نسل تائين.

– **پيڙهيءَ ڌڻي:** صفت. گاديءَ ڌڻي – خاندان جو چڱو مڙس.

• **پيزارُ، پيزَتُ (ت):** ذ. دٻاءُ – زور.

• **پيزارُ ج پيزارُون:** ث. [ف] جُتي – پاپوش.

• **پيزَغُ (ڪ):** ذ. فراسين ٺاهڻ جو هڪ اوزار.

• **پيس:** ث. جابلو ملڪن ۾ ٿيندڙ ٻوٽي جو هڪ قسم (جنهن جي پنن مان تڏا ٺهن). ڦيش. ڪجيءَ جا سُڪل ڦڙها (جنهن مان تڏا، ٽوڪرا وغيره ٺهن).

• **پيس ج پيسُون:** ث. پتن کي ٺاپي ڏيڻ ۽ ورهائڻ جو ڪم ("پيسڪوٽ" راند ۾)

– **پيس اَچڻ:** پيسڪوٽ راند ۾ پتن کي ٺاپڻ ۽ ورهائڻ جو وارو اچڻ. (جيڪا چڻ تہ هار جي سزا آهي).

– **پيس ڪاهڻ:** پتا وِرهائڻ (پيسڪوٽ راند ۾).

– **پيس ڪوٽَ:** ث. پتن جي هڪ راند (جنهن ۾ 'پيس' ۽ 'ڪوٽ' جون بازيون ٿين).

• **پيسِرو:** هڪ تاري جو نالو (جيڪو سانوڻ مهيني جي آخر ۾ ايري).

• **پيسَڪَ ج پيسَڪُون (ڪ):** ٿوري کير واري اُٺ (ڏاچي). و هڪيل اُٺ

• **پيسڻُ:** مصدر. [سن. پيشڻَ] اٽو ٿيڻ.

– **پيسائڻ:** مصدر. "پيسڻ" مان فعل متعدي. پيهائڻ.

– **پيسائي:** ث. پيهڻ جي اُجرت – پيهائي.

– **پيسٽي:** ث. "پيسڻ" جو ڪم يا نمونو.

• **پيسو ج پيسا:** ذ. ڏسو "پئسو". ٽامي جو هڪ سِڪو – ڏوڪڙُ.

– **پيسا:** ذ. هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ. ڌن – دولت – ملڪيت.

– **پيسائي پاڻيءَ ۾:** محاورو. رقم ٺي اجائي – هَڙَئي هلاڪ – سيڪجهہ ناس – ڪئي ڪمائي ڪُٽ.

– **پيسا پوڻ:** گهورَ پوڻ. تماشي ۾ تماشبينن کان روپيا ملڻ. صدقي جي رقم ملڻ.

– **پيسا پيارڻ:** رقم جمع ڪرائڻ. (خزاني يا بينڪ ۾).

– **پيسا ڏوڪڙ:** ذ. مال ملڪيت – ڌن دولت.

– **پيسَڪُ:** صفت. پئسي جيترو (مقدار) پئسي جي قيمت وارو – خسيس. ڪميڻو.

Gul Hayat Institute

- **پيشڪِيرُ ج پيشڪِيرَ:** ذ. [ف] زنانو پڙو.
- **پيشو ج پيشا:** ذ. [ف. پيشه = ڌنڌو] ڪسب – ڌنڌو – ڪاروبار – هنر – فن – ڪم – روزگار.
- **پيشوا ج پيشوا:** ذ. صفت. [ف] اڳواڻ – مهندار – قائِدُ – رهبر. سردار. مرهٽن حاڪمن جو لقب.

– **پيشوائِي:** ث. اڳوائي. رهنمائي. استقبال – رهبري – قيادت.

- **پيشوازُ ج پيشوازَ:** ز. اُهو پڙو جو ڪَنجرِيُون نچڻ وقت پائين – جامو.
- **پيشَه:** ذ. [ف] ڏسو "پيشو".

– **پيشَه ور:** ذ. صفت. ڌنڌي وارو – ڪاسبي – هنرمند – هنر وارو – ڪارِيگر. تاجر – واپاري – دڪاندار.

- **پيشِي، پيشِين:** ث. شام – سانجهي – اڳينءَ جو وقت – عصر – ٽيهري – پوياڙي – پويون پَهَرُ.
- **پيشِين:** صفت. [ف] اڳيون – اڳوڻو – قديم – پُراڻو.

– **پينشِن بَردارُ:** ذ. صفت. پينشن کڻندڙ – پينشن وٺندڙ.

– **پينشن مِلڻ:** نوڪريءَ جو ميعاد پورو ٿيڻ. ملازمت جو عهدو ختم ٿيڻ – نوڪري پوري ٿيڻ کان پوءِ گهر ويٺي پگهار ملڻ.

– **پينشن وٺڻ:** نوڪريءَ جو مدو ختم ٿيڻ – پينشن جي ماهياني رقم وصول ڪرڻ.

- **پيغامُ ج پيغامَ:** ذ. [ف] نياپو – سنيهو – پيام.

– **پيغامبرُ ج پيغامبرَ:** ذ. صفت. نياپو پهچائيندڙ – قاصد – پيغمبر – نبي رسول.

- **پيغمبَرُ ج پيغمبَرَ:** ذ. [ف] نبي. قاصد – نياپو آڻيندڙ.
- **پيڪا:** ذ. [پيڪو ج پيڪا] (سن. پِتُرڪَ) هميشه جمع ۾ ڪم ايندڙ لفظ – ماءُ پيءُ (زال جا) – ماءُ پيءُ (مڙس جا) – زال جي والدين جو گهر ۽ پاڙو – ميڪا.

– **پيڪا وسائڻ:** زال جو ساهُرن کي ڇڏي پنهنجن پيڪن (مائٽن) ۾ وڃي ويهي رهڻ.

– **پيڪا ساهرا:** ذ. جمع مِٽ مائٽ. سڀ مِٽي مائٽيءَ وارا.

– **پيڪاٺا:** صفت. مائٽاڻا.

- **پيڪارَ:** ث. [ف] لڙائي – جنگ – ويڙهه.
- **پيڪارَهُ:** ذ. جنگي گهوڙو. "پانه پيڪاره تي، ٿيو سيّد سوارا." (فقير محمد ماڇي).
- **پيڪانُ ج پيڪانَ:** ذ. [ف] ڀالي يا تيرجي نوڪ. تِيرُ – ڪانُ.
- **پيڪَر:** ث. [ف] شڪل – صورت – چهَرو – رُوپ.
- **پيڪڙو ج پيڪڙا:** ذ. [سن. پَدَ = پير + ڪَٽَڪَ ڪَڙي. اُها زنجير، جا قيديءَ جي پيرن ۾ وجهجي. نِيئُرُ – پيڙِي.
- **پيڳڻُ ج پيڳڻ (ڪ):** ذ. والي جو هڪ قسم – ننڍو ڏيڊو.
- **پيڪو ج پيڪا:** ذ. صفت. والدين جي طرف جو – پيءُ ماءُ جو گهر يا پاسو. مائٽاڻو – اباڻو. "ساهرو". جو ضد. ڏسو "پيڪا".
- **پيڪُ:** ذ. ديدار. ڏيٺ – واقفيت. چاهُ. محبت. سنگت. "ڪري پيڪُ پُنهون سين، پاٽاريائين پاڻ." (شاهه).
- **پيڪَڙُ ج پيڪَڙَ:** ذ. پَينڊُ: مينهن جي اڳئين ٽنگ ۾ ٻَڌل رسو.
- **پيکَڻُ:** مصدر. [سن. پَرِيڪشَڻ = امتحان – جاچ]. خواهش ڪرڻ – چاهڻ. ڏسڻ – نهارڻ. گهُورڻ – جُوهِڻ.
- **پيڪو ج پيڪا (ل):** ذ. ڀِيچو – پُٺِ ـ پَچر – پويون حصو.
- **پيڳُ:** ذ. زمين کي پاڻيءَ جي پِيچَ – آبپاشِي.
- **پيلَ:** پند. ڪاهه. "دعوت ڏئينس دين جي، ڏيئي پيرن پيلَ" (مهدي شاهه).
- **ڀِيلَ:** ث. پاڻيءَ جو زورُ. اَڇل. پاڻيءَ جو اوچتو چاڙه.
- **ڀِيل:** ذ. [ف] هاٿي – فيل. شطرنج راند جي هڪ سارِيْ.

– **ڀِيلبَانُ ج ڀِيلبَانَ:** ذ. صفت. هاٿي هلائيندڙ – فِيلبَانُ – مَهاوَتُ – هاٿيءَ کي ڪاهڻ وارو.

– **ڀِيلتَنُ:** صفت. هاٿي جهڙو – جسيمُ. سگهارو. بهادر.

– **ڀِيل دَمانُ:** ذ. خوفناڪ هاٿي – طاقتور هاٿي – خوني هاٿي.

– **ڀِيلِسوزُ:** بتيءَ جو هڪ قسم – گهڻين وَٽين وارِي – ڏياٽِي.

– **ڀِيلوانُ:** ذ. صفت. پيلبان – فيلبان – هاٿي جو ڪاهيندڙ.

- **ڀِيلانگهو:** ذ. پُراڻي جُتي – گُلتَرُ – کِلتَر.
- **پِيلائِڻُ:** مصدر. [سن. پِينتَ = پيلو] پيلي رنگ ڏانهن مائل هئڻ – هَيڊائڻ – هَلڪو پيلو رنگ ظاهر ڪرڻ.
- **ڀِيلپائو ج ڀيلپاوا:** ذ. [ف. پيل + پايہ] ٿنڀو – پيلَرُ.
- **پِيلَرُ ج پِيلَرَ:** ذ. [انگ. Pillar] ٿنڀو – پيلپائو.
- **پِيلَڪُ ج پِيلَڪَ:** ذ. لغڙ جي هيٺئين ڪنڌ ۾ لڳل رنگين ڪاغذ جو ٽڪر (جو عموماً ه جي شڪل تي هوندو آهي). ولايتي پکيءَ جو هڪ قسم (ڪاري ۽ زردي رنگ جو ٿئي).
- **ڀِيلَڪَ ج ڀِيلَڪُون:** ث. ڊوڙَ – اَڇل. (پنڌ جي). پنڌ جي ڇِڪي – منزل. ٽپو (ٽاپون راند ۾). ڪوڙڪِي ۾ اُها سنهي ڪاٺي جنهن تي ويهڻ سان پکي ڦاسي پوي.
- **ڀِيلڪ ڏِيڻ:** ٽيڪ ڏيئي مٿي اُٿيڙڻ – مٿي ڪرڻ. گهوڙي کي ٿوري وقت لاءِ تکو ڪاهڻ.

# ج

ج: ذ. [سنڌي. ع. ف] سنڌي الف – ب جو يارهون اکر. فارسيءَ جو ڇهون ۽ عربيءَ جو پنجون اکر. اُچار جِيمُ. ابجد جي حساب موجب عدد ۳.

**– جا:** ضمير موصول واحد مؤنث جيڪا "جا تو مُلِ عِيدَ، سا سوءِ وَرِتيسون سومرا." (۲) "جو" حرف اضافت جو "جمع" (منهنجو – منهنجا).

**– جا ج جايون:** ث. [ف. جاءِ جو مخفف] جاءِ ـ جڳهه – هنڌ – ماڳ. مَجالَ – طاقت. "جيهي تيهي ذات جي جُنبَش ناهي جا" (شاهه).

**– جابجا:** ظرف. هر هنڌ – جاءِ بجاءِ ـ جتي ڪٿي – هر جاءِ ـ هر جڳهه.

• **جَابُ:** ث. [انگ. Job] آسامي – نوڪريءَ جي جاءِ. ٺول جو ڪم – ٺيڪو. 'جواب' جو مخفف (هلڪو اُچار).

• **جاب وَرڪ:** ذ. [انگ. Job work] ٺيڪي جو ڪم – ريزڪي ٻوليل ڪم جنهن جي اجرت فوراً ڏني وڃي. ٺول جو ڪم.

• **جَابَانُ:** ذ. بريت – بيابان – ويرانو – رِڃ. سُڃ – ويراني.

• **جَابِرُ:** ذ. صفت. [ع. جَبَر = مجبور ڪرڻ] ڏاڍائي ڪندڙ – زوراورُ ـ ظالم – ڏاڍو. (اسم خاص) هڪ اصحابي سڳوري جو نالو "جابر بن عبدالله".

**– جابرانو جابرائو:** ذ. صفت. ظلم وارو – ظالمائو – ڏاڍ مڙسي وارو.

• **جابِلائُون:** ذ. صفت. جابلو.

• **جابِلو ج جابلو:** صفت. [ع. جَبَلُ] جبل جو – جبل وارو – پهاڙي – ڇاپرو. ٻڪريءَ جو هڪ قسم.

• **جَابُو:** ذ. جهنگلي جانور جو هڪ قسم "جَابُو مَرَ، سَلَهَ".

• **جابولِڻ، جابولَڻ:** مصدر. اجايو ڳالهائڻ – بَڪَڻ – وڦلڻ. بي تُڪي ڳالهه ڪرڻ. ڳولڻ – هٿوراڙيون ڏيڻ.

• **جابولَ:** ث. بَڪَ – وِڦَلَ. بي تُڪي ڳالهه. ڳولا – تلاش.

**– جابول ڏيڻ:** ڳولڻ – ڍونڍڻ – تلاش ڪرڻ. هٿوراڙيون ڏيڻ. "ڏيئي جابول جتوئي وڏو لُنڊيءَ ڪي تہ لهي" (ڪامل).

• **جاتِ ج جاتِيُون:** ث. [سن. جاتِ. جَن = ڄمڻ] ذات – قوم – قبيلو – فرقو – نسل. "جات وڏائي، جَد. پيءُ ڏاڏي کان پانهنجي." برادري – نيات. "جات نہ پائي جَتَ هئا: ڪئي ڪهل نہ ڪيڇئيڙن" مُور – هرگز. "ويندي ڏانهن پرين. جُتي جات نہ پائيان" (شاهه). قسم – نمونو.

**– جات پائي:** ساڳيءَ قوم وارو – ذات پائي – مائٽ مٽ – عزيز – ذات وارو.

**– جات پات:** ث. ذات پات – نسل – قوم – برادري – حسب نسب.

**– جاتِي ج جاتيون:** ث. [سن. جاتِييَہ] جات – قوم – فرقو.

**– جاتيرو:** ذ. صفت. خانداني – اشراف گهراڻي جو – شريف نسل وارو – بنيادي.

• **جاترا (ٽ):** ث. زيارت.

• **جاترا ج جاترائُون:** ث. [سن. ياتِرا. يا = وڃڻ] سفر – مسافري. سيرُ – شَيلُ – گهمڻ. مقدّس جاءِ جي زيارت. تيرٿ تي وڃڻ.

**– جاترِي ج جاترِي:** صفت. مسافر – سيلاني – گهمندڙ – زيارتي – جاتي – ياتري – تيرٿواسي.

• **جاتروڙِيْ ج جاتروڙِيُونْ (ٽ):** ث. رات جي وقت مال جي جهنگ ۾ رهائش.

• **جاتَڪُ:** ذ. [سن. جَنْ = ڄمڻ]. جنم جي حساب ڪتاب جو علم – جنم – پيدايش – وِيَمْ. جنم پتري. فقير – ساڌو.

• **جاتُون، جاتُون (ٽ):** ظرف. [سن. يَتْرَ]. جتان – جنهن هنڌ کان.

• **جاتِي:** ث. اسم خاص. جتن جو ملڪ ٺٽي ضلعي ۾ هڪ تعلقي ۽ شهر جو نالو. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جاتا، جاتانهُون، جاتئُون (ٽ):** ظرف. [سن. يَتْرَ]. جتان – جنهن هنڌان.

Gul Hayat Institute

مخفي طرح جاچ ڪندڙ – ڳجهيءَ طرح خبرون هٿ ڪندڙ. خفيه سپاهي – لڪي خبر پهچائيندڙ.

– **جاچُوسي:** ذ. جاچوس. جاسوس.

– **جاچي ڇڏڻ:** ڏسي ڇڏڻ. نظر مان ڪڍي ڇڏڻ. ڳولي ڇڏڻ. تاڙي ڇڏڻ – معلوم ڪري ڇڏڻ.

• **جاد (لس):** ث. "ياد" جي بگڙيل سنڌي صورت.

• **جادَ:** ث. وارن جي چڳ (جا ڪنهن باس سبب رکائي ويئي هجي ۽ اصل نه ونائجي، اڪثر هندو ۽ موالي فقير رکائين). چوٽي. لونڊڙي وتان نڪتل وارن جي چڳ. چتڙا – مينڊا. ٽوپي يا پٽڪي مان ٻاهر نڪتل وار.

– **جادَ رکائڻ:** وارن جي چڳ رکائڻ – وچ مٿي تي وارن جي چوٽي رکائڻ.

• **جاداري ج جاداريون:** ث. ٻيڙي ۾ ڪم ايندڙ هڪ تختو.

• **جادشير:** ث. پسارڪي وکر جو هڪ قسم (ڪؤنر جهڙو مادو ڳاڙهو پرڪارائڻ تي مائل).

• **جادمُ:** [پرا. جايَو. سن. يادَوَ] راجا جو اولاد.

• **جادمُ جکرو:** اسم خاص. سمي خاندان مان هڪ مشهور سخي حاڪم جو نالو. "ٻيا دَرَ وسريام، وٺي جادمَ جکري). (شاهه).

• **جادم ڪلهوڙو:** اسم خاص. تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جادو:** اسم خاص. مرد ۽ عورت جو هڪ نالو تعلقي ڳمبٽ ۾ هڪ ديهه ۽ ڳوٺ جو نالو.

• **جادو ج جادا:** وارن جي چڳ – جادَ – چتڙا – لونڊڙين وارا وار.

– **جادن ۾:** ظرف. چتڙن ۾ _ مينڊن ۾ _ ننيڙي وهي ۾ _ ننڍي هوندي.

• **جادوُ ج جادوُ:** ذ. [ف]. چيٽڪ – طلسم – سِحرُ – منڊُ – منترَ – ٽوڻو.

• **جادوُ بيان:** ذ. صفت. اهو ماڻهو جنهن جي ڳالهائڻ ۾ جادو جهڙو اثر هجي.

– **جادوُخور:** جادوگر.

– **جادوُ ڪرڻ:** سحر ڪرڻ – چيٽڪ ڪرڻ – منڊُ هڻڻ – جادوَ جو تماشو ڏيکارڻ اصطلاح – تابع بڻائڻ – اثر هيٺ ڪرڻ.

– **جادوگرُ ج جادوگرَ:** ذ. صفت. جادو ڪرڻ وارو – جادو ڄاڻندڙ – ساحر. پويو. (ث) جادوگرياڻي ج جادوگرياڻيون.

– **جادوگري:** ث. جادوءَ جو ڪم. جادو – ساحري.

– **جادوگري ڪرڻ:** جادو ڪرڻ. حيرت جهڙو تماشو يا ڪم ڪرڻ. هٿ نات ڪرڻ. چالاڪي ڪرڻ – جادوءَ جي ذريعي مطيع بڻائڻ.

• **جادو پٽافي:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جادوجوٹو:** اسم خاص. تعلقي سکرنڊ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جادو لغاري:** اسم خاص. تعلقي ٽنڊي محمد خان ۾ هڪ ديهه ۽ تعلقي ٽنڊي الهيار ۾ هڪ ڳوٺ جو نالو.

• **جاڏون ج جاڏون (ڪ):** ذ. وڏا وار. ٽوپي يا پٽڪي مان ٻاهر نڪتل وار. جادا.

• **جاده:** ث. [ع. جادّة] سنهي واٽ – پيچرو – ڳسُ. طريقو – دستور – ريت.

• **جاڏانهن، جاڏنهن، جاڏاهون، جاڏهن (ت):** ظرف. جيڏانهن – جنهن طرف – جنهن پاسي.

• **جاڏو ج جاڏا (ت):** صفت. [سن. جَڏَ] ٿلهو – متارو. پهلوان – جانٺو – همت پريو – سگهارو – مضبوط. اڙڊو – ڏنگو. سخت ڏکيو. وڏو. "جاڏي هن جبل جو ٽانگهينديس ترو." (شاهه).

• **جاڏي (ت):** ظرف. جيڏانهن – جنهن طرف – جنهن پاسي.

– **جاڏي تاڏي:** ظرف. جيڏانهن تيڏانهن – هرطرف – هر پاسي.

• **جاڏيلو ج جاڏيلا (ل):** ذ. صفت. ڏسو "جاڏو".

• **جاذِبُ:** صفت. [ع. جذب = ڇِڪڻ] ڇڪي وٺندڙ – ڪشش ڪندڙ. ڇڪي ويندڙ – مَسُ ڇِتو. ڇِڪيندڙ.

• **جاذِبه:** ث. اهڙا قوت جيڪا مفيد ۽ مناسب ڪاڏي ڪي جذب ڪري يعني پاڻ ڏي ڇڪي وٺي – ڪشش واري قوّت.

• **جارَ:** صفت. [سن. جالَ]. جالارو گهڻو – زياده _ جال – جام – مَٿو. (ث) عورت – زال – چوٽي (مٿي تي ڇڏيل وارن جي چڳ).

• **جارُ:** ذ. [سن. جُوالَ] ساڙ – جَلُ – ڪامَ. ڏنجهه – درد – ڏک. فڪر – خيال – الڪو – ڳڻتي. (ت) جوش – جذبو. (ذ. صفت) پاڙيسري. يارُ. گهڻو جام. "جوش کُهايس جار. لڳس ناوڪ نينهن جي." (رمضان واڍو).

– **جاراٽو (ت):** ذ. صفت. الڪي وارو – ڳڻتيءَ وارو – فڪرمند. همت وارو. محنتي – جفاڪش. (ظرف) جار مان – جوش مان.

– **جارونڊُ (ت):** ذ. صفت – محنتي – جذباتي. چُست – داناءُ.

• **جار جَٽ:** ذ. [انگ. جارجيسٽ] ڪپڙي جو هڪ قسم (سنهون ريشمي ڪپڙو).

Gul Hayat Institute

دلير– شُجاع – جوانمرد – وِيرُ – سورهيہ.

• **جَرِي، جِري (ڪ):** ث. مڇيءَ جو هڪ قِسم (پرن سان. جهرڪي وانگر اُڏامندڙ – قد ۲ کان ۴ انچن تائين).

• **جِريانُ:** ذ. [ع. جَرَيٰ = وَهَڻُ] بيماريءَ جو هڪ قِسم (جنهن ۾ پيشاب سان يا اڳ ۾ يا پوءِ مَني وَهَندي هجي). پَڙي شيءِ جي وَهُڪَ – وهڪرو – رواني – جاري هجڻ جي حالت – سلسلو تِم تِم.

– **جِريان نمبر:** ذ. هلندڙ نمبر – چالو نمبر – سلسليوار نمبر.

• **جِريب، جَريبُ ج جريبَ:** ذ. [ع] هڪ خاص ماپ جو زمين جو ٽڪر (جنهن ۾ ويهہ ويسا يا گهنٽا ٿين) – اڍ ايڪڙ – بيگو.

• **جَرِيدو ج جرِيْدا:** ذ صفت. [ع. جَـرَيْدة. جَـرَدَ = ننگو ٿيڻ] اگهاڙو – ننگو. تَيارُ – هَڪيو – تَڪيو (ل). حساب جو دفتر. ڪتاب. اَخبار.

– **جَرِيْدائِي:** ث. اگهاڙپ. تَجَرُدُ – تنهائي – ڇڙائي – اڪيلائي – اَڻ پَرڻيل واري حالت.

• **جَرين:** صفت. تمام ڊِگهو – لَنبو. گهٽي پنڊ تائين پڪڙيل.

• **جَـڙَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو (جکراڻي پاڙو).

• **جَـڙَ ج جَڙوُن:** ث. [پرا. جَڊا. سن. جَٽا] پاڙ – بيخ. بنياد – پيڙهہ. اصل. ميخ – ڪِلي (قرب جِي). ڳَنْڍُ – ريهہَ. جَڙاءُ – جَڙَتِ (موتين جي). زمين جي حد بنديءَ جو سَنڌو – سيڙهو – ونگ "ٻني وچي تہ جڙسين، نہ تہ جڙان وچي نہ پوڪ".

– **جڙ اکيڙڻُ:** پاڙ پٽڻ. ناس ڪرڻ – نابود ڪرڻ – بنياد ڪڍي ڇڏڻ.

– **جَڙ جَڙِڻ:** قرب ۾ ڪڙڻ – محبت ۾ قابو ڪرڻ.

– **جَڙ ڪاٽڻ:** پاڙ ڪڍڻ – بنياد اکيڙڻ. ناس ڪرڻ – پاڙ پٽي ڇڏڻ – چٽ ڪرڻ – بُرائي ڪرڻ – نقصان پهچائڻ.

– **جَڙ ڪيڍڻُ:** پاڙ ڪڍڻ. پاڙ پٽڻ. ناس ڪرڻ – چَٽ ڪرڻ.

– **جَڙ لاٿڻ:** محبت جي ميخ هٽڻ. پيوند هٽڻ – تعلقَ ڳِنڍڻ.

– **جَڙ لڳڻ:** محبت ٿيڻ – پيار ٿيڻ – لَنءُ لڳڻ – پارون پختيون ٿيڻ – مضبوط ٿيڻ.

– **جَڙُ ج جَڙ:** ذ. صفت. [سن. جَڊْ] بي سمجهہ – بي عقل – بي وقوف – مورک – نادان – ڏَڏ. بي جان. اڻ آزمودگار – آلـڙُ – نويل. اڻ وَهُو (ڏاند) – جَڙو. ٻن ٻنين جو وچون دنگ. ڪَلاس "ٻني وچي تہ جڙسين، نہ تہ جَڙان وچي نہ پوِ ڪ."

– **جَڙُ وَهُو ڪرڻ:** اَڻ وُڙهل ڏاند کي وَهو ڪرڻ. اڏنگي يا اڻ سڌريل کي سُڌارڻ.

• **جَڙائِڻُ:** مصدر. "جڙڻ" مان متعدي بالواسطه. جڙاوت ڪرائڻ (موتين وغيره جي) – پوچ ڪرائڻ – مڙهائڻ. ڳنڍائڻ – جکڙائڻ – ٻڌائڻ (سامان). ٺهڪائڻ (آرا ۽ سَلَ).

– **جَڙاءُ:** ذ. هيرن، موتين وغيره جي جَڙَ يا پوچُ – جڙاوت. "زلف جا زنجير، جَڙاءُ تيم جان جي" (خان زئي). چِٽَ – گُـلَ (ڳهڻن تي) – ميناڪاري وغيره.

– **جَڙائي ج جَڙائِيُون :** ث. جڙائڻ جي مزوري – جَڙائي – مَڙهائي.

– **جَڙائِتو جَڙائُو:** ذ. صفت. جَڙِيلُ – جَڙتِ وارو. پُوتَل – مَڙهِيَلُ.

– **جَڙائِي:** ث. جَڙاوَتَ – جَڙَ. مَڙهت – پُوچَ.

– **جڙائيندو:** صفت. ٺهڪندڙ – ٺهڪي ايندڙ – موزون – مناسب – وزنائتو.

– **جَڙُت، جَڙَتِ :** ث. ڳهن تي هيرن يا موتين جي پُوچ – جڙاءُ – جڙاوت. جواهرن جي صحيح ملاوت (جڙاءُ ۾).

– **جَڙَتُو جَڙتُو:** صفت. جَڙِيل – جڙت ڪيل پُوتل – مڙهيل. جِنجهِيل (ڳهن سان).

– **جَڙتِي:** صفت. جڙتو.

• **جُڙتو ج جُڙتُو:** صفت. مصنوعي – هٿرادو – ڪوڙو – جعلي نقلي – ڪُوڙو تيار ڪيل.

– **جُڙتُو شاهِدي ڏيڻ:** ڪوڙي شاهدي ڏيڻ.

• **جُودُ ج جَڙِدَ (ل، ڪ)** ذ. صفت. طاقتور – سگهارو.

– **جَڙِدُ مَرِدُ:** ذ. صفت. ٿلهو متارو – سگهارو.

• **جُڙدِي (ڪ):** ث. چَٽِي – هَڇا – نقصان – ٽوٽ – تاوڻُ – ڇيهو.

• **جُڙڪَ اڏڻ:** ذ. شڪارپور جو هڪ قسم – ڄُڙڪَ اڏڻ.

• **جَڙ ڪُرْلِ:** صفت. پوڙهو – ڏِہرو – ٽَڪَلُ.

• **جَڙڻُ:** مصدر. [سن. جَنَتِ. جَٽْ = ملائڻ] جَڙت ڪرڻ (جواهرن جي). پُوچ ڪرڻ – مڙهڻ. ڳنڍڻ – لڳائڻ – مِلائڻ. ريهڻ – ٽاڪڻ. پيوَند ڪرڻ. ٺَهَڪائڻ – ڪُپائڻ. جوڙڻ. پِرت ۾ ٽِڪُون هڻڻ.

– **جَڙِتِي:** ث. جڙڻ جي حالت – جَڙاوَتَ. جواهرن جي پوچ.

– **جَڙِيو:** جَڙيندڙ – جوهِري.

• **جُڙَڻُ:** مصدر. [سن. جَدِت. جَٽْ = جُڙڻ] ٺهڻ – تيار ٿيڻ – ٺهي تيار ٿيڻ – راسُ ٿيڻ. ٺهڪي اچڻ – پورو بيهڻ. مِلڻ – حاصل ٿيڻ – هٿ اچڻ. ڳَڏجڻ. تندرست ٿيڻ. سينگار ڪرڻ.

– **جُڙڻُ جَڪَڻُ:** ٺَهِي ٺُڪِي تيار ٿيڻ. ٺـهي راس ٿيڻ. هار سينگار ڪرڻ.

– **جُڙيءَ کي جَسُ:** مُحاوره. جيڪو ٿيو سو وهہ واهہ – جيڪي

Gul Hayat Institute

— **جنڊڙو**: جند جو اسم تصغير. جسم — بت.

— **جنڊڙي ج جنڊڙيون**: ث. "جند" جو اسم تصغير.

• **جنڊا**: ذ. سنڌو درياهہ جو هڪ نالو.

• **جندُ پيرُ**: اسم خاص. زنده پير ـ خواجہ خضر.

• **جنڊاڻي**: اسم خاص. بلوچن جو هڪ قبيلو.

• **جُنڊُ بيدَسْتَر**: ذ. لُڌڙي جا آنورا (جي دوا طور ڪم اچن).

• **جَنڊَ — آهوڙا**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جَنڊُ ج جَنڊَ**: ذ. [سن. يَنْتْر =] ڄڪي (اٽي پيهڻ جي) پٿر جهڙي سخت زمين. سُڪو پَٽ. "جي ساهڙ ڪي سِڪن، تنين جَرُ جَنْڊ ٿئي" (شاهہ). چم جو ڪوسُ يا ٻوڪو. (صفت) مضبوط — سخت وڏي ديگهہ وارو ڪم "انڌِي ۽ جنڊُ — تہ ڪاسا پيسي — پيهْ ۽ پِنْهُ".

— **جنڊ آهوڙائڻ**: جنڊ جي پُڙن کي ٽاڪائڻ يا ڪَهُرو ڪرڻ.

— **جنڊُ آهوڙڻ**: جنڊ کي ٽُڪڻ — جنڊ کي ڪَهْرو ڪرڻ.

— **جنڊ آهوڙو ج جنڊ آهوڙا**: ذ. جنڊ جي پڙن کي ٽُڪي ڪُهرو ڪندڙ (جيئن اَنّ پيسجي سگهجي).

— **جَنڊُ اڌاڙڻ — جنڊ ڏاهڻ**: اٽو ماٽِ مان ڪيڻ. اَنّ پيهي بس ڪرڻ.

— **جنڊاِلڙو ج جنڊالِڙا**: ذ. مٽيءَ مان ٺهيل ننڍڙو جنڊ (جو ٻارن لاءِ رانديڪي طور استعمال ٿئي).

— **جنڊ تي ڦتوسي**: صفت. بي وقعت — هلڪڙو — بي هِمّت — غريب — خسيس — بي وزن.

— **جنڊُ جهوٽِڻُ (ت)**: جنڊ شروع ڪرڻ — ڪم کي لڳو رهڻ — پِنْهہ پِنْهان ڪرڻ.

— **جَنڊِڙو ج جَنڊڙا (ت)**: ذ. "جنڊ" جو اسم تصغير. ث. جنڊڙِي.

— **جنڊڙي جهوٽڻ**: معمولي جهيڙو ڪرڻ — جنگ جي شروعات ڪرڻ.

— **جنڊ ڪاهِڻُ**: اَنّ پيهڻ. مشقّت ۽ ڪشالا ڪرڻ.

— **جنڊ ڪُتِي (ت)** ث. ڪاهل ماڻهو — ٽوٽي ماڻهو. ذلت سان روزي ڪمائڻ وارو.

— **جنڊ ڪَڍَڻ**: اَنّ پيهڻ. سخت پورهيا ڪرڻ. ڏاڪڙا ڪيڻ. "جنڊ ڪڍي سسئي، پِنجُورڙيون پائي" جوٽي.

— **جَنڊِي ج جَنڊيُون**: ث. سارِيُنِ ڏرڻَ واري جَنڊَ جو مٿيون ٺڪر جو پُڙ.

• **جُنڊا، جُنڊڙا**: ذ. جُنڊا — جُنڊڙا — وارن جا ڳُڇا.

• **جنڊاڻ**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جَنڊو ج جَنڊا**: ذ. گهر جو ڪنڊائتي پت وارو پاسو (جنهن تي ڪام جو چيڙو رکجي). تالو — ڪُرف — ڪُلفُ. جنڊاين پتين وارو گهر. گول ڪمانين سان ڪاٺيءَ جو ڪجائو (ٽر ۾ جنهن سان پري پنڌ تان پاڻي جا دِلا پري ڪٺي آڻجن). "پاڻي جر جنڊن ۾ ڪوڏان ڪن ڪَهُون" (شاهہ).

— **جَنڊا پِچَڻُ**: پيچ پوڻ (جانور کي). ڏندڻ پوڻ (ماڻهوءَ کي).

— **جنڊامِڙي وڃڻ، مڙڻ**: ڏندڻ پوڻ. قابو ٿي وڃڻ — سُڪَ ٿي وڃڻ.

— **جنڊاڻِ**: ذ. جنڊي جو وَرو.

— **جنڊو اچي وڃڻ**: گهر جا سڀ پاتي فوت ٿي وڃڻ.

— **جنڊو پاڙو لکي ڏيڻ**: شادي ڪان پوءِ مڙس جو ساهرن جي گهر ۾ رهڻ جو اقرار لکي ڏيڻ — ساهُرن سان گڏ گذارڻ.

— **جَنڊو جَنڊي سان ڏيئي ويهڻ**: ٽِر ۾ ويهڻ — پاڙيسري ٿي رهڻ — ويجهو رهڻ — گهر گهر سان اڏي ويهڻ.

— **جَنڊو ملائڻ (ت)**: راند شروع ڪرڻ.

— **جنڊو هڻڻ**: تالو هڻڻ — ڪلف هڻڻ. بند ڪرڻ.

• **جَنڊوڙا**: اسم خاص. هندن جي هڪ ذات جو نالو.

• **جَنڊِي ج جَنڊيُون**: ث. [سن. يَنْتر =] ڪاٺ کي گول ۽ لَسي ڪرڻ جو هڪ وادِڪو اوزار. سارِيُن ڏَرڻَ لاءِ مٽيءَ جي اُڪرِيْ.

— **جَنڊِي وادو**: ذ. جنڊيءَ جو ڪم ڪندڙ وادو — وِگهامَلُ.

• **جَنرل**: صفت. [انگ. General] فوج جو سڀني کان وڏو عملدار — جَرنيل — سپہ سالار. گهڻو ڪري هي لفظ اڪثر وڏن عملدارن سان استعمال ٿئي. "انسپيڪٽر جنرل. جنرل پوسٽ ماسٽر وغيره". صفت: عام — معمولي — عام دستور موجب.

• **جِنْسَ ج جِنْسُون**: ث. [ع] قِسم — نمونو — اناج. پيداوار. گرامر ۾ نَرَ ۽ مادي اسمن جو تفاوت (جنس مُذَڪَر ۽ جنس مُؤنّث).

• **جِنْس چَرَڻُ**: اَن جي ڏيتي جي هلندِي ٿيڻ — اَن جو وِڪرو شروع ٿيڻ.

— **جِنْسَ ميْلُ**: ذ. اُها وَهِي، جنهن ۾ اناج جي هر هڪ جنس جي آمدني ۽ روانگيءَ جو جدا جدا حساب رکجي (هن وَهيءَ مان خبر پوندي تہ ڪيترو مال آيو ۽ ڪيترو نيڪال ٿيو).

— **جِنْس وارُ**: صفت. قِسم وار. هرڪا جنس پنهنجي جنس ساڻ گڏ ٿيل.

— **جِنْسِي**: ظرف. جنس مان — جنس جهڙو — ساڳيو — ساڳي جنس وارو — نموني طور — جهڙو — جيان — مثل.

— **جِنْسِيّتْ**: ث. جنس. هڪجهڙائي — نِسبت — يَڪسانيت

Gul Hayat Institute

— **جيل پوڪڻ، ڪاٽڻ:** قيد ڪاٽڻ – سزا ڪاٽڻ.

— **جيلخانو:** ذ. جيل – بنديخانو.

— **جيلرُ ج جيلرَ:** ذ. جيل جو وڏو آفيسر.

• **جيل ج جيلون:** ث. لوھ جي ھيڙي (جا پيرن کان وٺي ڳچيءَ تائين ڪنھن ماڻھوءَ کي پيل ھجي).

• **جيلانِ، جيلانھ، جيلانھين:** ظرف. جنھن صورت ۾ ـ جيئن تہ – جو تہ – جيئن – جنھن کان. جنھن مان.

• **جيلاني:** اسم خاص. سيّد عبدالقادر جو اولاد. سيّد عبدالقادر جو لقب (جو جيلان شھر جو ويٺل). (صفت) جيلان علائقي يا شھر جو نالو.

• **جيلاھ، جيلون:** ظرف. جنھن لاءِ ـ جيلانھن.

• **جيمڻُ (ٿ):** مصدر. ڪائڻ. آھت ڏيڻ.

• **جينُ:** اسم خاص. ھڪ ڌرم جو نالو (جنھن جو باني وَرڌ مان مھاوير عيسوي سن کان ٤٧٧ ورھيہ اڳ ٿي گذريو آھي. جِيني خدا جا قائل آھن).

• **جيني ج جينِي:** صفت. جين ڌرم جو مڃيندڙ.

• **جينيا، جينڤا (ل، ٿ):** ذ. منجھيل وار. پِيوت وارَ. ڄينيا.

— **جينئو جينئي (ٿ):** ذ. صفت. مُنجھَيلَ وارَنِ وارو. پِيوت وارن وارو.

• **جينجھَر، جينجھري (ل):** ث. سنھي سُڪَلَ ڍِينگري.

• **جينڪا، جينھَل (ٿ):** ث. سنھي بُوندَ – ڦُڙ ڦُڙ.

• **جينگَرُ:** ذ. مڇيءَ جو ھڪ قسم (ڪڳي جھڙي مُنھَن ۽ سينگاري جھڙي پُڇ سان).

• **جيڻُ:** مصدر. جيئڻُ.

• **جيئو ج جيئا:** ذ. ظرف. سجو – ساجو – ساڄي پاسي وارو.

• **جيو:** اسم خاص. تعلقي ڪُونيءَ ۾ ھڪ ديھہ جو نالو.

• **جيُو ج جيُو:** ذ. [سن. جِيُو] ساھ ـ روح – جيءَ – آتما – زندگي. ساھوارو – جانور – حيوان. ھرھڪ ساھوارو.

— **جيو آتما:** ذ. [سن. جِيواتما] (ھندن جي عقيدي موجب اھو روح جو پرماتما مان نڪري دنيا ۾ جنم وٺي).

— **جيوائُو:** ذ. اھو محصول يا اُھا ڦوڙي جا ھرھڪ ساھواري تي پوي.

— **جيوت:** ث. ظرف. [سن. جِيوتَ] عمر پر. (صفت) زنده ـ جيئرو. (اسم) زندگي – حياتي – عمر.

— **جيودانُ:** ذ. جان بخشي – جيئدان – موت کان بَچاءُ – موت جي سزا کان معافي.

• **جيورڻُ:** مصدر. کاڌو ھضم ٿيڻ – سولائي سان ھضم ٿيڻ. ڳري طعام کي سھي وڃڻ (جيئن ٿيءَ جي صورت ۾ باھر نہ نڪري).

• **جيوڙو ج جيوڙا:** ذ. ننڍڙو ساھوارو – جيت – جيوُ – جَرُ ٿُوم – ڪِيئُون – ڪيڙو.

• **جيوڻُ:** ذ. [سن. جيوَنُ] زندگي – حياتي – سھارو – ڏڍُ. اُمنگ – جذبو. اسم خاص. ماڻھو جو نالو.

— **جيوَني:** ث. زندگي – حياتي.

• **جيوَڻُ:** مصدر. جيئڻ.

• **جيھا:** اسم خاص. ھڪ ذات جو نالو.

• **جيھَرُ:** ظرف. جنھن وقت – جنھن مھل. جڏھين. جيسين.

• **جيھل:** ث. مينھن جي بلڪل سنھي ھلڪي بوند.

• **جيھو ج جيھا:** ظرف. جَھڙو. بيان – وانگر. (ٿ) جيھي ج جيھيُون. "جيھي جا تيھي ٻانھي ٻاروچل جي". (شاھ).

— **جيھو تيھو:** ظرف. جھڙو تھڙو – کھڙو بہ (ٿ) جيھي تيھي.

• **جيءُ:** ذ. [سن. جِيُو] روح – ساھُ – حياتي – زندگي – دم. جند – جان – بدن. دِل – مَنُ – طبيعت. خواھش. نفس. اَن جو ڪچو داڻو (جو اجا دِڙي ۾ ھجي). دليري – جرائت – ھمت. (صفت) ساھوارو جيءَ وارو. چڱو ڀلو – جوڙُ – خوش. (ذ) سڏ جي جواب ۾ ڪم ايندڙ ادب وارو لفظ (ھا).

— **جيءَ آئينا:** جملو. ڀلي آئين – نچ آئين – سدا آئين.

— **جيءَ آزائڻ:** جان ڦاسائڻ – جند ڦاسائڻ. دل اٽڪائڻ – عشق ڪمائڻ – محبت ڪرڻ – پاڻ کي تڪليفن ۾ وجھڻ.

— **جيءَ پوڻ:** ساھ پوڻ – جان پوڻ. سنگَن ۾ اَنَ پيدا ٿيڻ – ٻار کي پيٽ اندر ساھ پوڻ.

— **جيءَ ڄلائڻ:** اندر ساڙڻ – ڪاوڙائڻ – چيڙائڻ – ساڙَ ڏيارڻ.

— **جيءُ جنجل ۾ وجھڻ:** پاڻ کي آزار ۾ وجھڻ – جند ڦاسائڻ. پاڻ کي مصيبت ۾ ڦاسائڻ.

— **جيءُ حضوري:** صفت. خوشامدڙيو – چاپلوس – ڪوڙي خوشامد ڪندڙ – ھر ڳالھ جائز ناجائز جي پيروي ڪندڙ.

— **جيئدانُ:** ذ. جان بخشي – جان جي امان – ڦاسيءَ کان معافي – موت کان ڇوٽڪارو.

— **جيئدان ڏيڻ:** حياتي بخش ڪرڻ – جان بخشي ڪرڻ – ساھ بچائڻ – قتل جي سزا معاف ڪرڻ – ڦاسي معاف ڪري ڇڏڻ – موت کان مھلت ڏيڻ.

Gul Hayat Institute

— **جيءِ سَتُ هجڻ:** طاقت هجڻ — توفيق هجڻ — ڪجهه ٻل هجڻ. ايمان هئڻ (ڪنهن تڪليف سهڻ جو). وڏي همّت هجڻ.

— **جيءِ ڳرو ڪرڻ:** دل کي ڏاڍو ڪرڻ. برداشت ڪرڻ — جان ڏيڻ لاءِ تيار رهڻ — سِرَ تان آسرو ڪٽڻ.

— **جيءِ مٺو ڪرڻ:** خود غرض ٿيڻ — مطلبي ٿيڻ — ساهه پيارو ڪرڻ — سِرَ جي قرباني ڏيڻ کان ڪِيٻائڻ — دنيا جي زندگي وڌيڪ پسند ڪرڻ.

— **جيءِ ۾ جايُون ڏيڻ:** تمام گهڻو ڀانئڻ — ڏاڍو پيار ڪرڻ — وڏي آجيان ڪرڻ.

— **جيءِ ۾ جَڙڻ:** تمام گهڻو پيار ڪرڻ — گهڻو گهُرڻ.

— **جيءِ وڃائڻ:** پاڻ کي تڪليف پهچائڻ پنهنجو سِرُ گَنوائڻ.

● **جِيئان:** ظرف. جيان. جِتان — جنهن هنڌان — جنهن جاءِ وٽان.

● **جِيئانُو:** اسم خاص. تعلقي ڪيري ۾ هڪ ديهه جو نالو.

● **جِيئلُ ج جِيئلَ:** ذ. جِيتُ. ڪِنيُون — ڪِيڙو — جِمَڏُ.

● **جِيئُرو ج جِيئُرا:** ذ. جِيتُ. ڪِينيُون — ڪِيڙو — جِمَڏُ.

— **جِيئُرو ج جِيئُرا:** ذ. صفت. حيات — زنده — سلامت (ث) جِيئُرِي ج جِيئُرِيُون.

— **جِيئُرو ڪُوڙُ:** ذ. نسررو ڪُوڙ — ڪليو ڪُوڙُ — هٽ جو نهيل ڪوڙ.

— **جيئُرو ڪوڙ ڳالهائڻ:** ظاهر ظهور ڪوڙ ڳالهائڻ — نِسورو ڪوڙ ڳالهائڻ.

— **جِيئُري پرياٺي (ت):** ظرف. حياتيءِ ۾ ـ زندگيءِ ۾.

— **جِيئُرِي مَک ڳِهَڻُ:** ڏسي وائسي حرام کائڻ. ڏٺو وائٺو نقصان سهڻ — ڏسي وائسي پنهنجي بي عزّتي ڪرائڻ — ڄاڻي واڻي خراب ۽ ناجائز ڪم ڪرڻ.

● **جيئِڙو ج جِيئڙا:** ذ. ساهوارو. دل وارو. هي لفظ اڪثر "عاشق" سان گڏ استعمال ٿئي "عاشق جيئڙو".

● **جِيئَن:** ظرف. جهڙيءِ طرح — جنهن رِيت — جهڙي نموني.

— **جيئَن تِيئَن:** ظرف. جهڙي ٻه طريقي يا نموني سان ٿئي — ڪنهن ٻه طرح — هر طرح. جِڪي ٿاٿي — ڪِيئَن ٻه ڪَري — هر صورت ۾ ـ هرطرح.

● **جِيئَنڊُ:** اسم خاص. ڳڙهي خيري ۽ ميرُو خان تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

● **جِيئَڻُ:** مصدر. [سن. جِيوَ (ت)] جيئرو رهڻ — حيات رهڻ — زندگي بسر ڪرڻ — زنده رهڻ. ساهه ڪڻڻ — ٽڪڻ. گذارڻ (حياتي) — پساهه ڪڻندو رهڻ — قائم رهڻ — سلامت رهڻ.

● **جِيئُو:** اسم خاص. ماٺهوءِ جو نالو. (ذ) وَل جو هڪ قسم (ڪ).

Gul Hayat Institute

(رستي ۾) – جهاڪو.

• **جهانڪارا:** اسم خاص. تعلقي سيوهڻ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهانڪاري(ت):** ٿ. مني لسي.

• **جهانڪان:** اسم خاص. تعلقي ميرپور ماٿيلي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهانڪرو(ل):** ٿ. تڏِ.

• **جهانڪڙو:** اسم خاص. تعلقي روهڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهانڪي ج جهانڪي:** ذ. جهنگ جو رهاڪو – مسڪين – ڀالو ڀولو – جهنگلِي. ديهاتي – دهقاني – غريب – جهنگ جو ماڻهو – مارو. (ٿ). جهانگياڻي ج جهانگياڻيون (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو. ڏسو "جهَنگ".

– **جهانِڪيڙو ج جهانِڪيڙا:** ذ. صفت. "جهانگي" جو اسم تصغير – دهقاني – ديهاتي – ڏاڍو سڌو سنئون ماڻهو – نهايت مسڪين.

• **جهانڪِي واهه:** اسم خاص. تعلقي نل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهانوَر:** اسم خاص. تعلقي اٻاوڙي ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهانورو ج جهانورا:** ذ. صفت. (سن. شياوَلَ) اکين کان گهٽ ڏسندڙ – گهٽَ نظر وارو – ڪم نظر – چُنجهو. (ٿ) جهانوِري ج جهانوريون.

– **جهانورا ڏيڻ:** لامارا ڏيڻ – ڦيرا ڏيڻ – گهُمرا ڏيڻ.

– **جهانوِرائي:** ٿ. نظر جي جهڪائي – ڌُندَ.

• **جهَانهِليو:** اسم خاص. هٿ کان ٿورو وڏو ٿيندڙ هڪ ٻوٽي جو قسم (اڇو گل چاهين جي ول جي گل جيڏا گل ٿيندڙ).

• **جهانءِ:** ٿ. (سن. ڌوَنِ) ڪنهن ساز يا ڳهه جو آواز. ڳهه جو هڪ قسم. ڪنهن ڳَهـهُ ۾ مڇلين جي جهالرِ. روڄُ راڙو. آواز. ننڍڙا گهنگهروُ. وڄائڻ جو هڪ سازُ. جهرمِر – سينگار (ت). مِينهَن جي آوت (ل). مينهن جو آواز.

– **جهانءِ ڪرڻ:** ليلائڻ – زاري ڪرڻ – ٻاڏائڻ.

• **جهانٺين:** ٿ. نظر جي جهڪائي – ڌُندَ.

• **جهانٺون:** ذ. اُها ڪُنهري سِرَ يا پٿرو جنهن سان پيرن جي مَرُ لاهجي.

• **جهانٺو ج جهانٺا:** ذ. [سن. جهَوڪَ] لٺو (وڻ).

• **جهانٺوِٺو ج جهانٺوُٺا (ل):** ذ. جهٽُ – جهپُ.

– **جهانٺوِٺو هڻڻ:** جهٽَ هڻڻ – سَٽون ڏيڻ.

• **جهَبُ، جهَبَ:** ٿ. [سن. ڌرِبڌَ. ڌرِڀْ = ڳچکو بنائڻ] هيٺانهين زمين – نِوَڻُ – جهرَ (صفت). گهاٽو. مُنجهيل.

– **جهَبَ ڏاڙهيو:** ز. صفت. تمام وڏي ۽ منجهيل ڏاڙهي وارو.

• **جهَبُ ج جهَبَ:** ذ. اَجرڪ ڇِڙڻ جو گهاٽو رنگ. گوشت جو پردو يا ڇيڇڙو.

• **جهِبَ ج جهِبُون:** ٿ. ڇِڪي – ڇِبي – جهاپَ (صفت) پوڙهي – بدزيب عورت (ت).

• **جهِبُ:** صفت. گيهه يا سٽپ ۾ ٻڏل – تمام سٽيو.

• **جهُبَ ج جهُبُون:** ٿ. (سن. ڪْشُبْ = لوڏڻ) ڇچڪو – چاچول – جهوبو – وِلوڙَ.

• **جهِبائِڻُ:** مصدر. ڇِڪڻ. هيٺ نمائڻ. ڪشش ڪرڻ. متوجهَ ڪرڻ.

• **جهَبَتِ:** ٿ. گـَڏَ – چِلهه. اثر (سرديءَ يا بيماريءَ جو).

– **جهَبَتِ اچڻ:** سردي يا بيماريءَ وغيره جو اثر ٿيڻ.

• **جهَبَڻُ:** مصدر. گـَڏِڻ – چِهلڻ. ڏَرڻُ.

• **جهُبَڻُ:** مصدر. تيزيءَ سان ڪُڏَڻُ.

• **جهَبِ جهُبِرَ:** اسم خاص. مهاڻن جي هڪ ذات جو نالو.

• **جهَبرُ ج جهَبرَ:** ذ. صفت. بدڪلامي ڪندڙ – گهٽو ڳالهائيندڙ – بدشد ڳالهائيندڙ.

• **جهَبرڪَ جهونِٽان (ٿ):** ذ. چانديءَ جا جهاپا ۽ جهُوڙا.

• **جهَبڪو ج جهَبڪا:** ذ. وِلوڙِڻ جو آواز – وِلوڙو. ٽِمڪو – جهَلڪو (ٿ).

• **جهَبِلو ج جهَبِلا:** صفت. ويڪِرو – کُلاصو (پهراڻ. چولو. ڪوٽ وغيره). گدلو – اَگلو – ڪِچرو – ميرو.

• **جهَبَڻُ:** مصدر. ڪنهن شيءَ کي ٿوري پاڻيءَ ۾ وجهي مَهِٽڻ – جهوبڻ.

• **جهِبَڻُ:** مصدر. سٽيو ڪرڻ – گهٽو گيهه لائڻ ڪنهن شيءِ تي). ڇِڪي ڏيڻ – ڇِبِي ڏيڻ – جهٽڪو ڏيڻ.

• **جهُبَڻُ:** مصدر. (سن. ڪْشُبْ = لوڏڻ) پاڻي وغيره ۾ هٿ وجهي جهِڪِڻ – جهُڪِڻ – ولوڙڻ – جهڳورڻ – جهُوبڻ. لبڻ – لوئِڻ.

• **جهَبو ج جهَبا (ٿ):** ذ. ڪَنجِري جو هڪ قسم (جو پيٽِي بدران پائجي).

• **جهَبو:** اسم خاص. تعلقي جاتيءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **جهُبو ج جهُبا:** ذ. ترس – قياس. ڇِڪَ – ڪشش – صدمو. اَٺ جي گوربند ۾ هڪ نوڙي (ڪ). ڏسو جهُبَڻ.

– **جهُبا پوڻ:** ترس اچڻ – رحم اچڻ – قياس پوڻ. خيال ٿيڻ – همدردي. ارمان ٿيڻ.

Gul Hayat Institute

– **جهُبو اچڻ:** ارمان ٿيڻ – صدمو رسڻ – ڏک ٿيڻ.

• **جهِبي ج جهبيون:** ث. اوچتي ڇِڪي – ٽٽڪ – ڇِڪ (لغام کي) ڇينبَ – ڪشش (دل جي) – رحم – قياس – دَيا – ٻاجهَ.

– **جهِبي ڏيڻ:** ڇِڪي ڏيڻ – ڇِبي ڏيڻ.

• **جهَبيـر، جهُبير:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جهَتَ، جهَت (ت):** سَنهيُن ڪَنڊيُن يا ڏِيَن جو جهڳٽو. ننڍي ڪجيءَ جو ٽَڏو (جو هڪ هنڌان ڪڍي ٻئي هنڌ هڻجي) – ڪَجيءَ جو ٻچو. مٽي جا وارَ. گاهه جو هڪ قسم.

– **جهَترِي (ت):** ث. صفت. جهت واري جهُڳٽي واري.

• **جهَتَرِ:** ث. (سن. جهاتَ) وڻ جي لامن جي گهاٽاڻ (جنهن ۾ ڪَندا هجن ۽ اُهي هڪ ٻئي سان وِچڙيل هجن).

• **جهَتـيالَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جهَتَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **جهَتَ:** ث. ساعت – گهڙي – دير – مهل. ڪَنُ.

• **جهَتَ ج جهَٽـُون (ت):** ث. ڪَسَ – ڦُرڻَ جي حالت. لامارو. راند جو وارو (ڪ). ڏسو "جهَٽڻ".

– **جهَٽـُون هڻڻ:** زوريءَ ڪَسِڻ لاءِ ڪوشش ڪرڻ – لامارا ڏيڻ.

• **جهَٽِ، جهَٽُ:** ظرف. [سن. جهَٽِت] جلد – هڪدم – يڪدم – تڪڙو – جهٽ پٽ – فوراً – ترت – "جهٽـڻ" جو امر "جهَٽِ".

• **جهَٽِ پٽ:** (ظرف). (سن. جَهٽِت + پَٽ) فوراً – يڪدم – انهيءَ وقت – اُنهيءَ جو اُنهيءَ وقت – تمام جلدي – ٺَهه ٺِهه – اُتي جو اُتي. تَهه طَلبُو – فِي الفَوْر.

– **جهَٽَ ٿي وِڃڻ:** دير ٿي ڪانه لڳڻ – يڪدم ٿي وڃڻ. اَکَ ڇِنْبَ ۾ ٿيڻ.

– **جهَٽ ڪرڻ:** ذ. جهَپُ – جهَپو – ڪَس. ڪنهن شيءِ ڪَسِڻ لاءِ هَنيَلُ جهَٽُ. لامارو. جهَڙپ. جهَٽِي. ڇَڪُ (ڪُتي جو). ڏسو "جهَٽڻ".

– **جهَٽـِر:** ذ. صفت. جهَٽُ هڻندڙ. ڏسو "جهَٽڻ".

– **جهَٽ هڻڻ:** جهَپُ هڻڻ – جهَپو هڻڻ – ڪَسِڻ لاءِ اوچتو جهَپُ هڻڻ. لامارو ڏيڻ. ڇَڪُ هڻڻ (ڪتي جو).

• **جهِٽَ، جهَٽُ:** ذ. هڪ قسم جو وڻ (هن جون ٽاريون زمين مان مُڇاٽي نڪرن، جنهن جي پاڙن جا ڏنڊڻ مفيد ٿين). "ڏنَڏڻ ڏيرين جهِٽُ دا، تہ مُنهن وجيٿي ڦٽِدا".

• **جهُٽَ:** ث. سَٿـَر – رانَ. ڏسو "جهُٽُ". جهُٽَ پِٽي، پِہُ جهَنگ ۽ هاڙهي پَچُ مَ هوتَ کي. (شاهه).

– **جهُٽَ پِٽڻ:** سَٿرون ڪُٽڻ. ڪشالا ڪيڻ. مٿا مُونا هڻڻ.

• **جهُٽُ (ت):** صفت. (ف. جُفت. سن. يُڪْتَ) ملِيَلُ – صَلاحُو – ٻِٽُ – مددگار – سـاٿي. وٽندڙ – مَرْغُوب.

– **جهُٽ ٿيڻ:** ٻِٽ ٿيڻ – صَلاحُو ٿيڻ.

• **جهُٽ پُٽُ (ت):** ڳالهه ٻولهه. ڏَندَ ڇَڪَ – جهيڙو.

• **جهَٽَرُ:** ذ. ٻانڪو ڪُڪڙُ – بَلـُوغَت جي ويجهو ٻارُ.

• **جهَٽِڪڻُ:** مصدر. جهَٽِـڪو ڏيڻ. ڇَنڊڻ (ٻانهن وغيره کي). چالاڪي ڏيکارڻ. ڏک هڻڻ. ڏسو "جهٽ".

• **جهَٽِڪو ج جهَٽِـڪا:** ذ. لوڏو. ڇَنڊڪو. جهُوٽو (هوا جو) – جهَٽُ – جهَپُ. ٽيلهو – ڌڪو – ٽَڪَـرُ. صدمو. جهَڙپَ. اُڇَـلَ (بجليءَ جي). مِينهَنْ جو وَسڪارو. ڇِڪَ – سَٽَ (اوچتو). ڏسو "جهاٽڪو".

• **جهُٽِڪو ج جهُٽِـڪا:** ذ. نِندَ جو جهُوٽو – پِنڪِي – گهيرَٽُ – اُونگهَ – هوا جو جهُوٽو. ڏسو "جهُوٽڻ".

– **جهَٽڪو ڪرڻ:** ٿوري دير لاءِ ننڊ ڪرڻ – سويڙو ڪرڻ – پِنڪي ڪرڻ.

• **جهَٽڻُ:** مصدر. (سن. جهَٽَ + ڪْر) جهپڻ – هوا مان ايندڙ شيءِ کي جهلڻ – اُڏامندڙ يا مٿان ڪرندڙ شيءِ کي هٿن ۾ جهلڻ (جهڙوڪ بال). وٺڻ (اٿر). ٻڌڻ (آواز). قبول ڪرڻ (ٻئي جو دليل، خيال يا نظريو).

• **جهَٽِجڻُ:** "جهَٽڻ" منجهان "فعل مجهول" – جهٽجي وڃڻ – پڪڙجي پوڻ.

• **جهَٽو ج جهَٽا:** ذ. جهيڙو – "جهيڙو" سان گڏ استعمال ٿيندڙ لفظ "جهيڙو جهٽو" – جهيڙو فساد.

• **جهَٽِي ج جهَٽِيُون:** ث. جهَٽُ – جهَپُ – جهَپو. ڪَسَ – ڦُـرَ – نَڳي. ڏسو "جهَٽڻ".

– **جهَٽِيءَ جو مالُ:** مُفت جو مال – زوريءَ ڪَسيلُ مالُ – ڦُـرَ لُٽَ جو مال.

– **جهَٽـِيُون هڻڻ:** جهَٽَ هڻڻ. ڦُرون ڪرڻ. نَڳيون ڪرڻ. جهيڙو جهڳڙو ڪرڻ.

– **جهَٽِي جهُوڙِي:** ڦُـرلُـٽَ – هَٽَ ڪَسَ چوري پـَرزوري.

• **جهَٽـِيالَ:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو. جهتيال.

• **جهَٽينگُ:** اسم خاص. هڪ جبل جو نالو.

• **جهَٽـِيُون:** ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم.

• **جهَپَ:** ث جهُٽڪو – ننڊ – آرام – پِنڪي – سويڙو – اوجهراٽي.

Gul Hayat Institute

# ڄ

ڄ: ث. سنڌي 'الف – ب' جو چوڏهون اکر. ابجد جي حساب ۾ جيم (ج) جي برابر ۽ عدد ٽي (٣). هن اکر سان ڪوبہ لفظ شروع ڪونہ ٿو ٿئي. البت ڪٿي ڪٿي 'يہ' جي اچار ڪي 'ڄہ' ڪري اچارين. مائي نعمت جو نالو 'يامت' يا 'ڄامت' ڪري اچارين.

---

# چ

چ: ث. [سنڌي. ف. سن] سنڌي "الف – بي" جو پنڌرهون ۽ فارسي 'الف بي' جو ستون اکر. ابجد موجب عدد جِيم جي برابر (٣) هِن کي "جيم عجمي يا فارسي" بہ چون. عربي حروف تهجِيَ ۾ هيءُ اکر شامل نہ آهي.

- **چا:** [سرائڪي] "چائڻ ڪٽڻ" مان امر. ڪٽ.
- **چابُڪُ ج چابُڪَ:** ذ. [ف] چَهبُڪَ. لَڪُڻُ – تَلَهڙ – چَهر – تازيانو – ڪوڙو. (صفت) چست – چالاڪ – ڦڙت – هوشيار. هنرَ – قَمچي.
- **چابڪ چيلهہ:** صفت. تمام سنهڙي چيلهہ وارو – نازڪ ڪمر وارو.
- **چابڪ دانِي:** گهوڙي گاڏيءَ ۾ چهبڪ رکڻ جي نَلِي.
- **چابُڪ دَسْتہ:** ذ. صفت. تکڙو – چالاڪ – ڪاريگر – تکو – ڪم ڪندڙ – ماهر – هٿ جي ڪم جو هوشيار.
- **چابُڪ دَسُتِيْ:** ث. چالاڪي – هوشياري. ڪاريگري – مهارت.
- **چابُڪ سُوارُ:** ذ. صفت. گهوڙن کي پنڌ سيکاريندڙ سُوارُ – گهوڙن ڦيرائڻ وارو سوار – شوقين ۽ ماهر سُوار.
- **چابُڪ عِنان:** ذ. ث. تکو هلندڙ گهوڙو – تکو ڪاهيندڙ سُوارُ.
- **چاٻَ (ٽ):** ث. ڪچي ٻاجهري جو گاهہ.
- **چاٻَ ج چاٻُون:** ث. چاٻو – چَٻَ – چَٻڪو – ڄاڙين جي چُرِپُر. جهٽڪَ – چِينبَ – ڌَڙڪو – چِڙٻَ (ل) – ڌمڪي – تَنبِيْهہَ. ڏسو "چَٻڻ".
- – **چاٻو ج چاٻا:** ذ. ڄاڙين جي چُرپُر (ڪاڏي ۾) – چٻڪو. ڪائڻ جو آواز.
- – **چاٻا ڏيڻ:** ڪاڏي جي شئي کان سواءِ وات کي ڪائڻ واري چر پُر ڏيڻ – وات هلائڻ (ڪاڏي وانگر). بي دِليو ڪائڻ.
- – **چاٻي تي بندوق هڻڻ:** بنا سوچ ويچار جي ڪم ڪرڻ. ڌڪي تي ڪم ڪرڻ – ڌڪو هڻڻ.
- **چاٻولو ج چاٻولا:** ذ. چوٻول – چوٻولو – گهٽن ماڻهن جي وات جي ساڳي وائي. گهٽن ماڻهن ۾ ساڳيءَ ڳالهہ جو ذڪر يا بيان.
- **چاٻُونْ، چاٻُٺُونْ:** ذ. گهڻا چاٻا ڏياريندڙ ڪاڏو (خصوصاً دندان گير حلوو وغيره) – چِيڙهالو. حلوي جو هڪ قسم. ڏسو "چَٻڻ".
- **چاٻي ج چاٻِيُونْ:** ث. (پورچوگالي) ڪُنجي (ڪلف يا تالي کولڻ جي) بيل گاڏيءَ جي ڦيٽي کي سرائي مان نڪرڻ کان روڪيندڙ لوهہ يا ڪاٺ جي ڪلي – ڪرٽ جي ڏندن کي موڙڻ جو اوزار – پيچڪش – اشتعال – جوش.
- – **چاٻِي ڏيڻ:** ڪُنجي گهمائڻ (تالي يا رانديڪي ۾). اصطلاح. چُرچ ڪرڻ – شروع ڪرڻ (ڳالهائڻ وغيره ۾) – اُڀارڻ – جوش ڏيارڻ – تيار ڪري ويهارڻ – ڀڙڪائڻ – آماده ڪرڻ.
- **چاتَہ** ث. دشمني – خصومت – ڪِينو – بغض – چاٽِتِ ـ چاوَتہ
- **چاتِرُ ج چاتِرَ:** ز. صفت. [سن. چَتُرْ = هوشيار] چالاڪ – قابل – ڪاريگر – چترو (ڳالهائڻ ۾). خوش مزاج – رلڻو ملڻو – ڪِلمُڪُ. دانا – عقلمند – بهادر – دلير.

Gul Hayat Institute

- **چاشَ ج چاشَون:** ث. کُنڙ يا کنڊ جو قوام – پت. مزو – لذت.
- **چاشْتُ:** ث. [ف] ڏينهن جو هڪ پهر گذرڻ. صبح جو ڪاڏو – نيرن.
- **چاشِنِي ج چاشِنِيُون:** ث. مِٺاڻ. مزو – لذت – سواد – ذائقو. کنڊ ۾ رَڌل چانور – زردو.
- **چاقُ:** صفت. [ترڪي] چڱو ڀلو – تندرست. طاقتور – سگهارو.
– **چاقائِي ج چاقائِيُون:** ث. تندرستي – چڱڀلائي – صحّت.
– **چاقائِي وٺڻ:** چڱو ڀلو ٿيڻ. ڪڙائي وٺڻ.
- **چاقُو چاقُونْ:** ذ. [ترڪي. ف] ڪَپُ – چاڪُون.
- **چاقُولُوڙُ (ڪ):** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم.
- **چاڪُ:** اسم خاص. رانجهُو جو لقب – ميهار "ساڳيو ئي رانجهو آهيان، ظاهر ليکي چاڪ" (سچل).
- **چاڪُ:** صفت. چاق – چڱو ڀلو – تندرست.
– **چاڪائِي:** ث. چاقائي – تندرستي – چڱڀلائي.
- **چاڪُ ج چاڪَ:** ذ. چِيرُ – چيڪ – چِهَڪُ – ڦاڙُ – ڏَرُ. زخم – گهاءُ (سرائڪي). "چاڪ دي چاڪ بي چاق ٿيوان چاق تڏان جڏهان چاڪ ملي (حمل). پراڻو زخم. وڏو ڦَٽُ. قميص وغيره جي اُها جاءِ جتي ٻه ڏَرَ پاڻ ۾ مِلن – تاڪُ – ڏَرُ
– **چاڪَ چِڪڻ:** ڦَٽَ اُٿلڻ – زخم تازا ٿيڻ. سُور وري ياد پوڻ. "فتح جوي فِراق ۾ چاڪ چِڪيا چوڏار." (فتح).
– **چاڪَ چورڻُ:** زخم تازا ڪرڻ – سُتا سُورَ جاڳائڻ.
- **چاڪاسِڻُ:** مصدر. چڪاسڻ – تپاسڻ – پَرکڻ.
- **چاڪاسِي (ل):** ذ. صفت. چڪاس ڪندڙ – شهر خبرو – خابِرُو – مُخبر.
- **چاڪَرُ ج چاڪَرَ:** [ف] نوڪر – خادم – ٻانهو – غلام – ٻيلي. "مارجي تہ ميرُ، نہ تہ چاڪَر چا چِڪائجي" (ڀهاڪو). (ث. چاڪَرياڻِي ج چاڪَرياڻِيُون). اسم خاص. ماڻهو جو نالو.
– **چاڪَرَچوڪَرَ:** ذ. نوڪَر چاڪَر – اٽالو – عملو – اَڙُد (ت).
– **چاڪِرِيْ ج چاڪِرِيُونْ:** ث. نوڪري – شخصي حاضري – ٻيلَپ – ٻانهَپ. خدمت – مُلازمت.
– **چاڪِريءَ چورُ ٿيڻ:** ڪم ڪوس ٿيڻ – پوريءَ طرح نوڪري ادا نہ ڪرڻ – ڪم چور ٿيڻ – ڪم کان ڪسائيندو رهڻ.
- **چاڪرِسُلطانُ:** اسم خاص. تعلقي ميرو خان ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **چاڪَرعَلِي:** اسم خاص. تعلقي لاڙڪاڻي ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **چاڪَرُ ڪوٽُ:** اسم خاص. تعلقي جوهيءَ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.
- **چاڪَرواهُ:** اسم خاص. نوشهري ۽ ماتلي تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
- **چاڪِرِي:** اسم خاص. ٽنڊيَ محمد خان ۽ شاهہ بندر تعلقن ۾ ديهن جو نالو.
- **چاڪليٽُ ج چاڪليٽَ:** ذ. [انگ. Chocolate] مٺائي جو هڪ قسم (ولائتي ڪٺمٺڙا).
– **چاڪليٽِي:** ذ. چاڪليٽ جي رنگ جهڙو. زناني سُٿڻ جي ڪپڙي جو هڪ قسم (ڪارو پيٽو، اڇي ليڪَ ۽ ڪنيونَ زرديون).
- **چاڪُو ج چاڪُو (ڪ):** ذ. مڇيءَ جو هڪ قسم (چِلَرن سان، پيٽ سنهون، چاقُونءَ جي ڦَر وانگر پُٺ ويڪري ۽ ڊيگهہ هڪ کان چار انچ).
- **چاڪِي ج چاڪِي (ل):** ذ. اهو ماڻهو جو گهاڻو واهي ۽ تيل پيڙي – تيلي. (اسم خاص) هڪ ذات جو نالو. "چاڪِي ڏاند وڃايا، ڦر ڦر گهاڻي آيا" (ڀهاڪو).
- **چاڪِڙِي ج چاڪِڙِيُون:** ث. ڪاٺ جي جُتي – ڪڙائُون – ڏنوڻ جي مُنهن تي گهڙيل ڪاٺ جون ٻہ پٽيون (ٿ).
- **چاڪُو ج چاڪَو:** ذ. صفت. چَڪَندڙُ – چَشڪائِي. چَشڪي تي هِريل – رڳو چَشڪا وٺڻ وارو.
- **چاڪِي ج چاڪِيُون:** ث. چَڪائڻ لاءِ شيءِ جو ٿورو ذرو.
– **چاڪِي ڏيڪارڻ:** بُلبُل کي ٿوري پيتِي (ڪا مِٺِي شيءِ) چکائڻ ۽ ويڙهہ لاءِ تيار ڪرڻ.
– **چاڪِي ڏيڻ:** بُلبُلين کي ويڙهہ مهل پيتِي چَڪائي لِڪائي ڇڏڻ.
- **چاڳُ ج چاڳَ:** ذ. نخرو – ناز – انڪل – ماڻو – لاڏ – هيجُ – حُبَ. انڪل – حرفت (ڪ). ڏاڻِيءَ جو گهنگهرو (ل). "ڇَنيسر سين چاڳُ، متان ڪا منڊ ڪريُ" (شاهہ).
– **چاڳلائي:** ث. نخري بازي – ناز نخرو – چَٽَر زباني. انڪل بازي.
– **چاڳَلو ج چاڳَلا:** ذ. صفت. چاڳ وارو – انڪلي – نخريلو – لاڏلو. چلولو. (ث) چاڳَلي ج چاڳَلِيون.
- **چالَ ج چالَون:** ث. مِينهُن جو هڪ قسم (جنهن جا چارئي پير اڇا ۽ مُنهن تي اڇو ٽڪو)
- **چالِ ج چاليُون:** ث. (سن. چَرْيَہ = چُرڻ) هلڻ جو نمونو – هَلٽي – ٽورَ. رفتارَ. هلت. عادت – روش – نمونو – ڍنگ – طريقو – رواج – هلت چلت – انڪل – تجويز. راند جو چالو. پِيسڪوٽ راند ۾ ٻَتي جي لَهَپ.

Gul Hayat Institute

— **چڪ پائڻ:** ڪنهن جانور، جيت يا ماڻهوءَ وغيره جو چڪ وجهڻ. جهَٽ وجهڻ. ڏاڙهڻ.

— **چڪ پوڻ:** سُور جون سُوٽُون اُپرڻ. ٻُڪ جا مَروٽا پوڻ (پيٽ ۾).

— **چڪرُ ج چڪرَ:** ذ. صفت. چڪ پائيندڙ – ڏاڙهيندڙ. چِترو. جهَنبِرُ.

— **چڪ وجهڻ:** جهَٽ وجهڻ – ڏندن سان زخم پهچائڻ. فائدي لاءِ ناجائز سوال ڪرڻ – ڪُوڙي دعويٰ ڪرڻ.

— **چڪين ماسُ پٽڻ يا چِڻڻ:** دشمني رکڻ. وڙهڻ. جاني دشمن ٿي پوڻ – خون جو پياسي ٿيڻ.

• **چڪ ج چڪون:** ث. (سن. چِڪلُ) ڪَپُ – چِڪڙ – چِڪڻ. تِرڪڻ. گارو. پوسَل ـ چِلهَڻ.

— **چڪارو:** ذ. صفت. ڪَپ وارو – چڪ وارو. ڏِٻڻ وارو. ذليل.

— **چڪ ڪرڻ:** ڪَپ ڪرڻ – گارو ڪرڻ – خرابي ڪرڻ.

• **چُڪ. چُڪ:** ث. (سن. چِڪا) بيماريءَ جو هڪ قسم (چيلهه ۾ سُور جي هڪ بيماري).

• **چُڪ پوڻ:** چيلهه جي ڪنهن رڳ جو چڙهي پوڻ سبب سور پوڻ.

• **چُڪ ج چُڪون:** ذ. (پرا. چُڪ. سن. چُيُتُ) غلطي – ڀُل – خطا – سَهُو – ڏوهه – گناهه.

• **چُڪُ ج چُڪ:** ذ. سُرمي پيهڻ جي روهي – پيڙي – روهيڙو – مصالح وغيره پيهڻ جو پٿر.

• **چڪُ آباد:** اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **چڪاپيٽي (ل):** ث. چناپيٽي – مقابلو.

• **چڪارُ ج چڪارَ:** ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم (جا عموماً گهوڙن کي ڏِي وانگر ٿئي). (صفت) چڪر ڏيندڙ – جاسوسي ڪندڙ (چوريءَ لاءِ) – چورن جو همراهه. هيءُ لفظ اڪثر چور سان گڏ استعمال ٿئي "چور چڪار". پير ۾ بدبختيءَ جي نشاني ظاهر ڪندڙ ليڪو.

— **چڪاري:** ث. چوريءَ سان گڏ ڪم ايندڙ لفظ "چوري چڪاري".

• **چڪارُ:** ذ. صفت. پرپُور – پريل – تمتار – تار. (ذ) واسطو – ڪم (ڪ). "مون سان تنهنجي ڳالهائڻ جو چڪار ڪونهي".

• **چِڪاس:** ث. بيماريءَ جو هڪ قسم (جنهن ۾ پيشاب جا قطرا هر وقت چِڪندا رهن).

• **چڪاسڻُ:** مصدر. جاچڻ – تپاسڻ – چڱيءَ طرح ڏسڻ – پرکڻ – امتحان وٺڻ – آزمائڻ – چتائڻ – پڌرو ڪرڻ.

— **چڪاس:** ث. جاچ – تپاس – امتحان – پرک.

— **چڪاسڻي ج چڪاسي:** چڪاس ڪندڙ – جاچ ڪندڙ.

• **چڪان:** صفت. [ف چڪيدن = ٽمڻ – وهڻ. چڪاندن = ٽمائڻ – وهائڻ – ٽيپو ٽيپو ڪري ڪيرائڻ] ڳاڙيندڙ – وهائيندڙ "خون چڪان".

• **چڪائڻُ:** مصدر. ڪنهن به شيءِ کي قرنقل جي ذريعي پاڻيءَ ۾ ٽهڪائي نڪرندڙ ٻاڦ کي گڏ ڪري پاڻيءَ جي صورت ۾ آڻڻ. عرق ڪڍڻ. اوباري رَسُ ڪڍڻ. جوهر ڪڍڻ. روح ڪڍڻ.

• **چُڪائڻُ:** مصدر. ختم ڪرڻ. پورو ڪرڻ. بس ڪرڻ. حدَ ڪرڻ. فيصل ڪرڻ. چڪ ڪرائڻ. پلائڻ. قيمت پُڇڻ. اگهه ڪرائڻ. گهٽو ٽڪائڻ. هڃائڻ. ڏسو "چڪڻ". هلاڪ ڪرڻ. "چاڙهيڪن چُڪايو وات وراڪا وڙ" (خان زئي).

• **چڪ بشارت:** اسم خاص. تعلقي وارهه ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **چُڪت:** ث. ڪنهن به شيءِ جي قيمت متعلق فيصلو. ڏسو "چڪڻ".

• **چُڪتو:** صفت. چُڪايل – قيمت ڪٽيل – مُلهه ڪيل – (ظرف). سمورو – سڀ – پُورو – ٻهچايل – ادا ڪيل – بي باق.

— **چُڪتو ڪرڻ:** وهنوار ڪرڻ (ليکو). حساب ڪتاب صاف ڪرڻ. آخرين قيمت يا رقم مقرر ڪرڻ.

• **چڪٽي ج چڪٽيون:** ث. (سن. چَڪر + پَٽرِڪا) هُرلي جي ڪاڄڻ ۾ هڻڻ لاءِ ڪاٺيءَ جو ٽُڪر. پيڙيءَ جي مُني کي ڍڪڻ واري ڪاٺي. چيچڙي جو هڪ حصو.

• **چڪ جاگير:** اسم خاص. بدين ۽ ٽنڊو محمد خان تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **چُڪجڻُ:** مصدر. "چڪڻ" مان فعل مجهول. بس ٿيڻ – ختم ٿيڻ – ٽڪجڻُ – ڪُهجڻ – ڪَڪ ٿيڻ – پُورو ٿيڻ.

• **چڪ چڪ ڪرڻ:** ڳِنڪا ڪرڻ – افسوس ڪرڻ.

• **چڪچڪو ج چڪچڪا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم.

• **چڪچُورُ ج چڪچُورَ:** ذ. صفت. چڪناچُور. ناس – زخمي. گهايلُ – وَدِيَلُ. بي آرام. سخت ٿَڪل.

— **چڪچُور ٿيڻ:** چڪناچور ٿيڻ. پڇي پورا ٿيڻ. زخمي ٿيڻ. چاڪَنِ ڪان چُورُ ٿيڻ. تمام ٿڪجي پوڻ.

• **چڪرِ:** ث. نار جو هڪ چڪرو (جو لٺ کي قيرائي) – چڪلِ.

• **چڪرُ ج چڪرَ:** ذ. [سن. چڪرَم] گول – گهيرو – دائرو –

Gul Hayat Institute

گولائي – وارو – وَرُ – ڦيري – ڀَنواٽي – بابُ (ڪتاب جو) – فصل – شيل – سَيُرُ – گشت – هٿيار جو هڪ قسم – ڪَناري – ترار ڦيرائڻ جي مشق – مصيبت – گردش – چڪرو – ڦيٽو – چَڪُ.

– **چَڪَرُ اچڻ:** ڦيرو اچڻ. گهمرو اچڻ. ڦيري ٿيڻ. ڀَنواٽي ٿيڻ. ڀُورَ پوڻ. خيالن ۾ تبديلي اچڻ.

– **چَڪِرانُوَن:** ذ. صفت. چڪروارو – گولائي وارو – ڦيري وارو.

– **چَڪَرُ چلائي ڇڏڻ:** مٿو ڦيرائي ڇڏڻ. وائڙو ڪري ڇڏڻ. حيران ڪري ڇڏڻ.

– **چَڪردارُ:** ذ. صفت. ڦيري يا وَٽ وارو. گول گول.

– **چڪر ڏيڻ:** گهُمڻ – سَير ڪرڻ – گهمرو ڪرڻ ڦيرو ڏيڻ – وڪڙ ڏيڻ.

– **چڪر کائڻ:** ڦِرڻ – گردش ڪرڻ – چڪر ڏيڻ – ٿورو گهمي ڦِري اچڻ.

– **چڪر لڳائڻ، هڻڻ:** گهمڻ – سَير ڪرڻ – هرهر اچڻ – ڦِري ڦِري اچڻ – وَري وَري اچڻ.

– **چڪرمنڊڻ (ڪ):** گهيرا گهمرا ڪرڻ.

– **چڪرورتي:** ذ. صفت. اهو راجا جنهن جو رٿ سڄي دنيا تي بنا روڪ گهمي سگهي. روءِ زمين جو حاڪم.

• **چَڪَرَ:** وارَ.

• **چِڪِرائو:** ذ. چِڪَ – گَپَ – راڦو. (صفت) گپ وارو.

• **چِڪِرائُون:** ذ. پرت جو هڪ قسم.

• **چَڪِرو:** ڪبوتر جو هڪ قسم. پرت جو هڪ قسم. (اسم خاص) تعلقي ڏوڪريءَ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **چڪرو ج چڪرا:** ذ. [سن. چَڪرمْ = گهيرو] گول – گهيرو – چَڪَرُ – ڪابہ گول شيءِ. ڦيٿو – چاڪُ. ماني ٺَٺڻ جو ڪاٺ جو گول ٺڪر.

– **چَڪِرائُون:** ذ. صفت. چڪري وارو – گول.

– **چَڪِريدارُ:** ذ. صفت. گول – گولائيءَ وارو. ڦيريدار – گولائيءَ سان.

• **چَڪري ج چڪريُون:** ث. ڪابہ گول شيءِ. گهيرو. ننڍو چڪرو. ٻارن جي هڪ راند جو نالو. نار يا هُرلي ۾ ڪم ايندڙ هڪ گول ڪاٺي. ڦيرِي – ويڙهہ – لَڙائي – بَحْثُ – مقابلو.

– **چڪري (چڪريون) ڏيڻ، کائڻ:** مقابلو ڪرڻ. ويڙهہ ڪرڻ. خوب بحث ڪرڻ.

• **چِڪَڙ:** ث. چِڪَ.

• **چَڪَڙُ ج چِڪَڙ:** صفت. چِڪَ ۾ ڀريل. چِڪ جهڙو. ميرو – ڪِنُو – سٽڀ ۾ جهٻيلُ. سٽپ ۽ مٽيءَ ۾ لِٽڙِيلُ.

• **چُڪِڙو ج چُڪِڙا:** ذ. "چڪو" جو اسم تصغير. ٿورڙو چُڪو – ڏُڪڙو.

– **چُڪِڙو پِيئڻُ:** ڏُڪڙو پيئڻ. ڀنگ ڦُڙي پيئڻ. شراب جو ڏُڪ پرڻ. نشيدار شيءِ پيئڻ.

• **چَڪُ فريدآباد:** اسم خاص. تعلقي وارهہ ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **چَڪُلو ج چَڪُلا:** ذ. [سن. چَڪْرْ لَڪَهْ = گول تختو] چَڪرو. گول تختو. ماني ٺاهڻ لاءِ ڪاٺ جو گول چڪرو. فاحش مائهن جو اڏو. لال بازار.

– **چَڪُلائي:** ذ. صفت. چَڪُلي وارو. چڪلي ۾ ويندڙ. حرامڪار – بدڪار – زاني – زِنا ڪندڙ.

• **چَڪُلي ج چَڪُليُون:** ث. چوڪرين جي هڪ راند (چوڪريون هَٿَ هَٿَن سان ملائي گول چَڪرو ٺاهي ڦرنديون آهن ۽ چونديون آهن: "چَڪُلي پايان، پيرَ گَسايان، پيرَ ۾ ڪَنڊو. سَهرو تنهنجو مَنڊو").

• **چِڪَمُ:** ذ. [ف. چڪَنْ] سنهي ڪپڙي تي پَرت جو ڪم – چَڪمدوزي. ڀَهْمَڪ جي مَرُهہ. پَرت جو هڪ قسم.

– **چِڪَمُدوزَ:** ذ. صفت. پرت جو ڪم ڪندڙ – زريءَ جو ڪم ڪندڙ. سيم يا زريءَ جو پَرت پريل ڪپڙو.

– **چِڪَمُدوزِي:** ث. زريءَ جو ڪم. پَرت جو ڪم.

– **چِڪَمِي:** ذ. صفت. پرت پريل ڪپڙو.

• **چَڪْمو ج چَڪْمَا:** ذ. دَلبو – دم دلاسو – فريب – دوکو.

– **چَڪْمو ڏيڻ:** دلبو ڏيڻ – فريب ڏيڻ – ڪوڙو دلاسو ڏيڻ.

• **چِڪَن (ٽ):** ذ. رت جو هڪ قسم.

– **چِڪَنْدوزُ:** ذ. صفت. چِڪمدوز.

– **چِڪَنْدوزِي:** ث. چِڪمدوزي.

• **چِڪْناچورُ، چَڪْناچُورُ:** صفت. پَڪَلُ – ٽُٽَلُ – پُرزا پُرزا – ٽُڪر ٽُڪر. پُرِيَلُ. هَڏُ گُڏُ جهُريل. ٿَڪَل – هَڄِيَل. ناسُ – چِٽُ.

– **چِڪْناچُورُ ٿيڻ:** پُرزا پُرزا ٿي وڃڻ – ٽُڪر ٽُڪر ٿيڻ. هَڏَ گُڏَ پڄي پورا ٿيڻ. ٿَڪِجي پوڻ.

• **چِڪْنُو ج چِڪْنَا:** ذ. صفت. سَٽيو – روغني. لَسو – تِرڪَڻو. چِلڪَڻو (ڪاغذ وغيره). (ٿ. چِڪِنِي ج چِڪِنِيُون). ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم.

Gul Hayat Institute

• **چوڏهن چارو:** ذ. صفت. چوڏهن چارن وارو. "چوڏهن چارو ڪَچڙو" گهڻين واٽن وارو — گهَڻ واسطو — گهڻن ڏنڌن وارو.

— **چوڏهَنْ خانوادا:** ذ. چئن پيرن جي سلسلي مان نڪرندڙ بزرگ ۽ انهن جا طريقا (عياضي، ادهمي، هبيري، حبيبي، عجمي، طيفوري، عرضي، سقطي، جنيدي، گاذروني، طوسي، سهروردي، فردوسي).

— **چوڏهن طَبَقَ:** چوڏهن — چوڏهن دنيائون — ست زمينون، ست آسمان.

— **چوڏهَن طَبَقَ ڏسڻ:** پورو گِياني ٿيڻ — ڪامل ٿيڻ.

— **چوڏهَن طَبَقَ روشن هئڻ:** سڀ ڪجهه ڄاڻڻ.

— **چوڏهين طَبَقَ روشن ڪرڻ:** ڪامل بنائڻ — سڀ منزلون طئي ڪرائڻ.

— **چوڏهُون:** صفت. سلسلي ۾ تيرهن کان پوءِ 14 جو عدد قطاري (چوڏهون نمبر).

— **چوڏهين ج چوڏهيُون:** چَندَ جي چوڏهين تاريخ — پُورَن ماسي.

— **چوڏهيَن جو چَنڊُ:** ذ. ماه ڪامل. بدر. (صفت). تمام سهڻو.

— **چوڏهيو ج چوڏهيا:** ذ. صفت. چوڏهن هنر ڄاڻندڙ — حرفتي — چالاڪ — بدمعاش.

• **چوڏيل ج چوڏيلُون (ت):** ث. چوڏولَ — چئن پينگهَنِ واري ڦرڻي. ڏسو "چوڏول".

— **چوڏيل تي چاڙهڻ:** متي گهمائڻ — گهڻو ڦيرائڻ ـ عزت وڌائڻ — شُهرت وڌائڻ — مشهوري ڪرڻ.

• **چوڙا:** اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **چوڙو ج چوڙا (ڪ):** ذ. نڍو ڪڏو — چڊو — ڏبو.

• **چورَ:** ث. [پرا. چُورْ. سن. چُورْڻ + ڪَهُ] چورڻ جي حالت. چُرَ — چُورَتِ (چُرتِ). هُشي — چُرچَ. تَحرِيڪ — حَرْڪَت — اشارو.

— **چورَ پچورَ:** ث. چُر پُر — حرڪت — ڳالهه ٻولهه. يادگيري — ياد ڏيارڻ جو سلسلو.

— **چورَچَڪورَ:** ث. چورَتَ — هُشي — چُرچَ.

• **چورُ ج چورَ:** ذ. صفت. (پرا. چورو. سن. چور) چوري ڪندڙ — پرائي شيءِ لِڪي ڇِپي کڻي وڃڻ وارو. دُزْد. چوراٽيو. ڪاٽِڪو — ڳُجهه ڳُوهه ۾ پرائي شيءِ کڻي وڃڻ وارو.

— **چوراٽو، چوراٽيو ج چوراٽا، چوراٽيا:** ذ. صفت. چورُ — چوريءَ جي ڪم کان واقف — چورٽو. ڏسو "چور".

— **چوراڪاري ج چوراڪارِيُون:** ث. چوري — چوري چڪاري. چورين جي ڏَمَ. عام جام چوريون ٿيڻ جي حالت.

— **چوراٺو ج چوراٺا:** ذ. صفت. چورَن جو — چوريءَ جو. چوري ڪيل — چورايَلُ (مال سامان وغيره).

— **چوراٺي باهِ:** ث. ٽورڙي باهه — جهڪي باهه — ٽِمڪندڙ باهه (جيڪا چورَ جهنگل ۾ لِڪِي ڇپي ٻارين).

— **چورُ تپُ:** ذ. رات جو ايندڙ تَپُ.

— **چورِٽو ج چورِٽا:** ذ. صفت. چور — وڏو چور — بدمعاش — چوري ڪرڻ جو ماهِر.

— **چورُ چَڪارُ ج چورَ چَڪارَ:** ذ. صفت. چوري ڪندڙ — چوراٽو.

— **چورُ خانو ج چورخانا:** ذ. چورن جي لڪڻ لاءِ ڳجهي جاءِ. ڳُجهو خانو (ميزَ يا پيٽي وغيره جو).

— **چورُ دروازو ج چور دروازا:** ذ. ڳُجهو دروازو. لِڪَلُ دروازو. قلعي وغيره جو ننڍڙو دروازو. ڳُجهي جاءِ.

— **چورُ ڏندُ:** اُهو ڏند جيڪو آڏو ڦڏو يا ٻئي ڏند جي پاڙ مان ڦٽي نڪري.

— **چورُ ڏِڀِي:** گهوڙي سُوار چور. چورن جو ٽولو (جو گهوڙن تي چڙهي چوريُون ڪري).

— **چورِڪو ج چورِڪا:** ذ. صفت. چورجو. چورَ وارو. چوريءَ جو.

— **چور ڪَپَ:** ث. ڏِٻِڻ.

— **چور لَڪُ:** ذ. سنهڙو دَرو يا لَڪُ — جبلن جي وچ ۾ تنگ ۽ مُنجهيَل پيچرو.

— **چورنِ مَعان مورُ:** اصطلاح. چورن جي بہ چوري ڪندڙ. وڏو چور. ٺڳن سان بہ ٺڳي ڪندڙ. وڏو بدمعاش. تمام سياڻو چور.

— **چورُ لَنگُ، لَگُ:** ذ. بيماريءَ جو هڪ قسم (جا چوپائي مال کي ٿئي، جنهن ۾ چوپايو مالُ چُري پري نہ سگهندو آهي).

— **چوري ج چوريُون:** ث. بنا موڪل شيءِ کڻڻ جي حالت. لِڪي ڇِپي ٻئي جي شيءِ کڻي وڃڻ جي حالت. سرقو. چورائڻ جي حالت. چوراڪاري.

— **چوريلو ج چوريلا:** ذ. صفت. چورجو — چوراٺو.

— **چوري چَڪاري:** ث. چوري. چورين جي ڏُمَ چوري وغيره.

• **چُورُ:** صفت. (پرا. چُورُ. سن. چُورْڻُ) پِيتل — چورو ٿيل. ذرا ذرا ٿيل — پَگهَل — ٽُٽَل — چِڪْنا چُور — ٽُڪل — ڪُٺهيَل — هَڃيَل — هِيسيَل — مدهوش — مَتوالو — ورتَلُ (نشي ۾). غرق — ٻُڏَلِ (خيالن ۾).

Gul Hayat Institute

• **چٿن:** صفت. "چار" جي عام صورت.

– **چٿن چگن کان پڇڻ:** ڪنِ سُٺن ماڻهن سان صَلاح ڪرڻ.

– **چٿن ڏينهن جو چٽڪو:** محاوره. ٿوري وقت جو جٽاءُ – عارضي بقاءُ. ٿورن ڏينهن جي رونق.

– **چٿن ۾ اُٿڻ ويهڻ جهڙو ٿيڻ:** مانائتو يا آبرو وارو ڏسڻ ۾ اچڻ – پاڻ پرو ٿيڻ – عزت، آبرو حاصل ڪرڻ – مانَوارو ٿيڻ.

• **چَٺنچَلُ ج چَٺنچَلَ:** ذ. [سن. چَنچَلُ] صفت. هڪ هنڌ نه بيهندڙ. دادِلو – چَنچَلُ.

• **چٿڻُ:** مصدر. وَهڻ – ٿمڻ – ٽيپو ٽيپو ٿي ڪِرڻ. چَوَڻ – آڪَڻ.

• **چَوُپايو ج چوُپايا:** ذ. [پرا. چَئُپاءِ. سن. چَتُش + پادَهُ] چٿن پيرن وارو. جانور.

• **چوُ چاءِ چَوُ چَواءِ:** ذ. چوڻ چائڻ – چَوڻ آڪڻ. سفارش. منت ڪرڻ – پارَت.

– **چَوُ چاءِ ڪرڻ،** چَوُ چَواءِ ڪرڻ: سفارش ڪرڻ – چَوَڻ چائڻ – چوڻ آڪڻ – چَوَڻ چَوائِڻَ.

• **چَوُدائي:** ث. پسارڪي وکر جو هڪ قسم.

• **چَوُڏَسِ:** ث. [پرا. چئُدَسِي يا چوڏسي. سن. چَتُرُ + دَشِيُ] چوڏهين تِٿِ جو نالو. چانڊوڪِي – پُورن ماسِيُ. (ظرف). چوطرف – چوڏاري – چئني طرفن کان.

• **چَوُڏيلَ ج چَوُڏيلُون:** ث. [سن. چَتر = چار + دولي = ڏولي] هيٺ مٿي ڦرندڙ پينگهون.

• **چَٺوماسو ج چَٺوماسا:** ذ. [سن. چَتر = چار + ماس (ماه)] چٿن مهينن واري سانده برساتي موسم. (صفت). چٿن مهينن جو – چوماهو.

• **چَٺُوڻ:** ث. [سن. چَتُرُ = چار] ڪنهن تعداد جي چار دفعا هئڻ جي حالت.

• **چَٺُوٽائڻُ:** مصدر. چَٺُوٽو ڪرڻ.

• **چَٺُوٽو ج چَٺُوٽا:** ذ. صفت. [سن. چَتُرُ – چار] هڪ عدد جا چار پيرا. (ث). چَٺُوٽي ج چَٺُوٽيون.

– **چٺوٽائي:** ث. ٽي پيرا وڌيڪ هُئڻ واري حالت.

• **چَٺيوانُ ج چَٺيوانَ:** ذ. صفت. [چيوَ = ڳالهائڻ + وان = وارو] چيو ونندڙ – چيو مڃيندڙ – فرمانبردار. حليم. ڏسو "چوڻ".

• **چي:** فعل. چيائين جو مخفف – چيائين – هن چيو.

• **چَياڪَرُ ج چَياڪَر:** ذ. صفت. چَٺيوانُ – چيو مڃيندڙ.

• **چِپائڻُ:** مصدر. چِپَڻ – پِيچَڻ – پِيچائڻ. زور ڏيئي پِيڙِڻ.

اِشڪَنجي ۾ دَٻِڻ.

– **چِپيات:** ث. چِپَ – دَٻَ – زور – پِيڙَ.

– **چِپائجَڻ:** مصدر. "چِپائڻ" مان فعل مجهول.

– **چِپاٽو ج چِپاٽا:** ذ. پيچَ – چِپَ – پِيڙَ.

• **چيتِ:** ث. [سن. چيت. چِتُ = خيال ڪرڻ] ڌيان – خيال. هوشياري. ڳِڻتي – چِنتا. خُودي. پنهنجي هستيءَ جو سماءُ.

– **چيتا:** ث. چيتِ – خبرداري – هوشياري. ڏسو "چيت".

– **چتائتو:** صفت. سمجهه سان – عقلمنديءَ سان. چِتَ وارو.

– **چيتِ ڪرڻ:** هوش ڪرڻ – ڌيان ڏيڻ. چِتُ لائڻ – دل لائڻ.

– **چيتَ:** ث. اُها ڪوڏي جنهن جو مٿيون پاسو پَڪِل هجي – گوڪَ ڪوڏي.

• **چيتارڻُ:** مصدر. جاچڻ – چڪاسڻ. چتائِڻ – چڱيءَ طرح ڏسڻ. چيتِ ڪرڻ – ڌيان ڌرڻ. ياد ڪرڻ – چِتاءُ ڏيڻ.

• **چيتَڻُ:** ذ. [سن. چيتَنُ] مَنُ – چِتِ – روح – ضمير – هوش – سمجهه – خبردار – هوشياري. آتما. ڀڳوان جو هڪ نالو. (صفت). خبردار – هوشيار – سُجاڳ.

• **چيتَنُ چِمَتڪارَ:** پَرماتِما جا عجائب – قدرت جو ڪيلُ يا جوتِ.

– **چيتَنُ ۽ ڄَڙُ:** ذ. ذي روح ۽ غير ذي روح. (ساهَ واري ۽ بيساهي) ڪل ڪائنات. سموري مخلوق.

• **چيتَنڱُ ج چيتَنڱَ:** ذ. صفت. چالاڪ – سياڻو.

• **چيتَنُ:** صفت. (سن. چيتَنُ) چُرندڙ – جيئرو – محسوس ڪندڙ. آتما – روح – ضمير. عقلمند – سَمجهُو. سُچيتُ – هوشيار.

• **چيتَڻُ:** مصدر. (سن. چيتَنُ. چِتُ = خيال ڪرڻ) سوچڻ – سمجهڻ – ويچارڻ – خيال ڪرڻ. ڌيان ڏيڻ. خبردار رهڻ. سُڌارڻ – درست ڪرڻ. سنوارڻ – هوش ۾ اچڻ.

• **چيتو ج چيتا:** ذ. (سن. چِتَ. چِتُ = خيال ڪرڻ) يادگيري – حافظو. عقل – سَمجهه – ڄاڻ – بُڌي. هوش – خيال – ڌيان. دل – مَنُ.

– **چيتو جاءِ ڪرڻ:** هڪ خيال ٿيڻ – هڪ مَنو ٿيڻ. هوش ۾ اچڻ. حواس درست ڪرڻ.

• **چِيتو ج چِيتا:** ذ. (پرا. چِتئو. سن چِترَڪَ) جانور جو هڪ قسم (جو شينهن جي قسم مان. بُتَ تي ڪارا چِٽَ ٿينس) – پَلَنگُ.

Gul Hayat Institute

گاهه – چاتو.

• **چيچ ج چيچون:** ث. هٿن پيرن جي آڱرين مان ننڍي ۾ ننڍي آڱر.

– **چيچ پائڻ:** پنهنجي چيچ آڱر ڪنهن ٻئي جي چيچ آڱر سان موڙي ملائڻ. محبت جو انجام ڪرڻ – محبت جو اظهار ڪرڻ.

– **چيچ پائي جورڻ:** ريجهائڻ – برغلائڻ "محبت منا يار، ڪنهن چيچ پائي جوريا".

– **چيچ جُوپارو (ت):** ذ. لالچ – رشوت.

– **چيچ لَڏڻ:** گهٽي اچ وڃ ۾ گَهرا تعلقات هئڻ – گهاٽي دوستي هئڻ.

• **چيچاٽ، چيچٽ ج چيچاٽ، چيچٽ:** ذ. چين چين جو آواز – چيڪٽ – رينگٽ. گاڏيءَ جي هلڻ وقت ڦيٿن جو آواز. جُتيءَ مان نڪتل آواز.

• **چيچائڻ:** آزارڻ. ظلم ڪرڻ.

• **چيچبائي (ث) ج چيچبايون:** ذ. گلا – غيبت – چغلي – لائي چائي – مُنافقي. لُچائي – شرارت – ڪيتو – جهڳڙو.

• **چيچڙو ج چيچڙا:** ذ. ڪماند وغيره مان رس ڪڍندڙ گهاڻي جو هڪ قسم – ڪمند پيڙڻ جو گهاڻو – ڪولهو. پکيءَ جو هڪ قسم – ڪارڪٽچي. (اسم خاص) هڪ ذات ۽ ڳوٺ جو نالو. تعلقي ٻني عاقل ۾ هڪ ديهه جو نالو.

• **چيچڙي وارو:** اسم خاص. مول جي اپرندي طرف هڪ جبل جو نالو.

• **چيچڪو ج چيچڪا:** ذ. (سن. چترڪ) گدامڙيءَ جو ٻج – ٻٻر جي پلڙي جو اندريون تُخم. ٻير جي ڪڪڙي جي ٻجي. پوک جو سلو. ماتا جي ڦوڦيندن تي ٻڌل ڪرنڊ – ڪڙي. ڏوٻين جي اصطلاح ۾ ڳنڍي مان بچيل صابڻ جو ذرو.

– **چيچڪا ڇڻڻ:** مال جو پوک جا ننڍڙا سلا کائي وڃڻ.

• **چيچلا ٿيڻ:** مصدر. بيماريءَ ۾ ڪَهڻ – درد ۾ هڃڻ. ڦٿڪڻ – لُڇڻ.

– **چيچلا ٿي اُٿڻ:** بيماريءَ مان سخت تڪليف ڪانپوءِ تندرست ٿيڻ. تڪليفون ڪاٽي اُٿڻ.

• **چيچو ج چيچا:** ذ. پکيءَ جو هڪ قسم – هيڙهو.

• **چيخ ج چيخون:** ث. [ف] سنهي آواز سان دانهن – ڪيڪ – ڪوڪ – چيٽ – چيڪ.

• **چيدو ج چيدا:** ذ. صفت. [ف. چيده] چُونڊيل – نج – ڏٺيل – انتخاب ڪيل. عمدو – سٺو. نيارو. قيمتي. (ث) چيدي ج چيديون.

– **چيدَه:** ذ. صفت. [ف] چيدو – چونڊيل.

• **چيدي ج چيديون:** ث. تزي – تاپو.

• **چير ج چيرون:** ث. [سن. پرا. چيرَ. سن. چيرڪ) ڪپڙو. ڪپڙي جي لير – ڪني – وٽ S (ڪپڙي جي).

• **چيرُ ج چيرَ:** ذ. اُٺ جو پيشاب (ث). جيت جو هڪ قسم – چچڙ.

• **چيرائو:** ذ. هڪ قسم جو پسارڪو وَڪرُ (هن جا پن ۽ ڪائيون ڦودني جهڙا ٿين، سواد ۾ ڪوڙو ٿئي).

• **چيرازو ج چيرازا (ث):** ذ. ساهميءَ جو پُڙ – تارازيءَ جو پُڙ.

• **چيراٺو ج چيراٺا (ل):** ذ. ڪنيرن وٽ پاٺيءَ رکڻ جو هڪ ٿانءُ.

• **چيرڻ:** مصدر. [پرا. چيرُ ٿي يا چيريئي سن. چيرُ = چيريت] ودڻ – ڦاڙڻ (ڪپڙو) – ڏارڻ (ڪاٺي). شڪاف ڪرڻ. ٽڪر ڪرڻ – ياڱا ڪرڻ.

– **چير ج چيرون:** ث. سير – ڦوٽ – شڪافُ – ڏار. چيرڻ جو ڪم – وَڍ. ڏسو "چيرڻ".

– **چيرُ ج چيرَ:** ذ. ڦوٽ – ڏارُ – شگاف. گهاءُ – چِهڪُ – وڍُ. ڏرز – وٿي.

– **چيرائي، چيرائي:** ث. ڪاٺ وغيره چيرائڻ جو معاوضو.

– **چيرائڻ:** مصدر. "چيرڻ" مان متعدي بالواسطه. ڏارائڻ. وَڍائڻ. ڦاڙائڻ. ٽڪر ڪرائڻ.

– **چيرجڻ:** مصدر. "چيرڻ" مان "فعل مجهول". وَڍجڻ (ڪاٺي).

– **چيرجي رَجي:** ث. جَنڊيءَ جي ڪم ۾ ڪاٺ چيرڻ جو هڪ اوزار.

– **چيرُ چيرُ:** ذ. ڦوٽون ڦوٽون. ڦارون. چِهڪ چِهڪ. ڏارون ڏارون.

– **چيرڦاڙ:** ث. چيرڻ ڦاڙڻ جو ڪم. وَڍ ٽڪ.

– **چيرڦاڙ ڪرڻ:** وَڍٽڪ ڪرڻ. ياڱا ڪرڻ. آپريشن ڪرڻ.

– **چيرڻ ڦاڙڻ:** ودي ڦاڙي ڇڏڻ. پرچي پورا ڪرڻ. ٽڪر ٽڪر ڪرڻ (ڪپڙو).

– **چيرو ج چيرا:** ذ. صفت. چير جو ڪم ڪندڙ – واڍو – ڏڪڻ.

– **چيرون:** صفت. چيريل.

• **چيرو ج چيرا:** ذ. [سن. چيرَ] ڪپڙي جو هڪ قسم. رنگين پٽڪو. ننڍو ڪپڙو (ڪ). ڦاٽلُ ڪپڙو – ليڙ – ريڙ (لس).

Gul Hayat Institute

چندو – ڦوڙِي. وِڇورَ – تفصيل (ت). نوڪر. پوڪ جو ٽورڙو حصو. سارِيُن جو هڪ قسم – سُڳداسي (ت).

• **چِيرولِي:** ث. پٿر جو هڪ قسم (جاين ۾ ڪم ايندڙ ٽن قسمن جو ٿئي: اڇو. ڳاڙهو ۽ ميرانجهڙو).

• **چِيـرَه:** صفت. [ف] طاقت وارو – زبردست – دلير. مٿي – اُوچو.

– **چِيره دَسُت:** ذ. صفت. زور وارو – بهادر. غالب. مغرور.

– **چِيره دِستِي:** ث. زبردستي. غلبو. برتري. طاقت.

• **چِيرِيْ ج چِيريون:** ث. [سن. چِيـْرْ] ڳاڙهي يا گلابي رنگ جو ڪپڙو (جو مڱڻي وقت ڪنوار کي گهوٽ طرفان ملي) رات جو مٿان وجهڻ لاءِ ڪپڙو يا سَوڙ وغيره "چيري آهر پير ڏِکهارجي." ڪفن. ڪپڙي جو ٽاڪيو.

• **چِيرِي چَپو:** ذ. چَنَـرَ راند جي اها حالت جنهن ۾ ڪوڏِيُن بدران چِيرِيَل ڪاني جا ٽڪرا استعمال ٿين.

– **چِيرِي مِيرِي، چيرُون مِيرُون:** ث. فضول خرچ – اجايو خرچ – خرچي ڪاٻاڙِي. رشوت – بيسود شين تي خرچ.

• **چِيري مِيري ڪرڻ، چيريون مِيريون ڪرڻ:** ڪائي ڪپائي ڇڏڻ – فضول خرچ ڪرڻ. رشوت طور وٺي ڪائڻ. عيش ڪرڻ – اجاين شين تي خرچ ڪرڻ.

• **چِيڙَ ج چِيڙُون:** ث. چِٽَـرَ – ٽوڪَ – عـلّ. ٺَٺول – مذاقَ. مَذاحِيَہ نالو. چيڙائڻ جهڙو نالو. چِڙَ – غُصَو. ڪاوڙ – ڪَچَ – پوسَـرَ.

• **چِيڙَ:** ث. [سن. ڪِيٽَ] ڪِيڙ – ڪِـئلي. ڪِينئون – جِيْٽُ. چِچڙُ. "جهـٽِي آهي چيڙَ. ڪارايي جن ڪَن ۾ " (شاه).

• **چِيڙُ:** ذ. لِڳ لِڳ – لِوَ – ليسُ. چنبڙندڙ مادو. چِيْڙُه.

– **چيڙارو، چيڙالو:** ذ. چيڙهارو – چيڙهالو – ليس دار – لِڳ لِڳ وارو.

– **چِيڙالٽِي:** ث. چِيڙهالٽي – ليسُ. لِڳ لِڳ واري حالت.

• **چيڙاڪُ ج چيڙاڪَ:** ذ. ڪاوِڙِيَلُ – تِکو – تيز مزاج – چِڙِٽو يڪدم ڪاوڙجي پوندڙ – زود رَنج. سُونڊَ مُنهُون. ٽانڊِيءَ تپٽو – ٽوريءَ گهٽيءَ تي چِڙَندڙ. بدمزاج.

• **چيڙائڻُ:** مصدر. ڪاوڙائڻ – غصو ڏيارڻ. رنج ڪرڻ – خَفي ڪرڻ – تپائڻ – تيز ڪرڻ.

• **چيڙلو چيڙهِلو:** صفت. تِيسو ڪندڙ – ضِدّي.

• **چيڙڻ:** مصدر. چيڙائڻ.

• **چِيڙَه:** ث. شيشي مان ٺهيل هڪ قسم جو موتي (جو ڪيترن ئي رنگن جو ٿئي، سَڳِيُنِ ۽ هين ٻوچَ جي ڳَـهڻَنِ ۾ ڪم اچي).

سنهڙو مٽيو. تمام ٿوري – لڪَ – ذَرِي. خسيس شيءَ.

• **چِيڙُه:** ذ. لِوَ – ليسُ – لِڳ لِڳ. چِڳِـڙُ (تيل ۾). مٽي ۾ وارن جو ميلُ. اُٺ جو پيشاب.

– **چيڙهارو چيڙهالو:** ذ. صفت. چِيڙَه وارو – لِڳ لِڳ دار – چُهٽندڙ – چِنبڙِندڙ. اَورُچُ – نہ ڇَڏُ – هر وقت ۾ لڳو رهڻ وارو.

– **چِيڙهو ج چيڙها:** ذ. صفت. چِيڙِه وارو – چِيڙهالو. نَہ ڇَڏُ. اَوَرُچُ.

– **چيڙهو ج چيڙها (ڪ):** ذ. ٻيڙِي ٻَڌَڻ جو واجهُ.

• **چِيزَ ج چِيزُون:** ث. [ف] شيءَ – وٿ – ٿول ـ سوڪڙي. جِنس.

• **چِيس، چيسارَ (ٽ):** ث. چيخَ – رَڙِ ـ ڪُوڪَ – دانْهَنْ.

• **چِيْستان:** ث. [ف. چيستان. چيست + آن. چہ + است + آن] ڳُجهارَتَ – پِرولِيْ – مُعَمّا – پيچِيدَه معاملو – مُنجهِيَل ڳالهہ.

• **چيخَ (ڪ):** ث. ٻيڙيءَ جي اڏيـرَ ۽ چَونڪَ جي وچ وارو حصو.

• **چِيف:** صفت. [انگ. Chief] خاص – مکيہ. وڏو. سردار – نواب.

– **چِيف آفِيسَرُ:** لوڪلبورڊ يا ميونسپالٽيءَ جو انتظام هلائيندڙ آفيسر. (Chief Officer).

– **چِيف اِنْجنيرُ:** ذ. وڏو انجنير. (Chief Engineer).

– **چِيف جَجُ:** ذ. وڏو جَجُ (Chief Judge).

– **چِيف جَسْٽِسْ:** ذ. وڏي ۾ وڏو جَجُ – قاضِي القُضَاه. (Chief justice).

– **چِيف ڪورٽ:** وڏي ڪورٽ – هاءِ ڪورٽ. (Chief Court).

• **چِيڪُ ج چيڪَ:** ذ. ڪپڙي جو هڪ قسم – رنگين ليڪن وارو ڪپڙو. [انگ. Chaque] بئنڪ مان پئسن وٺڻ لاءِ اختيار نامو – ناڻي جي چِٺي. [انگ. Check] تپاس – دوباره جاچ.

– **چيڪ ڪرڻ:** دوباره جاچڻ – تپاس ڪرڻ. خاطري ڪرڻ.

• **چِيڪ ج چِيڪُون (ت):** ث. چِيْخَ – ڪِيڪَ. هاٿيءَ جي دانهَن.

– **چِيڪَ ڪرڻ (ت):** يوريءَ کي ڦاسائڻ لاءِ. يوريءَ جهڙو مصنوعي آواز ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

• **چِيڪاٽُ، چِيڪَٽُ ج چِيْڪاٽَ، چِيڪَٽَ:** (پرا. چِڪَارَ. سن چِيتْڪار) ذ. چِيْچاٽُ – چِيْچِٽُ – ٻن شين جو زور سان گَسڻ ۾ نڪتل آوازُ (خاص ڪري گاڏين جي ڦيٿَن مان).

• **چِيڪائڻ (ت):** مصدر. چيرڻ – ڦاڙڻ (ڪپڙو).

• **چِيڪَڙُ:** صفت. تيل ۾ مِٽيءَ هاٿو – جهَبُ سَٽيو.

• **چِيڪَڙُ ج چِيڪِڙاٽَ:** ذ. چِيڪاٽُ چِيچاٽُ.

• **چِيڪِڙو، چِيڪَڙُو:** ذ. ڪنهن ڦرٽِيءَ يا ڦِيٽي وغيره. خصوصاً جَنڊ جي زور سان ڦرڻ جو آواز.

• **چِيڪُلَ ج چِيڪُليُون (ت):** ث. پِينگهہ جو هڪ قسم – چِيڪلو.

• **چِيڪِلو ج چِيڪِلا:** ذ. ٻاراٽي پِينگهہَ جو هڪ قسم (زمين ۾ کُتَلَ هڪ اُڀي ڪاٺيءَ جي مٿان ٻي وچ ۾ سوراخ ٿيل ڪمان وانگر وريل ڪاٺي رکي، انهيءَ ڪاٺيءَ جي ٻنهي پُڇڙيُن ۾ نوڙيُن جون لوڏون ٻَڌي ٻارَ انهن ۾ ويهي ڦرندا آهن). ڍانڍي پَکيءَ جوهڪ قسم (ڳيري جيڏو رنگ ميٽائون. ڪارا چِٽَ. پيٽُ اڇو ڳِچي ڳاڙهي ۽ سائي رنگ تي).

• **چِيڪِلِي ج چِيڪِلِيُون:** ث. ٻاراٽي راند جو هڪ قسم (ٻہ ڇوڪريون آمهون سامهون بيهي هڪ ٻئي جا هَٿ جهلي، ڦيرِي ڪائينديون ۽ ڦرڻ ۾ "چِيڪِلِي پايان. پيرَ گَسايان. پيرَ ۾ ڪَنڊو سَسُٽهين ڪي ڏَنڊو" چونديون رهنديون آهن). ٻاراٽي راند جو ڦِيٽو (ت).

• **چِيڪَڻُ:** مصدر. (پرا. چِڪَارَ. سن. چِيتْڪارَ) سَنهو آواز ڪرڻ – چِيڪَٽَ ڪرڻ – چِين چِين ڪرڻ. پکين جو آواز ڪرڻ. رَڙيون ڪرڻ – رَڙڻُ.

• **چِيڪِٽو ج چِيڪِٽا (ڪ):** ذ. صفت. (سن. چِڪَڻْ) چِيْڙهو. هَڏَ جون پِينون – مضبوط هَڏَ وارو. (ث). چِيڪِٽِي ج چِيڪِٽِيُون.

• **چِيڪو ج چِيڪا:** ذ. صفت. (سن. چِڪَڻ) لَسو – ترڪِڻو. مُلايَمْ – نَرْم. (ث) چِيڪِي ج چِيڪِيُون.

– **چِيڪِي مِٽِي:** ث. لَسِي مِٽِي – اها مِٽِي جنهن ۾ ڪِرڪَر نہ هجي ۽ پاڻي پوڻ سان ترڪِڻي ٿي پوي.

• **چِيْڪُون:** ذ. [سرائڪي] شاديءَ جي وقت ۾ گهوٽَ ۽ ڪُنوار کي هٿڻ لاءِ تيل ملايل اٽو – ٻانڊڻ – اُبَٽڻ – پيٺي.

– **چِيڪُون لائڻ:** شاديءَ جي وقت گهوٽَ ۽ ڪُنوار کي ٻانڊڻُ هٿڻ – اُبَٽڻُ هٿڻ.

• **چِيلَ (ڪ):** ث. وڻن جو ڪَچو ڦَرُ.

• **چِيل ج چِيلُون:** ث. (پرا. چِلَّو. سن. چِلْ) ڪَرَن جي ٻِٽَ – چِيرُ. سِرڻ – هِلِ.

• **چِيلُ ج چِيلَ:** ذ. وڻ جو هڪ قسم (جنهن جو ڪاٺ جاين جي ڪم اچي). (اسم خاص). ڪنڌ ڪوٽ ۽ بدين تعلقن ۾ ديهن جو نالو.

• **چيلاٽو ج چيلاٽا:** ذ. (سن. تَٽِلاٽِي) ڏينيو جو هڪ قسم – ڏوگِري ڏينيو – ڦنڌاري ڏينيو.

• **چيلاڙِي:** اسم خاص. تعلقي عمرڪوٽ ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **چيلٽُ ج چيلٽَ:** ذ. چيلاٽو.

• **چِيلَغُ (ل)، چِيلَڪُ (ڪ)، چِيلَڪَ:** ذ. مُچ مان ٺهيل نوڙي جا پَکي ٺاهڻ ۾ ڪم اچي اُن نوڙي مان ڪانا سلسلي وار ٻَڌبا ويندا آهن. گهٽو ڪري پَکن ۾ اهڙا چار يا پنج چيلغ هوندا آهن.

• **چِيلڪَ ج چِيلڪُون (ت):** ث. ننڍي والي (ڪنن ۾ پائڻ جي).

• **چِيلَنْگُ ج چِيلَنْگَ:** ذ. نَٽ جو هڪ حصو – چِڙِي.

• **چيلو ج چيلا:** ذ. صفت. (سن. چيٽَڪَ) ٻالڪو – مُريدُ. طالب – شاگرد – پيرو – مُقَلدُ. نوڪر – ٻانهو – چاڙتو. (ث). چيلِي ج چيلِيُون.

• **چِيلو:** اسم خاص. تعلقي ميروخان ۾ هڪ ديهہ جو نالو.

• **چِيلو ج چِيلا:** ذ. چوپڙ يا چلهر راند جي تختيءَ.تي ٺهيل خانن مان اهو خانو، جتي رانديگر ساريُون رکي ۽ انهي خاني ۾ ساري (ڳوٽَ) ماري نہ سگهبي آهي. بيل گاڏيءَ جي ڦيٿن جو ٺهيل رستو – چارو – پيچرو. رستو – طريقو. "حيلا ٻيا وسيلا، چِٽ تان ويام چِيلا" (آسرداس).

• **چيلَهہ، چيلِهہ ج چيلهُون، چيلهيُون:** ث. بدن جو هڪ حصو – ڪَمَرِ – ٻيٺِ.

– **چيلهہ ڀڃڻ:** هيٺو ڪرڻ – شڪست ڏيڻ. سزا ڏيڻ – ڏڪ ڏيڻ.

– **چيلهہ ۾ُرجي وَڃڻ (ت):** چيلهہ ۾ سُور پوڻ. عورت کي وِيَمَ جا سُور ٿيڻ.

– **چيلهہ جهلي ويهي رهڻ:** ٻي همت ٿي ويهي رهڻ. ڪنهن سخت صدمي سبب دل شڪستو ٿي ويهي رهڻ.

– **چيلهہ سڌي سَنئين ڪرڻ:** سُمهڻ – اهلڻ – آرام ڪرڻ.

Gul Hayat Institute

• **چيهاٽ ج چيهاٽون (ت)**: ث. ڦارَ (گِدِ ري، انب وغيره جي).

• **چيهاڙَ ج چيهاڙيُونْ**: ث. رِيڙَ. پُرزو — ذَرو — ٽُڪر. رِڙَ ـ ڪيهَ.

— **چيهاڙيون ڪرڻ**: ذَريُون ذَريون ڪرڻ. "ڪَٿِي انهن ڪاڻ مون هٿ چيهاڙيون چولِي" (بجل). پُرزا پُرزا ڪرڻ — ٽُڪر ٽُڪر ڪرڻ.

• **چيهالي (ت)**: اسم خاص. هڪ ذات جو نالو.

• **چيهَلُ ج چيهَلَ (لس)**: ذ. هَـرَڻُ.

• **چيهو**: اسم خاص. ضلعي نوشهري ۾ هڪ ڳوٺ ۽ ديهه جو نالو. 'چيهو ۽ پڊ'.

• **چيهو ج چيها** ذ گاهه جو هڪ قِسم — (جو مِينهن جي اوائلي وسڪاري ۾ اُپري — اُن جي رَس ۾ ڳاڙهو رنگ ٿئي — جڏهين ننڍو ۽ ڪَچو هجي تڏهين انکي "چيهو" چئجي — مال کائيندو ته ڄپ ڳاڙها ٿي پوندن — ماٺهو پير اُگهاڙا ڪري هلندا ته ڳاڙهيرا ٿي پوندا) — ڪلورو. "لاڙ لئيندي ويڙا، چيُهي پير رتاس" (ڄام مراد علي). پکيءَ جو هڪ قسم. ڪاري رنگ وارو ڏاندُ (ت).

• **چيٿُن**: ث. ڏاگهَ — چڪيا. سُورِي. آزار. داغ.

— **چيٿن چاڙهڻ**: سوريءَ چاڙهڻ. آزار ۾ وجهڻ. سورن ۾ وجهڻ. "مون کي چاڙهي چيٿن، ويو وٽجارو اوهِري" (شاهه).

Gul Hayat Institute

*(All Rights reserved with the Sindhi Adabi Board)*


| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| Ist | Edition | 1981 | 4000 | Copies |
| 2nd | Edition | 2007 | 1000 | Copies |

**[Price: Rs. 350-00]**


Gul Hayat Institute

***To be had from***

**SINDHI ADABI BOARD KITAB GHAR**

Tilak Incline, Hyderabad

(Ph: 022-2633679, Fax: 022-2771602)

**E-mail Address: sindhiab@yahoo.com**

**Website: www.sindhiab.com**

---

Printed by Sindhica Acadmy & Published by Aijaz Ahmed Mangi Secretary Sindhi Adabi Board, Jamshoro Sindh Pakistan

A COMPREHENSIVE

# SINDHI DICTIONARY

OF CLASSICAL & CURRENT SINDHI

Vol. II (ڀ - ڇ)

COMPILED
UNDER THE SINDHI ADABI BOARD'S DICTIONARY PROJECT
DIRECTED BY
**DR. N. A. BALOCH**

EDITED BY
**DR. N. A. BALOCH**

Gul Hayat Institute

**SINDHI ADABI BOARD**
**Jamshoro Sindh**
**2007**